# وجود جا عذاب

کھاٹیون



محمد صدیق منگیو

+ Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# وجود جا عذاب

محمد صدیق منگیو




مسیحا پبلیکیشن سکرنڈ

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن





| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | وجود جا عذاب |
| موضوع: | ڪهاڻي |
| ليکڪ: | محمد صديق منگيو |
| ڇاپو: | پهريون ڊسمبر 2006ع |
| ڇپائيندڙ: | مسيحا پبليڪيشن سڪرنڊ |
| ڪمپوزنگ: | آصف علي لغاري |
| | پٽائي پرنٽنگ پريس سڪرنڊ |


پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

جنت جي احساس جهڙي جيجل امڙ
عمراه زادي
۽ نيپاج جي ماءُ (وڏي چاچي)
امان عصمت خاتون جي
نانءُ
هڪ ماءُ جڏي هيءُ ڏيهه ڏيکاريو ، پر هڪ سال جي وهيءَ ۾
وڇوڙي جي ملائڪ کيس مون کان کسي ، منهنجي زندگي ،
سنڌس سار جي ولين ۾ ويڙهي ڇڏيو.
بي ماءُ جنهن پنهنجي ٻاجهاري نيپاج جي سائبان ۾ پناهه ڏئي
مون کي يتيميءَ جي واڇوڙن ۾ وکرڻ کان بچايو.
سنڌس نيپاج جا ڏورا اڄ ب منهنجي ساهه ساهه ۾ جاڳن ٿا.

## سنڌ


| | | |
|---|---|---|
| 1. سونهن سريکو وکر | ليکڪ پاران | 7 |
| 2. مهاڳ | ڊاڪٽر رسول ميمڻ | 15 |
| 3. روح جو ڪٽاڪار | منور سراج | 21 |


### ڪهاڻيون


| | |
|---|---|
| 1. ڏام تتيءَ جو مسافر | 23 |
| 2. آيو پهتو | 32 |
| 3. وجود جا عذاب | 39 |
| 4. نئين موسم | 48 |
| 5. پن جي ٻيڙي ۽ ماڻهو | 52 |
| 6. پڪو پهه | 56 |
| 7. ڪنبندي نيٺ ڪنڌار | 63 |
| 8. مئل احساس جي تربت | 75 |
| 9. نئين سهڻي | 85 |
| 10. هڪ اوچڻ ۾ جسم | 92 |
| 11. پيڙهيءَ جي تند | 100 |
| 12. ڦيري لاءِ ترسيل وقت | 109 |
| 13. اونداهيءَ ۾ لات | 115 |
| 14. نئون سج | 131 |
| 15. پارس پهڻ | 144 |
| 16. وانگي | 155 |
| 17. اونهي ۾ بينل بتيلو | 162 |

## سُونهن سريکو وکر...!

ادب، زندگيءَ جي وشال ڏسائن جا ڏس ڏيندڙ قطب نما بہ آهي تہ چٽو پٽو آئينو بہ. نيري اُپ ۽ خاکي پيونءَ جي وچ ۾ وسندڙ کائنات جا روپ سروپ، ڏرتيءَ جا دونها ٽيل درد ۽ انساني جذبن ۽ اُڏمن جا عکس ان آرسيءَ جي متحرک ملکيت هوندا آهن. اديب جو کم رڳو انهن عکسن ۽ اولڙن کي جهٽي، آرٽ جي گل ٻوٽن سان سنواري پيش ڪرڻ آهي.

کهاڻي، ادب جو سونهن سريکو وکر آهي. ائين کڻي چئجي تہ اديب سماج جو ضمير ۽ کهاڻي سماج جي اک هوندي آهي. اُهي اديب سماج جا سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ جيو هوندا آهن. جن جي سوچ ۽ لوچ جون پاڙون پنهنجي ڏرتي ۽ سماج ۾ ڪتل هونديون آهن. اُهي ساڃهہ وند بہ هوندا آهن. تہ ساڃهہ وند بہ. اُهي پنهنجي بت بوتي جي حدن ۾ رهي لاحد ۾ لوچيندا ۽ سوچيندا آهن. ۽ پڙهندڙن جي ذهنن کي اٽل وهيٽو ڪرڻ لاءِ لاحد مان نوان رنگ، نيون راهون، نيون ترڪيبون ۽ نيون روشينون دريافت ڪندا آهن. سندن سوچ ۽ لوچ سان ڪڏهن ڪاغذ جي وسيع ميدان ۾ لفظن جارڻ گجندا آهن ۽ جنگ کيڏارا جاڳي پوندا آهن، تہ ڪڏهن ڪاغذ جي تاجي تي ماڪ جي ٽڏين ڪٽين جهڙا لفظ ڪوہ قاف جي پرين جهڙا نازڪ ۽ نفيس خيال اڀندا آهن. پنهنجي ماحول ۾ ويرانين جا ننگا ناچ، هانءَ ٻڏل سرهاٽ، اُجڙيل آشائن جا ٽڪل پاڇولا، رانبوٽيل فطرت جا روئٽهارکا

منظر، اڻ برابرين ۽ نا الضافين جا نهرا پٽر ۽ ناڪاري روين جا تڪي ڏار وارا خنجر، جڏهن اديب جي اکين ۾ جاڳي پوندا آهن. تڏهن ڪهاڻي سماج جي اک بڻجي ويندي آهي. اهو ئي وقت هوندو آهي، جڏهن اديب جي ڏات داخلي دنيا جي تاريڪ کوليندي مان نڪري، خارجي دنيا جي ياڪرن ۾ ڏوهڻي ٿي پوندي آهي ۽ سندس نظر محدوديت جي دائري مان نڪري زندگيءَ جي وسيع ڪينواس کي ڇهڻ لڳندي آهي ۽ پوءِ ادب جي تسليم ٿيل قدرن جا عڪس ۽ آهنگ تخليقن ۾ ڏسي ۽ ٻڌي سگهبا آهن.

ڪهاڻي، جيڪا آرٽ ته آهي ئي، پر رڳو آرٽ به ڪونهي، اُن جون جڙون ڪهاڻيڪار ۽ پڙهندڙن جي جيءَ سان جڙيل هونديون آهن. ڪهاڻي پنهنجي جوهر ۾ وڃ جي چمڪاٽ جهڙن لمحن کي محفوظ ڪرڻ ۽ پاري جي قطرن کي مالها ۾ پوئڻ جهڙو ڏکيو ڪم آهي. هونئن ته پُر خيال شاعري، آتم ڪتا، ڊائري جو ورق، خاڪا نگاري ۽ ٻين صنفن ۾ به آرٽ هوندو آهي، پر ڪهاڻيءَ ۾ آرٽ سنهي سئي جي سيبي جهڙو نفيس ڪم آهي. ڪامريڊ سويي گيان چنداڻي چواڻي ته "ڪهاڻي شاعراڻي تراني بدران نثر ۾ تراني جو ڪم ڪندي آهي." آرٽ جي اونهي اوت ۾ ڪهاڻيڪار جو Vision ۽ پڙهندڙ جي جهپڻ واري شئي لڙهي ويجي، ان ڪهاڻيءَ کي مڪمل ۽ بامقصد ڪهاڻي نٿو چئي سگهجي. ڪيرت ٻاباڻي چواڻي ته،

"جيڪڏهن ڪنهن رچنا پڙهڻ سان پاڻ ايئن محسوس ڪري ته هو ڏهني طرح ڪجهه مٽيرو ٿيو آهي. انساني من توڙي جيون بابت سندس مشاهدو ويڪرو ٿيو آهي، ڪيس اهڙو ڪي پلئه پيو آهي، جو گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه وقت لاءِ ته ان کي جيءُ ۾ ساندي رکڻ جو موهه ٿيو اٿس، ته پوءِ سمجهو ته تخليقڪار سچ پچ ڪجهه تخليق ڪري ورتو آهي."

ڪهاڻي به پَهن تي آهي. درياهه شاهه وارا ويرا اٿس. ڪڏهن کُليا در دوست جا، ڪڏهن پوريو ڏين، وانگر ڪڏهن ڪهاڻي،

صحابت ٻار وانگر ڇئيدار ٻڌجي، سنڌوءَ ۾ سٽائي واءَ تي ٻيڙيءَ وانگر ايئن ترندي پئي هلندي آهي، جو ونجهه هلائڻ جي ضرورت ئي کانه پوندي آهي. ڪڏهن ڪا کهاڻي هٿن مان ڇڏائجي، ايترو ڏهني پورهيو ونندي آهي، جو قلم ڪلها ڇنڻ لڳندو آهي. ايترا پيرا ورائي ورائي لکندو آهيان جو کهاڻي برزبان ياد ٿي ويندي اٿم. پوءِ به پڪ نه هوندي اٿم، ته کهاڻي ونُ ٻه ڏينديالائجي نه! اهڙيون ڪجهه کهاڻيون رڳو ان ڪري نٿيون رکيون آهن، جو ايان تائين هڪ ٻئي جي ڪلهن تي نهي نه سگهيا آهيون. ايئن ڪي کهاڻيون ته پنهنجي جوهر ۾ اهڙا احساساتي ڪرشما ٻه رکنديون آهن، جو لکندي لکندي هانءُ رت ڳڙي وانگر قسي پوندو آهي. ظالم، روئاري ڇڏيندیون آهن ۽ هڪ جملو ٻه اڇتي لکڻ نه ڏيندیون آهن. "وجود جا عذاب" کهاڻي لکڻ دوران ڪيئي ڀيرا رُنو آهيان. کهاڻيءَ جي ننڍڙي ڪردار سارنگ جو سمورو درد منهنجي وجود ۾ اوتجي ويو هو. اُن ڪري ٻه ته سارنگ جي ڪردار سان مون کي پنهنجي يتيمي جي هڪجهڙائي نظر پئي آئي. هر حساس ماڻهو ۽ ٻالڪپڻ ۾ امڙ جي ڇانءَ کان محروم پڙهندڙ هن کهاڻيءَ کي پڙهي منهنجي ڳالهه جي سچائي کي ضرور محسوس ڪندو. "آبو پهتو" ۽ "وانگي" کهاڻيون لکڻ وقت جنهن پيڙا ۽ پوڳنا مان گذريو آهيان، اها خدا جي ڪاڳر ۾ لکيل آهي. آءُ ٿو ڄاڻان ۽ ٻيا منهنجا ملائڪ...!

حُسن رڳو ٻهارن ۾ ڪونه هوندو آهي. خزائن کي ٻه پنهنجو حسن ٿئي ٿو. کهاڻيڪار جون آرٽسٽڪ آڱريون جڏهن خزان جي اداسين کي ڇهي ٿيون ونن، تڏهن درد ٻه خوشبو ٻڌجي مهڪڻ لڳندو آهي. ان ڪرشمي جهڙي ڏانءُ لاءِ ڏسٽو اهو آهي ته ليکڪ وجدان جي ڪهڙي سطح تي آهي؟ ڇو ته هر اثر انگيز تخليق لاءِ ليکڪ وٽ عشق جهڙي اُجل جو هئڻ ضروري آهي. پنهنجي ڌرتي ۽ ماحول ۾ ليکڪ لاءِ اڻ ڪٽ مواد تڙيل پکڙيل هوندو آهي. اعليٰ مواد جي ان چيڪي منڻيءَ کي ذات جي چڪ تي چاڙهي، ڪنير جهڙن هنرمند هٿن سان سهٽيون

شڪليون ڏيڻ ئي ادب جو اصل ڪارج به آهي ته ضرورت به. جڳ مشهور ۽ نوبل انعام يافته ادیب وليم فاڪنر Soldiers Pay ۽ Mosquitoes ناول ته ايئن سمجهي لکيا ته بس، ڪتاب لکڻو آهي ۽ دل وندرائڻي آهي، پر هن جڏهن Sartoris ڪتاب لکڻ شروع ڪيو ته ڪيس احساس ٿيو ته لکڻ لاءِ سندس علائقي ۾ تمام گهڻو مواد موجود آهي، ان کي ٻاهر نه ڪڍيو ويو ته اڳتي نه هلي سگهبو. پاڻ چوي ٿو ته،

"ان سموري مواد کي پنهنجي ذات وسيلي ٻاهر آڻڻ وڏو ڪم ٿيندو. ان ڪري مون پنهنجي علائقي کي سون ڪاڻ سمجهي، پنهنجي دنيا پاڻ تخليق ڪئي."

چوندا آهن ته ڏيڻ ۽ روئڻ هانءَ هيڻان آهي. سنڌي ٻولي جي هن چوٽيءَ کي ڪو ليکڪ هيئن لکي ته "ڏيڻ، روئڻ ۽ لکڻ هانءَ هيڻان آهي" ته غلط نه ٿيندو. چو ته، لکڻ ۽ لکي اڪ ڪارا ڪرڻ ڀلي ڪنهن لاءِ ڏکيو ڪم نه ٻه هجي، پر وجداني سطحن تي روئي لکڻ ۽ پوءِ ڏيڻ لاءِ ليکڪ کي پنهنجي هانءَ کي مس ڪُـٽي بٽائڻو ٿو پوي. جڏهن ليکڪ جون آگريون عاشق جي روح وانگر تڙپڻ لڳن ٿيون، تڏهن قلم جي وجود مان لفظ سهڻيءَ جا سڏ، مارئي جو ميارون ۽ سسئي جا سُڏڪا ٻڌجي نڪرندا آهن.

سماج جي ضمير اديب کي سجاڳ ٿيڻ لاءِ سنڌ جي هاڻوڪين حالتن کان وڌيڪ ڪهڙين ڳنڀير حالتن جو اوسيئڙو ڪرڻ گهرجي؟ حالتن جي اهڙي دوزخ ۾ ڇرندڙ سنڌ ۽ ڏرتيءَ جي درد تي ڪنهن اديب کي ڪا جهپي نه اچي ته، نه رڳو ان ليکڪ جي دل مئل آهي، پر سندس تخليقون به ماڻ پيٽان ڇاول مئل ٻار وانگر آهن. ڏرتيءَ کان ڪٽيل ادب ٽرنڪولائزر کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي، جنهن جو اثر وقتي هوندو آهي، دائمي نه. ليکڪ زندگيءَ کي وسيع تناظر ۾ نه ڏسندو ته سندس لکڻين ۾ ٻيو ته سڀ ڪجهه هوندو پر زندگي نه هوندي. لاکيٽي لطيف جي شاعري ادائي صدين کان وڌيڪ عرصو

گذرڻ کان پوءِ به ان کري دائمي ۽ اثر انگيز آهي. جو ان ۾ انسان ذات جي اڏمن، پيڙائن، خوشين ۽ پين باريڪ جذبن جي اثرائتي اپٽار ملي ٿي. اڄ جي کهاڻيڪار جي ياڳي ۾ جيڪو وايومنڊل آيو آهي، کهاڻيڪار کي انهن حالتن جي آڌار تي پنهنجي فن ۽ فڪر کي نوان لاڙا ۽ زاويا ڏيڻ اڻ تر ٿي پيو آهي. اڄ جي کهاڻيڪار کي پراڻا ليکا ڪٽڻ ۽ پنهنجي ذات جا لونگ ڦوٽا پراڻ پسندیءَ جي واٽن تي هارڻ بدران نه رڳو اسلوب جون نيون واٽون ونٽيون پونديون، پر سنڌ جي هاڻوڪين حالتن ۾ بدلجندڙ سياسي، سماجي ۽ معاشي موضوعن سان پنهنجي ذات، ڏاڻ ۽ فڪر کي هم آهنگ ڪري، پنهنجي عهد جي پاڻ سرواٽي به ڪرٽي پوندي.

آءُ سنڌي ادب جو ادنيٰ طالب علم آهيان. افسانوي ادب منهنجي مطالعي جو موهه رهيو آهي. ادب ۾ پيڙهه وچوٽي ۽ درجابنديءَ جو قائل نه آهيان. مون سينيئر ۽ هاڻوڪن کهاڻيڪارن مان ڪن کي ٿورو ته ڪن ڪي گهٽو، پر پڙهيو ضرور آهي. افسانوي ادب جي ان قلواڙيءَ جي سمورن گلن جي پنهنجي پنهنجي سرهاڻ، سونهن ۽ سڃاڻپ جو ڏار حوالو آهي. مون لاءِ سڀ احترام لائق آهن. انهن مان ڪن ٿورو ته ڪن گهٽو متاثر به ڪيو اٿم. انهن پراڻن ۽ نون کهاڻيڪار مان ڪي ته منهنجي پسند جا کهاڻيڪار به آهن، پر مون ڪنهن به سينيئر کهاڻيڪار جو اسلوب جي حوالي سان اثر قبول نه ڪيو آهي. مون وٽ نه رڳو اسلوب پنهنجو آهي، پر مون وٽ زمين به پنهنجي آهي.

اسٽيئن بئڪ چيو هو ته، "جيڪڏهن لکڻ جو ڪو فارمولو آهي، ته اُهو اهو ته ، لکڻ واري وٽ لکڻ جي خواهش موجود هجي، جنهن تحت پنهنجي اهم ڳالهه ٻين تائين پهچائي سگهي."

مون وٽ به لکڻ لاءِ نه ڪو فارمولو آهي، نه ئي کا تربيت ۽ رٽا بندي. بس، لکڻ جو موهه ۽ خواهش ئي سلامت آهي، جنهن منهنجي قلم جي مس کي سڪڻ نه ڏنو آهي. آءُ سنڌ ڏرتيءَ جي منڌيءَ

مُنڪان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ آهيان. ڏرتي ۽ ماحول جاکوڙ ڪردار ۽ منظر اکين ۽ حافظي جي فائلن ۾ سانديل آهن. ڪيترائي اُجارا ۽ تاسارا پلاٽ ذهن ۾ هُرندا ۽ ڪُرندا رهندا آهن. انهن کي رڳو پنن تي اُتارينڊو ويندو آهيان. مون لاءِ پنهنجي ڪهاڻين جا نالا رکڻ ايترو ئي ڏکيو ڪم آهي، جيترو ڪهاڻي لکڻ. سائين تاج بلوچ اهو ادبي بانگو آهي، جنهن "سوجهرو" ۾ چپيل منهنجي لڳ پڳ سموريون ڪهاڻين جي ڪنن ۾ بانگون ڏئي نالا رکيا آهن.

آءٌ ڪچي جي پر جو ماڻهو آهيان. ننڍپڻ جو گهٽو تٽو حصو اباڻي ڳوٺ چتن شاهه جي نج بوليءَ واري ماحول ۾ گذريو اٿم. نج ڳوناڻي جيوت ۽ فطرت جي سونهن جا نجا پجا عڪس اکين ۾ سانديل اٿم. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو منهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جون بهراڙيون ساهه ڪنديون نظر اچن ٿيون. ڪو نقاد يا سينيئر اديب پلي ان ڳالهه کي تنقيد جي اڏي ۽ ڪات تي رکي پر آءٌ ان حقيقت کان اڻ واقف نہ آهيان تہ ڪنهن بہ هڪ رخ ۾ لکڻ سان ڪهاڻين جو ڪينواس محدود ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي، ان ڪري مون شهري سماج جي موضوئن ۽ رومانس تي بہ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪهاڻي ڪيتر ۾ سُڄ بہ ڪانہ ٿي آهي. سنڌ سونهاري سنڌ ٿيٽي ئي ڪانهي. جيڪي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سڄ جا هوڪا پيا ڏين، انهن جو مثال انهن گودڙين فقيرن وانگر آهي، جن کي پنهنجي گودڙين ۾ موجود لالن جو پتو ئي ڪونهي. ڪهاڻي ڪيتر ۾ لانجهائي جو پٽڻو پٽيندڙن جي گهٽائي اڄ جي لڪجندڙ ڪهاڻي پڙهي ئي ڪونہ ٿي. اڄ بہ سنڌ ۾ نئين تهيءَ جا ڪهاڻيڪار نہ رڳو سنو پر گهٽو سنو پيا لکن. جن جي آڱرين جو وزن قلم کان هلڪو ٿي ويو آهي، انهن کي اڄ جي ڪهاڻيڪارن جو تخليقي پورهيو الائجي ڇو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟

"پکين جو وطن" کان پوءِ پنهنجي ٻئي ڪهاڻي ڪتاب "وجود جا عذاب" سان پنهنجي مانائتن پڙهندڙن جي حضور ۾ حاضري پريندي سڄ تہ اڃاهه خوشي پئي ٿئيم. "پکين جو وطن" ڪتاب تي سنڌ ۽

سنڌ کان ٻاهر پڙهندڙ دوستن مجتا جي مهر هٽي مون تي محبتن جي جيڪا پالوٽ ڪئي آهي، اُن نہ رڳو سمورا ٽڪ ۽ چوڪڙا پڄي، منهنجي اکين جي اوجاڳن کي مانائتي معنيٰ ڏئي ڇڏي آهي، پر مون ۾ نئون اتساهہ ٻہ ڦوڪي ڇڏيو آهي. پڙهندڙن وٽان جنهن موٽ جي مون آس پنهنجي من ۾ ساندي هئي، ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ خطن، موبائل، ميسيجن ۽ روبرو ملاقاتن ۾ ساهس ماٹيو اٿم. سنڌي ادبي سنگت سنڌ پارا "پکين جو وطن" ڪتاب کي سال 2005ع جو بهترين ڪهاڻي ڪتاب قرار ڏئي "انيس انصاري ادبي ايوارڊ" ڏنو ويو آهي. ان اعزاز کي آءٌ بوڪر ادبي انعام جيترو اهم ٿو سمجهان. ان ڪري ٻہ تہ آءٌ سنڌي ادبي سنگت کي پنهنجي فڪري ماءٌ سمجهندو آهيان. منهنجي ادبي سکيا ۽ ذهني آبياريءَ ۾ گهٹو تٹو.سنڌي ادبي سنگت جي تنقيدي ڪلاسن جو حصو رهيو آهي. هن اعزاز کي آءٌ پنهنجي پگهريل نرڙ تي سائين محمد ابراهيم جويي پاران پيار ۽ پاڻهہ مان ڏنل چمي ٿو سمجهان.

وڏڙا ۽ ڏاها چوندا آهن تہ "ڳاتا ڀلا، ڪہ سئتا" يعني ڳائيندڙ ڀلو، يا ٻڌندڙ.؟ يقينا ٻڌندڙ، جو تہ راڳي ڀلي ڪيڏو ٻہ ڀلو ڳائي. خيال يا ڪافيون ٻڌائي، پر ٻڌندڙ پارکو نہ هوندا تہ انهن لاءِ ڀلوڙ راڳ ٻہ ڏهي ۾ ٽکرين وانگر ٿي هوندو. ساڳي ڳالهہ ليکڪ تي ٻہ لاڳو ٿئي ٿي. جنهن ليکڪ وٽ سندس تخليقي پورهئي ۽ انهن تخليقن ۾ ڏنگين ۾ بند پيغام کي پرکڻ ۽ پرجهڻ وارا هوندا، اهو ليکڪ سچ تہ وڏو پاڳوان هوندو. سڄا پڙهندڙ ٿي اصل ۾ ادب جو وڏو اثاثو ۽ ادب کي هٹي ڏيندڙ هوندا آهن. سڀي پڙهندڙ جي حس ليکڪ کان تيز ۽ سرس هوندي آهي. وٽس هر تخليق جي ڪٹ جو اهڙو اڻ ڏريو توراڙو هوندو آهي، جنهن ۾ تخليقون نہ رڳو آنن ۽ تولن پرماسن ۽ رتين جي پرک واري اهن ۾ تُرنديون آهن. ان ڪري انهن جي راءِ ٻہ ليکڪ کان وڌيڪ سگهاري ۽ اهم هوندي آهي. ان حوالي سان سچ تہ آءٌ پاڻ کي وڏي پاڳ وارو ٿو سمجهان. منهنجي ڪُٹي ۾ ٻہ اهڙا سڄا

پاڻ آيا آهن، جيڪي نہ رڳو مون لاءِ اتساهہ جو ڪارڻ آهن، پر انهن مانائتن دوستن مان ڪي تہ اهڙا بہ آهن، جيڪي منهنجي ڪچاين ڏڪايل جي نشان دهي ڪري رهنمائي بہ ڪندا آهن. انهن ۾ سائين محمد ابراهيم جويو، سائين لطيف نوناري، سائين تاج بلوچ، سائين مير محمد پيرزادو ۽ منهنجو پيارو دوست منور سراج شامل آهن. منور سراج ۽ آءٌ تہ هڪ ٻئي جي ڪهاڻين تي سمجهہ ۽ سهپ سان ڪلي ڳالهائيندا بہ آهيون. سائين لطيف نوناري خطن وسيلي سائين تاج بلوچ فون وسيلي ۽ سائين مير محمد ڪچهرين وسيلي ۽ منور سراج ۽ مشتاق پرڳڙي جي (همسفرن جي روايتي مسهائپ ڪان مٿانهين) پيار ۽ پنهنجائپ واري ورتاءَ سچ تہ مون لاءِ نيون راهون روشن ڪيون آهن.

هن ڪتاب جي ڇپائيءَ لاءِ ڪمپوزنگ ڪان ونڊي ڇپائيءَ جي مرحلن تائين مسيحا پبليڪيشن جي ڪاوڙي نوجوان دوست ثناءُ الله خاصخيلي جو پيار پريو پورهيو سچ تہ ٿورن جي روايتي جملن ڪان گهٽو مٿانهون آهي. شال اهڙا ڪاوڙي اديب ۽ ڪميٽيد نوجوان سنڌي ادب جي جهول ۾ ڪٽهارن وانگر ڪڙيل رهن.

افسانوي ادب جي سونهن نگر مان سونهن سريڪي وکر مان جيڪو ڪجهہ ميڙي چونڊي سگهيو آهيان، ان اميد سان پڙهندڙن ڪي آڇيان ٿو تہ اُهي منهنجي اوڳاڻن جي هن اتهاس تي پنهنجي راءِ ضرور ڏيندا.

ساڻ سلامت، سنڌ سلامت

محمد صديق منگيو

ڊسمبر 2006ع

## مهاڳ

معاشرتي ارتقابتي ترقيءَ جي اوائلي دور ۾ پڪ سان جڏهن چار فرد مليا هوندا تہ انهن هڪ ٻئي سان حال اوريو هوندو. زبانون اٽليون هونديون ۽ لفظ جڙيا هوندا. وقت گذارڻ لاءِ ميل ملاقات ۽ رابطو ٿيو هوندو. جنهن انسان لاءِ زندگي گذارڻ ۾ آساني پيدا ڪئي هوندي. انسانن کي ويجهو آڻڻ ۾ ٻوليءَ جو وڏو ڪردار آهي. اظهار هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. پوءِ چئن فردن مان ڪنهن پاڻ يا ٻئي ڪنهن سان ٿيندڙ وارتا جو تفصيل ٻڌايو هوندو، ٻڌندڙ تجسس مان ڏڪ جا شوڪارا پريا هوندا ڪڏهن ٿهڪ ڪڙيا هوندا ۽ ڪڏهن نہ ڪٽندڙ ڪنهن بي تاثر خاموشيءَ جا پاچا انهن چهرن تي لٽا ۽ چڙهيا هوندا. انسان جي تخليق سان ان کي پلاند ۾ قسمت جون خوشيون مليون هجن يا نہ پر ڏکن ۽ دردن جون پريون هو پنهنجن ڪلهن تي ڪٽندو ڊوئيندو ازل کان پيو اڇتي وڌي، ڪٽي اهي هڙون ڪولي ڏک ورهائي هلڪو ٿئي ٿو. هو وجود جا وڍ وندبي ٿو ۽ پيڙائن کان آجي ٿيڻ لاءِ هن جا اهي جنن جاري رهندا.

بنيادي طرح اسين قصاگو آهيون. اسين پنهنجي ذهني معيار ۽ مشاهدن جي آڌار تي لکون ٿا. نقاد انهن جي درجابندي ڪري مختلف نانءُ ڏين ٿا. علامت نگاري، حقيقت نگاري، سرئيلزم، اسٽرڪچرزم، مادرنزم وغيره. تخليقڪار وٽ اهڙا ڪي بہ مخصوص سانچا نہ هوندا آهن جن ۾ هو پنهنجين لکٹين کي ماپي توري ناهي پوءِ پيش ڪندو هجي پر هن وٽ لاشعور ۾ ايڏي تہ آنڊ مانڊ ۽ پالوٽ هوندي آهي جو هن جو تخليقي عمل هٿ ٽوڪيو دڳ وٽڻ بدران هڪ

لاوي جي صورت ۾ ايري ڪوبہ رستو وٺي هلڻ شروع ڪندو آهي. اهو تڪڙ تورڻ نقاد جو ڪم آهي تہ هو انهن راهن ۽ نون تجربن کي کهڙي کانچي ۾ بند ڪري ٿو.

بلب جي ايجاد قصي جو رومانس کسي ورتو. سياري جي ڪاري رات ۾ سوڙ اندر ڏيئي جي لڏندڙ لاٽ تي ماءُ جي کهاٽي ٻڌندڙ اوجاڳي سان پريل پرتجسس چمڪندڙ اکيون هاٿي روشنين جي تيزيءَ ۾ بند ٿي چڪيون آهن. مونکي ياد آهي ڏاڏا احمد نواز جڏهن پڌر ۾ پرندڙ چمنيءَ هيٺان کٽ تي ويهي ٻيڙيءَ جا سوٽا هٽي ڳالهہ ڪٽندو هيو تہ سندس ٻيڙيءَ جي ڪاري دونهي ۾ اوندهہ جون چڳون چمنيءَ جي هلڪي روشنيءَ ۾ چيلهہ لوڏي نچڻ لڳنديون هيون، اتي جن پريون، شهزادا، بادشاهہ، راڻيون، جادوگر ۽ سوداگر پنهنجا منهن ڪيي ڪڏهن ڪلندا، روئندا ۽ ڪڏهن ڏيڇاريندا نظر ايندا هئا. احمد زوار اهڙو بادشاهہ هوندو هيو جيڪو چپن جي اشارن سان دنيا جي هرشيءَ تي حڪم هلائي ان کي جيئارينڊو، مارينڊو سنوارينڊو ۽ کارينڊو هيو. جڏهن بلب ٻريو تہ ان جي روشنيءَ ۾ سپ عڪس رک ٿي ڏهي پيا. بيشڪ تخليقڪار رب جي ذات آهي پر کهاڻيڪار ڇڻ رب سان ريس ڪري ٿو. هن جي تصور جي دنيا ۽ ڪردار حقيقت کان نرالا ۽ منفرد آهن.

صديق منگيو بہ اهڙن کهاڻيڪارن مان هڪ آهي، جنهن ماٺهن جا ڏک سور وندڻ لاءِ کهاڻي لکي ان کي اڳتي وڌايو. صديق کهاڻي نويسيءَ کهاڻيءَ ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي. هن کي پڙهي ايئن محسوس ٿئي ٿو، جيئن هو جنمن کان لکندو اچي. هن وٽ لکڻ جو ڏاڻ آهي. "سوجهرو" معرفت هن جون کهاڻيون سن 2000ع کان پوءِ منظرعام تي اچي رهيون آهن ۽ هن ايڏو تہ تيزيءَ سان لکيو آهي جو سندس ڪيتريون کهاڻيو شايع ٿي چڪيون آهن ۽ هيءُ کهاڻين جو ٻيو مجموعو آهي. هن جي پهرين مجموعي کي پڻ پذيرائي ملي چڪي آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت پاران سال 2006 جو کهاڻي ايوارڊ پڻ

مليو. صديق سنڌي ادب ۾ ان وقت نروار ٿيو آهي، جڏهن نثر نايـاب ٿي ويو آهي ۽ شاعريءَ جو ميلو متل آهي. سنڌي ادب جي هاڻوڪي دور ۾ سڀ شاعري نظر اچي رهي آهي، پر کهاڻي ۾ اهو دم خم نه آهي. اهڙي دور ۾ صديق منگيي چگو موکيو آهي ۽ فن جا جوهر ڏيکاريا آهن. هن کهاڻيءَ کي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان اڳتي وڌائڻ جي کوشش ڪئي آهي. سندس کهاڻين جا کردار ڳوٺاڻي رنگ ۾ روان دوان آهن. هو لکي ٿو ته جڻ کردار ۾ جان وجهي ٿو. هن وٽ جيئري جاڳندي کردارن جي چرپر، چٽو نظر ايندڙ عڪس هڪ جاندار پسمنظر ۾ اکين اڳيان نروار ٿئي ٿو. هن کي ٻوليءَ تي ايڏو ته عبور حاصل آهي جو لفظ هن جي تابع نظر اچن ٿا.

پر ڪٿي ڪٿي حد کان وڌيڪ لفظن، استعارن، تشبيهن، پهاڪن ۽ منظرن جي استعمال سبب کهاڻيءَ جون ٻيون لواز ماتون ڏنڏليون ٿي وڃن ٿيون بلڪل ايئن جيئن ڪو موسيقار سازن جو ايڏو ته استعمال ڪري جو گيت جا ٻول ان ۾ هلڪا ٿي ٻڏجڻ ۾ نه اچن پر صديق منگيي جو فن هن جو پنهنجو آهي، اهو هن ڪنهن کان اڌارو يا ڪنڊي ۾ نه ڪنيو آهي. اهو سڀ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان هن جو پنهنجو نظر اچي ٿو.

سنڌي کهاڻيءَ جي عمارت ايئن آهي جو ان جا بنياد ته مضبوط ۽ هيٺ ڌرتيءَ ۾ ڪتل آهن پر اُها عمارت جيئن بلند ٿيندي پئي وڃي تيئن ان جي اڌاوت ۾ ڪيتريون فني ۽ فڪري خاميون ۽ ڪمزوريون نروار ٻيون ٿيندينون وڃن پر مضبوط بنيادن تي بيٺل ان عمارت جي ڍهڻ يا ڪرڻ جو ڪوبه خطرو نه آهي. محنت جي ضرورت آهي هڪ ڏينهن صديق منگيي جهڙا دوست ان عمارت کي نئين سر سنوارڻ ۾ ضرور سرخرو ٿيندا ۽ سنڌي کهاڻي دنيا جي ٻين عظيم کهاڻين سان کلهو کلهي ۾ ملائي بيهڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندي.

آوازن جي هن دور ۾ جڏهن هر طرف هڪ گوڙ متو پيو آهي چپ چُري رهيا آهن، ڪن ٻڌي رهيا آهن، ڪردار هلي رهيا آهن ۽

اکيون ڏسي رهيون آهن. اهڙي دور ۾ ڪتاب جي حيثيت ڪڏهن گهٽ ڪو نه ٿيندي ۽ ادب جي اهميت هر دور ۾ رهندي. ادب قومن جو دستاويز آهي. هڪ تاريخ آهي. جيڪا ارتقائي ترقي ۾ مدد ڏئي ٿي. اسان کي جيئرو رهڻو آهي اسان جي زندگيءَ جو دارو مدار پاڻ سڃاڻڻ ۾ آهي ۽ اسان جي سڃاڻ اسان جو ادب ۽ تاريخ آهي.

صديق منگيي جي هن خوبصورت مجموعي ۾ ڪل سترهن ڪهاڻيون شامل آهن. هن جون ڪهاڻيون الڳ الڳ موضوعن تي لکيل آهن ۽ جئين مون پڙهيو آهي پکين ۽ جانورن جو موضوع هن وٽ ڪجهه مڙوئي وڌيڪ آهي. "ڏامر تتيءَ جو مسافر" هڪ نوجوان جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ هو معاشرتي محرومين جي ورچڙهي آخر ۾ جائز ضرورتن جي پورائي ڪاڻ انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو. "نئين موسم" تعليمي نظام تي لکيل طنزيه ڪهاڻي آهي "پن جي ٻيڙي ۽ ماڻهو" ريل ۾ وينل هڪ بردبار پوڙهي جي ڪهاڻي آهي. جيڪو چلولن جوانن جون طنزيه ڳالهيون برداشت ڪري ٿو. "پکو پهه" ڪيسباڻي تي تمام خوبصورت لفظن ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. جنهن جا ڪردار جيئرا جاڳندا آهن. هن ڪهاڻي جو تاڃي پيٽو وڏي سوچ ۽ سمجهه سان رکيو ويو آهي. ۽ ڪهاڻي جو نياءُ وڏي محنت سان ڪيو ويو آهي. "آيو پهتو" سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ جي موضوع تي لکيل منفرد ڪهاڻي آهي. "وجود جا عذاب" هڪ عورت جي موت جي ڏکوئيندڙ منظر ڪشي آهي. ساڳي ڪمري ۾ نهيل آکيري اندر وينل جهڪيءَ سان تشبيهه ڏئي. عورت جي مرڻ وقت ٻلي جي جهپڙ ڏئي جهڪيءَ کي مارڻ جو منظر ڏاڍو دردناڪ آهي. هيءَ ڪهاڻي صديق منگيو جي بهترين ڪهاڻين مان هڪ آهي. جنهن ۾ لفظن جي گهٽي پرمار نه آهي ۽ سادن لفظن ۾ منظر نگاري ۽ ڪردار نگاري ڪري هن ڪهاڻيءَ جو عڪس گهڻو اپري اکين کي آلو ڪري ڇڏي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو موضوع نئون آهي. "ڪنبندي نيٺ ڪتار" هڪ پرپور ..باتي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ هڪ متاثر ڪردار عدالت جي ڪمري ۾

دشمن کان بدلو وٺي سرخرو ٿئي ٿو. "مئل احساسن جي تربت" ڊاڪٽرن جي بي حسيءَ تي لکيل کهاڻي آهي. "نئين سهڻي" عورت جي بي باکي ۽ بهادريءَ جو داستان آهي. "هڪ اوچڻ ۾ جسم" فريب ۾اليشاهي خاندان جي کهاڻي آهي. جيڪو عيد رات پنهنجن عذابن ۽ پيڙائن ۾ مبتلا آهي. "پيڙهيءَ جي تند" اولاد لاءِ ترسندڙ پوڙهي جي کهاڻي آهي. "ڦيريءَ لاءِ ترسيل وقت" تبديل ٿيندڙ وقت تي لکيل هڪ بهترين کهاڻي آهي. ڪو وقت هو جو ڳوٺن ۾ استادن جي وڏي عزت هوندي هئي. شاگردن جي استاد تي نظر پوندي هئي ته ڊوڙي اچي پيرن تي هٿ رکندا هيا. پر هاڻي وقت ساڳيو نه رهيو آهي. کهاڻيءَ ۾ هڪ استاد جي حالت زار جو ذکر آهي. جنهن ۾ هو سوزوڪيءَ ۾ تنگيو بيٺو آهي. پر ويٺل شاگردن مان ڪو به هن کي ويهڻ جي صلاح نه ٿو ڪري، جڏهن ته هڪ پوليس وارو جنهن کي ان ٻريل سوزڪيءَ ۾ جاءِ جي ضرورت آهي. اهو پنهنجي رعب ذريعي ويٺلن کي بي دخل ڪري پاڻ ويهي ٿو. "اونداهيءَ ۾ لات" ڳوٺاڻي ماحول ۽ رشتن ناتن جي موضوع تي لکيل هڪ مضبوط کهاڻي آهي. هن کهاڻيءَ ۾ ٻولي تمام سٺي ۽ سلوٽي استعمال ٿيل آهي. "نئون سج" قبائلي جهيڙن تي لکيل ٻرپور کهاڻي آهي. جنهن ۾ قبائلي سردارن کي پنهنجا ويڇا وساري هڪ ٿيڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. "پارس پٿر" ۾ خانداني سياست کي تنقيد جو نشانو بنايو ويو آهي. "وانگي" هڪ سٺي مختصر کهاڻي آهي. جنهن کي خوبصورتي سان لکيو ويو آهي. کهاڻيءَ جا عڪس واضح ۽ دل تي اثر ڇڏيندڙ آهن. هڪ ماءُ جي کهاڻي آهي. جيڪا پٽ جو انتظار ڪري ٿي "اونهي ۾ ٻڌيلو" هڪ منجهيل عاشق جي کهاڻي آهي.

کهاڻين تي مختصر رايو ڏنو ويو آهي. اهو پڙهندڙن تي ڇڏيو ويو آهي. ته اهي پاڻ پڙهي کنهن نتيجي تي پهچن دراصل سمجهه جون به ارتقائي منزلون آهن ۽ اهي منزلون ذهني سطح تي ورهايل آهن. جن حدن کي هڪ ذهن قبول ڪري ٿو ٻيو انهن جو

انڪاري آهي. عمر جي هڪ حصي ۾ جيڪي شيون خوبصورت نظر اچن ٿيون اهي عمر جي ٻئي حصي ۾ پنهنجي خوبصورتيءَ جي تعريف بدلائي وجهن ٿيون. اهو ضروري نہ آهي جيڪي شيون مونکي وٽن اهي ٻين لاءِ دلچسپيءَ جو سامان هجن ۽ نہ ئي جيڪي ٻين لاءِ دلچسپيءَ جو سبب هجن سي منهنجي دل کي وٽن. سچ تہ اهو آهي وقت جي ڏوڙ هر شئي تي جمي ڏنڊلکو ڪري ڇڏي ٿي. اسان کي وڏندڙ عمر ۽ تجربن جي بنياد تي هرشي بي معنيٰ ۽ فضول نظر اچي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جو موت واقع ٿئي ٿو. هڪ ٻي ڳالهہ تہ لکندڙ کي ڪردار جي ڪيفيتن جي آڏار تي ڪڏهن بہ انهن جو حصو ٿيڻ نہ گهرجي. هن کي ڪردارن جي ڏکن سورن سان شامل حال ٿيڻ نہ گهرجي پر هن جا ڪردار آزاد هجڻ گهرجن. اهي پاڻ پنهنجي ڪيفيت کي پنهنجي عمل سان ظاهر ڪن. اديب جو ڪم صرف بيان ڪرڻ آهي. ڳالهائڻ ۽ وضاحت جو ڪم ڪردارن ۽ ڪهاڻيءَ جو پنهنجو آهي. جنهن سان هٿ چراند هڪ فني خامي آهي. تخليقڪار هڪ ظالم ڪردار کي سنئون سڌو نہ ٿو ننڊي سگهي ۽ نہ ئي هو مظلوم سان پنهنجيون همدرديون ظاهر ڪري سگهي ٿو. پر هن جا ڪردار پنهنجي عمل ذريعي اهو سڀ ظاهر ڪن تہ آخر انهن جي ڇا ڪيفيت ۽ هئيت آهي. صديق منگيو سنڌي ڪهاڻيءَ جو اهم نانءُ آهي. صديق جو ائين مسلسل لکڻ اسان لاءِ اتساهہ جو سبب آهي. جنهن اسان کي لکڻ جو موقعو فراهم ڪيو. مونکي محمد صديق منگئي ۾ تمام گهٽيون اميدون آهن. هو هڪ ڏينهن سنڌي ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڻي وڃڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندو.

رسول ميمڻ
ڪراچي

## روح جو ڪٽاڪار...!

**سرءُ ۽ سياري جون ٻہ مختصر موسمون،** آرٽسٽس ۽ عاشقن لاءِ سدائين آس نراس جي ڏاڪڻ سان اُٽيل اتساھ جو سبب رھيون آھن.ھنن مندن ۾ اڪثر اندر منجھہ آوارگي ۽ اُداسيءَ جو اتساھ ۽ ڪجھہ ڪلڻ ڪجھہ روئڻ جي خواھش جاڳندي آھي. دل ۾ ڪنھن جون گرم ۽ گداز ٻانھون اوني مفلر جئان ڳچيءَ ۾ پائڻ جي.تمنا ۽ اکين ۾ ڪوئي پراٽو خط پڙھڻ، ڪونئون نظم لکڻ جو اتساھ ايرندو آھي.

برفاب راتين ۾ ڪنبل جي ڪوسي اوٽ ڏئي ڪنھن ناول جي، ڪنھن ڪھاڻيءَ جي اکين ۾ صبح ڪري چڏڻ جي آرزو روح ۾ پرھہ ڦٽي جي گل جئان ڦٽندي آھي. مان پڪ سان چئي سگھان ٿو تہ جنھن بہ ديس جي ڏرتي ڪنھن دل ڪش عورت جئان چئن موسمن جي گھڻ- رنگي ساڙھيءَ ۾ ملبوس ھوندي اُتي جو آرٽ ۽ اتھاس جو محبتون ھنن ٻن موسمن سان مشروط ھوندين. ھنن ٻن موسمن ۾ ئي شاعر شاھہ بلوط جي مقدس لامن جھڙا نظم لکندا ھوندا، ڪھاڻيڪار ڪليسا جي اگڻ جھڙيون اُجريون ڪھاڻيون لکندا ۽ افسانا تخليق ڪندا ھوندا ۽ جنوريءَ جر شامن جھڙين اداس چوڪرين جي دل ۾ ھنن ئي موسمن منجھہ ڪنھن جي برائون ڪوٽ جي ڪالر ۾ گل ٻڌجي مھڪڻ جي معصوم خواھش جاڳندي ھوندي. سنڌ ۾ بہ گھٽو ڪري ھنن موسمن ۾ ئي وڌ ۾ وڌ ڪتاب چپجندا ۽ درگاھن جي

سامهون دڪانن تي رکيل گلن وانگر وڏي تعداد ۾ وڪامندا آهن. (گلن، ڪتابن ۽ مجوبائن ۾ ڏاڍي هڪجهڙائپ هوندي آهي)

سچ ته سياري جي سيني ۾ دل جڻان ڏڙڪندڙ مهيني ڊسمبر ۾ آيل هي ڪهاڻي ڪتاب پنهنجي روپ سروپ ۽ مواد ۾ به اڇوئي وٽندڙ آهي جڏهو هيءَ مهينو ۽ جڏهي هيءَ موسم. پر مان ڊسمبر جي هن ڪڙن جڏهيءَ ٺڏيءَ رات جي پهرئين پهر ۾ "ياسمين گرين تي"جي پهرين سرڪ پري سوچيان ٿو ته مان "بئڪ ٽائٽل" جهڙي مختصر صفحي ۾ اُن شخص بابت چا لکان ۽ ڪيئن لکان جيڪو پنهنجي قد وانگر پنهنجي شخصيت ۾ "وڏو ماڻهو" آهي ته "پنهنجي تخليق ۾ به ننڍو ماڻهو" نه آهي.

دراصل ڪي ڪهاڻيڪار پنهنجي روح ۾ ڪٽاڪار هوندا آهن. پنهنجي خمير ۾ ڪهاڻيڪار هوندا آهن. انهن جو"ڳالهه"سان روح جو رشتو هوندو آهي. اُهي پنهنجي اندر ۾ / جينس ۾ قصاگو هوندا آهن. انهيءَ ڪري ئي نه رڳو پڙهندڙ ڪي سندن "ڳالهه" وٽندي آهي، پر سندن "ڳالهه ڪٽڻ" ۽ "ڳالهه پڃائڻ "جو انداز به موهيندو آهي. هُونءَ وقت سان گڏ ڳالهيون ۽ ڳالهين جا انداز بدلجندا رهندا آهن پر ڳالهيون ڪندڙ سدائين ساڳيا رهندا آهن. قصا گوئي جن جي منڌ ۾ شامل هوندي آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ محمد صديق منگيو سياري جي سرد رات ۾ باهه جي ڇڃ آڏو ڪانپ ڪڍي ڳالهه ڪٽندڙ ۽ ڳالهه جي جادوگريءَ ۾ پنهنجي پاڻ کان بي خبر بٽيل ٻڌندڙن جي انهيءَ محبوب قصاگو جو تسلسل آهي جيڪو هاڻي ناپيد ٿيندو پيو وڃي.اڇو ته مرڪي پنهنجي هن پياري ڪهاڻيڪار جو ۽ سندس ڪهاڻين جو آڏر ياڻ ڪيون.

منور سراج
نواب شاهه
(ڊسمبر جي سانجهه)

## ڏاھ ننڍيءَ جو مسافر

وسريل واعدن جھڙي ڪچي آباديءَ واري وسنديءَ ۾ آڏي رات لڙي چڪي هئي. ڏرتيءَ جي لڳ تي تارن جي حيُر واري چيٽ جھڙي چني اوڍيل هئي. رات جي اماس راڻيءَ شھر مان تاريڪيءَ جا ويڙھيل تاڪيا ، وسنديءَ مٿان وڇائي ڇڏيا هئا. گگھہ اوندھہ جي ڇڻ ٻوڏ هئي ، اڪ نہ ڏسي گوڏي ڪي ، سياري جي ٻہ سير هئي. پوھہ جو ڏمريل پارو بي سمرن جي بستيءَ تي ، رياستي جبر وانگر لاڳيتو پئي وسيو. اڏو گابرن اجھن جي وائڪين وٽين مان سرڙي ايندڙ سيءُ ڪي ڪاٻہ جھل پل ڪانہ هئي ، خدا جي اُتم ۽ اعليٰ تخليق اٽپوري اوڇڻ ۾ سيءُ ڪان گوڏا پيٽ ۾ ڏئي ستل هئي. اُهي ٻوٽيل اکين ۽ جاڳندڙ سرير واري اڌ-ننڊ اڌ جاڳ ۾ ڇرڪيل سپنا ڪيڙي رهيا هئا. بستيءَ جي ڇيڪرن ٻارن جھڙين گھٽين ۾ رولاڪ ڪتن جي لوڏ گشت تي هئي. انھن جي ڏندا ڪشين ، يشين ۽ جير بجير ۾ ٽيندڙ نبيرن جا پڙلاءَ صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيا.

رات جي تاريڪي ۽ ٽڏ ۾ سُن ٽي ويل وسنديءَ جي هڪ گھر ۾ ڪو جو ننڍڙو ڏيئو جاڳيو پئي. ڪاپار ۾ باھہ جي ننڍڙي ڇپي پريس پئي. ڇپيءَ جي ڏڪندڙ وجود مان ڦٽندڙ اُجالن جا ڪرٽا ڪچي گھر ۾ زندگيءَ جي علامت هئا. ڏيئي سان گڏ پندرھن ورھين جو سارنگ ٻہ جاڳيو پئي. ڏيئي وانگر چٽنگن جھڙين سوچن ۾ ڪيپراٽي سڙيس پئي. ننڊ سڪي نيٽن جا تاڪ ڪليا ڇڏي رسي وئي هئس. جنڊ جھڙي غريبيءَ جي پڙن ۾ ڦاٽل ، ننڍڙي خواهش جي ڏريل وجود مان سرجندڙ ننڊ ۽ بي چين سوچن ، ڏھن ڪي اُٽل وھيٽو پئي

ڪيس. اڻپوري خواهش هر هر پنيوري ٻڌجي اکين آڏو ڦيرا پئي ڏنس. ، جنهن کي اٿوند جي ٻڪ ۾ بند ڪرڻ سندس وس ۾ نه هو. اکيون ته ٽمڪندڙ ڏيئي ۾ هئس ، پر هو خيالن جي تيز وهڪري جي اٽجهل لهرن ۾ لڙهيو پئي. ان مان نڪرڻ جو ڪوبه ڳٽو نظر نه پئي آيس. ننڍڙي خواهش ڪيس پنهنجي ڪل ڪائنات تي ياري پئي لڳي. هيڇپٽي جي احساس وجود کي جانيي جي ڪڙي تيل جو مک ڏئي ڇڏيو هئس. ويا ڪل ڇهري جي آرسي بيوسيءَ ۾ سيرون سيرون ٿي وئي هئس. دل پرجي آيس ۽ اکيون سمر جي دُبن وانگر اٽلي پيس. سارنگ اڌ راج پاڳ جي خواهش ته ڪا نه ڪئي هئي ، نڪو ڪنهن کان ٻنيءَ جو ڪاتو ٿي گهريائين. هن غريب جي ٻار ته نائين ڪلاس جي پرائيويٽ امتحان جو فارم پرائڻ جي خواهش ڪئي هئي. هن علم جي آڪاس تي اڏرڻ لاءِ ڪنپ پئي سويا ، پر ڪيس ڪهڙي خبر ته غريبن جي خواهش کي ڪنپ ته هوندا آهن ، پر ڪڙ وارا! انهن پرن سان ڦڙڪيون ته ڏئي سگهبيون آهن ، پر اُڏري ناهي سگهبو. هفتي کان رڳو اها ئي لنءُ لڳل هئس. ڏينهن لوڇ پوڇ ۽ راتيون پهن جي ليٽ پيٽ ۾ گذريون هئس. امتحان ڏيڻ جو شوق ته هنڌان هنڌان ڦاٽس پئي ، پر ڇا ڪري؟ وٽس فارم پرائڻ لاءِ فيءَ جيترا پئسا نه هئا. ٻن سالن کان سنبريو پئي. حيلا هلائي بينو هو ، پر وٽس فارم پرائڻ جيترا پئسا گڏ نه ٿي سگهيا هئا. ماڻ کان لڪائي ، ڳجهه ڳوهه ۾ ٿورا ٿورا پئسا ٽاريندو ويندو هو ، پر اگهائيءَ جي سرڻ لامارو ڏئي هڪ ئي جهپ ۾ ڇپر ڪيل پئسا کڻي پئي ويس. هن سال به فارم نه پرائي سگهيو ته وري سال جي وٿي پڄجي ويندي. اهو خيال ايندي ئي سيڙهه وانگر لگّ ڪندا ٿي پئي ويس.

رومانوي ناول جي پهريئن باب جهڙي وهيءَ وارو سارنگ ، دينوءَ گهورڙئي جو وڏو پٽ هو. دينو آرهڙ سياري گڏهه گاڏي تي ٻارڻن جا ٽول ۽ راندیکا کڻي ڳوٺن ۾ گهور ڪرڻ ويندو هو. هو شهر مان خواب کڻي ٻهراڙي جي ٻارڻن ۾ ورهائڻ ويندو هو. موٽ ۾ ٻارڙا به سندس لاءِ پراٽو لوهه ميڙي رکندا هئا. هو پراٽي لوهه تي ٻارڻن ۾ خوابن جهڙا راندیکا ۽ شيون ورهائي ، پراٽو لوهه شهر ۾ سيٺ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪرم دين ڪاپاڙيءِ واري ڪي وڪڻي گهر جو گاڏو پيو ڏڪيندو هو. ڪرم دين سندس پڳ مٿ يار هو. ڪيس ڪرمون گهورڙئي مان سيڻ ڪرم دين بنائڻ وارو ٻه دينو ئي هو. ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ مان پراڻي لوهه جو چگو سودو لڳندو هئس تہ هفتو ڪن گهر ۾ عيد جهڙي ڏٺ ۾ گذرندا هئن. نہ تہ دال بصر تہ ڪيڏانهن ويو ئي ڪو نہ هو. هن غريبي حال ۾ ٻہ متن مائٽن ۽ پائرن جي مٽ ڦوڪ جي باجود سارنگ کي پڙهايو پئي. سارنگ ٻہ نہ رڳو دل من لائي پڙهيو پئي، پر اسڪول جي ذهين ۽ هوشيار شاگردن ۾ ڳڻيو ٿي ويو. ٻہ سال اڳ جڏهن هو انون درجو سنين مارڪن سان پاس ڪري نائين ڪلاس ۾ پڙهيو پئي، هڪ رات دينوءِ جو ڪنگهي ڪنگهي ساهہ اهڙو ٿم ٿيو جو وڃڻ لاءِ ويو. وري نہ وريو. دينوءِ متو چا ڪوڙيو؟ سارنگ جي الهڙجيون ۾ آزمائشن جا ٽوهر ڦٽي پيا هئا. حالتن جي بي رحم آسيب هٿن مان ڪتاب کسي چٽن جو ٽالهہ متي تي رکي چڏيو هئس معصوم خواهشون، ڦيڙهي جي ول وانگر حالتن جي ڳاهہ ۾ وکري وائرجي ويون هئس. اکين جا سپنا پڄي پورٿي، پٽس جي ڪٽ سان گڏ ڪڄي ويا هئس. دنيا ڈيڪارڻ جو دان ۽ وشال آسمان جهڙي پيءُ جو پاڇوڪسجي ويو هئس. جيئرو هو تہ سارنگ لاءِ بازار جا سڀ راندیڪا سستا هئا. سندس وئي پڃاڻان هو پاڻ بازار جو راندیڪو بڻجي ويو هو. هن گڏهہ گاڏو وڪڻي ريڙهو ورتو هو، جنهن تي چٽن جو ٽالهہ رکي ان اسڪول ۾ ڪپائڻ ويندو هو. جنهن اسڪول ۾ هن سپنن جون وليون پوکيون هيون، هڪ جيڏن کي ڪلاس رومن ڏانهن ويندي ۽ گرائونڊ ۾ راندیون ڪيڏندي ڏسندو هو تہ محروميءِ جو احساس لڙڪ بڻجي اکين ۾ چلڪڻ لڳندو هئس. وراثت ۾ مليل غريبت جي ڏاڄ ۾ سندس چٽن جي ٽالهہ جي ڪمائي مان گهر جي چلهہ پاٽ جي پورت ٻہ ڇڪي تاڻي مس پئي ٿي. هو ڏامر تتيءِ جي ان مسافر وانگر هو، جنهن جي جيون پنڌ ۾ پري پري تائين ڪو ٻہ ڇانورو نہ هو.

هو ڇڪل ۽ جهول ڪٽ تي اڏوراڻي سوڙ ورائي سنئون ستل هو هن اونهو ساهہ ڪڻي پاسو ورايو. اکيون ڦاڙي ڪمري ۾ ائين پئي

ڏنائين، جڏ ڪمري جي پتين تي سندس مونجهاري جو ڪو حل لڪيل هو. ڪچين پتين تي چيڪي منڊي ۽ چيٽي جو سنهو راڳو ٽيل هو. منڊيءِ جي ان ليپي ۾ سندس امڙ جي هٿن ۽ آڱرين ساهه پئي ڪنيو. سندس پرسان بن ڪنڊ ۽ هڪ ڪنڊليءِ تي سندس امڙ، سامايل پيڻ جادل ۽ چار ننڍڙا پائر، سندس اڻ تڻ ڪان بي خبر گهريءِ نند ۾ ستل هئا. ڪنڊ جي چڪل واڻ جون نوڙيون هيٺ لڙڪيون پئي. قبر جي سامهءِ جهڙي بي روح ڪمري ۾ سهڪندڙ ساهن جي ٽمر ٽمر جا آواز جاڳيا پئي. اهي جيئرا انسان نه، پر اونهي پاٽيءِ جا اوڳاڇيل لاشا هئا. سڀ ساهه ڪٽندڙ جيئرا به هجن، ڪو ضروري به ته ناهي. ساهه ڪٽڻ ۽ جيئڻ ۾ تفاوت جو سنڊو به ائين آهي، جيئن پٽر ۽ نگيني ۾. بيمارين جو گهر بٽيل امڙ جو روڙيل هيڏو چهرو ڏسي هو اداس ٿي ويو جنهن جو جوپن ٻارن ۾ وندجي ويو هو ۽ صحت ڳٽتين جي اڏوهيءِ جو ڪاڄ ٿي وئي هئي. هونئن به جنهن عورت جو ور سنهن ٻڍن جي ڇانگ ڇڏي وڃڙي ٿو وڃي ان ڏهاڳڻ جو جيون روڳ بڻجي ٿو وڃي ان گهر ۾ جيئرا نگينا نه پر پٽر ساهه ڪٽندا آهن. ننڍڙن ٻائرن جي مغصوم ۽ ملوڪڙن مهاندن تي ويراني‌ءِ جا پاڇولا هئا. نند ۾ ستل جادل جو چهرو الجبرا جي منڊل حساب جهڙو پئي لڳو. ڳچيءِ ۾ بڊل ڪارو سڳو نند ۾ چاتيءِ تان اڇلجي منهن تي اچي پيو هئس. سڳي ۾ تاڪيل به تعويذ جڏ سندس امڙ جا نيڻ هئا. هو نظرون هٽائي چت ۾ ڏسڻ لڳو. ڪچين سرن ۽ گاري جي اوساريءِ واري ڪمري جي چت مانجهاندڙي جي آڏن ٽيڏن ڪاين ۽ ڪڪ ڪانن سان ڍڪيل هئي. پت جي جاري جي مٽئين تاڪ تي رکيل ڏيئي جي لات مان نڪرندڙ دونهين، جاري تي ڪارڻ جو گهاٽو تهه ڏئي چڙيو هو. هينئين تاڪ تي به چار لوهه چينيءِ جون روغن لٽل پليٽون، جانهه جا پيالا ۽ ڊپڪيون بي ترتيب حالت ۾ پيل هيون. ڪڙن ڪرفن جي قيد کان آزاد به ننڍيون لوهي صندوقون، جيڪي شايد سندس امڙ ڪي شاديءِ جي ڏاج ۾ مليون هيون، سرن جي ٽيڪ تي ٽن پاون واري ڪاٺ جي ٽيبل تي رکيون هيون. رليون سبڙ لاءِ پراٽيون اڳڙيون ٽڳڙيون ۽ ڏاڳا پيتين مٽان رکيل هئا. ڪمري جي ڪنڊ ۾ گهڙامنجيءِ تي جست جو گلاس

دلي متان رکيو هو. بارڻ جا لاڙل ميرا لٺا ، ٻڌي ديڳڙي ،چانهه جي ڪٽلي ۽ ٽاڻ پٽ تي ٽڙيل پکڙيل هئا. ٽانون جي پرسان پٽ تي ٽورو هاڻيلو پت هاريل هو. ڪاڻ جي پراڻي چوڪ ۾ اٽڪيل دروازي جا اڌ ڪاڻ اڌلوهه وارا تاڪ ٻيکڙيل هئا. نيرڳين جهڙين اتاولين سوچن جا وڳر گهتون هٽي ذهن جي سر تي پئي لٽس. ننڍڙي خواهش بلبل وانگر هٽن مان ، ڦر ڪري اڌامندي محسوس پئي ٿيس. جيڪو هٽ پير هٽڻو هئس ، هٽي ڇيهه ڪيو هئائين.

امتحانن جا فارم جيئن پرجڻ لڳا ، ته ڪن جا ڪينئان جاڳي پيا هئس. استادن ۽ هڪ جيڏن به همت ڏياريس ، پر سڪٽا دلاسا خواهشن جو پيٽ نه پريندا آهن. سندس خواهشن جو جن هوائي ڳالهين جي سرندي سان ريجهڻ وارو نه هو ، ان لاءِ پئسن جي سروز جي ضروت هئي. هورا کورا اڀهرو ڪري وڏو هئس. ان ڏينهن هن گهاتي واڌي ڪري چٽن جو ٽالهه ڪپائي ڪٽايو ۽ تکڙو گهر موٽيو. سندس امڙ اس تي پيل ڪٽ تي پرت پئي پريو. جادل ٽاڻ پئي ملياءِ بارن اس ۾ چڏن راند پئي ڪيڏي. هن دروازي مان ريڙهو اندر ڪري بيهاريو ، جادل چار هاٽا هٽ ڏوئي ، پوتيءِ سان اگهي ، ريڙهي تان سامان لاهڻ لڳي. بارڙا راند اڌ ۾ ڇڏي ، خرچيءِ لاءِ ڊوڙي اچي چنبڙيس. هن بارڻ کي خرچيون ڏئي ماءُ جي پر اچي ورتي. ڪيسي مان ڏهاڙيءِ جي مرادي ڪيي ماءُ جي هٽ ۾ ڏنائين ۽ سندس جوٽ تي متو رکي چيو امان او ، جيءُ چوانءِ ابا "امان..... امتحان جا فارم پيا پرجن ..... !" هن جي لهجي ۾ نماڻائي هئي"سو ته آهي ، پر لک ٽئين ، ڦيءِ جا ڏوکڙ ڪٽان آڻيندين .... پٺهين هو ته الاجي ڪٽان هٽي ماري پوري پيو ڪندو هو. جڏهن کان بشت گهڙيو آهي ، دوڏا ئي ساوا ٽي ويا اٽئون..... !" امڙ ورندي ڏنيس" امان ..... ڪٽان اڌارا نه ملي پون ، ته هوند ٽورا ٽورا ڪري لاهي ڪو نه ڇڏيون... ! "هن اداس لهجي ۾ چيو. لالڻ پٽ ، غريب کي ته ڪير پنهنجو تپ به نٽو ڏئي. اڌارا پئسا ڪير ڏيندو؟"... ماٽس ٽوپي مان ڪنڌ ڪٽڻ بنان وراٽيو" پر ، امان .... چاچا وارن ....!" ماٽس ڇرڪ پري کيس ڏنو ۽ سندس جملو اڌ ۾ ڪٽي وراٽيو" ڪائي پي نالو وٺ ، ابا....!" پٺهين

الله ڏي هليو آهي ته ڪڏهن ۽ پير پري پهچيو ۽ اٽن ته بکيا آهيو يا ڏکيا....؟ سو توکي نوٽ چوڙي ڏيندا.....!"سارنگ سوچ ۾ پئجي ويو. هن ماءُ جي جوٽ تان مٿو کڻي، سندس منهن ۾ ڏنو ۽ چلولائيءِ مان چيو "امان .... پلا تو وٽ ڪجهه پئسا ته پيل هوندا.....؟" ماٽس جڙ جهري پئي. هن سئي پرت ۾ ٽنبي، نماٽيون اکيون کڻي کيس ڏنو ۽ پوتيءِ جي پلئه سان اکين ۾ پرجي آيل پاڻي اگهي، اونهو ساهه کڻي وراٽيو" گهورجي وڃانءِ ابا..... امڙ جو ساهه ۽ ٻچن جي ملڪ آهي. تون ته اوجر آهينءِ اوجر. پئسا هجن ته سڪيلڊي پٽ ڪان منا ڪريان ....؟" سارنگ سور برندي، دل ٻڌي چاڇن وٽ لنگهي ويو، من مئي مٽيءِ جي نشاني سمجهي ڪا جهبي اچي وڃين، پر کيس مهٽن ۽ چڙهن کان سواءِ ڪجهه پلئه نه پيو. واهر ته واهر جي ماڳ، رهندو ڏک پرائي موٽيو. وڏي چاچس ته پتا ئي ساڙي چڏيا هئس" چي، بلي، بلي ...! ماءُ مولي پٽ فتح خان، وڏي وڏي ڏاگهه اچي ٽيو آهين، ڏاڙهي منهن ۾ اٽئي. گهر هلائي ڇيهه ڪيئي، باقي پڙهي اڪ ڪارا ڪندين، سو تنهنجو ڪٽيو ماٺهين ۽ کائيندي...؟"

استادن جي زور پرڻ تي سارنگ تعلقي ۽ يونين ڪائونسل ناظمن وٽ ۽ سوالي ٿي ويو، پر قوٽ نه جيءُ. نلهن ڏٽن ۾ سندس سوال ويچارو ئي رهيو. جڏهن ڪٽان ۽ گهو چڙهندي نظر نه آيس، تڏهن اميد جي آخري ڳنڍ ٻڌي، ڪڙو منهن ڪري، پٽس جي پگ مٽ يار سيٽ ڪرم دين ڪاپاڙيءِ واري وٽ لڙي ويو. ڪرم دين وڏو پاڪر وجهي پرسان وهاري پاڇوهه مان مٽي تي هٽ ڦيرايس ته اندر جي پيڙا آگم بنجي اکين جي آڪاس تي چڙهي آيس. چانهه جواڙڙ ڪوپ پيارڻ کان پوءِ سيٽ ڪرم دين رسمي جملن ۾ جڏهن ڪانئس ڪم ڪار جو پڇيو، ته دل وڏي ٿي ويس. هيڪي هيڪي، ينل اکين ۽ سڏڪن ۾ ٻڌل لفظن ۾ هن ڪانئس فارم پرائڻ لاءِ اُڏارن ڏوڪڙن جي گهر ڪئي. پئسن جو ٻڌي ڪرم دين جي چهري مان بکندڙ پيار ۽ پاڇوهه جا تاثر سلوموشن ۾ ٻاڦ بڻجي اڏامڻ لڳا ۽ بيزاريءِ جون ريکائون ظاهر ٿيڻ لڳيس. ڪا مهل ته ٽهيءِ ۾ پئجي ويو، جڻ سارنگ ڪا اُگري گار ڏئي ڪڍي هئس. ڪوڙي همدردي ۽ لوڪاڻي

پاڻهه جو ويڙهه ويڙهجڻ لڳس. غوطا کاڌل ماٺهوءِ وانگر ڏپي ڏپي اونهو ساهه کنيائين ۽ پان جي ڪٽي ۾ ڪتيل ڪارا ناسي ڏند ڪڍي ڦڪي ڪل ڪليو" او پٽر سارنگ ....! ڏس تون مون جي يار دينوءِ جو بچو آهينس نا..... پٽر پيسو ويسو جي گال نا ڪر. پيسو جو حالت ڏاڍو خراب آهيس نا ..... ڏس بچا ..... گريب جا بچا اسڪول و اسڪول نا پڙهندا آهنس. مجوري ڪريندا هن مجوري ....! ها ، البتا ٽين ڏبي ، لوهي ڪباڙي جو ڪام ڪريس ، ته ڪام تي لگائي سگهي ٿو. اخير مون جي يار دينوءِ جو بچو آهيس نا.....!"

سارنگ ، پنل اکيون ڪٽي ، حيرت مان سيٺ ڪرم ديين جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو. جنهن جون اکيون ٻليءِ جي ننڍڙن ٻلونگڙن وانگر دولت جي موهه ۽ مَوَ ۾ پوريل هيون. هن پوءِ ڏاون واري جيڪاپستي هنئي هئي ، اها سارنگ جي توقع جي ابتڙ هئي. پير ڇڻ ڏرتيءِ تان ڇڏائجي ويا هئس. هو سيٺ ڪرم ديين جي اکين پور ورتاءُ تي ڪجهه ڪيڙ بنان ٽپ ڏئي اٽيو ۽ قيمص جيٰ ٻانهن سان اکيون اگهندو ويڙ لڳو. سيٺ ڪرم ديين پنيان گهٽا ئي سڏ ڪيس ، پر هن پوئتي ڪنڌ ورائي ڏنو ۽ ڪو نه.

صبح فارم پرائڻ جي آخري تاريخ هئي. هو اسڪول مان فارم ونڊي فوٽو ۽ ڇڪرائي ڪٽي آيو هو. پنهنجي پَر ۾ تياري ته ڪري ڇڏي هٽائين ، رڳو فيءِ جي پئسن منجهائي وڏو هئس. سمجهه ۾ نه پئي آيس ته ڇا ڪري؟ جيڪي هٿ پير هٽي سگهيو ٿي ، هٽي ساٿو ٿي پيو هو. اڻ تڻ مان ڪٽ تي پاسا پئي ورايائين. ڪنهن معجزي جهڙي ڏڍ جي آسري ۾ حوصلي جي ٽيانگهه سان مايوسين جا ڊينگهر ميڙي ڏئي ونڊي بينو ، تڏهن پاڻ مايوسيءَ جو ڊينگهر بڇجي ويو. اونهو ساهه ڪٽي پنيان هٿ ورائي وهاٽي هينيان لفافو ڪٽي ، ان مان امتحاني فارم ڪڍي حسرت پرين نگاهن سان ڏسڻ لڳو. فارم کي ٻيٽو ڪري ڪاڙڻ وارو هو ته نيڪ ان وقت فليش جي چمڪي وانگر کو خيال ذهن جي اونداهين ڪنڊن کي روشن ڪري ويس. خوشيءِ مان چهرو ٻهڪڻ لڳس. فارم ٻيٽو ڪري لفافي ۾ وڌائين ۽ ڪچي ذهن ۾ آيل ڏڍ جهڙي خيال کي عمل جا ويس ڊڪائڻ لاءِ ويچارڻ لڳو.

ڏهن جي ڪمپيوٽر ۾ هڪڙا پاڻ فيڊ ٿيل ڪيائين ته ٻيا ڊليٽ ڪرڻ لڳو. برندڙ ڏيئي ڏاڍهن ڏاڍائين، نندڙو ڏيئو به روشنيءَ جي هڪ هڪ ڪرٽي لاءِ ڪيڏي تپسيا ۽ پوڳنا مان ٿو گذري، تڏهن ئي ڪا هاج حاصل ٿئي ٿي. دل زور زور سان ڏڙڪڻ لڳيس. ٿاڻ سياري ۾ به نرڙ پگهرجي ويس ۽ نڙي ڪنڌاڪنڌا ٿي ويس. هو ڪٽ تان اٿيو ۽ ڊلي مان پاڻي اوتي نڙي سائي ڪري، ڪٽ تي اڇي وينو ته ماٽس ڪنگهي ڪنگهي پاسو ورايو ۽ ڪيس رات جي بيگاهه وقت ڪٽ تي وينل ڏسي هانءِ ۾ ڏڪ لڳي ويس. چرڪ پري ڪٽ تي اٿي ويهي رهي ۽ وات مان بي اختيار نڪتس. "ابا، سارنگ ....! اجا جاڳين پيو. چاق ته آهين نه ابا....؟" "ها، امان ..... ڪجهه ڪونهي" ماٽس ٽڏو شوڪارو پري سوڙ ورائي سمهي پئي. سارنگ ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ پئسا ڪڍي ڳڻڻ لڳو. ريجي سميت چاليهه روپيا هئس. "ڪوڙ آهن، ڪم ٿي ويندو" هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي چپن ۾ پٽڪيو ۽ اٿي ڏيئي ڪي ٽورائتي ڦوڪ سان پيار مان اجهائي ڪٽ تي سمهي پيو. صبح ساجهر نند مان اٿي منهن ڪي ڇنبو هٽي وينو ته جادل چانهه جو پيالو پري اڳيان رکيس. هن به پاپا چانهه سان ٻوڙي نيرن ڪئي ۽ ڪارو پوتڙو ويڙهي ٻاهر نڪري ويو.

سياري جي ڪومل بدن جهڙي شفاف صبح جا نو وڳا هئا. شهر جي مصروف چوڪ تي بئنڪ ۾ عملي ڪان سواءِ به چار ماڻهو ڪيش ڪائونٽراڳيان صوفا سيٽ تي وينل هئا. بئنڪ اسٽاف پنهنجي ٽيبلن ۽ ڪائونٽرن تي صبح جي چانهه جون سرڪيون پئي پريون. پٽيوالين رجسٽرن ۽ فائلن جا ٿها ٽيبلن ۽ ڪائونٽر تي پئي رکيا. هيڊ ڪيشئر، ڪيش ڪائونٽر تي ڪئشرن کي ڪيش سنيالي ڏيڻ ۾ مصروف هو. هارڊ بورڊ ۽ شيشي واري نندڙي ڪمري ۾ بئنڪ مئنيجر گٽس هيٽر ٻاري سيءُ پئي لاٽو. گن مين بئنڪ جي دروازي تي رپيٽر هٿ ۾ رکي ڪرسيءَ تي وينل هو.

چوڪرات وهيءِ جو نوجوان بئنڪ ۾ داخل ٿيو. گن مئن ڏاڍهس کوبه ڏيان ڪونه ڏنو. بئنڪ ۾ داخل ٿيڻ سان ئي هن ڦڙتيءِ سان ڪاري پوتڙي جو مولهاٽو هنيو ۽ ور مان پستول ڪڍي گن مين

جي لوندڙيءِ تي رکيو. گن مين جيستائين پاڻ سنياليو، هن کانئس رپيٽر کسي، کيس کلارکن جي ٽيبلن ڏانهن ڏکي ڇڏيو. هن اطمينان سان دروازو بند ڪري، اندارن ڪڙو ڏنو، اڳتي وڌي، کيش کائونٽر جي شيشي جي دريءِ مان کيشئر تي پستول تاڻي بيهي رهيو. بٽڻ ۾ ٽرٽلو پئجي ويو. کلارڪ ۽ پٽيوالا ٽيبلن هيٺيان ڇپ هڻي، ساهه جهلي، ويهي رهيا. مٿيجر ڪمري جو دروازو بند ڪري الماريءِ جي اوٽ ۾ ويهي سر ٻاڻن ۾ پوليس کي فون تي اطلاع ڏئي ڏنو. پستول ڏيکارڻ تي کيشئر نوٽن سان ڏٽيل خانو کڏي نوجوان جي اڳيان کائونٽر تي رکيو. هن اطمينان سان شيشي جي دريءِ مان هٿ وڌائي، نوٽن جي دستين کي چڏي، چروڙي کيش مان سو سو جا ڪجهه نوٽ ڪڍي هٿ ۾ کيا ۽ پستول تاڻيندو واپس وڃڻ لڳو. کيشئر کي اکين تي يقين نه پئي آيو. حيرت مان کليل اکين سان کڏهن نوٽن سان ڏٽيل خاني کي ڏسڻ لڳو. ڪجهه دروازي ڏانهن ويندڙ انوکي ڦوروءِ کي، جيڪو آسانيءِ سان هٿ لڳل وڏي رقم کي چڏي چند نوٽن جي ڦر ڪري ويو پئي. نوجوان دروازي وٽ پهچي ڪنڌ ورائي پوئتي ڏنو ۽ مطمئن ٿي ڪڙو لاهڻ لاءِ جيئن هٿ وڌايو ته وڏي ٽيبل جي اوٽ ۾ تاڙ ۾ ويٺل گن مين ڦڙتيءِ سان ٻاهر نڪري پٺيان ٻک اچي وڌس. نوجوان چڏائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ٻئي پاڻ ۾ جانيوٽجي ويا. چڪ چڪان ۾ نوجوان جا پير چڏائجي ويا ۽ گن مين گهلي وڃي فرش تي هنيس. سياري جو ڏڪ وٺي ويس. هو فرش تي سيخ ٿي ويو ۽ مٽي مان رت وهڻ لڳس. ٻنهي جي جانيوٽ ۾ نوجوان جي هٿ مان پلاسٽڪ جو پستول چڏائجي پيرن ۾ لتاڙجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو هو. امتحاني فارم وارو لفافو کيسي مان نڪري پرسان فرش تي پيو هو. هو ڏڪرجي ويو هو، پر فارم پرائڻ لاءِ ڦرڪيل سو سو جا اڻ نوٽ مٽ ۾ مضبوطيءِ سان بند هئس.

(مرڪزي خيال هڪ اخباري خبر تان ورتل)

****

## آيو پهتو

سج لهہ پهہ ہر هو. گيڙو سانجهہ ڏرتي کي موکلاڻيءَ واريون چميون ڏيندڙ سج متان. لال چنيءَ جو پلئہ ورائي چڏيو هو. شفق جي لالاڻ ہر وهنتل جبلن جون نظارون کوٽڙي پل جي اوٽ مان ايئن پئي لڳيون جڻ جيلن جي پنيان کنهن باهہ جا وڏا آڙاهہ ٻاري چڏيا هئا. چنچل ۽ نازک بدن هوا سنڌوءَ جي سکل پيٽ ہر جهيرون جهيرون ٿي ، گونگي آکاس ڏانهن موٽ پئي کاڌي. سنڌوءَ جي اجڙيل سونهن جي ڏک ہر ڏکارو سج ہ ٽٻي هڻڻ کان اڳ کارائبو پئي ويو. ڏکارو تہ اوس ٽيٽو هو. چو نہ ٽئي؟ جڳن جي ساڻ ہر صدين کان سنڌوءَ کي ان حالت ہر تہ کڏهن کونہ ڏنو هئائين. هن صدين کان سنڌوءَ کي مستي ۽ سرمستيءَ ہر ڏنو هو. سنڌوءَ جي تيرٽ جهڙن تڙن ۽ مندرن جهڙن گهيڙن تي کروڙين انسانن کي سک سانت سان پوڄا ۽ پراڻنائون کندي ہ ڏنو هئائين تہ سنڌوءَ جي اٽليل کنارن سان مها ڏاهن کي وید لکندي ہ ڏنو هئائين. مومل جي مجاز جهڙي ان سنڌوءَ جي سرير ہر سسئي جهڙا ٽک ڏسي سج جو جڻ هنيان پئي ٻڏو.

مهراڻ جي هنيلن موجن کي الائجي کنهن چنڊال جي نظر کائي ويئي هئي. شينهن درياءَ کي جڻ کنهن ويہ مُڻ هڻي کڌي هئي. جو ٻنين کي ٻرُ ڏيندڙ ۽ جيون کي جلا ڏيندڙ سنڌو ، پاڻيءَ جي لکير جهڙي وهکري ہر تبديل ٿي ويو هو. ليپٽ ہر پيل ان ماڻهوءَ

وانگر ، جنهن جي جسم جون سموريون رڳون ساھ ڇڏي سگھي ويون هجن ، رڳو لکيءَ ۾ اٽکيل ساھ جي تند ٻڌل ٻڌل ساھ کٽندي هجي! قديم تهذيبن کي جنم ڏيندڙ سنڌو ، نيڪال جيتري پاڻيءَ جي وهکري ۾ پساھ پئي کنيا. آپگھاٽ جي رومانس واري ماٺھوءَ لاءِ سنڌوءَ جي ٽڏي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ جيترو به پاڻي نه هو. کنپ کوهي ٻيرو کيل سنڌوءَ جي وجود ۾ ڪٽي ڪٽي پاڻيءَ جا ننڍا وڏا ٻا ، سنڌوءَ جي اگھاڙي واريا سي پنيءَ تي ڪڙيون اکليل ڦٽن وانگر پئي لڳا. سنڌوءَ جي سونھن ۽ سوڀيا جي پس منظر ۾ رڇيل ، "ٻيڙيءَ وارا موڙ مھاٽا....!" جھڙا امر لوڪ گيت به معنيٰ وڃائي ٻسا ٻسا پئي لڳا. ڊائون اسٽريم ۾ جڳن کان سنڌوءَ پناري تڳندڙ لکين انسانن ۽ ڪروڙين ساھ وارن جي جياپي لاءِ رڳو پاڻيءَ جي سنھڙي لکير ھئي. سابه آخر کيسيتائين .....؟

ڪوٽڙي پل جي اپرندي پاسي سنڌوءَ جي سڪل پيٽ جي دُن ۾ پاڻي جو وڏو دُبو ڏسڻ ۾ پئي آيو. دٻي ۾ ٽکل ۽ ماندي زندگيءَ جا آثار ھئا. سنڌوءَ جي امرت جھڙي لڙاٽيل پاڻيءَ ۾ جڳن کان تڳندڙ آبي جيوت جي اکين ۾ ڪربلا جي اجڙيل خيمن جھڙا الميا ھئا. وجود جي رھي کھي سگھ ميڙي جيئڻ کاڻ جھد پئي پٽيائون. نه مئن جي شمار ۾ ھئا ، نه جيئرن جي ڳڻپ ۾. جياپي جي رومانس واري کابه کيفيت سلامت نه رھي ھئن ، بس کنهن معجزي جھڙي آس ۾ پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ مٿا مونا پئي ڏنائون ، پر مرڻ ڪنڌيءَ کي پھتل سنڌوءَ ڄائي ھن ساڻي مخلوق جي صبر ۽ شڪر جو امتحان شايد اڃان پورو نه ٿيو ھو. تڏھن ته سنڌوءَ جي اجاري بدن تي ٽڏو چندو ھٽڻ لاءِ مينھن به نه ونا ھئا.

سج ميرانجھيءَ مھل ھئي. سنڌوءَ جي ڏيگھ ۽ ويڪر ۾ پراسرار مانار ڇانيل ھئي. اونداھ جا پاڇا اڻ لکي چال ۾ ويا پئي گھرا ٿيندا. پاڻيءَ جي وڏي دٻي مان چال ڏئي ھڪ وڏو ڏيڏر باھر نڪتو. کوھ جي ڏيڏر وانگر ڪڙو تڙو پئي لڳو ، پر ھو کوھ جو ڏيڏر نه

هو. هو ابن ڏاڏن ۽ پيڙهين کان سنڌوءَ جي وسيع ڪائنات ۾ جائو نپنو هو، ان ڪري سوچ ۽ نظر ۾ سنڌوءَ جيڏي وسيع هئس. هوءَ سنڌوءَ جي ڏائون استريم ڏانهن ڏسڻ لڳو. نيٺ نهار تائين پڪڙيل ويراني کائڻ پئي آيس. اونهو ساهه ڪٽي ٽپڪي ڏئي اولهه پاسي ڪوٽڙي پل ڏانهن ڏسڻ لڳو. ڪوٽڙي پل جي ٻنهي پاسن کان ايندڙ ويندڙ گاڏين جون برندڙ بتيون جڻ ڪيس چيبارا ڏيندیون پئي ويون. ٺيڪ ان وقت پل جي وچ تان ريلوي پٽڙين تان گذرندڙ مال گاڏي جڻ مال غنيمت سان پرجيو ڪيس دهمان ڪندي پئي وئي. هن ڪنڊ ڦيرائي شهر جي برندڙ روشنين ڏانهن ڏنو، شهر جاڳيو پئي، پر سنڌوءَ جي سينڊ اُجڙيل هئي. هن جو سنسار ويرانين جي ور چڙهي ويو هو. مهراڻ ۾ موج مستيءَ واريون هڪلون ۽ نغمگيءَ واريون لهرون نه هيون. چوڌاري ويران مقبرن جهڙيون وحشتون ۽ مانار هئي. سندس ڪاپار ۾ لڳل دوربينيءَ جهڙيون وڏيون اکيون چوڏس گهمي ڦري سنڌوءَ جي سڪل ڪنڊيءَ سان مهاڻن جي بتيلن واري بستيءَ ۾ ڪُپي ويون. بستيءَ جي بتيلن وارن گهرن ۾ ٽمڪندڙ ڏيئن ۽ اڏندڙ دونهين، زندگيءَ جو ڏس پتو پئي ڏنو. مهاڻن جا اڏ اگهاڙا ٻارڙا بتيلن پرسان سنڌوءَ جي واريا سي پيٽ تي ڊوڙون ۽ ليٽڙون پائي راند روند پئي کيڏيا. پلا. ڇا ڪن؟ سنڌوءَ جي انهن پوٽرن کان پاڻي جو ڪسجي ويو هو. سنڌوءَ سان انگل سندن نصيب ۾ ئي نه هئا. ڪوٽڙي پل تان پاڻيءَ ۾ ٽپا ڏيڻ ۽ اونهي پاڻيءَ ۾ ڏائيءَ راند کيڏڻ تہ انهن ٻارڙن لاءِ نانيءَ واتان ٻڌل آکاڻي ٻڌجي وئي هئي. اهي سنڌوءَ جي پنيءَ ٻوڙ پاڻيءَ ۾ لڏڻ وانگر ليٽڙيون پائي سگهيا ٿي. انهن معصوم ٻارڙن کان سنڌوءَ جي لهرن ۾ تڙڦڻ جو پيدايشي حق کيو ويو هو. ٻارڙن کان پريرو هڪ بتيلي تي ڪراڙي چلم مان گڙڪا پئي ڪڍايا ۽ خالي خالي نگاهن سان پاڻيءَ جي دُبي ڏانهن پئي ڏٺائين. سندس سرءُ جي روڙيل منظرن جهڙي چهري مان بيوسيءُ جا پيلا پن پئي چٽيا ۽ سپنن جو

قبرستان بڃي ويل اکين ۾ اڻ ڳٽيا الکا هئس. سندس اونهي سوچ جي ائٽ تي معاشي جياپي جون منڊل تندون هيون.

وڏي ڏيڏر جي اکين ۾ درد اوتجي آيو. هو بيوسيءَ جي تيسي ۾ پرجي پاڻ کي ويو ڦوڪيندو. ٻيو ڪري به ڇا پئي سگهيو؟ اوچتو هن جي جسم ۾ چر پر پيدا ٿيڻ لڳي.هو ٽپڪيون ڏئي ڦرئي واٽئي وانگر زور زورسان ترڪڻ لڳو. ان رن زال وانگر جيڪا گهر کي باهر لڳڻ تي، آڳر ۾ بيهي هاءِ گهوڑا ڪري ڳوٺ کي مٿي تي کڻي ڪٽندي آهي. سندس ٻاڪار سنڊوءَ جي پيٽ ۾ پري پري تائين گونجڻ لڳي. هڪ وڏي جمار جي ڪُمي جيڪا ايامن جي ڪُت پئي. لڳي، پاڻيءَ مان ڪنڌ ٻاهر ڪڍي ڪيس ڏسڻ لڳي ۽ پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري سندس. پر اڇي ورتائين. هوءَ به لڏندڙ ڪنڌ ۽ ڏکندڙ آواز ۾ ڏيڏر سان گڏ ٻاڪارڻ لڳي. ڏسندي ئي ڏسندي پاڻيءَ جي وڏي دُبي کان سواءِ ننڍن ننڍن دُبن ۽ پاڻيءَ جي لکير جهڙي وهڪري مان انڊيون ٻلهٽيون، ڏيڏر، ڪميون ۽ لڏڙا ٻاهر نڪري سندن چوڌاري گڏ ٿيندا ويا. سڀ گڏيل آواز ۾ ٻاڪاري رهيا هئا. سندن ٻاڪار ۾ درد ۽ پيرا سمايل هئي.

رات جوبن تي هئي، چند اڀ تي مرڪوري گلوب وانگر ٻريوپئي، ٿاڏل جهڙي ٽڏڙي ۽ ٺريل رات، چانڊوڪيءَ جي پاڪر ۾ هئي. ڪير جهڙي اجري سهائيءَ ۾ سنڊوءَ جي پيٽ ۾ واريءَ جا اجايل ۽ تاسارا ذرڙا جرڪيا پئي. واريا سين ڏبن تي هوا جي طويل چمين جهڙيون لڪيرون، سنڊوءَ جي اگهاڙين پاسراتين وانگر پئي لڳيون. اڌ رات لڙي وئي هئي. پاڻيءَ جي وڏي دُبي ٻاهران لکين ڏيڏر ڪميون لڏڙا ۽ ڪجهه انڊيون ٻلهٽيون گڏ ٿي ويون هيون. اهي سڀ اڀ ڏانهن نماٽيون اکيون ڪٽي ٻاڪاري رهيا هئا. پاڻيءَ جي ڏبن ۽ وهڪري مان ننڍيون وڏيون مڇيون به پاڻيءَ مان ڳاٽ ٻاهر ڪڍي ساٽن سر جهلائي رهيون هيون. سنڊوءَ جي ٻنهي ڪپن سان ۽ ڪوٽڙي پل ۾ هزارين ماڻهو رونشو ڏسڻ لاءِ گڏ ٿي ويا هئا. ٽريفڪ جام ٿي وئي هئي. ماڻهو

ڪن ڏئي ڏيان سان سنڌوءَ جي آبي جيوت جي دردیلي ٻاڪار ٻڌي رهيا هئا. ان ٻاڪار ۾ سمايل درد تہ ماڻهن محسوس ڪيو پئي، پر ان ٻاڪار جي ٻولي ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي، سواءِ بتيلي تي وينل ڪراڙي جي، جيڪو نہ رڳو غور سان سندن دردیلي ٻاڪار ٻڌي رهيو هو، پر ان ٻاڪار جي ٻولي بہ ڪيس سمجهہ ۾ آئي پئي. اهي سڀ ڏکاري لهجي ۾ ڪورس جي انداز ۾ اجرڀل سنڌوءَ جو نوحو چئي رهيا هئا.

ڪراڙي مهاڻي پاڻيءَ جي وڏي دبي ٻاهران گڏ ٿيل سنڌوءَ جائي آبي جيوت تان نظرون هٽائي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن ۽ ڪوٽڙي پل تي بينل ڏرتي ڇاون ڏانهن غور سان ڏنو ۽ ٿڏو ساهہ ڪڍي، ٽڪر جي چلم کي پاسي تي رکي، ٻئي هٿ گوڏن تي ڏئي اٿي بينو. هو بتيلي تان هيٺ لٿو ۽ هوريان پاڻيءَ جي دٻي ڏانهن وڌڻ لڳو. وڏي ڇمار جي ڪمي ڏکندڙ ڪنڌ متي ڪڍي ڪراڙي ڏانهن ڏنو ۽ ڏکندڙ آواز ۾ سمورن جو ڏيان ڇڪائيندي چيو. "ابا، ٻڌو .....! ادو ڇامن هيڏاهن پيو اچي....." سڀ مان تي ويا ۽ ڪراڙي ڇامن کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسڻ لڳا. هو جڏهن ڪين اوڏو اچي ٿيو تہ سمورن گڏيل آواز ۾ ڪيس ڪيڪار ڏني. "نانا، ڇامن ..... پلي پلي آئين...!" "ابا، جڙيا هجو شال. منهنجا ٻچڙئو ...!" ڪراڙي ڇامن ڪيڪار جي ورندي ڏني ۽ پلڻي هڻي واريا سي پٽ تي ويهي رهيو. ڪيس قاتل گوڏ پاتال هئي. پنا ۽ پير اگهاڙا هئس. چانبوڪيءِ ۾ هر ساهہ تي سندس پاسراتيون تالاب جي تري ۾ وينل واريءَ جي لڪيرن وانگر پئي لڳيون. هو ڪا گهڙي تہ سنڌوءَ جي نماڻي جيوت جي دردیلي آواز ۾ سنڌوءَ جو نوحو ٻڌندو رهيو. هيڻي بت مان سريڙون پئي نڪتس ۽ منهن مان چٽگون پئي چٽيس. سڪل ڪلين جهڙين اکين مان لڙڪ جڙ نپوڙجي پئي نڪتس، هن ڪنڌ متي ڪنيو ۽ گوڏ جي پلئہ سان اکيون اگهي ٻئي هٿ متي ڪنيا. ٻاڪاريدڙ جيو هڪدم مان تي ويا ۽ ڪيس ٻڌڻ لاءِ هڪ ڪنا تي ڏانهس ڏسڻ لڳا. هو ڳالهائي رهيو هو.

"منهنجا ٻچڑئو ..... سچ آهي تہ اسان کان جيابي جو وسيلو ۽ سڃاڻپ جو حوالو کسيو ويو آهي. پر ابا ..... روئڻ ۽ پار کڏي پٽڻ مان بہ ڪڏهن ڪجهہ وربو آهي ڇا.....؟ "نانا..... تون ڪٽي ٻڌاءِ اسين ڇا ڪريون ....؟ سنڌوءَ جي حالت تہ هاڻي ڏٺي ڪا نہ ٿي ٿئي." هڪ لڏڻي وراٽيو. "اسين پيٽ ۾ آزرت سنڌوءَ ڇاوا ، پنهنجي دانهن پالٹهار کي پيا ڏيون....." هڪ ڏيڏر ڳالهايو. "اڳ جيابي جو ڪو بہ اوکو پوکو ڪو نہ هو.هاڻي تہ قصو واهہ گروءَ کان چڑهي ويو آهي. باروهي اهو حال آهي. جو پيٽ جي چينٽ ڪرڻ بہ مسئلو بڻجي ويو آهي....." انڌي ٻلهڻ ورندي ڏني. "اڳي ڪو ماڳُ ڪري پوندو هو.تہ مهاڻا فقيرن کان منڊي ۽ پاڻي پڙهائي درياهہ ۾ وجهندا هئا. هاڻي ماڳُ تہ ماڳ جي ماڳ پر ملڪ ئي ناڙ ٿي ويو آهي. "ڪراڙيءَ ڪميءَ ڳالهايو". پنهنجي رَون واري منهہ زور سنڌوءَ ۾ نظر ڏنياڻيءِ جيترو بہ پاڻي ڪونهي. اسان جي آنن مان ڦٽندڙ ٻچن جي واڌ ويجهہ بہ ڏکي بڻجي وئي آهي. وڏي ڏيڏر رڙ ڪئي. "سڄ جي تپش ۾ تتل واريءَ جي پيٽ ۾ پاڻيءَ جي لپ ، ٻرکندڙ ڪُنيءَ وانگر آهي ، ان ۾ آخر ڪيستائين پنهنجو وجود برقرار رکي سگهنداسين ....." هڪ ميڇيءَ پاڻيءَ مان ڳاٽ ٻاهر ڪڍي چيو" اٽ جي وات ۾ جيري جيتري پاڻي ۾ اسين تہ ڪرڪ واري پيا چٽيون" هڪ لڏڻي چيو. "نانا..... اسان لاءِ تہ قيامت ڪان اڳ سڄ نيزي پاند اچي ويو آهي..." ننڍڙي ڪميءَ ڳالهايو" ڏينهن ،ڏينهن تي ڏيڏوٹو ٽيندو پيو وڃي. اسان کان اسان جا نسل وڇڙي ويا آهن. سالَ ٽيا آهن جو لاڙ جا پٽ نہ ڏٺا اٽئون. کاري ڇاڻ لاءِ تہ سکي مئا آهيون. ڪشمور کان ڪينٽي بندر تائين اسان جو آباد وطن سوڙهو ٿي ننڍڙي دبي ۾ سمائجي ويو آهي. اهڙو بہ ڪو انڌير .....!!!؟" وڏيءَ ڪميءَ ڏکندڙ آواز ۾ وراٽيو. ڪراڙو ڄامن ٻئي ٻانهون گوڏن ۾ ورائي. ڪن ڏئي سانهہ ستيءَ سان سندن ڳالهيون ٻڌي رهيو هو . ڇٹ سندن ڳالهيون جو پنهنجي اکين جي تارازيءَ ۾ آهن پئي ڪيائين. اکين ۾ ڏينهن جا سپنا جرڪڻ لڳا

هئس. هن دل جي پٽيل دريءَ مان اونهو ساهه کنيو ۽ هڪ اونهي نهار سنڌوءَ ڪنارن سان بينل هزارين ماٿهن تي وڏائين. هو اُتي بينو سنڌوءَ جي پيٽ تي پلي وانگر اوپارو هلڻ لڳو. لکن جي انگ ۾ سنڌوءَ ڇاوا آبي ساهه وارا سندس پٽيان سنڌوءَ جو نوحو چوندا پئي هليا. ڪوٽڙيءَ جي پل مٿان چند به ڪين ڏسي مرڪيو پئي. هو مٽن پنهنجي ڪير جهڙي چاندوڪيءَ جي ورڪا ڪري ساٽن گڏ پئي هليو.

هو ياڇيا هئا ۽ ياڇيا مجنان ٿيندا آهن. اهي سنڌوءَ جي چورايل سونهن جا ابتا پيرا ڪٽي نڪتا هئا ۽ پير ليکيندا اڳتي وڌي رهيا هئا. اهي ڪوٽڙي پل هيٺيان پهتا ته بتيلن جي بستيءَ مان هڪ پٽيءَ اگهاڙو چوڪرو "آيو پهتو....!" جي هڪل ڪري بتيلي تان ٽپ ڏئي لٿوءِ هنن ڏانهن ڊوڙندو وڌڻ لڳو . سنڌوءَ جي ڪربلا ڪنڊيءَ تي ڪوفين جهڙي چاڙهه هٽي بينل هزارين ماٿهن ۾ چرپر پيدا ٿيڻ لڳي هئي....!

****

## وجود جا عذاب

زينو شايد ڪجھ گھڙين جي مهمان هئي. لُڪيءَ ۾ اٽڪيل ساھ پئي ڪنيائين. سندس حياتيءَ جي ٻيڙي لاھو سج جي پس منظر ۾ پچاڙ ڪو پُور ڪٽي وڃڻ واري هئي. زندگي جو ڏيئو وٽُ ڪامڻ تي اجھامڻ کان اڳ وارا ٽمڪا ڏئي رهيو هئس. گھر ياتي ڏکارن چھرن ۽ پنل اکين سان مٽان ٻيڻل هئس. ٽريل ۽ ساڪت جسم جي رڳو اکين ۾ زندگي جا آثار هئس. چُـرڻ پُـرڻ ۽ ڳالھائڻ ٻولھائڻ کان وڏي ٿي وئي هئي. رڳو اکين جا تارا ڦرڦائي ڏنائين پئي. وائي بند ۽ جسم نستو هئس، پر حواس سلامت هئس. موڪلاٽيءَ وارن لمحن ۾ پيار ڪندڙ مڑس ۽ گھر ياتين کان موڪلائڻ بدران پنھنجي ڏيڊ ورهيه جي معصوم پٽ گلاب ڏانھن ڏنائين پئي. هو ڪٽ جي ايس وٽ، سندس نستي هٿ جي چيچ پڪڙي، ٻاٽڙي ٻوليءَ ۾ ساٽس ڳالھيون ڪري رهيو هو. سندس درد کان ناواقف ٿھڪن ۽ معصوم مرڪن ۾ زندگيءَ جي هن لگّ ڪاندارينڊ هاڃي جي پيڙا جو ڪو بـ تاثر نـ هو. زينوءَ جي حسرت ڀرين نگاهن مان بيوسيءَ جي ڪلف ڪڍن ۾ ڪڙيل ممتا جا عڪس، انبن جي ٻور وانگر ڇٽيا پئي. ڏيڊ ورهيه جي معصوم گلاب کي ڪھڙي ڪل تـ. منڍي جيجل سھان سندس شايد آخري ملاقات هئي. جيڪا چند لمحن کان پوءِ، ساري ڄمار لاءِ جھيڙي ۽ اڻ لکي، پر تلخ ياد جو ڏنپ بڻجي، سندس وجود تي نقش ٿيڻ واري هئي. ڪيس ڪھڙي سڌ تـ ڪائنس امڙ جي ڪائنات جھڙي هنج ۽ وشال اُپ جھڙي ممتا جي ڇانءُ ڪسجڻ واري هئي؟ هو ان هاڃي جھڙي ڪرب کان اڻجاڻ پتڪڙا هٿ ڪٽي، پنھنجي امڙ سان ڪچھريءَ ۾ رڌل

ءِ ريڌل هو. ٻاٽڙي ٻوليءَ ۾ جڻ ڪيس ايلاز پئي ڪيائين، "او! منهنجي جيجل.....! ڏس، عرفات جي پٽريلي پٽ تي ٻار جي ڪُرڙين جهڙي زندگيءَ ۾ صفا ءِ مروه وچ ۾ پاڻيءَ لاءِ ڊوڙن جهڙي ممتا جي ڇانءُ ڪنهن نه وڃ. ڏس، ايئن چيچ ڇڏائي ماٽيلي ماءُ جهڙي دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي نه وڃ."

ڪمري جي بند روشندان ۾ جهرڪي جي اکيري ۾ ٻه ننڍڙا ٻچا، جن اڃان اکيون به نه کوليون هيون، چين، چين، چين ڪري ماءُ کي سڏي رهيا هئا. شايد بک لڳي هئن. جهرڪ، جيڪو شايد سندن پيءُ هو، ٻڌن جي دانهن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڪليل دروازي جي تاڪ تي چهنب کولي سهڪيو پئي. بکايل ٻڌن جي چين، چين جي آواز سندس ڏيان نه پئي ڇڪايو. شايد اهو سندس ذميوارين ۾ شامل نه هو.

زينو مووي ڪئميرا جي ليسنز وانگر اکين جا تارا ڦيرائي نماٽين نگاهن سان ڪمري جي هر شئي کي ڏسڻ لڳي. ڪمري ۾ هٽن سان سجايل شين کي ڏسي اکين ۾ تنهائي جي تڙپ جاڳي پيس ءِ ذهن ۾ ساروٽيون پچرڻ لڳيس. ٻڌندڙ دل ءِ پنل اکين سان ڪمري ۾ پنهنجا وکريل خواب پئي ڳوليائين. جيڪي ٽانڊاٽن وانگر سدائين سندس نيٽن جي آڏر تي ٽمڪندا هئا. ڪنهن ماءُ جي هنج ۾ مرندڙ ٻار وانگر، پنهنجي خوابن جي تعبيرن جو ساهه گهٽجندي ڏسي، ول ۾ پکل گدري وانگر هانءُ ڦسي پيو هئس. پنهنجي ٻچڙي گلاب لاءِ اکين جي لاکرن ۾ جيڪي خواب سانديا هئائين، ٽٽل آرسي وانگر چيتيون چيتيون ٿي ويا هئس. اکيون ڊريسنگ ٽيبل تي رکيل فريم تي اٽڪي پيس. هوءَ شادي واري ڳاڙهي وڳي ۾ مڙس شهمير سان وينل هئي. حجابن جي پردن مان ٻهڪندڙ منهن تي ماڪ ڏوتل گلن جهڙي سونهن ءِ سرهائي هئس. پرسان ننڍڙي فريم ۾ گلاب جي تصوير هئي. جيڪا چهه مهينا اڳ عيد ڏاڙي ڇڪرائي هئي. ننڍڙو گلاب سندس هنج ۾ ٽهڪ ڏئي کليو پئي. اندر جي پاتال مان ٽڏو ساهه نڪري ويس. ٻنهي فريمن کان ٽيڪ مٿي پت ۾ لڳل پوسٽر سائيز وڏي تصوير تي نظر پيس ته ڏڪي وئي. اها سندس وٽندڙ تصوير هئي.

جيڪا بازار مان خريد ڪري شوق مان ڪمري ۾ لڳائي هئائين. هونئن ته هن تصوير کي سوين ڀيرا ڏٺو هئائين، پر اڄ اها تصوير جن معنائن سان سندس اکين آڏو هئي، ان تي ڪڏهن سوچيو به نه هئائين. تصوير ننڍڙي ٻالڪ جي هئي. سندس چهري تي اُپاٽڪائي ۽ اداسي جا گهرا پاڇا هئا. نماڻين ۽ وڏين اکين مان موتين جهڙا اڇا اجرا لڙڪ ڳڙي سندس گول مٽول ڳڻن تي ڇڙ ڇمي ويا هئا. ٻالڪ جي ڳلن تي جرڪندڙ ڳوڙهن ۾ شايد يتيميءَ جو درد ۽ نڌڻڪائين جي پيڙا هئي. بيوسي ۽ جڪڙيل معصوميت سندس چهري مان لاٿون ڏئي چٽي پئي. زينوءَ کي ان ٻالڪ جي تصوير ۾ پنهنجي ٻچڙي گلاب جو چهرو نظر پئي آيو. ڪنهن چوڪ تي احتجاج طور پاڻ کي باهه ڏئي ساڙيندڙ ماڻهو وانگر هوءَ باهه جي پيڙن ۾ وکوڙجي وئي هئي. سندس ڪمري جو طواف ڪندڙ اکيون انهن ٿهڪن ۽ مرڪن کي تلاشي رهيون هيون، جيڪي اوچتو گهر جي ديوارن ۾ گم ٿي ويون هيون. هن اکيون ڦيرائي شيشي جي ڪٻٽ ڏانهن ڏٺو. گلاب جا کوڙ راندیڪا ڪٻٽ ۾ سليقي سان رکيل هئا. هر راندیڪي ۾ سندس ممتا جو پيار ٽاڪيل هو. ڪيڏي نه سڪ مان پنهنجي ٻچڙي جي ورونهن لاءِ آندا هئائين. هوءَ سوچڻ لڳي، "ڇا اهي راندیڪا سندس گلاب کي ريجهائي. ڪائنس ماءُ جي تانگهه ۽ سار وساري سگهندا؟ نه، نه....! ڪو به راندیڪو ماءُ جي آسيس جو مٺ نٿو ٿي سگهي. دنيا ۾ ماءُ جو ڪو نعم البدل آهي ئي ڪونه. راندیڪا ته ڪجهه گهڙين ۾ ئي ٻارن اڳيان پنهنجو موهه وڃائي وينهندا آهن. هونئن به يتيميءَ جي ڏاڍڻ جڏهن ٻار کان ٻالڪپڻو کسي ٿي ونئي ته ان ٻار کي ڪوبه راندیڪو ريجهائي نه سگهندو آهي."

ويچاري زينوءَ سان ٿي به ته جهڙ ويو هو. نه تپ ته تئو، نه کنگهه نه ڪڙڪو. خواب خيال ۾ به نه هو ته ڪو ايئن ٿيندو. چاق چگي پلي، صبح ساجهر گهر ياتين کي نيرن پاڻي ڪرائي معمول موجب جيئن ڦريو ڦوڪارو ڏيڻ لاءِ ڪمري ۾ وئي ته، اوچتو دانهن ڪري وڃي سڃي اهڙي ڪري جو لاش جو لاش ٻڌجي وئي. دانهن به جيڪا اها ڪيائين، بت مان ساهه چڏائجي ويس ۽ وائي بند ٿي

ويس. پريو مهينو اچي ٿيو هئس ان حالت ۾. مڙس شهير نه شهر جو ڪو ڊاڪٽر چڏيو هو نه حڪيم ، جڏ ڪنهن ويرمٽ هنئي هئس. ماسي جنوءَ وات الله جا ديکڻا لاهي معصوم بارڙن کي منو پت کارائڻ کان وٺي تعويذ قيٽن ۽ علامت جي اثر لاءِ پوپن ۽ پاڙهن تائين هيلا هلائي چڏيا هئا ، پر ايئن پئي لڳو ، جڏ دوائون اثر ۽ دعائون امر وڃائي چُڪيون هيون. صبح کان تکليف وڌي وئي هئس گهرياتي هٿ رکيو وينا هئس.

هوءَ انڌر پاس پرائمري ماسترياڻي هئي. بن ورهين جي هئي جو امڙ جي چانڀ کسجي وئي هئس. امڙ جو بارهو به نه ٿيو هو ته پٽس قاسم بي شادي ڪري ڪيس ماٽيلي ماءُ جي حوالي ڪري چڏيو. جوانيءَ تائين يتيمي جي جهنم ۾ گذارڻ کان پوءِ سڪ جو ساهه تڏهن کنيائين ، جڏهن ماسات شهمير سان پرٽجي ماسي جنوءَ جي گهر آئي. ماسي جنوءَ نه رڳو سندس سڳي ماسي هئي پر وڏي چاچي به هئي. شهمير به پرائمري ماستر هو ۽ پارٽ تائم پاڙي ۾ نندڙو دڪان به هلائيندو هو. ٻنهي جي پگهارن مان گهر جو گاڏو چگو پئي رڙهيو. زينو ۽ شهمير به خوش هئا ته ماسي جنوءَ جون به اکيون ٺڏيون هيون. جهڪي جا ٻکيا ٻچا ، لاڳيتو اکيري مان ڪر ڪٽي چوڳي لاءِ ماءُ کي ٺڏي رهيا هئا. جهڪ پڙڪو ڏئي اڏاٽو ۽ دروازي تان روشندان ۾ آکيري جي پرسان اچي وينو. ٻچا سندس موجودگيءَ کي محسوس ڪري زور زور سان چين.چين ڪرڻ لڳا ، پر جهڪ کي ٻچن جي ٻک جي شدت کوبه جهبو نه پئي آيو. ٽلهو متارو ٻلو فرش تي وڏي لوهي پيتيءَ جي اوٽ ۾ چپ هٿي وينل هو. سندس لالچي ۽ لُنڊيون اکيون لاڳيتو جهڪ ۽ ٻچن ۾ هيون.

هوءَ ڪٽ تي اڏ مئي ستل هئي. پر وجود جا عذاب جاڳيس پئي. وڃ وانگر اوچتي ڪڙڪيل درد جي ڇهاءُ سان جسم جون رڳون تنبوري جي تارن وانگر وڄڻ لڳيون هئس. پاڻ کي ويچارگيءَ جي ڏٻڻ ۾ قاتل ڏسي اکين مان ڳوڙهن جو سيلاب وهي نڪتو هئس. پنل نيٽن سان متان بينل گهرياتين کي ڏنائين. ماسي جنو پوتيءَ جو پلئه وات تي ڏئي سڏڪي پئي. زينو نه رڳو مُئي مٽيءَ جي نيشاني هئس پر

ڏيئرن جهڙي ننهن ۾ هئس. سيراندیءَ کان بينل سندس مڙس شهمير پاڻ تي ضبط ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ آلَ ڪانءَ وانگر وائڙا لوٽا هٽي رهيو هو. ڏک جي شدت کان آندا وات کان پٽي آيس. ننڍڙو گلاب ٻئي هٿڙا کٽي ماءُ جي هنج ۾ وجڻ لاءِ آتو پٽي ٽيو. جيڪا هر ٻار جو پيدائشي حق ۽ فطري ضرورت هوندي آهي، ڪيس امڙ جي هنج جي سڪ ۽ ٽڇ جي ڇڪ ٿي پئي. ماءُ جي هنج ئي ته آهي، جيڪا ٻار جي ڪائنات ۽ انسانيت جو پهريون مڪتب هوندي آهي. ڪنهن ٻار کان ماءُ جي هنج ۽ ٽڇ کسجڻ ايئن آهي، جيئن ڪنهن پوپٽ کان پر کسي وڃن. ٻار جڏهن ماءُ جي هنج ۾ سندس اُرهن سان چهٽي چڪڙيون ڏيندو آهي، تڏهن دنيا جهان جو پيار ۽ پاڻهه ماءُ جي ارهن مان نندڙن ڳوهن جي صورت ۾ ٻار جي سرير ۾ اوتبو آهي. پيار ۽ پاڻهه جي اها سگهه ئي ته آهي، جيڪا نمرودي آڳ جهڙي زندگيءَ جي اوڙاهه کي ناري ٽڏو ڪندي آهي.

زينو پاڻ به يتيم هئي ۽ يتيميءَ جو عذاب پوڳي به ڏٺو هئائين. هن ڄاتو ٿي ته ماءُ جي ڪميءَ جو احساس زندگيءَ جي وک وک تي محرومين جا ڪهڙا ڏنب ٿو ڏئي؟ رواجي ڳالهه ۽ معمولي ٽوڪرءِ ٽيس به رڙ ٻڌجي ماءُ جي ڪميءَ جو احساس ڏيارينديِ آهي. ٻاروتڻ وهيءَ ۾ امڙ کان وڇڙيل ٻار زندگيءَ ۾ ايتريون ته پوڳنائون ٿو پوڳي، جو ڪيس ايمان جهڙو ويساهه هو ته ڪوبه يتيم ٻار دوزخ ۾ نه ويندو. هن پنل اکيون مٽي کٽي ڏکندڙ چپن سان دل ئي دل ۾ ڏٽيءَ در ٻاڏايو.

"اي، جهانن جا پالٽهار....! تون ٻانهي کان ڏن، دولت ۽ زندگي جون آسائشون پلي کسي وڃ، پر ڪنهن ابهم ٻار کان امڙ جي ڇانءُ نه کس. ٻاروتڻ وهيءَ ۾ يتيمي برابر پيغمبريءَ نيشاني آهي، پر اي مالڪ! ان جو بار به پيغمبر ئي کٽي سگهن ٿا. ڏٽي منهنجا! دنيا ۾ ايندڙ هر ٻار ڏرتيءَ تي تنهنجي ٻاجهه جو اعلان هوندو آهي. ماڪ ڦڙن جهڙا پوتر. شرم پوتيءَ جهڙا لڇهڙو ۽ گلن جي پنکڙين جهڙا حساس ۽ ڪوه [illegible] ن کان جياپي جو موهه ۽ دعائن جون عالم پناهون نه کس."

زينوءَ جون اکيون پنهنجي ٻچڙي گلاب ۾ هيون. هو هيو به ته گلاب جي گل جهڙو معصوم ۽ وٽندڙ، هو تازيون وڃائي گيتن جي ديس جهڙي امڙ کي پرچائڻ جي کوشش ڪري رهيو هو. پنهنجي ٻچڙي کي ڏسي هوءَ سوچڻ لڳي.

انساني حياتيءَ جي اها کهڙي تاريخ آهي، جو هڪ ماءُ وقت کان گهٽو اڳ پنهنجي ٽڄ پياڪ ابهم ٻچڙي کي نرڙ تي يتيمي جي ڇاپ هٽي وڃڙي وڃي....؟

جهرڪيءَ جا ٻچڙا بک کان بيحال هئا. سندن ماءُ جو ڪو آتو پتو نه هو. بک کان دانهون ڪري ساٽا ٿي پيا هئا ۽ آکيري اندر ٻڏل آواز ۾ چيون، چيون پئي ڪيائون، تاڪ ۾ چپ هٽي وينل ٻلي جون نگاهون منجهن ڪتل هيون. شايد ڪيس آکيري مان بکايل ٻچي جي پٺ تي ڪرڻ جو اوسيڙو هو. جهرڪ به روشندان تان ٻاهر اڏري ويو هو. آکيري ۾ ٻچا اڪيلا هئا، ۾ ٻلي جي پهچ کان گهٽو مٿي هئا.

زينوءَ جي ڏيرياٽي شاني پوتيءَ جي پلئه سان اکيون اگهي اڳتي وڌي ۽ گلاب کي هنج تي کٽي پوئتي وڃڻ لڳي، ان خيال کان ته گلاب کي ڏسي زينو جو جهريل جيءُ وڌيڪ ڏکارو نه ٿئي. امڙ کان پري ٽيڻ تي گلاب جي هڪ رڙ هيڻ هئي ته ٻي مٿي. روئي روئي اوباکيءَ ۾ پئجي ٽي ويو. زينو ڏرتيءَ وانگر ڏڌي وئي. گلاب جي هڪ هڪ رڙ سندس وجود کي جهير پئي ڏنا. هوءَ اٽڻ لاءِ اوباکيون ڏيڻ لڳي پر ساٽو بت ڇئي آکئي ۾ نه هئس. اندر جي آندڻ مانڊ لڙکيل چپن جي ڏکٽي ۽ اکين جي ينل ماٽکين مان ڇلکڻ لڳس. اکين سان الرون ڪري احتجاج پئي ڪيائين. هن دل ئي دل ۾ چيو پئي.

"هنن کي ڇا ٿيو آهي؟ ايترو به نٽا سمجهن ته ٻار جون خواهشون به ٻارن وانگر معصوم هونديون آهن. پنيوريون جي ڪنين جهڙيون نازڪ، آرسيءَ جهڙيون اجريون ۽ عبادت گاهن جهڙيون مقدس، انهن کي دٻائڻ درندگي آهي." ماسي جنوءَ کان زينوءَ جي تڙپ ڏني کانه ٿي. هن اڳتي وڌي شانوءَ جي هنج مان روئندڙ گلاب کي ونڊي زينوءَ جي ڀرسان کٽ جي ايس وٽ بيهاريو. هو اڃان تائين سڏڪيو پئي. زينوءَ بيوسي مان هن ڏانهن ڏنو ۽ دل ئي دل ۾ چيو.

"گهور جي وڃاءِ پڇڙا....! ڇو پيو روئين؟ توکي ته روئڻ لاءِ ڄمار پئي آهي. پنهنجا ڳوڙها مون اياڳي ماڻ کي ڏئي ڇڏ." ماڻ جي پر ۾ اچي هن کان روئڻ وسري ويو. هو ڪلڪارون ڪري ڪليو پئي. جڏ ڪجهه ٽيو ئي نه هو. پار جو روسامون به پار وانگر معصوم هوندو آهي. بغض ڪيني ۽ منافقين کان پاڪ پار جو من پٽ جي ڊيري جهڙو ڪوَنرو ۽ ان سليٽ وانگر هوندو آهي. جنهن کي صاف ڪرڻ کان پوءِ لکيل عبارت جو نالو نشان به نه رهندو آهي. پار جون مرڪون به جنت جي تصور جهڙيون هونديون آهن. گلاب جي پنل اکين ۽ ڳوڙهن هاڻن ڳلن تي خوشي جا ٽهڪ ، پاراڻي نفسيات جو اهو اتساهيندڙ باب هئا. جنهن کي دنيا وارا پاڻ تي لاڳو ڪن ته جيئرن جو هيءُ جهان جنت جو ٽڪرو ٿي پوي... هو ٻاتن ٻولن ۾ امڙ سان ٻيهر ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

ماحول سوڳوار هو ، ڏکويل لمحن جا ، آهن ۽ سُڏڪن جي تاندن تي پير پئي سڙيا. گهرياتين جا منهن لٽل ، اکيون پنل ۽ دليون ڏکويل هيون. زينوءَ جون اکيون گلاب تان ڏڙيون ئي نه پئي. شايد ڪيس دل جي اکين سان ڏسي سڪ پئي لاتائِين. اکين مان نار جي نيسر وانگر پاڻي وهيس پئي. اکين جي چشمن ۾ ايترو پاڻي ڪٽان پئي آيس؟ شايد جسم جو سمورو پاڻي ڏوتل ڪپڙي وانگر نپوڙجي. اکين جي پپڙين مان وهي ، موڪي پاڻي وانگر پيچ ناهي ڪنن جي پاڙين وٽان وهاڻي کي ريج ڏئي رهيو هو. اندر ۾ پٽ کوهه هئس. هر جهبي ڪاندير جي ٻوڙي وانگر هاڻءَ کي گُدن سميت پٽي ٻاهر پئي آندس. پڇڙي کي چورو چنو ڪري چڏڻ جي خيال بت ۾ ڏڪٽي ڏئي چڏي هئس. هوءَ ماڻ هئي. چٽ جي رڳهه ۽ ٻوست ۾ ٽڏي هير جي احساس جهڙي ماڻ ، جيڪا آئيني وانگر ٽٽي سؤ ٽڪر به ٿي پوي ، پر هر ٽڪرو ممتا جو عڪس ڏيکاريندو آهي. ايئن پئي لڳو جڏ موت جي سزا آيل قيدي ، ڦاهي چڙهڻ کان اڳ گهرياتين سان آخري ملاقات پئي ڪئي. سڪلينڊي پڇڙي کي چمڻ ۽ پاڪر ۾ پرڻ لاءِ اندر مان اڇلون پئي آيس ، پر هوءَ پنهنجي وس نه هئي. وس پڇيس ها ته موت جي ملائڪ کي به ٽريون اُرهه واريون هٽي هلندو ڪري چڏيس ها. پر

بيوس ائن بار چڏيا هئا ، اکين جا جهول جهلي دل ئي دل ۾ ٻاڏائڻ لڳي" اي ، ٻنهي جهانن سان مالڪ ، تون ڏسين پسين پيو. ساهه تنهنجي ملڪ آهي ، پلي وڻ ، پر ايتري مهلت ڏي جو پنهنجي ٻچڙي کي ڇاتيءَ سان لائي ڏءُ ڪري چُمي ونان" پر ائين پئي لڳو جڻ سندس اها آس ۽ ڪفن ۾ ويڙهجي ساٿس گڏ متي حوالي ٿيڻ واري هئي.

جهرڪي چوڳو وات ۾ ڪٽي ڪمري ۾ داخل ٿي. نندڙا جيت ۽ ڪيئان چهنب ۾ هئس. هوءَ پڙڪو ڏئي ڪليل دروازي جي تاڪ تي اچي وينّي ماءُ جي چرچر جي آواز کي آکيري جي ٻچڙن سڃاڻي ورتو.اُهي اکيون بند هوندي ۽ آکيري مان ڪر ڪٽي زور زور سان چوڳي لاءِ ماءُ کي سڏي رهيا هئا. جهرڪ ۽ ٻاهران ٽيلارا ڏئي اچي دروازي جي تاڪ تي وينّو. جهرڪي پڙڪوڏئي آکيري وڻ پهتي تہ ٻجا ڳاڙهاوات پٽي چوڳي لاءِ دڙها هٽڻ لڳا. جهرڪي جئين چوڳو ٻچن جي وات ۾ وڌو ، تہ اهو ٻچن جي وات مان نڪري پٽ تي ڪري پيو.

هڪ ماءُ جو پنهنجي ابهر ٻچڙي کان يقيني وڇوڙي جو احساس کيڏو ڏکوئيندڙ ۽ هان جا ڳچ ٿو ڳاري. اهو زينوءِ جي اکين جي ڦرهين ۽ چهري جي ڪتاب مان صاف پڙهڻ ۾ آيو پئي. جنهن تي اها وارتا گذري پئي. هن اکين جا تارا ڦيرائي ۽ چار ڀيرا مڙس شهمير ڏانهن ۽ پوءِ گلاب ڏانهن ڏٺو پئي. شهمير سندس نهارن جو مطلب سمجهي ويو تہ هن کيس گلاب جون پارتون پئي کيون. شهمير هٿ جي تري سان اکيون اگهيون ۽ سندس پرسان اوڪڙو ويهي گلاب کي ياکر ۾ پري سندس متي تي هٿ رکي وڇن ڏنوتہ هو گلاب کي ماءُ جي ڪمي محسوس ٿيڻ نہ ڏيندو. اوچتو زينوءَ جا ساهه اکڙڻ لڳا ، ان انجڻ وانگر جنهن جو تيل ختم ٿي ويو هجي. اکيون هڪ هنڌ جمي ويس ۽ اونها ساهه پئي کنيائين ان حالت ۾ جتي ٻيا گهر ياتي وسري ويا هئس. اکيون گلاب ۾ اٽکيل هئس ، ۽ هٿ سندس هٿ ۾. ڪڏهن ڪڏهن موت جو سواد ۽ زندگيءَ کي معنيٰ ڏئي ويندو آهي.

جهرڪيءَ ٻچيل چوڳو ٻچن جي وات ۾ وڌو ۽ هيڏانهن هوڏانهن لوٽا ڦيرائي کليل دروازي جي تاڪ تي اچي وينّي. اک ڪمري جي فرش تي ڪريل چوڳي ۾ هيس. هو جيئن پٽ تان چوڳو

کٹڻ لاءِ ٻڙکو ڏيئي هيٺ لٽي تہ تاڙ ۾ وينل ٻلي جهٽ هٽي جهٽي ورتس. نيڪ انهي وقت ڪمري ۾ شهمير جي وڏي اوچنگار ۽ گهر ياتين جي روئڻ جا آواز ايريا. ٻلو جهڪيءَ ڪي وات ۾ ٻڪوڙي ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لڳو. ٻڇن جي ماءُ جهڪي جون دانهون ۽ بيچينيءَ مان ڪنپ ڦڙڪائي احتجاج ڪندڙ جهڪ جي هاءِ گهوڙا ۽ اڌ بکايل ٻڇڙن جون رڙيون گهر ياتين جي اوچنگارن ۾ دٻجي ويون.

****

## نئين موسم

ڪڇڻ ڪلار جا ڏاهاڙا هئا ، ڏينهن جا پير تتل ۽ راتين جا لڳَ ڪورن دلن جهڙا ٺڏا هئا. ماڪ ڏوتل صبح پنهنجي حسناڪي ۽ ڪوملتا جي احساس سان جتي جسمن کي پرڪلي هيٺ پاؤڊر جو مَڪُ پئي ڏنو ، اتي اکين کي ڊپ جي ٻڙي جهڙي ٺڏاڻ پئي بخشي. ٺڏين هيرن جا پوپٽ بدن کي چُهي ڪتڪتايون ڪري سرور ڏيئي رهيا هئا. هونئن ب سرءَ هجي يا سيارو ، اونهارو هجي يا بهار ، هر منڊ جي صبح جي سونهن من موهيندڙ ۽ جنت جي جهوٽي جهڙي هوندي آهي. شهر جي چوسول تي ننڍاڪڙي زندگي رات جي هنج مان اکيون مهٽي اٿي هئي. ايتري چهل پَهل نہ هئي ڪجهہ دڪان کليا هئا ڪجهہ دڪاندار دڪان کولي ڦريو ڦوڪارو ڏيڻ ۽ چنڊ ڦوڪ جي ڪم ۾ رڌل هئا. دڪان اڳيان رودِ جي ٻنهي ڪنارن سان ڏهاڙي اجرت وارن پورهيتن جي منڊي لڳل هئي. رازا ، ڍڪڻ ، رنگ پوچي وارا ڪاريگر ، مستري ۽ مزدور ڏهاڙي سڄي ڪرڻ لاءِ صبح جي سائين جو نالو ونڊي قطار ۾ وينل هئا. ڏهاڙي جي ڏاتار جي اوسيئڙي ۾ اکيون رستن ۾ وڇايل هئن. واهولا ، رندا ، ڪارايون ، چوناريون ، شاول ، تيشيون ، بيلچا ، ڪوڏرون ، برش ۽ ٻيا پورهئي جا اوزار اڳيان ڪري رکيا هئائون. پورهيتن جي ان منڊيءَ ۾ جتي ڪچي وهي وارا چوڪرات ۽ نوجوان هئا. اتي موٽيل وهي وارا ۽ پڪي عمر جا نيم ڪراڙا ب هئا. اکين ۾ پورهئي جو آڇون سجائي هر ماٺهوءَ ڏانهن ايئن آسوند نگاهن سان ڏنائون پئي ، جڏ پڪ هئن تہ اڇوڪي ڏهاڙيءَ لاءِ اهو ئي سنڊن جيون جي ٻيڙيءَ لاءِ ناڪئو بنجڻ وارو آهي. سنڊن هيٺا حال ايالا افعال ۽ اجهاٽل چهرن مان سڪل پنن وانگر چٽندڙ اڻ تڻ واڪاپئي ڪيا.

سندن مروتيل ڪاغذن جهڙن چهرن جي عبارت صاف پڙهڻ ۾ پئي آئي ته ، شال ، ڏاڙي خالي نه وڃي....! چنتا ۽ چو نه ٿئي؟ سندن وند ۽ ڪٽ جي حسابن جهڙي زندگيءَ ۾ پاڇيءَ ته هيوئي ڪونه. سندن فاقن جهڙي وجود سان پاڇاندي جهڙو ڪوبه پاڇولو نه هيو. ان ڪري سندن گهرن جون چلهيون ۽ چمنيون به سندن ڏاڙين سان مشروط هيون.

چوسول تي گاڏن ۽ پڙين وارا صبح مڙداٽي نئين سج جي نئين روزيءَ لاءِ وڪر چنڊي ، ڦوڪي پهرين ٻهٽيءَ لاءِ ويچارا منهن ڪري وينا هئا" مولا ڏيار ڪا ٻاجهه پري ٻوهٽي" هڪ گاڏي واري سئن هنئي.

"صبح جا سائين تنهنجو ئي آسرو" ٻيو آواز آيو" مولا ڏي ڪو ڇپر ڦاڙي پنهنجي گنج مان." ٽيون آواز آيو. چوسل تي جتي ٻين دڪاندارن واندڪائي جون ٻاٽون پئي ڪاڏيون اتي مڇي ، گوشت ۽ پاڇين وارين پڙين تي چگي رش هئي. شهر جا ماڻهو ڏنڊي ڏاڙي ۽ ڪر ڪارين تي وڃڻ ڪان اڳ پهرين فرصت ۾ ڳنڍڻ پانڊڻ جو خفو لاهڻ لاءِ ڳاهٽ اچي ٽيا هئا. گوشت مڇي ۽ پاڇين وارا به تکڙا هٽ هلائي وڏ ڪان وڏ گيراڪ اڪلائڻ جي ڪوشش ۾ هئا. هنن ڄاتو ٿي ته ڏنڊي جي مهل اها ئي آهي. جيڪو ڏنڊي جو ڇڪو لڳو سو لڳو ، پوءِ سارو ڏينهن اُڏي ٽڙي ۽ ڳاڙ ڳوڙ گيراڪي هوندي. شام ٻهراڙين جي ماڻهن جي خريداري تائين ڪين مڪيون مارٽيون پوندیون.

سج جي ست رنگي روشني جا ڪرٽا آسمان ڪي گليءَ جو راگو ڏئي ڏرتيءَ تي ڇٽيا پئي. ٻار جي معصوم مرڪ جهڙي صبح جا ست وڳا هئا. چوسول تي ماڻهن جي اڇ وڇ وڏي ويئي هئي. سرڪاري ۽ خانگي نوڪرينن وارا ماڻهو تکڙيون وڪون ڪٽي ڊيوٽين تي ويا پئي. گڏهه گاڏن وارا پورهيت به گڏهه گاڏا هڪليندا روزي روٽيءَ لاءِ چوسول تي آيا پئي. سوزوڪي اسٽاپ تي ٻهراڙين جي مختلف روٽن تان سوزڪيون ۽ ڊانسنون ماڻهن سان هيٺ مٽي چڪار تي آيون پئي. گاڏين تي سٽيل ماڻهو هيٺ لهي پوتڙن سان پاڻ کي چنڊي رهيا هئا. گاڏين مان ماڻهن کي لهندي ڏسي دڪاندار ، گاڏين ۽ پڙين وارن جي چهرن تي سرهائي ۽ اکين ۾ چمڪ پئي تري آئي. گاڏن ۽ پڙين وارن

جا هوڪا ۽ آواز ايئن شروع ٿي ويا ، جڏ هڪ ئي وقت ڪيئي سيلن وارا راندين جا حرڪت ۾ اچي ويا هئا. اهو سندن فطري ردعمل هو. ڪين پلي پت جاڻ هئي ته شهرن جي وڏج واپار کي ڀهراڙيون ئي ڪٽنديون ۽ سڳهه ڏينديون آهن. ڀهراڙيون شهر جو منهن نه ڪن ته شهرن جا واپاري، دڪاندار ويندي، گاڏن ۽ پڙين وارا ۽ هوند لنگهڻ مرن.اهوئي ڪارڻ هو جو گاڏين مان سوارين جي لهڻ سان ئي سندن وات جا بٽڻ پاڻهرتو آن ٽي ويا آهن.

چوسول جي گهٽيءَ مان ويهارو ڪن چوڪرا چوسول ۾ داخل ٿيا. ڪين ڪيمل ڪلر جا ڪپڙا پاتل هئا. چوڪرن کي ڏسي چوسول ۾ بينل ماڻهن جا حيرت مان وات پٽجي ويا. سمجهه ۾ نه ايندڙ معاملي جي حيرت سندن قاتل اکين ۽ واڻڻ چهرن مان ڇٽي پئي. ڪجهه ماڻهو جيڪي ڳجهارت کي چاليهين پتيءَ جي ڳوڙهي هٽي پيڇي ويا هئا ، ڪل ۾ رڙهيا پئي. دڪاندار به ڏنڏا ڏاڙيون ڇڏي دڪانن کان ٻاهر نڪري تماشو ڏسڻ لڳا. رونشو لڳو پيو هو. سوزوڪي اسٽاپ تي بينل ماڻهو به نئون رنگ ڏسڻ لاءِ ڊوڙندا پئي آيا. هيڪاندا ماڻهو چوڪرن جي چوڌاري مڙي ويا هئا.

"چوڪراٽي پوتي ، ڪنهن نه ڏوتي." هڪ همراهه ڳالهايو.

"ننڍ وڏائي جو شرم حياءُ نڪري ويو آهي" ٻيو آواز آيو."

ادا ، ڪٽابين ان مسيت تي چاڙهي ڇڏيو. هنن سان ڪير پڇندو؟" ٽئين همراهه وراٽيو.

"پر ابا ، ڪوچرائپ جي به ڪا حد ٽيندي آهي. هيءُ ته صفا ليڪو لنگهيو بينا آهن." هڪ ڪراڙي ڪاوڙ مان وراٽيو.

لقاءُ ۾ ڪجهه اهڙوئي هيو. چوڪرا هڪ همراهه کي ٽنگوٽالي ڪري ڪنيي ڪٽيو پئي ويا. همراهه جي هڪ رڙ هيٺ هئي ته هڪ رڙ مٽي. هن رانياڙ ڪري چوسول کي مٽي تي ڪٽي ڪنيو هو. ايئن پئي لڳو جڏ سپاهي ڪنهن ڳنديڙ چوڙ کي ٽاٽي تي ڪٽيو پئي ويا. همراهه ببوسيءَ مان نماٽيون اکيون ڪٽي گڏ ٽيل ماڻهن کي واهر لاءِ ٻاڏايو پئي.

" آئون کونہ هلندس. کڈهن کونہ هلندس. ڇڈيو مونکي. آهي کو جيکو مون کي هنن ظالمن کان ڇڈائي؟ "ٻيلي، خدا جي نالي مون کي بچايو."

هانءُ ڦاڙ رڙين تي چوکرن جي چوڌاري بينل ماڻهن جي دلين ۾ همراهہ لاءِ همدرديءَ جا جذبا ڪر ڪٽڻ لڳا. اهي همراهہ کي ڇڈائڻ لاءِ چوکرن جي چوڌاري گهيرو ڪري کين سوڙهو ڪري بيهي رهيا. چوکرا کنهن بہ قيمت تي همراهہ مان هٿ کڻڻ لاءِ تيار نہ هئا. چوڪنيو هڻيکو ٽيل همراهہ ڇڑهيون هڻي پاڻ کي ڇڈائڻ جي کوشش ڪئي، پر چوکرن بہ تنگن ۾ ٻانهن ۾ اهڙا سوگها هٿ وڌا هئس جو ڇڈائڻ کان وڌو هو. ان ڇڪ ڇکان ۾ همراهہ سان گڏ چوکرا بہ پگهر ۾ وهنجي ويا هئا.

"ابا، ڪجهہ ڏيان ڪريو. پيءُ جيڏو اٿو. چو پيا بازار ۾ گهليوس؟" ڪراڙي چوکرن کي سمجهائڻ جي کوشش ڪئي.

"ڏاڏا، اسان جو پنهنجو مسئلو آهي. توهان جو نہ وڃي." هڪ وڏي چوڪري وراٽيو."

"همراهہ کي ڇڈڻو پوندوَ. جهيڑو تہ جهيڑو ئي سهي." هڪ همراهہ جذباتي ٿي ويو.

"ائين ڪيئن ڇڈي ڏيونس؟ مس مس تہ هٿ آيو اٿئون." ٻئي چوڪري وراٽيو.

"پر ابا، توهان جو کهڙو ڏڻ ٻڌو اٿس؟ اسين بہ ٻڌون. ڪتابي تہ ڪونهي جو ڏنگوڏالي ڪري ڪٽي پيا وڃوس؟" ڪراڙي چيو.

هڪ ٽاپر چوکرو اڳتي وڌيو ۽ ٻئي هٿ چيلهہ تي رکي ڏڌو ساهہ ڪنيائين ۽ پوءِ چپن تي طنزيہ مرڪ آڻي ڪراڙي سان مخاطب ٿيندي وراٽيو.

"ڏاڏا، شاگرد ڪونهي پر اسان جو ماستر آهي، اسڪول اچي ئي ڪونہ ڏو. ان ڪري ڏنگوڏالي ڪري اسڪول ڪٽيو پيا وڃونس."

چوڌاري بينل ماڻهن جا ٿهڪ ماستر کي سنگسار ڪري رهيا هئا.

## پن جي پيڙي ۽ ماڻهو

پليٽ فارم جي اترئين پاسي، فيدرلائين ٽريڪ تي ريل گاڏي، ستاوڙي تي پيڪن ويندڙ نئين ڪنوار وانگر اُپ ڪڙي بينل هئي. گارڊ جي سائي جهنڊي ڏيکارڻ تي ريل گاڏي پليٽ فارم ڇڏڻ کان اڳ ڪڙي ڪيهه جهڙي آخري وسل ڏني ۽ ڏگهي شوڪاري سان ٻاڦ اوڳاڻي، ۽ ٻلي۽ پير هلڻ لڳي. پليٽ فارم تي استالن ۽ گهورڙين کان شيون ونندڙ ۽ دير سان ايندڙ مسافر ڏکندا ۽ ڊگ هلندا ريل گاڏي۽ ۾ چڙهيا پئي. ٽپهري۽ جو وقت هو. سج اڃان اڌ منو پهر هو، پر اپ تي چانيل ڪارن ڪڪرن جيئ ڪارونيار سج جي روشني۽ کي پنهنجي پنل دامن ۾ سمائي ڇڏيو هو. ماحول تي دونهين جهڙي نيم تاريڪي چانيل هئي. پسيل ڪپڙي جهڙي اڻي جي ٽڏڙي هوا ڪنن ۾ پيهي ٽي وئي. سي۽ ڪان جسم ۾ ٽڙڪٽي، چپن تي ڦڙڪٽي ۽ ڏندن ۾ ڏڙڪٽي هئي. ريل گاڏي۽ جو ڏهاڙي۽ جو آخري ڊائون چڪر هو. ورندڙ صبح تائين ان روٽ تي ڪابه ٽرين نه هئي، ان هوندي به ريل گاڏي۽ ۾ مسافرن جو انگ نالي ماتر هو. پليٽ فارم تي عام ڏينهن جي پيٽ ۾ جڏ سج پئي واڪا ڪيا. جهڙالي موسم ۽ سي۽ جي شديد لهرئي شايد ان جو ڪارڻ هئا.

هڪ ڪراڙو چنگهي چنگهي ريل گاڏي جي آخري بوگي۽ ۾ چڙهيو. اچاتري نگاهه بوگي۽ جي سيٽن تي وڌائين. ڪوبه مسافر نه هو. هن اونهو ساهه ڪنيو ۽ ننڍڙي هڙ ڪٽي ريل گاڏي۽ جي لوڏن ۾ ڏڪا ڪائيندو اڳتي وڌيو. هن هڙ سيٽ تي رکي ۽ جوتا لاهي سيٽ تي موڪرو ٽي ويهي رهيو. مڙهو مڙس هو، جو هو هلڻ ۽ هلندڙ ريل

گاڏيءَ ۾ چڙهڻ کري ڏئي ونڊي بينو هو.هر ساهه آخري ساهه وانگر پئي کنيائين. هن اڏوراڻي لوئي کولي مٿي کان پيرين تائين ورائي ڇڏي ۽ پاسي واري کيسي مان پن جي ٻيڙي کڏي دکائي ۽ سوٽا هٽڻ لڳو. ريل گاڏيءَ کجهه ڇوهي ٽي ته ڏاهکو کن ڇوکرا ڊوڙندا بوگيءَ ۾ چڙهيا. پاڻ ۾ يوڳ چرچا ۽ مستيون کندا کراڙي جي چوڏاري سيٽن تي اچي وينا. سک ته هئن ئي کونه. هيڙهن واري اٽ ويهه ۽ کٻرين وارو ٽيکو مچائي بوگيءَ کي مٿي تي کڻي کنيو هئائون. ٽڏ ۽ سيءَ جو ته کين احساس ئي کونه هو ، پر وهيءَ جي اهڙي بي پرواهه مند ۾ ٽڏي کوسي جو اثر ٽئي به کونه. سندن عمريون پندرهن کان ارڙهن ورهين جي وچ ۾ هيون. اهي سکر گهراڻي سان تعلق رکندڙ اسکولي ۽ کاليجي شاگرد پئي لڳا ، جيکي آڇر جي موکل تي گهرن ڏانهن پئي ويا. ان جو اندازو سندن لٽن کڙن ، کڇهري ۽ هٽن ۾ کنيل ڪتابن مان ٽيو پئي. کين گرم سويٽر ، شالون ، کوٽ ۽ جيکيٽون پاتل هيون. ٽن ڇئن کي مفلر ۽ به پڙيون اجرکون به اوديل هيون. کراڙي جون پيار ۽ پابوهه پريون نگاهون سندن ڇهرن تي ڦريون پئي.

ڇک ڇک نڙاک ڇک جي فاسٽ ردّمر ڏن تي ريل گاڏيءَ پور وڇوٽ پٽڑين تي شناسا منزل ڏانهن ڊوڙيندي پئي وئي. بوگيءَ جي بند درين جي شيشن مان پري پري نظر ايندڙ وڻ ريل گاڏيءَ جي مخالف سمت ۾ ڊوڙندا پئي ويا ۽ ڏرتي ڦر ڦر سونٽي راند ۾ ڊوڙندڙ ٻار وانگر گولائي ۾ ڊوڙون پئي پاتيون. ڪکر ، کاتا ٽيل لغڙن وانگر اپ ۾ گهتون ڏيئي رهيا هئا. نيٺ نهار تائين ڪٽڪ ۽ سرنهن جون پوکون ڏرتيءَ کي پاتل ساون پيلن ، وڻڻ وانگر پئي لڳيون. ڇوکرن جو منهن مٽجي ماڻ ڏانهن مڙي ويو. سپ کراڙي ڏانهن چتائي ڏسي رهيا هئا ، جيکو بت تي ورايل لوئيءَ مان هٿ ٻاهر کڏي پن جي ٻيڙيءَ مان دونهان کڏائي رهيو هو. مٿي تي ميرانجهڙو پر سليقي سان ٻڌل ململ جو اڇو پٽکو ٽلهي کڙي جي کسي ڳلي وارو پهراڻ ، پيرن ۾ پراٽو جوتو ، گهاٽي اڇي ڏاڙهيءَ تي وٽيل وڏا شهپر ۽ گهاٽا جاڙا برون سندس شخصيت کي پروقار ۽ مرداني سونهن وڏائي رهيا هئا.

نرڙ ۽ منهن جون گهنجيل لڪيرون ڇڻ سندس دڪندڙ جيون جي شارٽ هينڊ ۾ لکيل آتم ڪٿا هئي. چهري تي پراسرار مانار ۽ رڻ پٽ جهڙي خشڪ سالي هيس. هو انڊين ۾ بڻل بيٽاريءَ وانگر پئي لڳو. سندن آڳڻ جي ڳوڙ جهڙو جيون وقت جي ڏَوڙ ۾ ٻري ٻري رک ٿي ويو هو. سندس وهيءَ جي سج جا ڏوڙندڙ پاڇولا نستا ۽ ساٿا ٽيڻ لڳا هئا. عمر ستر ورهين جي لڳ ڀڳ هئس، پر سچا ڪاڏا ۽ ڪير مکڙ پيٽ ۾ هئس، ان ڪري نہ رڳو هاڻي چڱي هئس. پر گهٽا تٽا ڏند بہ سلامت هئس. هو ڪنهن اونهي سوچ ۾ بڻل هو.

چوڪرا ڪچهري ۾ تي وقتي مات جي ڪڙي مان ٻاهر نڪري، ٻيهر پاڻ ۾ يوڳ چرچا ۽ مستيون ڪرڻ لڳا. انهن ڪراڙي کي چيڑائڻ لاءِ پاڻ ۾ چرچا ڪري اڻ سڌي طرح چرچن جون چاٽپون ڪراڙي کي بہ وهائي پئي ڪڍيون ۽ وڏا ٽهڪ ڏيئي ڪليا پئي. پر هو لاڳيتو پن جي ٻيڑيءَ مان سوتا هٽي کين پيار پرين نگاهن سان ڏسي رهيو هو. جڏهن تہ چوڪرا ڪيس چيڑائڻ جي موڊ ۾ هئا، پر هن جي چهري تي ڪوبہ ناگواريءَ جو تاثر نہ پئي ايريو. هو شايد ماضيءَ جي سنيارن جون ٽنڊ تارون ميڑي چوندي ڳنڍي رهيو هو. سندس ذهن ۾ سنيارون مندر جي ڏيئن وانگر جاڳي پيون هيون. چوڪرن، ڪراڙي کي چيڑائڻ لاءِ پنهنجي پر ۾ هيلا هلائي چڏيا هئا، پر هن جي لاڳيتي خاموشيءَ کين شڪست جي احساس ۾ وکوڙي آپي مان ڪيي چڏيو هو. هڪ ڪراڙي کان شڪست جو احساس سندن وجود تي تلهڙن وانگر وسڻ لڳو هو. هن جي لاڳيتي مات ۽ ڪوبہ ردعمل ظاهر نہ ڪرڻ مان چوڪرن کي اندازو لڳائڻ ۾ دير نہ لڳي تہ هو گونگو ۽ ٻوڙو آهي. شرارتي وهيءَ جي شرارتي ذهن ۾ نيون شرارتون هرڻ لڳيون. اُهي ڪيس چيڑائڻ لاءِ نيون سٽيون سٽڻ لڳا. ڪراڙو بدستور پر سڪون ۽ مات ۾ هو، ڇڻ سندن وچ ۾ موجود ئي نہ هو. هر ڪنهن پنهنجي صلاح پئي ڏني، پر ڪا بہ صلاح بيني نہ پئي. ان ۾ ڪو نہ ڪو نقص نڪري پئي آيو. چڱي متاڪڻ کان پوءِ مس وڃي ڪنهن هڪ صلاح تي بينا ۽ ڪراڙي ڏانهن فاتحاڻي انداز ۾ ڏسڻ لڳا. هڪ وڏو چوڪرو سيٽ تان اٿيو، هن ڪراڙي ڏانهن شرارتي نگاهہ وڌي ۽

اڳتي وڌي ايمرجنسي زنجير کي ڇڪ ڏيئي اچي سيٽ تي ويٺو. "ڏسون ته ڪيئن کو نه ٿو چڙي" ٻئي ڇوڪري وراٽيو. "الائجي ڪيئن کونه ٿو چڙي. رڳو يارن کي اچڻ ڏي" ٽئين ڇوڪري چيو.

"هاڻي ، مان ڪري ويهي مزو ڏسو ڪراڙي جو"

چوٽين ڇوڪري ڳالهايو ۽ سڀ ڇوڪرا پاڻ ۾ ٽهڪ ڏيئي تاڙا ملائڻ لڳا.

ريل گاڏي ايمرجنسي بريڪ هنئي ۽ جهٽڪي سان بيهي رهي. ريلوي آفيسر ۽ ٻه ريلوي پوليس وارا تکڙا بوگيءَ ۾ چڙهيا ته سڀ ڇوڪرا مان ٿي ڪراڙي ڏانهن ڏسڻ لڳا. جيڪو اطمينان سان پن جي ٻيڙي چڪي رهيو هو. منهن تي پريشاني جي ڪا علامت نه هيس. آفيسر بوگيءَ ۾ داخل ٿي ڇوڪرن ڏانهن ڏٺو ۽ اکين شور وجهي رعب دار آواز ۾ چيو.

"ڇا مسئلو آهي؟ زنجير ڪنهن ڇڪي آهي؟" ڇوڪرا خاموشيءَ مان هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. اندر جو چور سندن اکين مان ليئا پائي رهيو هو. ان کان اڳ جو ڇوڪرا ڪا ورندي ڏين. ڪراڙي پرسکون لهجي ۾ ڳالهايو ،

"ابا ، زنجير مون ڇڪي آهي." آفيسر حيرت مان ڏسڻ لڳو. هو جوتو پائي ننڍڙي هڙ ڪ ۾ ڪري اڇي ٻيٺو. ريل گاڏي ننڍڙي اسٽيشن تي بيٺي ته هو آفيسر سان گڏ گاڏي مان هيٺ لهي وڃڻ لڳو. هن ڪنڌ ورائي پوئتي ڏٺو ، ڇوڪرا بوگيءَ جي درين مان ڳچيون ٻاهر ڪڍي ڪيس حيرت مان ڏسي رهيا هئا.

*****

## پکو پھ

هوءَ ڪال گرل هئي. اشرافن جي بسترن تي جسم جي چادر وڇائڻ واري سدا سهاڳڻ. پاڪ پوٽر سماج ۾ هوءَ ويهڻ واري جاءِ تي رت ۽ پوءِ پريل رت ڳڙي وانگر هئي، پوءِ اها الڳ ڳالهه آهي ته راتين جي تاريڪيءَ ۾ ان رت ڳڙيءَ کي چٽڻ لاءِ اشرافن جون زبانون بلائن وانگر مرڪڻ لڳنديون هيون. هوءَ تاجي پيٽي وئشيا نه هئي. پر حالتن جي بي قياس واڇوڙن ڪڪ وانگر اڏائي، جسم فروشيءَ جي کاهيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو هئس. ڪنڊاڻيون پڳل پکيءَ وانگر اڏرڻ جي ڪابه آس سلامت نه هئس. هوءَ نه چاهيندي به سالگرهه جي ڪيڪ وانگر پليٽن ۾ سجائي اشرافن اڳيان پيش ٿيڻ واري هئي.

نائلہ سترهن ورهين جي مست ۽ چري مند ۾ هئي. سهٽا ٽوهه ته پٽن ۾ ب پيا آهن. پر هوءَ سيني پارين سونهن جو اهڙو شهپارو هئي. جنهن لاءِ اکين جون آرسيون قارون وجهنديون هيون. نيٺ نمرتا جو روپ ۽ چهرو باڪ آڳر جهڙو روشن. رنگ چاندوڪيءَ جهڙو اجرو، لام جهڙي سنهڙي چيلهه ۽ بدن سون جي ورقن جهڙو نازڪ، ٽشو پيپر جهڙي هلڪي ڦلڪي جو ويڙهي سيڙهي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏجيس. هوءَ سدا ملوڪ گل هئي. جيڪو فلاور شو جي ڪنهن ڪونديءَ بدران ڪچري جي ڊير تي ٽڙي پيو هو. پلا گل کي ٽڙڻ لاءِ ب ڪا ذرتيءَ جي سُوگ؟ اهو گل جي سونهن جو بانور ئي نه هوندو آهي، جيڪو گند جي ڊير کي ب معنيٰ ڏئي ڇڏيندو آهي. چپن تي مرڪن جا موتيا سجائي ۽ سيور بلبن جهڙيون اکيون ڪٽي نهاريندي هئي ته اشرافن

جي واڇن مان ايئن گگون ڳڙي پونديون هيون. جيئن تانڊن تي تمكندڙ كتليءَ جي تن مان چانهن ڳڙندي آهي.

جڏهن جوپن ٻاجهريءَ جي سنگ وانگر ٻوري چاٽي ڪيرو ٽيڻ لڳو هوس. پارو كسبياٽي جي اڏي جون رنڊ رونقون موٽي آيون هيون. جيئن خوشبو كنهن عطر فروش جي قصيدن جي محتاج نه هوندي آهي تيئن سونهن به ديوارن جي پردن ۾ لكي نه سگهندي آهي. اشرافن جي سُوٽي ۽ تيز حواسن نائلہ جي سونهن جو واس جهٽي ورتو هو. پارو جي رڻ پٽ جهڙي جيون ۾ وسكاري جهڙي آسودگي اچي وئي هئي. جتي سالن كان ويرانيءَ واكا پئي كيا ، اتي لينڊ كروزر ، ڊبل كيبن ۽ ٽوڊي گاڏين كي پاركنگ لاءِ جاءِ نه پئي ملي. وڏيرن ، سيٺين ۽ كامورن جي بچيل وانڊ نوٽن ۾ ويڙهيل سنيهن ۽ منٿ گاڏر ميارن جا اڻ لكيل خط كٽي ، وٽ وراڻ جا اهي گر پيچ پئي هلايا جو ، پيدائشي پڙون جو هنر به مات كائي ٽي ويو. لانجهن كيسن وارا جوانڙا ۽ نالي ۾ نهال وڏيرا ته ايئن كتر پئي ٽيا ، جيئن لال جي ميلي ۾ كدڙا....! نائلہ جي سونهن جي واس تي چكجي آيل پونرن جا اڏي تي ڦيرا هئا. پارو جي وات مان هر لفظ ڳاڙهن ۽ ساون نوٽن ۾ ويڙهجي ٽي نكتو. پاڻ جا ستارا پيڙا ۽ ساعت سٽائي هئس.

جيون جي پكليءَ راند ۾ نائلہ جي وهيءَ جي پكلي سال جي سورهين خاني مان چال ڏئي سترهين ۾ پير پاتو ، ته جوپن سورج مكيءَ گل وانگر نكري پيو هئس. هوءَ جڏهن بولي جي رسم لاءِ سانباهي پئي وئي ، تڏهن نكاءُ جي چرڪ تي ويران مقبرن جي پاريهلن وانگر ، اشرافن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي هئي. نائلہ جو ميٽرڪ جو امتحان ركاوٽ هئي. جيكو هفتي كانپوءِ ٽيٽ وارو هو. ان امتحان كان پوءِ كيس بوليءَ جي امتحان ۾ ويهارڻ جون تياريون به ٿي رهيون هيون. نائلہ پنهنجي جوپن كي ڏاند جي سگ تي چاڙهڻ تي خوش نه هئي. كيس وٽشيائن جي بناوٽي دنيا كان بچان ٽيٽ لڳي هئي ، جتي مركون مسواڙي گهر جهڙيون ۽ پيار موبائل فون جي كارڊ وانگر هوندو آهي. بيلينس ختم ٿيڻ تي رابطو كاتا ، ان اڻپنا ۾ دل جا جذبا ۽ اندر جي اڇل نه هوندي آهي. هوءَ اياز نالي نوجوان

کي دل ڏئي. ان جي پيار جي خوشبو پنهنجي ساهن ۾ سمائي چڪي هئي، جيڪو سندس اسڪول ۾ ڪلارڪ هو. اياز غريب نوجوان هو ۽ غريب جي پيار ۾ دوکي جي هوڙ نه هوندي آهي. ان ڪري ته نائلہ ڪيس پنهنجي وجود جون غير مشروط محبتون آڇي، پنهنجي بي نانءُ جيون کي نانءُ ڏيڻ پئي گهريو. اهو سڀ ڪجهہ ايترو آسان نه ته ڪونہ هو. سندس ان خواهش اڳيان پارو جي اڻ ميو پيار چين جي ديوار بٽيل هو. پيار جا پيچرا بہ پيار وانگر ڏاڍا نيارا ۽ پراسرار ٿيندا آهن، پر وڙائتي جي وڙ ۽ زندگيءَ کان بہ وڏي ڏت کي پٺي ڏيڻ بہ ته اڪ مان ماکي لاهڻ جيترو سولو نہ هو. هوءَ پارو جو پيٽ جائي ۽ هڏ رت ۾ ته ڪو نہ هئي پر ڪيس اهڙو پيار ڏنو هئائين، جيڪو سڳي ماءُ بہ نہ ڏئي سگهي هئس. ڪنواري ماءُ ته جنم ڏئي ڪچري جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيو هئس. لکن جي آبادي‌ءَ واري شهر مان جڏهن ڪنهن کي بہ ڪا جهبي، نہ آئي تڏهن پارو ئي ڪيس ڇاتيءَ سان لائي ممتا جون اٿاهہ محبتون ارپيون هيون.

رات جا ٻارنهن وڳا پئي. نائلہ جي نيٽن ۾ نندُ نہ هئي. صبح مئٽرڪ جي امتحان جو پهريون پرچو هئس. هوءَ گهرجي اڳڻ ۾ ڪليل ڪتاب ڇاتيءَ متان رکي ڪٽ تي اهليل هئي. پيڊسٽل فين جي هوا تي وڏا وار اڏريس پئي. هوءَ سوچن جي گهيري ۾ هئي. ذهن بغاوت ۽ ممتا جي پيار جي جذبن وچ ۾ جنگ جو ميدان بٽيل هئس. هڪ پاسي زمر زمر جي پاڻي ۽ گنگا جل ۾ ڏوتل سماج ۾ ڪني اڳر جو مهڙو بڌجي جيئڻ کان اياز جي پيار جي پناهہ ۾ نئون جنم ونڻ جا سهانا سپنا هئس، ته ٻئي پاسي سندس زندگيءَ تي سڳي ماءُ جي ممتا کان بہ پارو جو وڏو ڏت، ملامت جو سنهو چهبڪ بڌجي پئي وَسيس. هن سوچيو پئي ته، گند جي ڍير تان ڪٽي پارو جيڪا زندگي ڪيس ڏني هئي. اها زندگي سندس ڪٽي هئي؟ هوءَ ته سترهن سال اڳ گند جي ڍير تي مري وئي هئي. هن وٽ پنهنجو ته ڪجهہ بہ نہ هو. سنجريل سونهن، نکريل روپ، ساهہ ۽ سرير سڀ پارو جوئي ته ڏنل هئس. ان تي حق بہ ته پارو جوئي هيو نہ...! هوءَ ڪوبہ فيصلو نہ ڪري

سگهي. هن ڏڻو ساهه ڪٽي ڇاتيءَ تي رکيل ڪتاب ٽپي سيراندي‌ءَ کان رکيو ۽ وهائي تي مٿو رکي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

پارو ڪسبياٽي گهر جي دوڇتيءَ تي گهٽيءَ ڏانهن کلندڙ دريءَ وٽ آرام ڪرسيءَ تي وينل هئي. تاڪ منجهند هئي، گهٽي سنسان هئي. پر هن جي ذهن ۾ سوچن جا قافلا روان دوان هئا. هوءَ ماضيءَ جي تتل رڻ ۾ پٽڪي پئي. ٽڪل ساهن ۾ زندگيءَ جي لٽيل ڪاروان جا الميا هئس. جيون جي ڳلين ۾ سيڪجهه آواره ڪاغذن وانگر اڏري ويو هئس. انڌيرن ۾ پيهي ويندڙ اونهين اکين ۾ درد آشنائي جو ڪرب ۽ انگ انگ جيون سفر جي ٽڪ ۾ چور چور هئس. سڀ ڪجهه هوندي به خوشيءَ جي بوند بوند ۽ سڪون جي هَـوَ لاءِ سڪي مئي هئي.

هوءَ سوچن ۾ گم سم هئي. زندگيءَ جي خالي پٽي جي احساس ڏنگ پئي هنيس. اهائي دوڇتي ۽ ساڳي آرام ڪرسي هئي. جنهن تي عمر جي آخري حصي ۾ بچلان ڪسبياٽي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ماضيءَ جو ماتم ڪندي هئي. اڄ ان آرام ڪرسيءَ تي بچلان جي جاءِ تي هوءَ وينل هئي ۽ ڪانئس پوءِ ٽين پيڑهيءَ ۾ سندس ڏيءَ نائلہ....؟ هوءَ ممتا جي بوندن جهڙي احساس ۾ وکوڙجي ڏکي وئي. بت ۾ سريڙون پئجي ويس. هوءَ آرام ڪرسيءَ تي لڏڻ لڳي ۽ سوچن جي پري ڪيس ماضيءَ جي ڪوهه قاف ڪٽي وئي.

پارو ڪسبياٽي پنهنجي ڏنڊي ۾ پڙ هئي. پرپا ٽيهه سال ٽيا هئس ان ڏنڊي ۾. هوءَ ماٺهن جي ڏنار هئي. ڇهرن جي ڪتابن مان اندر جو عبارتون پڙهڻ جو ڪيس ڏاڻ هو. خدا جي خلق کي پٽيون پڙهائڻ وارن کي پوپٽيون پڙهائڻ جو هنر ته ڪو ڪانئس سڪي. جوانيءَ ۾ هن به گهٽن جا ڪير ڪاريا هئا. اصل وڃ جو ٽڪرو هئي. سندس وهيءَ جا ڪراڙا وڏيرا ۽ رٽائر ڪامورا، اڄ به سندس جوپن وارا ڏهاڙا ساري تڏا ساهه ڪٽي بلا واريون ڦوڪون ڏيندا آهن. ٽيهه سال اڳ پيار جي نالي ۾ دوکي جي چوٽ کائي، جڏهن گهر جي رهي هئي نه گهات جي، تڏهن بکن ۾ پاهه تي بچلان ڪسبياٽيءَ جي هٽ چڙهي هئي. ڪيس زماني جي تڙڪن ۾ تڏي ڇانو جهڙي پناهه ته ملي پر بچلان

ڪسبياٽيءَ جي اڏي تي خوبصورت سدا سهاڳڻ جو واڌارو ٿي ويو. هن زندگيءَ جي راهن تي روح جي چيچ پڪڙي هلڻ ٿي گهريو، پر انهن راهن تي ڪيس فنا ٿيندڙ تمنائن سان هٿ ۾ هٿ ڏئي هلڻو پيو هو. اها ئي سندس زندگيءَ جي وڏي سچائي ٻه هئي. هن پنهنجي اکين جا سپنا زندگيءَ جي بازارن ۾ وڪيري پاڻ کي حالتن جي وهڪري حوالي ڪري ڇڏيو هو.

پارو جي ذهن جي اسڪرين تي ماضيءَ جا منظر بدلجي رهيا هئا. سندس زندگيءَ جي آرٽ موويءَ جو اهو منظر ذهن جي اسڪرين تي ظاهر ٿيو. جڏهن ڪيس ٻُوليءَ جي قربان گاهه تي هڪ رات جي ڪنوار بڻائي، ڪاڏل ڏاڻ جهڙي سيٺ مبارڪ جي سيج تي سجايو ويو هو. وٺشائن جي دنيا ۾ اها ئي سندس نڪينيءَ جي رات هئي. جواني‌ءَ جي ڦوهه جذبن جي بارود سان پريل پارو جي اها ڪهڙي نڪينيءَ هئي؟ سيٺ مبارڪ جي نرميل جسم جي ساٽين رڳن ۾ منڊڪائيندڙ رت ۾ ڏُوڙ ڪرڻ واري ڪابه حرارت نه هئي. هو جوان جسم جي ڇاهڻ سان پنهنجي مئل جنسي جذبن کي آسيس ڏيڻ لاءِ ڪيس پرهه ڦٽيءَ تائين بليءَ وانگر پٽيندو ۽ چٽيندو رهيو هو. پارو جا هرڪ جهڙا ڪنوارا ۽ نهور ڏرتيءَ جهڙا تاسرا جذبا، زلزلي جي جهٽڪن وانگر جسم ۾ تحرڪ جون لهرون پيدا ڪري سانت ٿيندا رهيا. اها رات سندس ارمانن جي مرتئي جي رات هئي. سماج جي ڪانڊين ڪيس لتون ڏئي جنسي هوس جي قبر ۾ لاهي ڇڏيو هو. هوءَ حالتن جي ڇڪيا تي چڙهي وئي هئي ۽ ستر جا موتي ڇڪل مالها وانگر داڙو داڙو ٿي وکري ويا هئس.

پارو ماضيءَ جي لهرن ۾ لڙهندي پئي وئي. بچلان ڪسبياٽيءَ جي متي کوڙڻ ڪانپوءِ، جڏهن جسم موهه وڃائي ڊرڪڻ لڳو هئس. تڏهن اشرافن جي سماج، سندس نرڙ تان ڪال گرل جهڙو مهذب ۽ سدا سهاڳڻ جهڙو شاعراڙو نانءُ ڪرڙي، ڪسبياٽيءَ جو استيڪر چنبڙائي ڇڏيو هئس. هوءَ پارو ڪسبياٽي بڻجي وئي هئي. وهيءَ خواب ڇهري تي نشانيءَ جا گهنج ڇڏي ويو هئس. سونهن جا واهڙ سڪي ويا هئس ۽ متي جا ڪارا وار ڪلابات جي تندن جهڙا اڇا ٿي ويا

هئس. پارو جي ڪل ڪائنات نائلہ ۽ پراٹو ڪجر فقيرو هئا. نائلہ جياپي جو موهہ هئس ۽ فقيرو ڏک سک جو ساٿي، جنهن نڪاح جي بن ٻولن جي محتاجيءَ بنان ٽيهن سالن کان وک وک تي واهہ جا ڳڻ ڏنا هئس. پارو جي چاهہ ۾ جڙ مر گوڏا چٽي وئي هئس.

هوءَ دريءَ وٽ آرام ڪرسيءَ تي لڏي پئي، وينءِ جڙ ورهيہ لنگهي ويا هئس. سوچن جي اونهي ساگر ۾ ڳجهڙ تري پئي. ٽيبل تي ڪوپ ۾ چانهن رکي هئس. جيڪا نري پاڻي ٿي وئي هئي هن جاتو ٿي تہ نائلہ، اياز نالي نوجوان سان پيار ڪري ٿي ۽ هن بنا وٽي دنيا جو حصو بنجڻ تو خوش نہ آهي، پر سندس ممتا نيپاج وارو ڏٺُ ڪيس چلڻ نہ ٿو ڏئي. هن سوچيو پئي تہ وٺشائن جي اڳياڙي چگي ۽ پچاڙي ڪيڏي نہ اذيت ڏيندڙ هوندي آهي. وٺشائون تہ مئل عورت گي پاتل زيورن وانگر هوندیون آهن. ان ترار وانگر جيڪا بين کي وڍ ڏيندي ڏيندي پاڻ بہ ٽٽي ٽکرا ٿي ويندي آهي، زندگيءَ جي نصاب مان هن سکيو هو تہ، وٺشائن جي نصيب ۾ سچو پيار نہ هوندو آهي. انهن جي چاهيندڙن جي چهرن تي منافقين جا تهہ چڙهيل هوندا آهن. جيڪي سندن ڊرڪندڙ جوين سان گڏ بصرن جي ڪلن وانگر لهندا ويندا آهن. پيار جون وڏيون هامون هٽندڙ ڪجهہ گهڙين ڪانپوءِ پڳل گهڙن وانگر ڊان ڊان ڪندا گهرن ڏانهن موٽندا آهن. هونئن بہ ٻين جي حصي جو پيار چورائي ايندڙ ڪڏهن بہ ڪنهن جا نہ ٿي سگهندا آهن. هن جي اندر ۾ پيچ ڏاهہ هئي. هوءَ ستل جذبن جي سمنڊ ۾ اوچتو جاڳي پوندڙ طوفان وانگر هئي. هوءَ پلي پلي پاڻ تہ آئي هئي، پر تڏهن، جڏهن بچائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچيو هئس. گم سم سوچن جي انڊين ۾ اوچتو چاندوڪيءَ جهڙو ڪو خيال تيزيءَ سان ذهن ۾ آيس ۽ رج جي پاتال ۾ لهي ويس. چپن تي مرڪ تري آيس ۽ وجود آٽت جهڙي سرهاڻ ۾ ٻڏي ويس.

هوءَ خيالن جي اڏام ڪٽوليءَ تان چرڪ پري تڏهن لٽي، جڏهن نائلہ امتحان جو آخري پرچو ڏئي گهر موٽڻ تي، پير پير ۾ ڏئي اوچيو پنيان ٻئي ٻانهون ورائي سندس ڳچيءَ ۾ وڏيون، نائلہ کي ڏسي هوءَ ايئن جي پئي، جڙ سالن کانپوءِ ڪيس ڏٺو هئائين. هو ٽپ ڏئي آرام

ڪرسيءَ تان اٿي ۽ بي اختيار ڪيس ڳلن ۽ نرڙ تي چميون ڏيڻ لڳي. نائلہ حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳي ۽ ڪتاب ٽيبل تي اڇلائي، ڏاڪڻ جي ڏاڪن تان هرٽيءَ وانگر چال ڏيندي اسڪول يونيفارم تبديل ڪرڻ لاءِ هيٺ لهي وئي. پارو ٽڏو ساهہ ڪنيو ۽ پوتيءَ جي پلئہ سان اکين جي آڪاس تي پرجي آيل خوشيءَ جا آڪر اڳهي، دريءَ وٽ رکيل آرام ڪرسيءَ ڏانهن ڏنو، جيڪا سندس تکڙو اٽڻ ڪري اجان بہ لڏي رهي هئي. الائجي تہ اهو سوچي ڏکٽي اچي ورايو هئس تہ سندس حڪمراني لوڏن ۾ هئي. ٽين پيڑهيءَ ۾ مٿس ڪوبہ ويهڻ وارو نہ هو، نائلہ بہ نہ.....! ۽ پوءِ، راتوڪي پيٽ ۾ پارو نائلہ کي ٻليءَ جي ٻلونگڙي وانگر چڪ ۾ ڪري ڪنهن اڻڄاتل ۽ پوتر فضا ۾ گم ٿي ويئي.

****

## ڪبندي نينڊ ڪنڌار

هو ماڻهن جي اڇ وڇ ۾ گهڻ پيهڻ ڪان پريرو ، عدالت جي ورانڊي ۾ وائڪي ۾ نويڪلي هنڌ ، اجرڪ جي ڪانپ ٻڌي وينڊل هو. سوچون ڪوريئڙي وانگر ذهن ۾ ڇارو ٻڌي ويون هئس. ريلوي پليٽ فارم تي بي واهي مسافر وانگر سيني ڪان الڳ ٿلڳ سوچن جي نوٽني راند ۾ پورن جي ڳوٽيءَ سان ٻڌني ناهي ڦٽو متو پئي. مٽي سان وڏو اڇو ريشمي رومال ۾ اڇي ستڻ تي ڪسي ڳلي وارو چوڙيل پر ڏوتل پوتل اڇو پهراڻ پهريل ، جنهن تي گليءَ جا نيرا ٽڪا ، اڇي تر تي ڇريل برسين جي نيرن گلن وانگر پئي لڳا. اڏوراٽا پشاوري ڪلتر ، جن پالش واري برش جو ڪڏهن منهن ۾ نه ڏٺو هو. چنڊي اڳيان ڪري رکيا هئائين. شايد ڊپ هئس ته ڪو شاهينگ اک وني ڪسڪائي نه وڃي. شڪ ۾ ڪهڙو؟ مسجدن مان نمازن جي جتين ۾ پاٽيءَ جي سبيلن جي مٽن تي رکيل ڪوپر جي گلاسن مان ۾ نٽا مڙن.....!

پورو پنو قدبت ، ڪٽڪائون رنگ ، ميندي رڳيل مٽي ، ڏاڙهي ۾ شهپرن جا سون جي تندن جهڙا وار ، چاپئين ڏاڙهي ڳچيءَ تائين وڏيل ۾ شهپرن جا ڪنڊريل وار مٿئين چپ تي لڙڪي پيا هئس. عمر جو ڪانٽو ست جي ڏاهڪي ڪان ٽڙيل ۾ منهن جون هڏپاڻون ٻاهر نڪري آيون هئس. ماس ڪان لڳ ڀڳ وانجهيل جسم جي ڪل مان رڳون سڪل پن جي ڏاندين وانگر ٻاهر اُپري آيون هئس ۾ ڇهري جا گهنج پاروٽي ٻتالوءَ وانگر گهاتا ۾ گهرا ٽي پيا هئس. هو هڏ بت ۾ هيٽو ۾ هڏن جي موڙي پئي لڳو پر اکين ۾ منهن مان مرداڻي ڏيا ۾ ليمڪ نه ويو هئس.

هو صبح کان جيئن ان جاءِ تي کانپ ٻڌي اچي وينو هو ، ته جڏ ڊپ جمي ويا هئس. انُ نہ پاڻي ، اُها جاءِ اها پڙي. ماءُ مريس جو ڪٽي ناڙا ڇوڙ لاءِ ٻہ اٽيو هجي. ريل گاڏيءَ جي اوپري مسافر وانگر شايد ڊپ هئس ته اُٽيو ته ڪو ڏنڊو مستنڊو سيٽ تي قبضو ڪري ويهي رهندس. منجهند اچي ٿي هئي. هو ٽکر جي پونگڙيءَ مٿان پونگڙيءَ دکائي ، ککڙ ڇاپ ريتي تماڪ جي ٽيلهيءَ کي ٻرو ڏئي چڪو هو. پونگڙي چنڊي چنڊي پٽ جي پاڙ ۾ سڙيل تماڪ جي ڇگي ڊهڙي ڪري ڇڏي هٽائين. اندر ۾ ڪا ڀچ ڊاهہ ۾ هورا ڪورا هئس. تڏهن ته پونگڙيءَ کي ساهي ڏئي نرڙ ٻہ نہ پئي ڏنائين. ماڻ جي زبان ۾ ، دونهين جي وکرندڙ چلن سان ساهہ سلهاڙيل سورن جا اورڙ پئي اوريائين ، جيڪي سندس دل جي گسن پنڊن جا سونهان ٿي ويا هئا.

عدالت جي عمارت سنجها ويلي منجر جي مهاڻن جي بستيءَ يا سبزي منڊي جو ڏيک پئي ڏنو. پانت پانت جي ٻولين جا ڪڙا ، ڪسارا جملا ، تکا منا لهجا ، ابهرا ۾ تکڙا سڏ ۾ واڪا پڙاڏن وانگر گونجيا پئي. سنڌي ، بلوچي ، سرائيڪي ، اردو ، انگريزي ، پنجابي ، پشتو ، گجراتي ، ماروڙي ۾ ٻين ٻولين جا نثري نظمن جهڙا جملا پاڻ ۾ ملي هڪ نئين ٻوليءَ جي جنمي رهيا هئا. ان ٻوليءَ جو تاجي پيٽو ۾ عنوان انصاف هو ، جيڪو خدا جي بي پهچ بندن لاءِ اُڪري ويل مند جو ميوو ٻڌجي ويو هو.

ڪنن جا پردا ڦاڙيندڙ لڙ مانڊاڻ ۾ ٻہ سوچن جو قلعو قائم هئس. سوچن جي ٽپ ۾ پڙايل اکين سان ٽڪ ٻڌي سامهون واري ڪمري ڏانهن ڏنائين پئي. جتي سندس مخالف ، لينڊ مافيا ۾ بلڊر مافيا جو ڪنگ دلاور خان ، ٻن پٽن ۾ چاڙتن سان گڏ مانائتي مهمان وانگر وڏي ٽڻ سان وينل هو. ڪلارڪن ڪان پٽيوالن تائين عدالت جو اسٽاف ، پنهنجون ٽيبلون ۾ ڪم ڪاريون ڇڏي ، سندس حاضري ۾ چاڪريءَ ۾ هٿ ٻڌي بينل هئا. ڏوڪڙن جو ڪمال هو يا دابي جو اثر ، ۾ ايئن پئي لڳو جڻ ڪنهن غريب جي گهر ۾ مرشد نازل ٿيو هو. هن سوچيو پئي ته ، "جتي عدالتن سگهورين ۾ ڏوهاري ماڻهو مرشدن وانگر پوجيا وجن ۾ مظلوم ماڻهو عدالتن جي فرشن تي بک.۾ اڄ ۾

سڙندا هجن. اتي انصاف ملڻ گڏهين کي گج پائڻ واري ڳالهه ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟"

هن جي ٻاهرن ٽانڊن جهڙين اکين رت پئي ڇڏيو. وجود جي بيوسي اکين جي نيسارن مان وهڻ لڳيس. ڪاوڙ ۽ ڪروڌ مان بت رڦيس پئي. هو پونگڙيءَ مان تکڙا تکڙا سوٽا هٽي دونهين جا بادل اوڳاڇيندو رهيو. ڪمري جي درن ۽ درين مان ايندڙ وڏن ٽهڪن جا آواز بارش جي ڇڙن وانگر سندس وجود تي وسيا پئي. سمورو وجود زهر جي ڳيٽن سان پرجي ويو هئس. هو سرءَ جي ڇٽيل پن وانگر سوچن جي واڇوڙن ۾ وکري ويو. ماضيءَ جون يادون سانوڻ جي وڇن وانگر وراکا ڏئي وريس پئي. ارهڙ جي آرائن وانگر درد جي تپش تي ٽڙڪندڙ سوچن الائجي ڪهڙا وڻ وڇي ڏيکاريس.

فقير بخش، ڪراچي جي قديم بهرام ڳوٺ ۾ ستن پيڙهين ۽ ابن ڏاڏن کان آباد هو. هن ڳوٺ جي ٽڏي منڊيءَ ۾ سندس وڏڙن جا هڏڙا دفن هئا. ديويءَ جي ڪنڊ جي لوڙهن جي عالم پناهن ۽ ڪجيءَ جي ٽڙن، ڪاڻ جي ڦرهن ۽ پٽين وارن ڪچن گهرن وارو قديم بهرام ڳوٺ ڏسندي ئي ڏسندي وڏين عمارتن، ڪاروباري مرڪزن، رهائشي فليٽن بنگلن جي وچ ۾ گهيرجي، بکين بگهڙن جي باگهاڙ ۾ قاتل ٽماٽي هرٽيءَ وانگر پئي لڳو. مورڙي ۽ مائي ڪلاچي جي ڏرتي جا وارث لينڊ مافيا ۽ بلڊر مافيا جي ٿونا هٽندڙ ٽلهن مڃن جي گهيري ۾ هئا. ڳوٺ جي چوڌاري وڏا گلشن ۽ گلستان تعمير ٿي ويا، پر صدين کان قائم بهرام ڳوٺ جو ننڍڙو چمن آباد ٽيڙ بدران اجڙي ويو هو. وڏيون عمارتون اجگر بلائن ۽ مانگر مڃن وانگر ڪر ڪٽي بهرام ڳوٺ کي وکوڙي ويو هيون. ڏرتيءَ جي ڏيهي سوداگرن جي سٽيل سخاوت سان ٽلهين ٽوننڻين تي هزارين ميل لٽاڙي آيل رولاڪ ماٺهو رات پيٽ ۾ ڪک پتيءَ مان ڪروڙ پتي ٿي ويا هئا، پر بهرام ڳوٺ جي قديم رهواسين جي حالت ۾ ڪوبه ڦيرو ۽ سڌارو نه آيو. اهي اڄ به آٽين ۽ چاڙهين واري ڏهاڙيءَ واري روزي تي پنهنجي حال ۾ مڳ هئا. مافيائن جي بادشاهن کي اها ڳالهه هاڻ تي چڙهيل گرهه وانگر پئي لڳي. بهرام ڳوٺ سندن اکين ۾ سرٽ ۽ ڪک ۾ ڪان وانگر پئي

هريو. وڏين عمارتن جي وچ ۾ بهرام ڳوٺ کي پٽ جي وڳي ۾ چيٽ جي چتي سمجهي هٿائڻ جون سازشون زور وٺڻ لڳيون. ڏيهي ڪنوائن جي پٺن تي پاڪڙا رکي سوار ٿيل مافيائن، وڏين لالچن جون ڪوڙڪيون وڇائي ڳوٺاڻن کي ڦاسائڻ ۽ کين ڪکائن گهرن بدران قيمتي فليٽ ۽ دڪان ڏيڻ جي آڇ تي هرکائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو وڏڻ جا ڪک ۽ پنهنجي سڃاڻپ تان هٽ ڪٽڻ لاءِ تيار نه هئا. صدين جا اباڻا پڊ ڇڏڻ جو ڪرب ۽ جلاوطنيءَ جي عذاب ۽ پوڳنا کان گهٽ نه هوندو آهي.

ڳوٺاڻن جي ڪُتي ورنديءَ لينڊ مافيا جي ڪنگ دلاور خان کي آڻ مان ڪيي ڇڏيو هو. عوام جي ووٽن جي سڳهه سان اقتدار جي مومل ماٽيندڙ حڪومتي مشنري حرڪت ۾ آڇي وئي. حصن پتين ۽ ڪميشن جي ڊُوندِ تي سياسي ڳجهن ۽ ڊُوندِ خور ڪامورن جو زبانون مرڪڻ لڳيون. ڏرتيءَ ڏٽين کي پنهنجي ڏرتيءَ تان تڙي ڏرتيءَ ڏڪاڻو ڪرڻ لاءِ ڏرتيءَ جي سوداگرن جا سازشي ڄار ويا سوڙها ۽ گهرا ٽيندا. بهرام ڳوٺ کي طاقت جي زور تي ڊاهڻ جون تياريون ٿي ويون. ڳوٺاڻن پي ڪا واهر وسيلو نه ڏسي وڏا احتجاج ڪيا. فقير بخش جو نوجوان پٽ مراد بخش اڳيان اڳيان هو. هن ڳوٺ جي نوجوانن ۽ پرپاسن جي ٻين ڳوٺن کي پاڻ سان ملائي لينڊ مافيا، بلڊر مافيا ۽ سندن حمايتن خلاف زبردست محاذ ڪڙو ڪري ڇڏيو هو. اقتدار کان ٻاهر وينل سياسي ڏريون به حب علي نه پر بغض معاويه ۾ زباني وند ڪٽ تائين پٽيرائي ڪرڻ لڳيون هيون. انگريزي ۽ اردو پرنٽ ميڊيا ته هن مسئلي تي ملڪي مفاد ۾ روايتي ڇاڙهه هٽي قومي فرض نڀايو، پر سنڌي پرنٽ ميڊيا بهرام ڳوٺ ڊاهڻ جي معاملي تي رڙ ٻاري ڇڏيو. خبرن، رپورٽن ۽ فيچرس کان وٺي ايڊيٽوريل ۽ ڪالمن وسيلي هن معاملي کي ايترو اڀاريو جو مافيائن ۽ ڏرتيءَ جي سوداگرن جا گس سوڙها ٽيندا پئي ويا. دلاور خان جون اکيون بهرام ڳوٺ جي سون جهڙي زمين ۾ هيون، جنهن تان ڪنهن به قيمت تي هٽ ڪٽڻ لاءِ تيار هو. جڏهن سڀ واهون بند ٿي ويس، تڏهن چتي ڪُتي ڪاڏل

وانگر وات مان گگون ڳاڙي داہن ۽ ڏمکين تي لهي آيو. مراد بخش ۽ ساٿين سندس ڀيڪين کي ٻڏو اڻ ٻڏو ڪري ڇڏيو.

ان رات قيامت، ڪاري برقعي ۾ ويڙهجي بهرام ڳوٺ تي ڪڙڪي هئي. رات جا ڏهه وڳا هئا. وڏين عمارتن جي اکين کي کيرو ڪندڙ روشنين جي وچ ۾ ٽمڪندڙ بلبن واري ننڍڙي ڳوٺ جي ننڍڙي بازار جا گهٽا تٽا دڪان بند ٿي ويا هئا. وڏو اسر ڏئي پورهئي لاءِ ويندڙ پورهيت گهرن ۾ اگهور ننڊ ۾ هئا. چوڪ تي لال جان جي هوٽل تي ڏاهڪو ڪن ڳوٺ جا پوڙها پڪا چانهن پي رهيا هئا. هوٽل پرسان دوڪان جي ٻاهران نوجوان ڪيرم بورڊ راند ڪيڏي رهيا هئا ۽ ڪجهه همراهه پان ٻيڙي جي ماندٻيءَ تي بينل هئا. مراد بخش ڪجهه وٿيرڪو بند دڪان جي سيمينٽ جي دڪيءَ تي دوستن سان ڪچهري پئي ڪئي. مراد بخش ڳالهائي رهيو هو.

"پيارا، گهٽو خوش ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي. معاملو ختم نه ٿيو آهي، پر وقتي طور معاملي کي اسپرنگ وانگر دٻائي ڏڪ تاريو اٿن. هونئن ب دلاور خان جهڙا لوپي ماٿهو سولائي سان آڻ مجي هٿ ڪٽڻ وارن مان ناهن. ڪميٽائپ اهڙن ماٿهن جي منّيءَ ۾ ڳوهيل هوندي آهي."

ادا، ڳالهه دلاور خان ۽ ساٿارين جي ڪانهي، ڪنهن ست ڏارئي جي ڪهڙي مجال جو ڪنهن ڏرتيءَ ڏٽيءَ جو مُٽ ب اورانگهي سگهي؟ پر منا، ڏرتيءَ ڏٽين کي ڪرڙن ۽ ڪانڊيرن وانگر ڏرتيءَ مان پاڙئون پٽي ٻاهر ڦٽو ڪندڙ کهيڙن ۾ ڪاڻ جا ڳن جو پنهنجا آهن." قادر بخش ڳالهايو.

"دوست، ڏرتيءَ کي جتي ڏارين ڏکيا ڏينهن ڏيکاريا آهن. اتي سياست کي واپاري منڊي ۽ ڪوٺي جي رنڊي سمجهندڙ سياسي مدارين ۽ نوڪرين بچائڻ لاءِ ڊيڊکو ڏنڏو ڪندڙ کامورن جي ويڪائو فطرت ڪري ب گهٽو پوڳٽو پيو آهي" مراد بخش وراٽيو.

"پر، هيءَ جو راڳ پيا آلاپين ته اهو سڀ ڪجهه شهر جي ترقي4 لاءِ ڪيو پيو وڃي ۽ ... "حڪيم جملو ب پورو نه ڪيو هو ته مراد بخش جذبات ۾ پرجي وراٽيو.

"بکواس، کوڙ، دولاب، ڇا ترقي رکو ثقافت جا اهڃاڻ قديم ڪوٽ ڏاهڻ، وڏا گلشن ۽ گلستان ناهڻ ۾ آهي ڇا ترقي جي نالي ۾ عربن پنهنجي ثقافتي سڃاڻپ جا اهڃاڻ قديم ڪوٽ ۽ نخلستان ڏاهي پٽ ڪيا آهن؟ دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ ڪٿي ترقي جو نالو ڏئي ڪوٺن جو نالو نشان ختم ڪرڻ جو تصور به آهي ڇا؟ اها کهڙي ترقي آهي ته هڪڙن کي ورسائڻ لاءِ بين کي ميساري ڇڏجي؟ اهو ته، ايئن ٿيو ته، ملڪي معيشت تي وڏندڙ آبادي جي بار کي گهٽائڻ ۽ ملڪ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ماڻهو مار مهم هلائي ملڪ جي اڌ آبادي کي وڏي گوشت ۾ هلائي ختم ڪري ڇڏجي؟"

"ڪرسيءَ جي جهوٽي ڪاڻ گهورڙين جي وکر وانگر هوکا ڏئي ذهن، ضمير، وطن جي مفادن ۽ ڏرتيءَ جو سودو ڪندڙ حڪمرانن، سياستدانن ۽ کامورن، ڏنريل اڌ صديءَ ۾ قديم ڪوٺن کي کهڙي ترقي ڏياري آهي؟ قديم ڪوٺن جي رهواسين کي تعليم، صحت، ترقياتي سهولتون ۽ روزگار جا موقعا ڏيڻ ته پري پر پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ ڊرينيج جون سهولتون به نه ڏنيون ويو آهن. هر حڪمران ۽ سياسي مخلوق قديم ڪوٺن جون قيمتي زمينون تين وال ڪرڻ ۽ پڪڙن مٺ تي ڏرتيءَ جا سودا ڪرڻ کان سواءِ ڪيو به ڇا آهي؟" قادر بخش وراٽيو.

"پر، آخر ڇا ٿيندو؟ اها ئي سئي ڏاڪي واري راند هلندي رهي ته اسين پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ڏرتيءَ ڏکاٽا بڻجي ويندا سين." حڪيم ڪٿتي ظاهر ڪئي.

"نيتن ۾ کوٽ نه هجي ته قديم ڪوٺن کي ترقيءَ جا موقعا ۽ وسيلا ڏئي ترقي وٺرائي سگهجي ٿي. هڪ ننڍڙي ڪوٽاٽي تنظيم پنهنجي پتڪڙي وجود سان ڪوٺن ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿي، ته اهو ڪم حڪمران ۽ سياستدان ڇو نٿا ڪري سگهن؟ پر ڪوٺن کي ڏاهڻ واري بدبودار سوچ رکندڙن کي ڪوٺن جي ترقيءَ جي ڪٿتي آخر ڇو ٿيندي؟ بس، پنهنجي پارٽي پوندي. نه، نه.....!

مراد بخش جو جملو اڌ ۾ رهجي ويو. هڪ ڪليل جيپ تيزي سان چوڪ ۾ داخل ٿي ۽ ٻُٽون ٻڌل همراهن هٿيارن جا منهن کولي

چڏيا. ماٿن ۾ ٽاکوڑو پئجي ويو. سيکجهه ايترو تکڙو ٿيو جو مراد بخش وارن کي بچاءُ لاءِ سوچڻ جيتري مهلت به نه ملي. مراد بخش ۽ سندس ٻئي دوست قادر بخش ۽ حڪيم گوليون لڳڻ ڪري اڇلجي اچي پٽ تي ڪريا ۽ ڦٽڪڻ لڳا. هٿين خالي نوجوانن پٽر ڪٽي جيپ تي وسايا پر جيپ تيزي سان نڪري وئي. ڳيرو نوجوانن جا رت ٻڌل لاش پٽ تي پيا هئا. سندن ريٽو رت اباٽي ڳوٺ جي مقدس منڊيءَ کي ريج ڏئي رهيو هو. ڪمهليون رڙين تي ننڍاکڙو ڳوٺ چرڪ پري جاڳي پيو. سوين مرد ۽ عورتون رڙيون ڪندا گهرن مان نڪري پيا. ڪڙين ڪيهن ۽ اوچنگارن جا پڙلاءَ اپ جا پردا چيري عرش ڏانهن پئي ويا. عورتون ۽ مرد لاشن مٿان جوتون ۽ سينا ڪٽي پنهنجي بيوسيءَ ۽ نڌڪائي تي پار ڪڍي رُنا پئي. مرادبخش جو پيءُ فقير بخش، امڙ ۽ ننڍا پائر چچريل لاش کي چنبڙي پيا هئا. عورتون ۽ مرد پٽين کي ٽڪر هٽي قاتلن کي پٽون ۽ پاراتا ڏئي رهيا هئا. پنهنجي ڌرتيءَ تي غلاميءَ واري بيوسي ۾ جيئندڙ نڌڪا ماٺهو، ٻيو ڪري ٻ ڇا ٿي سگهيا؟ ڳوٺ جي ميڙيل نوجوانن گاڏين تي پٽراءُ ڪري ۽ ٽائر ساڙي وڏو هنگامو ڪڙو ڪري چڏيو. ڪجهه گاڏين کي باهيون ٻ ڏنيون، احتجاج جو دائرو اڪ چنبي ۾ ٻين ڳوٺن تائين ٻ پکڙجي ويو. جيڪو ڪيترائي ڏينهن هلندو رهيو.

فقير بخش پنهنجي ڳيرو پٽ مراد بخش سميت ٽن نوجوانن جي قتل جي ايف آءِ آر جڏهن دلاور خان، سندس ٻن پٽن فراز خان ۽ نواز خان خلاف داخل ڪرائڻ گهري ته، حڪومت ۾ وينل سياسي گورپٽن کي جڙ ڪکر چنبڙي وئي. منافقين جي پوٽين ۾ ويڙهيل ڪوڙا دلاسا، ڏٽا ۽ اخباري بيان ڏاڻٽين جهڙي مهاندي سان سامهون اچي ويا. ڪوڙي همدري جي پت وائکي ٽي پئي. اثر رسوخ ۽ اختيارن جا روڙا ۽ رندڪون، اوڏکي پت وانگر آڏو اچي ويا، تڏهن فقير بخش ڪورٽ ۾ سڏو فرياد داخل ڪرايو.

زندگي جا پريا ويهه ورهيه ڪيس جي شنواين جا عذاب پوڳڻ ۽ تاريخن جا پيٽ پرڻ ۾ گذري ويا هئس. مضبوط هاڻي ۽ پريل بت واري فقير بخش جي هڏن تان تيزاب جهڙين سوچن ماس روڙي چڏيو

هو. هو کير ڪٽوري ۾ پيل مصريءَ جي ڳڙيءَ وانگر ڳرندو پئي ويو. پونئرن جهڙا نيور ڪارا وار ڪپهه جي تندن جهڙا اڇا ٽي ويا هئس، جن کي ميندي ۽ جي سُنت سان سونهري رنگ ڏيڻ لڳو هو، پر سندس ڪيس جو اُڪلاءُ نه ٿيو هو. ماٿهو جي اڏ وهيءَ جيترو عرصو انصاف جي اوسيئڙي ۾ عدالت جا در پيڻيندي گذاري ڇڏيو هئائين. ڪيس جا شاهد گواهه به مري ڪپي ويا هئا. ويهن ورهين دوران سندس ڪيس جا الائجي ڪيترا فائل ڪور ۽ عدالت جا جج تبديل ٿيا، پر...! بي گناهه پٽ جي قتل تي اندر ۾ پڙڪندڙ باهه جي پنيٽ کي انصاف جي آٽت جي چندن سان ٺڏو ڪرڻ لاءِ هن ڪورٽن ۾ ايترو ته لوڙيو هو، جو پنهونءَ لاءِ سسئي جي ڪديل ڪشالن کي نيون معنائون ملي ويو هيون. هو ويهن سالن کان انصاف جي جهيٽي آس تي عدالتي ڪاڪ جي ڦندن ڦيرن سان وڙهندو ۽ وڇڙندو پئي آيو، پر گذريل شنوائي ۾ جڏهن هن پنهنجي پٽ جي قاتل دلاور خان کي بااثر سياسي ماٿهو سان گڏ جج جي چيمبر مان وڃا ٿهڪ ڏيندي، ٻهڪندڙ چهري سان ٻاهر نڪرندي ڏٺو، تڏهن کان انصاف تان ويساهه کڄي ويو هئس. پڪ ٽي وئي هئس ته کيس انصاف نه ملندو. ان ڏينهن کان مان مان ۽ گم سم رهڻ لڳو هو. مايوسين جا پاڇا گهرا ٽي ويا هئس. جنهن انصاف جي جهيٽي آس ۾ هو زندگيءَ جي لاهو سج جي پوئين پهر ۾ جي رهيو هو. ان انصاف کي سدا سهاڳڻ وانگر دولت جي سگهه سان لوئيندڙن جي هنج ۾ جهولندو ڏسي، دل ۾ وسي ويو هئس ته، هتي انصاف ڪوٽي تي وينل ان وئشيا جي قربت وانگر آهي، جيڪو خالي کيسن ۽ سکٽن هٿن وارن جي نصيب ۾ نه هوندوآهي.

اڄ کيس جي فتويٰ هئي. سرڻ جي آکيري جهڙيون بي ترتيب سوچون وکوڙي ويون هئس. اکيون واه جي اٽليل ڪنارن وانگر ٻنل هئس. ميلي ۾ کيسو ڪتريل زياتيءَ وانگر واڙڙو ۽ اُباڙڪو پئي لڳو. هو ٻڏل ماٿهوءَ وانگر سوچن جي مهاساگر مان تڏهن ٻاهر نڪتو، جڏهن پرسان وينل همراهن مان هڪ سگريٽ دکائڻ لاءِ ڪانئس ماچيس گهريو. هن اونهو ساهه ڪنيو ۽ پاسي واري کيسي مان

ماڇيس ڪڍي همراه کي ڏنو. سوڇن جي گرتائن ۾ ڪيس اها به ٻُڌڻ نه رهي ته پنج همراهه سندس پرسان اچي وينا هئا. همراه پڙهيل لکيل پئي لڳا. هنن پاڻ ۾ ڪچهري پئي ڪئي. اڏڙوٽ همراه ڳالهائي رهيو هو.

"پائو، هتي پوليس ٽاٽا، سياسي چاڪين جي ڏاندن جي زور تي هلندڙ اهي گهاٽا آهن، جتي قانون جا هڏ گڏ پيڙيا ويندا آهن."

"ڀ رهيل رت ۽ ست وري عدالتن ۾ نپوڙيو ويندو آهي." ٻئي نوجوان ڇڻ سندس اڏورو جملو مڪمل ڪندي ڇيو.

سچ ٿو ڇوين پائو....! عدالتون هاٿي انصاف جو گهوارو نه رهيون آهن، پر نيلام گهر بڻجي ويو آهن." ٻئي همراهه سُر جهلايو.

"عدالتون سراب بڻجي ويو آهن، جتي انصاف جي اُڃ ۾ پٽڪيل ماڻهو، اجارين هڙئين وانگر عدالتي رڙ ۾ ڊوڙون پائي اجارائي مري ڪپي ويندا آهن." نوجوان وراڻيو.

"ها يار، غريب ماڻهن لاءِ قانون ڏيڻ ۽ عدالتون قربان گاهون بڻجي ويون آهن، جتي غريب پنهنجي آسن ۽ اميدن جو بليدان ڏيندا آهن." اڏڙوٽ همراهه ڳالهايو.

"سماجي ناانصافي ۽ اڻ برابري واري جبر جي شڪار ماڻهن لاءِ هاٿي ڏوکڙن جي آڪسيجن تي ساهه ڪٽندڙ عدالتي نظام پرجهلو نه رهيو آهي." همراهه اندر جي باهه کي چندڪو ڏئي ٻاهر ڪڍيو.

"هتي ماڻهن کي تکڙو ۽ سستو انصاف ڏيڻ جي ڪابه روايت نه رهي آهي. ماڻهن جو عدالتن تان ويساهه کڄندو پيو وڃي. عدالتون ڊاڪومينٽيشن سينٽر بڻجي ويون آهن، جتي ڪيسن جي تکڙي اڪلاءَ بدران ڪيسن جي فائلن کي اهم دستاويزات وانگر سالن جا سال تاتيو نپايو ويندو آهي." نوجوان وراڻيو.

"عدالتون، ماڻهن جي بنيادي نظام کي بچائيندڙ ادارا هوندا آهن، جتي ماڻهو ريڊر ۽ ناظر کان وٺي ڪلارڪ ۽ پٽيوالن جي روپ ۾ وينل ڇڇڙن ۽ ڇورن کان بچي ناهن سگهندا. ظالم هجي يا مظلوم، فريادي هجي يا جوابدار، هنن جي اڏي ۽ ڪات سيني لاءِ هڪجهڙو هوندو آهي." همراهه ڳالهايو.

"اُهي زهريلا مچر آهن. جيڪي غريب ماڻهن کي بيوسيءَ جي مليريا ڏئي ڇڏيندا آهن." نوجوان ٽپڪو ڀرايو.

"وڪيلن سڳورن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ ڏنڊي جي لالچ ۾ اصيلن کي تاريخن جي ڇهبڪن سان ڊوڙائيندڙ ۽ سادن ماڻهن کي پاڪ ڪتاب تي ٻئي هٿ رکي پير ٻڌي ڪوڙ هڻڻ جي سکيا ڏيندڙ وڪيل سڳورا ڏيڏکي ڪاتي وانگر حلال تي ٻه وهندا آهن ته حرام تي ٻه." ٻئي همراهه وراٽيو.

"قانون جي فقرن کي پر ۽ پير هجن ها ته، تن کڻڻ ۾ عدالت مان نڪري، اخبارن ۾ ڏيان طلب ڇپرائي، وڪيلن تي بدپيشو ڪرائڻ جو الزام هڻن ها." اڏوڻ همراه وراٽيو. سڀ ٻڌا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا. فقير بخش جي چپن تي ٻه هلڪي مرڪ تري آئي.

عدالت جي نائڪ جي قاتل ڏُهل جهڙي آواز تي فقير بخش چرڪ ڀريو، جيڪو وات اڳيان بنهي هٿن جو اسپيڪر ٺاهي حاضريءَ لاءِ سڏي رهيو هو.

"فقير بخش ڪيس ۾ جوابدار دلاور خان ۽ ٻيا حاضر...ر...ر...!" پرواري ڪمري مان دلاور خان، ٻن پٺن فراز خان، نواز خان ۽ وانڻ سان گڏ ايئن سرڙي ٻاهر نڪتو، جيئن شڪارين جي تڙ تي مرون ٽمر مان ٻاهر نڪرندو آهي. غرور ۽ وڏائي جا اکين تي ڪيپ چڙهيل هئس. هلڻي مان شاهاڻي شان ۽ دٻدٻي جو ڏيک پئي ڏنائين. ايئن پئي لڳو جڻ قتل ڪيس جو مک جوابدار عدالت جي ڪمري ڏانهن نه، پر ڪو مغل حڪمران شاهي دٻدٻي سان دربار ڏانهن پئي ويو. هنن فقير بخش ڏانهن نهارڻ ٻه مناسب نه سمجهيو ۽ اڳتي وڌي ويا. فقير بخش اونهو ساهه کنيو. هن پونگڑي پٽ جي پاڙ ۾ چنبي، ڳوٽريءَ ۾ وجهي پاسي واري ڪيسي ۾ رکي. ڪانپ کولي اجرڪ کي چنڊڪو ڏئي کلهي تي رکيو ۽ ٻئي هٿ گوڏن تي ڏئي اٿڻ لڳو. لاڳيتو هڪ هنڌ ويهڻ ڪري گوڏن مان ٽڪاءُ نڪري ويس. وات مان بي اختيار نڪري ويس.

"الله سائين.....! توکي ٻاجهه پوندي."

هو ٻئي هٿ چيلهه تي رکي سلوموشن ۾ سڏو ٿي ٻيٽو. پراڻا هڏا هئا. سڌ سڌ ونجي ويو هئس. کجهه دير تائين پٽ جو سهارو ونيٽو رهيو. جڏهن پيرن مان ڳڏڙيون ۽ اکين آڏو اوندهه لٽيس، تڏهن ٻنهي هٿن ۾ کلتر کٽي چنڊي پيرن ۾ وڌائين ۽ سٽڻ جي ابداٽي جا ور سولا کري ساٽين وکن سان عدالت جي کمري ڏانهن وڃڻ لڳو.

عدالت جو کمرو ماڻهن سان پريل هو. جج انصاف جي مٽانهين کرسيءَ تي وينل هو، سندس اڳيان سڄي هٿ واري ٽيبل تي ريڊر نک تي عينڪ رکي کاغذن ۾ اکيون وجهي وينل هو ۽ کپي هٿ واري ٽيبل تي ٽائپسٽ وينل هو. جيکو جج جي وات مان نڪرندڙ کيس جي فتويٰ جا لفظ جهٽي ٽائيپ رائيٽر جي رولر تي چڙهيل کاغذ جي قالب تي اٽاري رهيو هو. سندس آڱريون ٽائيپ رائيٽر تي ايئن تڪڙيون پئي پيون جڻ چلهه جي کير ۾ گجرون بچائڻ لاءِ آڱرين سان تاندا اٽلائي رهيو هو. عدالت جي کمري ۾ مانڌار چانيل هئي. وينلن جون اکيون جج ۾ کتل هيون. قتل کيس جي فتويٰ جو اکر اکر ٽائيپ رائيٽر جي نڪ نڪ تي کلاشنکوف جي برندڙ گولين وانگر انصاف جي جسم کي پروڻ کري رهيو هو. فقير بخش جي چهري تي ڏک يا ناگواريءَ جي کابه علامت ظاهر نه پئي ٿي. کجهه ساعتون اڳ تائين سوچن ۾ ٻڏل فقير بخش ڏاڍو پرسکون پئي لڳو. جڻ کيس اهڙي فيصلي جي اڳواٽ پک هئي. ايئن پئي لڳو جڻ ورهين جا ورهيه هن عدالتن جا پنڌ رڳو لوک لکا کان پئي کيا، نه ته عدالتي نظام جي پتي جو ته گهٽو اڳ واقف ٿي ويو هو.

فتويٰ کان پوءِ جج کنڌ جهکائي کجهه لکيو پئي. مشهور وکيل منهن کي موڙا ڏئي، ڏاڙهه جهڙا ٻاهر نکتل ڏند کدي دلاور خان کي قتل کيس مان باعزت بري ٿيڻ تي مبارکون ڏئي رهيو هو. دلاور خان وارن جي چهرن مان خوشي ڦاٽ کائي ٻاهر پئي نکتي. فقيربخش ڏانهن کنهن جو به ڌيان نه هو. کنهن به کيس ليکي ۾ نه پئي آندو. هن جي چهري جا رنگ تبديل ٿيڻ لڳا. هڪ فيصلو عدالت

بڌايو هو ۽ هڪ فيصلو فقيربخش بہ ڪري چڪو هو، جيڪو ٻڌائڻ لاءِ هو اوچتو ٽپ ڏئي اڳي بيٺو. نيل جسم ۽ هيٺي هاڻيءَ واري فقيربخش ۾ ايتري سگهہ ۽ قوّتي الائجي ڪٺان اچي وئي هئي؟ شايد سندس زندگيءَ جي ڪوڙاڻ صبر ۽ شڪر جا پردا ڦاڙي ٻاهر نڪري آئي هئي. ويهن سالن کان جنهن اندر جي باهہ کي هو انصاف جي آسرن سان مانو ڪندو پئي آيو، اها آڳ ڏوڪو ڏئي سگهہ ٻڌجي سندس وجود ۾ اوتجي وئي هئي.

عدالت جي ڪمري ۾ چار لڳاتار فائر ٿيا ۽ بہ فائر ڪجهہ ساعتن کان پوءِ ٿيا. ماٺهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي. جڻ ڪنهن زلزلي جو غلط اطلاع ڏنو هجي يا ڪنهن مسجد، امام بارگاهہ ۾ بم ڦاٽو هجي. ماٺهو هڪٻئي کي لتاڙيندا ۽ ڪرسين مٿان ٽپ ڏيندا ٻاهر پئي ڀڳا. ريڊر ۽ ٽائپسٽ ٽيبلن هيٺان چاڙهہ هٽي لڪي ويا. ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا پيو ٿئي؟ عدالت جي ڪمري ٻاهران ورانڊي ۾ ڊنب ماٺهن جو گڏ ٿي ويو هو ۽ هڪٻئي جي اوٽ مان جهاتيون پائي ڏنائون پئي. پر ڪوبہ ماٺهو ڪمري ۾ داخل ٿيڻ لاءِ تيار نہ هو. فقير بخش هٽ ۾ مائوزر ڪٽي وٽنيس باڪس جي پرسان بيٺو هو. جج، ٽيبل تي متو رکي پڇاڙڪا ساهہ پئي ڪنيا. سندس مٿي مان رت وهي ٽيبل تي رکيل مراد بخش جي ڪيس جي فتويٰ واري فائل کي ڳاڙهو راگو ڏئي فرش تي ڪري ڏيو ٿي ويو هو. وٽنس باڪس پرسان ڏاڍ، ڏهڪاءَ ۽ جبر جي علامت ۽ انصاف ۽ قانون کي سورس، فورس ۽ دولت جا ڏانوڻ وجهي بي اثر بنائيندڙ لينڊ مافيا جي ڪنگ دلاور خان ۽ سندس ٻن پٽن جا اڏمئا مڙهہ هڪ ٻئي مٿان پيل هئا. ڏوکڙن جي موهہ ۾ دليلن ۽ قانون جي فقرن جي تلوار سان انصاف جو ڳاتو لٽندڙ دلاور خان جي وڪيل جو لاش عدالت جي دروازي پرسان، ٽانگي جي ڪريل گهوڙي وانگر اونڌي منهن پيل هو.

****

## مئل احساس جي تربت

سانت جي تاڪئي ۾ ويڙهيل رات جا ٻه وڳا هئا. شهر نند جي هندوري ۾ جهوتا پئي کاڌا. زندگي جي بيٽري، ڏينهن جي هڄ هڄان ۾ وڃايل توانائي ميڙڻ لاءِ نند جي توانائي سان چارج ٿي رهي هئي. شهر جي ويران رستن ۽ سنسان گهٽين ۾ چوڪيدارن جون سيٽيون ۽ ڪتن جون پونڪون جاڳيون پئي. شهر جي بلبن ۽ ٽيوب لائيٽن اُپ ۾ جهرمر ڪندڙ تارن کي مصنوعي روشني جا تهه ڏئي ڏکي ڇڏيو هو. کي ايڪڙ ٻيڪڙ چورن ٻارن جهڙا پاڻ زورا تارا روشنيءَ جي مصنوعي تهن کي چيري اُپ جي ڪاري رئي مان پاڻ پسائي رهيا هئا. واءُ جو ڪومل بدن ڦلاريل سرنهن جي سرهاڻ سان واسيل هو.

شهر جي مهڙ واري علائقي ۾ پرائيويٽ ميڊيڪل سينٽر ۽ ميٽرنٽي هوم ٻاهران ڇبر تي ٽيهارو ڪن همراهه رليون وڇائي وينل هئا. ٻه چار همراهه ۽ نندا ٻار نند ۾ ڏوڙا ٿي ستل هئا. اندر ۾ ڪرب جون تسڪندڙ ڪنيون سانديي وينل همراهن جي جهريل آرسين جهڙن مهاندن مان بيوسي ۽ بيزاريءَ جا عڪس، چڊي وڻ جي تاري مان چٽندڙ اُس جي تڙڪن وانگر چٽيا پئي. زندگي جي ڪڏهن ختم نه ٿيندڙ جنگ ۾ بکن، ڏکن ۽ بيماري جا گهاءُ سندن وجود تي تمغن وانگر سجايل هئا. ڊليوري ڪيس هئن. رات جاڳي ڪاٽڻ لاءِ پاڻ ۾ ٻاڙي ڪچهري پئي ڪيائون. اکين تي ڏورا اچلينڊڙ نند کي ٻاڙن ۽

نندڪڙن جملن جي چاٽيڻ سان ايئن پئي ٿڙبائون، جيئن گهر جي پڏر تي ڇڄ تي ان ڇڙيندڙ ناري، هٿ جي اُلار سان جهرڪين کي اڏائيندي آهي. نند ۽ جاڳ جي پلصراط تي بينل همراهن جاتو ٿي ته مان موت جو اهجاڻ ۽ نند جي نڳي پيڻ آهي. ڳالهائڻ بند ٿيو ناهي ۽اکيون نند ۾ ڳهريون ناهن، ويجهي مائٽ جي گهرواري ويم لاءِ ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل هئي. رات ڪنهن به وقت آپريشن ٿيٽو هو، ان ڪري رات ڪٽائڻ لاءِ پاڻ ۾ اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري ڪوڙ پئي ڪُٽياسين.

چوڪ تي نندڙي جهوپڙا هوٽل ۽ پان بيڙيءَ جي مانڊٽيءَ کانسواءِ ڪوبه دڪان ڪليل نه هو. سامهون بنگلن ۽ وڏن گهرن جي دوڇتين، درين ۽ روشندانن مان زيرو بلبن جي رنگ برنگي روشني جهاتيون پائي رهي هئي. هوٽل جي بئنچن تي به چار بي خوابيءَ جا مريض ڪراڙا وينل هئا، جيڪي نند جي آس ۾ نرم بسترن تي ليٽي پيٽي مايوس ٿي گهرن مان نڪري آيا هئا. ڪائونٽر تي وينل موٽيل وهيءَ وارو همراهه، جيڪو هوٽل جو مالڪ هو، اندين گانن جي ڪيسٽ لڳائي ماضي جي سدا بهار يادن ۾ گم هو. به چار منڊا رول گڏهه، جن کي ڪم نڪرڻ کان پوءِ مالڪن گاهه تي چٽي سمجهي شهر ۾ گور گهمڻ لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو هو. گهٽين ۾ ڪن ڇڄ ڪائي پيٽ ڀرڻ لاءِ ٽيڙ ڪائي رهيا هئا، ندورن پٽن پاران پيريءَ ۾ گهران لوڏي ڪديل ڪراڙن وانگر.

ميڊيڪل سينٽر مان اوچتو رات جي مانڌار کي چيري ايندڙ ڪمهليين رڙين تي ڇهر تي وينل همراهن جا ڇرڪ نڪري ويا. نند ۾ ستل همراهه ۽ ٻار باهوڙجي جاڳي پيا. اڃاتي خوف کان آندا وات کان پئي آين. ڪٽي اهي رڙيون سندن حصي جون ته ناهن؟ ان ڊپ ۾ وکوڙيل همراهه ڊيڙهو ڪري بدحواسيءَ مان اندر ڀڳا. هيٺ ۽ نڏڪن انسانن تي وڄ وانگر ڪڙڪيل اوچتي صدمي مان ڦٽي نڪتل بي اختيار رڙيون ڪيهون، اسرافيل جي صُور وانگر مُردن جي بي جان اکين مان به لڙڪ آٽيندڙ هيون. منظر جي دردناڪي تي پٿر جي مورتيءَ جون پٽرايل اکيون به هوند پاٽيءَ سان پرجي اچن. هر اڪ آلي ۽ دليون پاٽي

پاڻي هيون، سواءِ ڊاڪٽرن ۽ عملي جي، جيڪي ايئن پرسڪون ۽ نارمل پئي لڳا، جڏ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هو. ويم جي آپريشن دوران سترهن ورهين جي پهريات نينگري، پٽ ڪي جنم ڏئي پساهہ پورا ڪري وئي. اطلاع ڏيڻ کان پوءِ ہہ ڊاڪٽرياڻيءَ جي بنگلي تان اڇڻ ۾ گيسر ڪري معصوم ڳل وقت کان گهٽو اڳ تاريءَ مان ڇٽي ويو.

هوءَ سچ تہ هئي ہہ گلاب جي گل جهڙي معصوم ۽ سدا ملوڪ، سندس اڏ ڪليل اکين ۾ ڪيئي اڻ پڇيل سوال، اڻ ميون ميارون ۽ اڻ ڳٽيا ڏوراپا هئا. سندس اڏ ڪليل چپن ۾ اڏورا سڏڪا ۽ گهٽيل هڏڪيون اٽڪيل هيون، جن کي بيرحم ۽ اڻ منداڻتي موت ٻاهر نڪرڻ جيتري ہہ مهلت نہ ڏني. هوءَ محرومين ۽ مجبورين جي تياس تي تنگيل سنڌي نياڻيءَ جو اتهاس هئي. جيڪو وقت جو ڪنور مورخ برتري واري جانبدار سوچ سان قلم بدران بندوقن، ڪهاڙين ۽ نڏڪاين سان لکندو پيو اچي. غم کان بيحال امڙ نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ اوسارا ڏئي ۽ پار ڪيي هنجون پئي هاريون. ہہ ڇٽا ڪيس سهارو ڏئي بينا هئا. سندس هر آلاپ نوحو هو، انساني زندگيءَ کي پيش ايندڙ ڪربلائن جو. شام غريبان هئي، خدا جي بي پهچ بندن متان مڙهيل بيوسين جي، جنهن غريبن جي گهرن ڏانهن گس ناهي ڇڏيا آهن. ابهر ٻارڙو، جنهن کي چاتيءَ لائي ٿڃ جي پهرين چڪڙ ڏيڻ کان اڳ سندس امڙ ڪيس يتيمي جي اجهاڳ سمند ۾ هيڪلو ڇڏي وئي هئي، هڪ ڪراڙيءَ جي هنج ۾ رنو پئي. سندس معصوم پر"ڪڙين کيهاڻين ۾ امڙ جي وڇوڙي جو درد هو يا جيجل ماءُ جي هنج واري آسيس جي فطري تڙپ، الائجي تہ دنيا ۾ اڪ ڪولڻ سان مليل سزا تي احتجاج؟ پر هو روئي روئي اوپاڪيءَ ۾ پئجي ٿي ويو. هو ٻار جي روپ ۾ جڏ ڪو فرشتو هو، جيڪو هيئن انسانن تي مڙهيل ان هٿرادو موت تي ڪڙيون دانهون ڪري رنو پئي، جيڪو قدرت واري پاران پنهنجي ٻانهن جو هرگز مقدر نہ هو. نينگريءَ جو ڳيرو مڙس سندس مڙهہ جي سيراندیءَ کان اسٽريچر سان متو هٽي رنو پئي. درد جي چڪ هر ماٿو جي اکين مان ڳئون جي گوهن وانگر وهي نڪتي هئي. ماحول تي سوڳواريءَ جا ڪڪر تيسيتائين چانيل

رهيا ، جيسيتائين چوڪريءَ جا وارث ، آهن ، دانهن ، اوچنگارن ۽ روچ پٽڪي ۾ سندس مڙهه ايمبولينس ۾ ڪٽائي نه ويا.

چهر تي وينل جا منهن لٽل ، اکيون پنل ۽ دليون ڏڪ سان پريل هيون. سپ مات جي برقعي ۾ ويڙهيل هئا. هڪ ڪراڙي ٽڏو شوڪارو پري مات کي ٽوڙيو.

"هائو يار ، بيپرواهه بادشاهه آهي. وٽيس ته ڪچا چاٽي ، وٽيس ته پڪا."

"ابا ، موت وهيءَ جو ، ڊڪ مهيءَ جو." ٻئي ڪراڙي ڳالهايو.

موت مهٽو ناهي ، پر... يار.... اهڙو موت به هانءَ جا ڳچ ٽو ڳاري." ٽئين همراه وراٽيو.

"چون تا ته ڊاڪٽري ترقي ڪئي آهي. ڏوڙ پئي اٽن منهن ۾.....! اڳ ڳوڻن ۾ اٽڙهيل دايون هيون ، جيڪي نه رڳو ڏکيا ويم ڪرائيندیون هيون ، پر ويم کان سوانجي تائين ستيون ڦڪيون به ڪنديون هيون. ابن ڏاڏن کان نه ڪنهن نياڻي4 کي ويم ۾ مرندي ٻڌوسين نه وري آپريشن سان ويم ٻڌوسين ، مدمن کي ته الائجي ڇا ٿيو آهي؟ آپريشن کان سواءِ ڪجهه اچين ئي ڪونه ٿو." ڪراڙي ڳالهايو.

"ياڻو ، سچ ٿو چوين. نياڻين جا لاش ڊوئي ڊوئي ڪلها ئي ساڻا ٿي پيا اٿئون." ٻئي ڪراڙي ڦاٽ ڪاڏو.

"چاچا ، اصل مسئلو آهي ته ، ڊاڪٽري پيشو خدمت ۽ عبادت وارو دڳ ڇڏي واپار بڻجي ويو آهي. ڊاڪٽر مسيحائي ڇڏي نوٽن چاپڙ جون مشينون بڻجي ويا آهن." هڪ نوجوان ڳالهايو.

"ابا ، لک ٽئين. ڳالهه پلي ، پر غريب ويچارا ته منهن ڪرڙ جهڙا ٿي ويا آهن. پيٽ گذر جي ڪن يا نياڻين جي ويم لاءِ ڏوکڙ گڏ ڪن؟" ٻئي ڪراڙي اندر جو اورڙ اوريو.

سرڪاري اسپتالن جا به حال اجهو هي آهن ، جو مٽي سور جي ٽڪيءَ کان ڪپهه جي ٻڙيءَ تائين ڪيسي مان ونڊو ٽو پوي. اهو به گهوريو پر ، بيمارين سان گڏ چگا پلا به اڏ مڱا ٿي نڪرن تا." ڪنڌ ۾ وينل همراهه سر جهلايو.

"پائو، سچو آهين. سرڪاري اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي جو مريضن سان ورتاءُ ڪانءُ جي آڪيري ۾ ڪوئل جي ٻچي وارو هوندو آهي." ٻئي همراهه وراٽيو.

"ادا، موت جي ملائڪ کي سنڌ جي روڊن رستن تان جيڪو وقت ٻچي ٿو، ان مان گهٽو ٽٽو وقت سرڪاري اسپتالن ۽ خانگي ميڊيڪل سينٽرن ۾ ساهه وٺندي گذاري ٿو." همراهه ڳالهايو.

"ادا، هاڻي ميڊيڪل ڪاليجن مان ڊاڪٽر گهٽ، ڪاسائي وڌيڪ پيا نڪرن. ماٺهن جي ماس ۽ هڏن مان ڏوکڙ ناهيندڙ ۽ ڪيسن جا آپريشن ڪندڙ، جذبن ۽ احساسن کان خالي، ايم بي بي ايس ڪاسائي!" منهنجي مائت رحيم بہ اندر جو اوبر ڪڍيو.

مان چانئجي وئي. چپر تي جنگي قيدين وانگر ويٺل همراهه سوچن جي ٽب ۾ هئا. ننڊ جا پکي اکين جا آڪيرا ڇڏي اڏري ويا هئن. ڏکوئيندڙ وارتا جي جهپي، بصر جي نپوڙيل پتيءَ وانگر اکين مان ننڊ جي ڪڙاٽ نپوڙي ڇڏي هئن. خالي خالي نگاهن سان روڊ ڏانهن ڏنائون پئي. اڌ ڊزن ڪن ڪتا پاڻ ۾ وڙهندا گرندا، ڪت واري ڪتيءَ جي پٺيان پئي آيا، جنهن رکي رکي ويجهو پوندڙ ڪتي کي يشي ڏيئي پاڻ ڪان پري ڪيو پئي. هوءَ چاهيندڙن جي لوڊ پٺيان لائي دلربائي واري لوڊ سان اچي چپر جي اڳيان روڊ جي ڪناري سان پوسل واري هنڌ ويهي رهي. سندس قربت جي موهه ۾ پاڻ وٺائڻ لاءِ وڙهي ڊانگا ٽيندڙ موسمي عاشق، سندس چوڌاري ايئن گهيرو ڪري ويهي رهيا. جيئن ڪنهن لٽ سردار يا وي آءِ پي شخصيت کي گاڏيءَ مان لهڻ شرط هٿياربند وانا ۽ محافظ وکوڙي ويندا آهن. چپر تي ويٺلن جون نگاهون هنن ۾ گٽل هيون. هڪ همراهه جي واتان بي اختيار نڪري ويو.

"پاڪ وارا آهن جو انسان ناهن....! نہ تہ گهہ ڳٽا ۽ ڊور ڊڳا وڪٽي اسان وانگر ڪنهن اسپتال جي ٻاهران چپر تي ويٺل هجن ها."

"ابا، چتا پيا آهن گهٽن سورن کان. نہ بيمارين جي ڳٽتي نہ ويم لاءِ آپريشن جي چنتا." هڪ ڪراڙي وراٽيو.

رات جا پوٹا چار وڳا پئي. ماڪ پنل ٽڏڙي هوا بت تي ٽڏڙيون ڪتڪتايون پئي ڪڍيون. ڇبر تي وينل همراهن جي اکين جي ڏندِ تي نند پکي وڃر ڪري لٽا پئي. الڪن ۽ اوجاڳي ۾ هڪ اک جاڳين پئي ته هڪ اک ستل هئن. تتل قتل ڊاتسن سندن اڳيان اچي بيٺي. غريب جي پاڻ وانگر هنڌان هنڌان اُڙيل ۽ ڪرڪنا ٽيل بادي، انجڻ جي گهرڙ گهرڙ تي جهور ڪراڙي وانگر لڇڪي پئي. طبعي عمر ڪڏهوڪي پوري ڪري مسترين جي ڏاڳن قيٽن تي ساهه ڪٽندڙ ڊاتسن جي ڳچل دروازي مان ڪراڙو ۽ نوجوان ٻاهر نڪتا. نوجوان تڪڙو ميڊيڪل سينٽر اندر ويو ۽ ڪراڙو ڇبر اڳيان ننڍڙي پٽ جي ٻنوڙي تي پوتڙو رکي وينو ۽ پن جي ٻيڙي ڏکائي ڇڪڻ لڳو. ڊليوري ڪيس هئن. پڪ تڏهن تي، جڏهن ليڊي ڊاڪٽرياڻي نوجوان سان گڏ ڊاتسن تائين آئي ۽ پنيان ڏنل ڪپڙو هٽائي ڇوڪري کي تپاسڻ لڳي. ڊاتسن مان ڇوڪريءَ جي ڪنجهڻ ۽ هلڪين دانهن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا پئي. ڊاڪٽرياڻي، جيڪا ميڊيڪل سينٽر جي مالڪ ٻه هئي. ڇوڪريءَ کي تپاسڻ کان پوءِ ڊاتسن کان ڪجهه وڪون اڳتي هلي ٻيهي رهي ۽ نوجوان سان مخاطب ٿي.

"ادا، ڪيس ڳرو آهي. آپريشن کان سواءِ ٻار ٽيڻ جو ڪوبه امڪان ناهي. اهو به هينئر جو هينئر، نه ته ماءُ ۽ ٻار ٻنهي جي حياتين کي خطرو آهي."

نوجوان جا وائسر بتال ٿي ويا. هو وائڙن وانگر ڊاڪٽرياڻيءَ جي پنيان وڃڻ لڳو ۽ انهن ئي پيرن تي جڏهن ٻاهر آيو ته سندس منهن جو پنو لٽل هو. ڪراڙو ڪيس ايندي ڏسي اڳي ٻينو ۽ ڪانئس ٻي چينيءَ مان پڇيو، "ابا، ڏي حوال مدم ڇا چيو؟"

"بابا... ڊاڪٽرياڻي ٿي چوي ته اپريشن ٿيندو. رڳو اپريشن جي ڦهي ڇهه هزار، دوائن جا ڏوکڙ، رهڻ جو پاڙو ۽ ٻيو خرچ ڏار." هن ٻڏل آواز ۾ وراٽيو.

ڪراڙي ٽڏو ساهه ڪنيو. ٻئي ڇٽا منجهي بيهي رهيا. ڇا ڪن؟ ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آين. مون کان رهيو نه ٿيو. رڙهي سندن پر وڃي ورتيم. ان خيال کان ته کين سمجهايان ته، جڏهن آپريشن ئي

ٽيٽو آهي ته اجائي گيسر ڪري ٻن حياتين کي خطري ۾ وجهڻ ڪٿان جي عقلمندي آهي؟ ان کان اڳ جو آئون ڪجهه چوان، ڪراڙي پن جي ٻيڙي مان آخري سوٽو هٽي پٽ تي اڇلائيندي چيو.

"پر ... ابا ... ايترا ڏوکڙ ايندا ڪٿان؟ بلي... ويمر ته ڪونه ٽيو. وهاڻ جو ڪاڇ ٽيوا!"

ٻئي ڇٽا ٽڪل وکن سان ڌاتسن تائين آيا ۽ ڌاتسن تي ڏنل پردي پٽيان ڪراڙي عورت سان ڳالهائڻ لڳا، جيڪا نوجوان ڳورهاري چوڪريءَ تي پنهنجي ڄاڻ ۽ تجربي آڏار تي جيڪو هنر هٿس هلائي رهي هئي. ڪراڙيءِ پردي جي ڪنڊ مان منهن ڪڍي تپرس مان اشهد اڳر چپن تي رکي کين ڏسڻ لڳي. هن پوتيءَ جي پلاند ۾ ٻڌل نوٽ چوڙي هٿ ۾ ڪيا ۽ ڪجهه سوچي پنهنجي ڪنن مان سونا ڦل لاهي نوجوان جي هٿ ۾ ڏيندي چيو.

مائي... توبهه... اهو به شڪر جو ساهه وس ۾ ڪونهين، نه ته اسان غريبن جو الائجي ڪهڙو حال ٿئي ها...! ابا... مدبر ڪي چئه، مائي... ٻچن واري آهين، ڪجهه خدا پر ڊج."

ڳورهاري چوڪري ٻنهي ڪراڙن جي ڏيءَ ۽ نوجوان جي ڀيٽ هئي. جيڪا شاديءَ کان پوءِ پهريون ويمر مائٽن جي گهر ڪرڻ لاءِ آيل هئي. ڪراڙن جي چهرن مان بکندڙ اڻ تڻ ڏسي سوچڻ لڳس ته، "غريب جي گهر ۾ جنم ونڊندڙ هر نياڻي، پنهنجي ياڳ ۾ مائٽن جي جيون جانڊه لاءِ سورن جي سوائي مُٺ ڪٽي ايندي آهي.

نوجوان ڏوکڙ ۽ سونا ڦل ڪٽي تڪڙو ميڊيڪل سينٽر اندر وڃڻ لڳو. منهنجا قدم به اڃاتي ڇڪ مان پاڻمرادو سندس پٽيان کڄڻ لڳا. ڊاڪٽرياڻي رسيپشن تي ڪنهن سان فون تي ڪچهري پئي ڪئي ۽ وڏا ٽهڪ ڏئي ڪلي به پئي. فون تي ڪچهري جڏهن اينگهڻ لڳي ته مون کي متس جڪ اچڻ لڳا. ڪاوڙ کي زوري پيئڻ جي ڪوشش ۾ پير پئي توريم. ماٿهو ۽ اعليٰ انساني قدر آخر کهڙي ٻوڏ ۾ لڙهي ويا آهن؟ اڳ جنهن پئسي کي هٿن جي ميل سمجهيو ويندو هو، ان ميل کي چٽڻ لاءِ ماٿهو رسا چنائي انڊن واريون ڊوڙون آخر ڇو پيا پائين؟ ذهن ۾ سوال پئي اپريا. ڊاڪٽرياڻيءَ فون جو رسيور ڪريڊل

تي رکي نوجوان ڏانهن نهاريو ۽ ٻکرا مندۀ جي واپاري وانگر رکائي مان چيو.

"ادا ، چا فيصلو کيو اٿو؟ مون کي وڃڻو ٻه آهي."

"پيٽ ، مون وٽ ٻارنهن سؤ رپيا ۽ هي سونا قل آهن ، جيکي امڙ جا کن ٻسا کري کٽي آيو آهيان. سياڻي ڳوٺان پٽ سٽ کري جيکي ٻه ٽيا کٽي اينڊس." هن مروٽيل نوٽ ۽ سونا قل کائونٽر تي رکندي منٽ واري انداز ۾ چيو. ڊاڪٽرياڻي کائونٽر تي رکيل قلن کي چتائي ڏسڻ لڳي. شايد سوناري وانگر قيمت جي کٽ پئي کيائين.

"مئڈم ، ٻن انساني زندگين جو مسئلو آهي ، هيۀ غريب هن حالت ۾ چوکريۀ کي کٽي کيڏانهن ويندا؟" مون ڳالهايو. هن مون ڏانهن گهوري نهاريو. کيس منهنجي مداخلت ڏکي لڳي هئي. هن کاوڙ گاڏڙ لهجي ۾ وراٽيو.

"ادا ، اهو سوچڻ منهنجو نه پر سرکار جو کم آهي ، هي کا سرکاري يا خيراتي اسپتال کانهي. هتي اچڻ لاۀ ماٺهو کي ڏهن ناهي اچڻو پوي ٿو. چوکريۀ جو پهريون ٻار آهي ، سو ٻه پيٽ ۾ ابتو ، آئون وڏ ۾ وڏ هزار رپيا ڇڏي سگهان ٿي."

"مئڈم ، نند ، خواب ، موت ۽ مصيبت وقت جي کانڻن جا تابع نه هوندا آهن ، ڏکيون گهڙيون گهر جو کڙو کڙکائي نه ايندیون آهن ، چا تڙپندڙ انسانيت ۽ مصيبت مارين غريب ماٺهن جو اوهان تي کوبه حق نه آهي؟ هک بيوسي نياڻيۀ کي ڄاڻي واڻي ٻار سميت رڳو ان کري تڙپي مرڻ لاۀ ڇڏي ڏجي ته هن وٽ پري ڏوکڙن جي ناهي؟ هک نياڻيۀ غريبي جي سزا ۾ زندگي ۽ موت جي ٻه واڻي تي ايئن ڇڏيندي اوهان جي اندر ۾ کابه جهبي نٿي اچي؟" آئون جذباتي ٿي ويس. موٽ ۾ هن هو لهجو ٻه ترش ٿي ويو.

"ادا... هيۀ اسپتال آهي ، کو سفاري پارک ناهي. هتي اهڙا منظر روز ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اسان هر منظر تي اکيون ڀچائي ويهون ته هيۀ سينٽر کيئن هلندا؟ اوهان کي ايترو ئي درد آهي ته ليکچر ڏيڻ بدران مدد چو نٿا کريو؟"

هوءَ جواب جو انتظار ڪرڻ بنان ٻاهر ويڻ لڳي. هوءَ ميڊيڪل سينٽر جو گيٽ اُڪري ڊاٽسن جي پرسان لنگهي ۽ ڊاٽسن ۾ درد ۽ پيڙا کان ٽڙپندڙ چوڪري جي رڙين کي اڻ ٻڌو ڪري پارڪ ڪيل ڪار ۾ وڃي ويني. ڪيس چتائي ڏٺم. سندس چهرو هاردِ بوردِ جي پاڻي وانگر ٿوٻ هو. انساني جذبن کان وانجهيل، ٽين جي خالي ڊبي وانگر. سندس اکين ۾ قتل ڪوهه جهڙي ويراني هئي. هوءَ انسان نه پر روبوٽ هئي، ڈوڪڙ ن جي توانائيءَ تي چرندڙ پرندڙ روبوٽ! مون اڳتي وڌي ٻڌتر جي حالت ۾ نماٽين ۽ بيوس نگاهن سان ڊاڪٽرياڻي کي ڈسندڙ نوجوان جي ڪلهي تي هٿ رکيو. هن چرڪ پري مون ڈانهن نهاريو. وجود جو درد ۽ بيوسي اکين مان ٽمڻ لڳس. سندس اکين ۾ اُڊڪا تريا پئي. هو ٻئي هٿ مٿي تي ڏئي پٽ تي ويهي رهيو. انساني جنگل ۾ حيواني جبلتن ۽ سماج جي ناڪاري روين جي شڪار ماٺهن جي اها چيهه ڪي پهتل بيوسي هئي. جيڪا گونگن لڙڪن جو روپ ونيِ سندس اکين مان وهي نڪتي هئي.منهنجون اکيون به پاڻيءَ سان ٽٻجي ويون. مون پريل آواز ۾ ڪيس ڊلاسو ڏيندي چيو.

"پائو، دل نه لاهه، جتي بلاولي ناهي اتي به ڇتي ڪاڏل ڇڏن پيا. شهر کان ٻاهر عيسائي مشري وارن جي ميٽرنٽي اسپتال آهي. اوڏانهن ٽا هلون. ڏٽي سڏائي ڪندو."

هن ڪابه ورندي نه ڏني. شهر ۾ وڃايل ٻار وانگر وائڙيون اکيون ڪٽي ڏسڻ لڳو. چوڪريءَ جون هانءَ ڦاڙ رڙيون ڇبر تي وينل همراهن جي اندر ۾ ڪانَ وانگر ڪُپي ٽي ويون. هنن جي اکين آڏو ڪجهه گهڙيون اڳ معصوم نياڻي جي موت وارو لڳَ ڪانڊاريندڙ منظر تري آيو، هڪ ٻي نياڻيءَ کي موت جي منهن ۾ ويندي ڏسي سڀ اڻي اچي نوجوان وٽ پهتا. دليون پاڻي پاڻي ٿين پئي. منهنجي مائٽ رحيم يڪدم ڪيسي ۾ هٿ وجهي تي سؤ رپيا ڪڍي هٿ ۾ ڪيا ۽ ٻين کان ڦروڙي ڪرڻ لڳو. مون ڪيسي ۾ هٿ وڌو. ڪل ڏيڍ سؤ روپيا هئا. سندس تريءَ تي رکيم ۽ ڊوڙندڙ ڊاڪٽرياڻيءَ ڈانهن وڌيس، جيڪا گهر وڃڻ لاءِ ڪار ريورس ڪري رهي هئي. ڪار وٽ پهچي

مون هٿ جي اشاري سان ڪيس ٻيهڻ لاءِ چيو. هوءَ بريڪ هٽي شيشو لاهي مون ڏانهن سوالیا نگاهن سان ڏسڻ لڳي.

"مئڈم ، ڈاڪٽر زندگي بچائيندا آهن ، زندگي ونندا ناهن. اوهان کڻڻا مسيحا آهيو ، جنهن جي سيني ۾ دل نالي ڪابہ شئي ڪانهي؟ اوهان ڈاڪٽر نہ پر واپاري آهيو." آئون جذبات ۾ پرجي ويس.

"ادا ، اوهان سمجهو ڇو نٿا؟" هن ڪجهہ ڇوڻ گهريو پر مون سندس جملو اڌ ۾ ڪٽي وراٹيو.

"سمجهڻ لاءِ ڪهڙو فلسفو آهي ، جنهن لاءِ وڏي دماغ جي ضرورت آهي؟ نيڪ آهي ، اوهان کي پئسا گهرجن نہ؟ ڪري ٿا ڏيون ، چوڪريءَ جو آپريشن ڪريو."

ڈاڪٽرياٹي سوچ ۾ پئجي وئي ، ان کان اڳ جو هوءَ کا ورندي ڏئي ، ڈاتسن مان ٻارڙي جي روئڻ جو آواز اچڻ لڳو. حيرت گاڏڙ خوشي مان ڪنڌ ورائي ڏٺم. نوجوان خوشيءَ مان مون ڏانهن ڊوڙندو پئي آيو. مون کي پاڪر ۾ پري ورتائين. ڈاڪٽرياٹي لاڳيتو اکيون ڦاڙي حيرت مان ڈاتسن ڏانهن ڏسي رهي هئي. اکين تي اعتبار نہ پئي آيس. هو مئل احساس جي تربت جو ڪتبو پئي لڳي. معصوم ٻار جي اوٹان... اوٹان... جو آواز سندس اندر جي آدميءَ کي رانبوٽي رهيو هو. مون پنل اکين سان ڪراڙي جي منهن ۾ چتائي ڏٺو ، هو ٻيڙيءَ مان ڊگها سوٽا هٽي رهيو هو. خوشي سندس منهن مان نمن جي پور وانگر چٽي رهي هئي. جهوپڑا هوٽل تي وڃندڙ ڪيسٽ ۾ گيتادت جو فلمر بهار لاءِ ڳايل گانو وڄو پئي.

پڳوان دو گهڙي کو پي انسان بن کي ديک ،
ڏرتي پي چار دن کا پي مهمان بن کي ديک.

****

## نئين سهڻي

هوءَ ڏاڍي ڏيرج ۽ اطمينان سان، سڀيھ تي زور زور سان ٻانهون هٽي. پاڻي جو سينو چيري اڳتي وڌي رهي آهي.

آب ڪلياڻيءَ جا ڏاڙا هئا. درياھ شاھ ۾ چاڑھ هو. ڏهن سالن کان ڪچي جي بک اپائيندڙ ڏرتيءَ ۾ ساھ پيو هو. مالوندن جي مرجهايل چهرن تي خوشيءَ جو پاڻي وري آيو هو. ڇٽ سير رت وڌي ويو هئن. صوفيءَ جي سرمستيءَ جهڙو سنڌوءَ جو لڙاتيل پاڻي، دُبيءَ جي ميدان تي گورن جي فوج سان هٿين پوندڙ هوشو شيديءَ جي سرويچ جٽي وانگر، ٻيلا ٻوڙي ۽ ڪڏون کامان پري ڇاڻ بند سان ٽڪرائجي رهيو هو. ڏهن سالن ۾ اج کان ٽانڊا تانڊا ڏرتي، پنهنجي شهہ رڳ مان سيراب ٿي رهي هئي. آسري لوا، ڪرڙ، ڪيڙ، اک ۽ ننڍا وڻ ته پاڻيءَ ۾ اونهي ٽٻي هٽي لکي ويا هئا. وڏن وڻن ۽ سرن جي ٻوڙن جون رڳو چوٽيون نظر پئي آيون. پنج لک ڪيوسڪ کان وڏو وهڪرو هو، پر ڪچي جون ڪجهہ ٻيٽاريون اڃان نہ ٻڏيون هيون. گدڙ، بگهڙ، لومڙ، سيهڙ، هرڻ، ڦاڙها، مرون ۽ ٻيا جهنگ جا جانور، نانگ بلائون ۽ پکي پکڙ ٻہ پنهنجيون ڏريون، ٻرڙ ۽ واهيرا چڏي اچي ٻيٽارين تي چڙهيا هئا. ڪجهہ هرڻ، ڦاڙها ۽ مرُون ٻيٽارين بدران پکي تي چڙهي، ملوڪن جو شڪار ۽ غريبن لاءِ رونشو ٻڏجي، حياتين تان هٿ ڏوئي وينا هئا. ڪچي جا ماڻهو ڳوٺ گام چڏي، مال ڪامي پکي تي چڙهي آيا هئا. سواءِ مانجهي ڳوٺ ۽ نهال

ڳوٺ جي مٽانهين۽ وارن ٻنهي ڳوٺن جي ماڻهن سرڪاري ڪامورن جي چوٽ تي لڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ٻئي ڳوٺ هڪ ٻئي جي اتر ڏکڻ ۾ سڌ پنڌ تي هئا. ٻنهي ڳوٺن جي وچ تي وڏي ٻيٽاري هئي. جيڪا ٻڇاءَ بند کان ڪنهن خوبصورت جزيري وانگر پئي لڳي. ٻنهي ڳوٺن جا ماڻهو، سٽيهه يا تُنبي تي تري يا پاڻيءَ ۾ ٻانهون هٽي هڪڙي ساهيءَ ۾ ٻيٽاريءَ تي اچي سگهيا ٿي.

چانبوڪي رات هئي. پورن ماسي چند ڦوهه جوپن تي هو. رات جا ڏهه وڳا پئي. ننڍپڻ جو يار ۽ ڳوٺ جي وڏيري نادر خان جو پٽ فيروز خان چانبوڪي رات ۾ ٻيٽاريءَ تي شڪار جو پروگرام ٺاهي وٺڻ آيو. سفر جي ٽڪ جو ٻهانو ڪري گهٽو ئي ننڍايو، ٽڪي پُسي واري ڳالهه ٻڌائين ٻه ڪونه. ڪنهي ڪٽي ڪنيائين.

ٻڇاءَ بند تي ماڻهن جا ميلا متل هئا. جنريٽرن، روشنيون وکيري جهنگل ۾ منگل ڪري ڇڏيو هو. ايريگيشن ڪاتي جا پڪا ملازم ۽ ڪچا پرتي ڪيل سيزنل بيلدار ڊيوٽين تي هئا. وڏيرن جون چيڙون ڏار هيون. بند تي ٺهيل لاندين ۾ داروغا، سرويئر ۽ ٻيا ننڍا ملازم ڪٽون وجهي ويٺل هئا. منهه زور پاڻيءَ جو زور ٽوڙڻ ۽ بند کي ڪاڌ ۽ روٽين کان بچائڻ لاءِ بند جي پاڻ ۾ منگليون ۽ ڇهيون ڏنيون ويون هيون. بيلدار ۽ ڳوناٽا هٿن ۾ بتيون کٽي بند تي گهمرو ڏئي رهيا هئا. ٻه بنديءَ تي ٺهيل سرڪاري بنگلي ۾ وڏا ڪامورا ڪئمپ هٽي ويٺل هئا. انڊي ڪمائي جي اها ئي ته موسم هئن. جنهن ۾ بلن تي خرچن جا اُنڊ جا منڊ چاڙهي، ٻڌيءَ جا ٻيٽا ڪيا ويندا آهن.

پاڻيءَ جي چاڙهه ڪري، ماحول تي گهٽ ۽ بوسٽ هئي. بت تان پگهر سڪوئي نه پئي. جيترو پاڻي پيٽ ۾ڀرتي ويو. اوترو ئي پگهر بٽجي ٻاهر پئي نڪتو. پل اپل ڪانپوءِ هوا جي هير جي جهوٽي پگهريل جسم کي ڇهيو ٿي ته وات مان بي اختيار، هاءِ، هاءِ سُک وهاءِ! جهڙا جملا نڪري ٿي ويا. مٽان آزار وري اهو جو ميڙن ٻه ماڻهن ۽ مال کي تپائي ڏنو هو. ماڻهن جي ماکيءَ واري روڙ ۽ مال جي ڪرن جو سٽڪو پئي پيو. ٻڇاءَ بند تان ٻيڙين ۾ چڙهي مانجهي ڳوٺ ۽ نهال ڳوٺ جي وچ تي ٻيٽاريءَ ڏانهن روانا ٿياسين. پاڻيءَ جي سيني تي

ٻيڙيون ٻارڻ وانگر ريڑهيون پائي تريون پئي. منڌ جي مهڪ ۾ واسيل ماحول ۾ سنڌوءَ جي مستيءَ پريل چولين مان اٽندڙ آوازن ۾ نغمگيءَ جو خمار هو. رات جو حاڪم چنڊ راجا، اپ جي دربار ۾ حاضريءَ جي اڙين ٽڙين تارن جي وچ ۾ حڪمرانيءَ جي ڏڌبي سان تخت تي وينل هو. لڙاٽيل ميرانجهڙي لهرن جي پاڪر ۾ چنڊ جو عڪس لرزيو پئي. پگهيءَ دل سان ٻيڙيءَ تي ويٺو ته هئس. پر اندر ۾ ملامت ۽ پڇ ڪوهه هئي. پلا اهو به ڪو ماڻهپو چئبو جو، ٻڏڻ کان سر بچائي، ٻيڙاريءَ تي پناهه وٺندڙ ڪمزور جانورن جو رڳو وندر لاءِ شڪار ڪجي؟ ٻڪريءَ کي ساهه جي، ڪاسائيءَ کي ماهه جي! چانڊوڪيءَ رات ۾ ٻيڙاريءَ تي سير جي خوشي به مصيبت ماريل جانورن جي ٽينڊڙ ڪوس جي ڏک ۾ لڙهي وئي هئي.

ٻيڙاريءَ تي ٻيڙين مان لهي فيروز خان، همراهن کي ساڻ ڪري ڪاڙهن جي شڪار لاءِ اڳتي نڪري ويو. آڻون اتي ئي جمي ويس. پيرن ۾ جٽ ڏانوڻ پئجي ويا هئس. نندپڻ جو دوست پنو به مون سان گڏ بيهي رهيو. سانڙيا همراهه وڏين چاٽپن سان جهنگ ٽڙيندا اڳتي نڪري ويا. ٻيڙاريءَ تان نهال ڳوٺ جي گهرن ۾ ٽمڪندڙ ٻتيون ۽ مال جي وٽاٽن ۾ ميڙن کان کيل دونهين جا بادل صاف نظر پئي آيا. ٻئي پاسي بچاءُ بند جون روشنيون پري کان ڪياماڙي جو ڏيڪ ڏئي رهيون هيون. رات جي بيڪاهه وقت سانڙين جي جهنگ ٽڙ ڪري وٽن تي آرامي پکين ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي هئي ۽ جانورن جو سڪ ڦٽي پيو هو. اهي ساهه بچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙون پائي رهيا هئا. پنو ۽ آڻون شڪارين کان مخالف پاسي ڏانهن هلڻ لڳاسين. ڏمر جي مند هئي. ان ڪري سنياڻي وکون پئي ڪنيوسين. ڊنل ۽ هيسيل بلائون تيزيءَ سان اڳيان گذري ٽي ويون. ڪڇهري ڪندا ڳچپل پنڌ ڪري اڳتي نڪري آيا هئاسين. شڪاري گهٽو پوئتي رهجي ويا هئا. هلندي پنوءَ جا پير جٽ زمين ۾ جمي ويا. هن اشهد آگر چپن تي رکي مون کي مان رهڻ جو اشارو ڪيو ۽ ڪنن تي هٿ ڏئي ڪنائڻ لڳو. چوراٽيو مڙس هو. شايد ڪنهن ڳالهه جي ڏپ سونگهي ورتي هئائين. مون کي اتي ئي ٻيهڻ جو اشارو ڪري، پير پير ۾ ڏئي اڳتي نڪري ويو. آڻون

حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳس. هو گهاٽين ڪالرن ۾ سرن جي وڏي جهڳٽي ڪي ڦيرو ڏئي موٽيو ته سندس چهري مان حيرت ۽ ڪاوڙ جون لاٽون پئي چٽيون. ڪير جهڙي اجري چانڊوڪيءَ ۾ سندس تامٽي هٽي ويل چهرو ڏسي ڏڪي ويس. اندازو لڳائڻ ۾ دير نه لڳي ته ضرور ڪو گنڀير مسئلو آهي. مون ڪانئس اشارن ۾ ماجرا معلوم ڪئي، ته هن ڪاب ورندي ڏيڻ بدران مونکي ٻانهن مان ورتو ۽ ڦيرو ڏئي گهاٽن سرن جي وٽيءَ مان جيڪو منظر ڏيکاريو، ان منهنجي بت مان ساهه ڪڍي ڇڏيو. وائسر بتال ٿي ويم. حيرت مان اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳس. اکين تي اعتبار نه پئي آيو. سرن جي گهاٽن ٻوڙن وچ ۾ ٻن ڪٽن جيتري پٽ تي وڇايل ڦرٽ تي هڪ نوجوان عورت، نوجوان مرد، جي اگهاڙي ڇاتيءَ تي مٿو رکي ستل هئي. اهي اسان ڪان چٽن وکن جي فاصلي تي اسان جي موجودگيءَ کان بي خبر نينهن جي نشي ۾ ٻڏل هئا. اکين ۾ پيار جي اوتيل مئه جا خمار ۽ ساهه ساهه ۾ عشق جا آڙاهه هئن. ٻنهي کي سجاڻڻ ۾ دير نه لڳي. هوءَ مانجهي ڳوٺ جي چگي گهر جي عورت هئي ۽ نوجوان نهال ڳوٺ جي حاڪو ٻڪرار جو پٽ صابو هو. ايم بي بي ايس ڪري هائوس جاب ڪرڻ ڪانپوءِ ۽ اسلام آباد نوڪري ملڻ کان اڳ جڏهن ڳوٺ ۾ ڪلينڪ کولي هئم ته ڪيترا پيرا ان عورت جي گهر دوا درمل لاءِ وڃي چڪو هئس، ۽ پيار ڪندڙ دليون اکين ڏٺي موت جا پيچرا اورانگهي پيار جي جذبي کي ميلاپ جون لوريون ڏئي مانو ڪرڻ لاءِ گڏيا هئا. اهي نينهن جو ناتو نيائڻ لاءِ بگين کاڙين جي تکي ڌار جهڙا ادکا اورانگهي آيا هئا. اڄ سياڻ جي ٽريل يقيني موت جو احساس هوندي به کين پيار جي شڪتي ٻيٽاريءَ تي ڇڪي آئي هئي. پيار اٽلتا ۽ موت جي سائبان هيٺان ثابت قدميءَ جو اهڙو ٻيو مثال ڪهڙو هوندو؟ آئون اهو سوچي پنهنجي پگهر ۾ پاڻ ٻڏي پئي ويس ته، موت جي پاڇولن ۾ پيار جا مختصر لمحا ماڻڻ لاءِ تانگهو پاڻي جهاڳي ايندڙ ٻنهي پريمين جي پريم جي هواڙ ۾ ٻاهر نڪتي ته ٻنهي ڳوڻن ۾ وڏي قبيلائي رتوڇاڻ جو ۾ اندیشو هو. اهي اڄ نه ته سياڻي غيرتن جي بازارن ۾ بندوقن ۽

کھاڙين جو کاڇ بٽجڻ وارا هئا. نوجوان صابوءَ مان جي تلاءُ ۾ تحرڪ جو پٽر اڇلايو.

"شانو."

"جيءُ." شانوءِ مختصر ورندي ڏني.

"ڳالهه ته ٻڌ..." صابوءَ ڳالهايو.

"ها چئه." شانوءَ جي آواز ۾ خمار هو.

"توکي ڀئه نٽو ٽئي؟" صابوءَ سوال ڪيو.

شانوءَ ڇاتيءَ تان مٽو کڻي ڏنو. چپن تي پراسرار مرڪ هئس. هن ٽڏو شوڪارو پري وراٽيو.

"منا. سر هڪڙو ئي اٿم ، سو سهسائي ڇڏيو اٿم. مري ويس ته گهوريس...."

ڪجهه ساعتون مان ٽي وئي. شانوءَ سوال ڪيو.

"صابو."

"هون." صابوءَ جو آواز ٻڏل هو.

"توکي ته ڀئه ڪونه ٿو ٽئي؟" شانوءِ سوال ڪيو.

"ٽئي ٿو شانو ، ساهه ڪنهن کي ڪڙو آهي؟ پر توکي ڏسي دل وڏي ٽي ويندي اٿم." صابوءَ وراٽيو.

"ڇا ڪريان... تنهنجي قرب ۾ اهڙي ڪڙي آهيان ، جو توکي نٽي ڏسان ته سڪ ئي نٽو اچيم." شانوءِ وراٽيو.

"شانو ، نينهن جي ناوڪ ڪٽي ڇيهه ڪندي؟ خون ۾ ڪٽوريءَ وانگر اڇ سياڻ وائکو ته ٽيندو ۾ پوءِ..." صابو پريشان ٿيڻ لڳو.

"سو ته سچ آهي ، پر جيڪو ڏينهن قبر ۾ آهي ، سو ٻاهر ٽيٽو ئي ڪونهي. پنهنجو مرتبو ايئن ئي لکيل آهي ته اوس ٽيندو. پوءِ ٻلا ڇو ڊڄون؟" شانو جي لهجي ۾ اعتماد هو.

"شانو ، مونکي پنهنجي حياتيءَ جي ڳٽتي ڪانهي. ڊڄان ٿو ته پنهنجو نينهن ٻين جا سر نه نئي؟" صابوءَ ڳٽتي ظاهر ڪئي.

ٻئي مان ٽي ويا. اوجاڳيل اکين ۾ درد جي ٽڪاوٽ هئن. صابوءَ ٻڏل آواز ۾ ڳالهايو.

"شانو، ڏس نہ.....! تنهنجا مائٽ ڏنگا ڏاميچ ۽ مڙئ وارا منهنجا مائٽ بہ ڪونہ آهن. پنهنجي نينهن جي ڇُوچڙِي وڏو پنيٽ نہ ٿي پوي؟"

"صابو، سڀ سمجهان ٿي. پار ڪانہ آهيان، پر هن روح کي ڇا ڪريان جيڪو ريجهي ئي نٿو. تنهنجي ڪوڙي جي ڇڪ ہر سڀ پئہ پولا وسري ٿا وڃن." شانوءَ وراٽيو.

پنوءَ جي سهپ صفا موڪلائي وئي هئي. هو پڙڪو ڏئي سر جي ٻوڙي مان ٻاهر نڪتو ۽ صابوءَ کي گار ڏئي لڪڻ ورائي اڇتي وڌيو.

"ٻلا ٽئي، پيٽ... نہ ويندين. ٻڪرار جا پٽ..." جيسين آءٔ پاڻ سنياڻي پنوءَ کي روڪيان. هو ٻنهي جي مٿان وڃي ڪڙڪيو. اوچتي هڪل تي ٻئي ڇرڪ پري ٽپ ڏئي اٿيا. موت جي ڊپ کان ڇهري جا رنگ اڏامي ويا هئن. هنن پڇڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي، پر معاملي کي سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون. صابو پن ڇڻ رت ہر اداس وڻ وانگر پن پن ٿي ويو هو. پيار جا جذبا ڊپ ۽ ڇرڪ ہر ڦارون ڦارون ٿي پيا هئس. هونئن بہ رن جو ڇور پاڙيو هوندو آهي. هو بہ پاڙئي ڇور وانگر پنوءَ هٿان ڪٽيو پئي. پنوءَ سندس اگهاڙن پٺن تي لڪڻ پئي وسايا پر هن هٿ سنئون نہ ڪيو. ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺو رهيو. شانو جڏهن معاملي جي تهہ تائين پهچي پاڻ کي سنياڻي ورتو. سندس ڇهري تان گهبراهٽ جا آثار ختم ٿي بغاوت جا آثار اُپري رهيا هئا. هو پڙڪو ڏئي اڇتي وڏي. ٻئي هٿ پنوءَ جي لڪڻ ہر وڌا ۽ صابوءَ اڇيان ڏال بٽجي، سينو تاڻي بيهي رهي. اکين ہر تانڊاڻ هئس ۽ ڪاوڙ ہر بت رڦيس پئي.

"بدلچٽي رن، هٽي پري ٽيءُ. ٻڌي بہ نٿي مرين جو عزت وارن مائٽن جو نڪ ڪٽي ٻوڙايو اٿئي؟" پنوءَ ڪاوڙ مان چيو.

"ڪهڙو ڏڻ ٻڌو اٿئون تنهنجو. جو ايترو وهلو رپيو وڃين؟ تنهنجي تہ ڪا جائي پڃائي ڪونہ آيو آهي." شانوءَ بہ ساڳئي لهجي ہر ورندي ڏنيس.

پنوءَ تپي ڳاڙهو ٿي ويو. شانوءَ کي ڏک هٽڻ لاءِ جيئن اڳتي وڌيو تہ مون کيس پاڪر وجهي روکيو ۽ سندس وات تي هٿ رکي کن ۾ سرهاڻ ڪيم.

"پنو. ڪنهن جا عيب اگهاڙا ڪرڻ کان ڊڪي ڇگي آهي."

شڪاري سائڙين جا هوڪريا ۽ آواز ويجها ٿيندا پئي ويا. دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. مون ڌيرج سان ٻنهي کي مخاطب ٿي چيو.

"ٻيٽاريءَ تي شڪار آهي ۽ شايد هيڏانهن اچن پيا. ان کان اڳ جو کو ڪُلم ٿئي، مانڙي ڪري پير ڏاهيو."

شانوءَ پيار مان صابوءَ ڏانهن ڏٺو، جيڪو اڃان پنهنجي پگهر ۾ لڙهيو پئي. شانوءَ ٿڏو ساهه کڻي ڦرڻ تي پيل سيٺهه ڪنئي ۽ پوئتي نهاري ٻنان اڳتي وڌي وئي. آڻون ٻہ پنوءَ کي ساڻ ڪري سرن جي جهڪڻي مان ٻاهر نڪري آيس. هوءَ اطمينان سان ٻيٽاريءَ جي گهيڙ تان هيٺ لٿي ۽ پاڻيءَ کي هٿ سان چاچولي ٻہ چار ٻڪ پاڻي پيتائين ۽ سيٺهه کي مضبوطي سان پيٽ هيٺيان ڏئي پاڻيءَ ۾ لهي پئي. هوءَ پاڻيءَ جي هلڪي ڇپڪي سان توريل تڪيل ٻانهون هئي آڙيءَ وانگر ترندي پئي وئي. آڻون کيس ويندي ڏسندو رهيس.

xxxx

## هڪ اوڇڻ ۾ جسم

عيد جو چنڊ ڇا ڏٺو، گهر گهر مان چنڊ ستارا نڪري پيا. پهرين، ٻين ۾ ڇوٽ جا چنڊ ته ڪي ڇوڏهين جا راس چنڊ....! تارن جو ته ڪاٿو ئي نه هو. شهر ۾ هل پئجي ويو. مسجدن جا لائوڊ اسپيڪر عيد اعلانن سان جڙ ڦاٽا پئي. فصلن تي ماڪڙ جي حملي وانگر ماڻهو بازارن ۾ ٽٽي پيا هئا. ڏسندي ئي ڏسندي بازارن جي ڪهڪشان جرڪڻ لڳي هئي. شهر جا روڊ ۾ رستا ۽ ماڻهن سان پرجي ويا. نوراني نراڙن وارا بهشتي پڪين جهڙا همراهه ٻڌا ياڪر وجهي هڪ ٻئي ڪي پلاري مهينن جي روزن ۾ نمازن جون مبارڪون ڏيئي ونيي رهيا هئا. روزن ۾ نمازن جي انعام ۾ مليل عيد جون خوشيون مانائتي نموني ماڻڻ لاءِ ماڻهو فيملين سان گڏ عيد شاپنگ لاءِ گهرن مان نڪري پيا هئا. وڏي ڏينهن ڪي شرف ڏيڻ لاءِ غريب غربو ۽ حال سارو گنجي، رومال ۾ دربار عطر جي خريداريءَ لاءِ بازارن ۾ لٽل هو. اوٽينهو چنڊ ته ڪنهن ڪي وهم گمان ۾ ۽ نه هو، پر اُپ جي هنج مان شرارتي بار وانگر چنڊ جي هائي ڪري پاڻ ڏيکارڻ تي ماڻهو سڀ ڪم سيڙائي شاپنگ لاءِ نڪري پيا هئا.

شهر جي مکيه بازارن ۾ ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پيو هو. هلڻ ۾ ۽ ڏکيائي ٿي پئي. گهٽين ۾ وقتي بازارون لڳي ويون هيون. دوڪاندارن ڏنڊي جو سوايو چٽڪو ونن لاءِ دڪانن اڳيان صندلن تي سامان رکي وڏا بلب ۾ راڊون ٻاري چڙيون هيون. گاڏين ۾ پڙين تي ۽ نمبر ۾ سستو مال وڪڻندڙ موسمي دڪاندارن جي ۽ الله ڪٽي ٻڌي هئي. اڇن ڪپڙن جو پرمر رکڻ ۾ عيد جي مهل ٽُپائڻ لاءِ مدبل ڪلاس

ماٿهن جا گاڏن تي ميڙاکا هئا. ميندي، اڇٽ، رومال، ۽ ٻارن جي گارمينٽس وڪٽندڙ ڦيريءَ وارن ۽ هر مال هڪ اڳهه وڪٽندڙن جي به چاندي لڳي پئي هئي. وڏو ماندار متل هو. هر چهري تي خوشي جا اندلڻي رنگ ترورن وانگر وکريا پئي. شاپنگ ڪندڙ مردن، عورتن ۽ ٻارڙن جي پيهه ۾ ڏٺڪ ۾ وانگر ڪو ڪراڙو به نظر آيو ٿي. سڪٽن ڪيسن وارا رونشي ڪوڏيا، ٽلهن ٽوننين تي بازارن ۾ هوائي سٽون هٽي، مفت جا مزا ماڻي رهيا هئا. ديدار بازيءَ ۾ نوسکا هٽندڙ جوانڙن ۽ چاٽيباز همراهن جي به لانگ پئي لڳي. وڏيرن، سينين ۽ ڪامورن جا ترڙا ٽونٽ ۽ بگڙيل چوڪرا، گلم جي توپچين جي چانگ پنيان لائي مستين ۽ ڪرمستين ۾ مصروف هئا. ڊيوتين تي موجود پوليس وارا ڪين ڪيچل بازيءَ کان روڪڻ بدران، ڏند ٽيڙي پاڻ وٽائڻ ۾ پورا هئا.

ڪاسميٽڪس، گاريمينٽس، چوڙين ۽ مجاري دڪانن تي عورتن ۽ ٻارڙن جي وڏي رش هئي. چو نه هجي؟ عيد، هوندي به ته عورتن ۽ ٻارڙن جي آهي. پوءِ چا ٿي پيو، جي انهن ۾ غريبن جون عورتون ۽ ٻار شامل ناهن هوندا؟ بازارن ۾ ايتري تيز روشني هئي جو تهه سياري ۾ به نرڙ پگهرجي ٿي ويا. ماٿهن جي گڏيل ڳالهاءَ سان ڪنن جا پردا پئي ڦاٽا ۽ لوندڙيءَ جو رڳون يڪتاري جي تارن وانگر تاٽجي ويون هيون. بازارن سان لاڳيتو گهٽين ۾ چولا، ڏهي وڙا، چاٽ، برگر، بند ڪباب، چڪن سوپ، سموسا، پڪوڙا ۽ ٻيون چٽپٽي شيون ڪپائيندڙ دڪانن ۽ گاڏن تي به رش هئي خريداري تان موٽندڙ ٽڪل ٽنل ماٿهو چهر ڪري بک کان پيٽ کي چاپ ڏيئي رهيا هئا.

عيد جي انڊي مندي خريداري ڪري، بازارن ۾ ساهه پوساٽيندڙ رش مان ٻاهر نڪري آيس. ڪليل هوا ۾ اونهو ساهه ڪٽي واڇ ۾ ڏنم. رات جا ڏهه وڳا پئي. بازارن ۾ ته سيءَ جو احساس به نه پئي ٿيو. پر ٻاهر نڪرڻ سان ئي اتر جي چوٽ هوا ڦڙن ۾ پيهي سنڊ پئي ورتا. سيءُ کان ڏند پئي ٽڪيا. آنڊن، پيٽ ۾ ڳڙڪا ڪري، جڻ بک کان نعريبازي پئي ڪئي. ڪوٽ جا بٽڻ بند ڪري، لوئيءَ جو

مولهاتو هٹي. دڪان تان سموسا وڻي هٽ ۾ ڪيم ۽ چهو ڦڪو ڪندي وڌيم پنڌ ڪي. سيءُ ۾ سٽ پنڌ جي ڪري، ڳوٺ جي اڙي ٽڙي سواريءَ جو اڳ وڻي. اسٽاپ تي چوڪيدار جي ٻاريل باهه جي مڇ جي پر اڇي ورتيم. باهه جي مڇ ڪي پير ڏئي سيءَ واءُ لاهي، سگريٽ دڪائي سوتا هٽڻ لڳس. سگريٽ جي گرم دونهين جسم جي ٺريل ياندي ڪي سڪون ۽ حرارت پئي ڏني. رودِ رستا سنسان هئا، ايڪڙ بيڪڙ ماٺهو خريداري ڪري گهرن ڏانهن موٽيا پئي. اسٽريٽ لائيٽ ۽ بند دڪانن اڳيان ٻاريل بلبن جي روشني چگيرڙي هئي. چوڪيدار لٽ ڪٽي اٽيو ۽ سيٽيون وڄائيندو اڳتي نڪري ويو. آئون ماڻ جي چادر ۾ ويڙهجي باهه جي مڇ ۾ اکيون وجهي سگريٽ جا سوتا هٽڻ لڳس.

اوچتو ڪنهن جي کنگهڻ جي آواز تي چرڪ پري پوئتي ڏٺم. بند دڪانن جي ڇڄي هيٺان، اتر جي هوا کان بچڻ لاءِ پٽ جي اوٽ ۾ عيد جي خوشين کان لاتعلق ڪٽنب ترسيل هو. اهي ڏوڙ ۽ هوا وانگي سدائين پنڌ ۾ رهندڙ لڏڙائو ٻالا هئا، جيڪي پاڻ کي انسان هٽڻ جو آٽت ڏيڻ لاءِ ٻالپشاهي سڏرائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا آهن. سماج جي حقارت پرين روين هنن بي ضرر ۽ لڇهڙو انسانن کي آزاد منش بنائي ڇڏيو آهي. پير ۾ سدائين چڪر، ڪٽي پهر پاڇو پيو نه پئي جهڙو، وري ڏرتيءَ جي اڇل، سدائين ٽڙا مٽي تي ميرڻ جي مڏيءَ وانگر چار رليون، ۽ هڙون مٽن تي، جوڳي رمندا ٻلا! پٽ تي وڇايل رلين تي هڪ ڪراڙو گوڏن تي هٽ ڏيئي ڪنگهيو پئي. هو ڪنگهي ڪنگهي اٽوڙجي پيو ۽ ڪانپاٽيءَ جي ڳوڙهي جيترو بلغم جو پنوڙو پٽ تي ڦهڪائي. ايا ساهه جائتا ڪرڻ لڳو. ڪيس چتائي ڏٺم. هڏن جي موڙي، ڳنڊيون ڪري ويل وڌا چتا، سيرپ نه ونرائڻ ڪري ڏاڙهي وڏي جهب تي وئي هئس. هڙباڻون ٻاهر نڪتل ۽ اٽيي منهن تي ڏرا ڏيئي ويل اکيون، برسات ۾ ويهي ويل جاڙيون قبرون پئي لڳيون. سندس اڳيان نوجوان ٻئي ٻانهون ڪنڌ هيٺان ورائي ڪپڙي جي وڏي هڙ کي ٽيڪ ڏئي جنگهون سڏيون ڪري وينل هو. نوجوان عورت چولي جي ڳلي مان ٽڻ ٻاهر ڪڍي ابهم ٻالڪ کي ٽڄ پئي ڏني. ۽

ننڊڙا ڇوڪرا ، جن جون عمريون پنج ڇهه سال مس هيون ، گهري ننڊ ۾ ستل هئا. ڪٽنب جو بي زبان ۽ وڏيل ياتي ، پالتو ڪتو ، ڪائنس ٻه چار وڪون پرتي سيءَ ڪان ڪر ۾ منهن هٽي ستل هو. نه گڏهه نه گهوڙو ، توڪل جي ترهي تي تڳندڙ اشرف مخلوق جو درجو رکندڙ انساني ڪٽنب ۽ ان ڪتي ۾ رولاڪيءَ سميت ڪوڙ هڪجهڙايون پئي لڳيون. جتي ديندارن ۽ نيڪو ڪارن هن انساني نسل کي معمولي ڏيان جو حقدار به نه سمجهيو هو ، اتي هڪ ڪتي جو بڪ ۽ ڏڪ ۾ ڪٽنب سان سات نيائڻ جو وڙ ۽ ڏت ، اعليٰ انساني قدرن اڳيان وڏي سوال جي نشاني پئي لڳو.

پڪي ننڊ ۾ ستل ڇوڪرن دڙها هٽي مٽان پيل رليون لاهي ڇڏيون هيون ۽ سيءَ ۾ ڏوڙا ٿي پاڻ ۾ پاڪر وجهي ستل هئا. سندن جسمن تي ميرين ۽ پراٽين قميصن ڪانسواءِ ڪوبه اوڍڻ نه هو ، جن کي ڏوتي به هفتا نه پر شايد مهينا ٿيا هئا. هينئين ڏڙ تي ڪانڇون نه هئڻ ڪري سندن اوگهڙ ڏسڻ ۾ پئي آئي. سندن وهيءَ ۾ ڪانڇ ۽ ڇپل جهڙيون فضول شيون هيون به ته ڪونه! سندن ابن ڏاڏن ۽ پڙڏاڏن ان وهيءَ ۾ ڪهڙيون ڪانڇون پاتيون ۽ پير ڏيکيا هئا؟ عيد جي ڇوڙ ماڻ ۽ خوشين کان بي تعلق ٻئي ٻارڙا نوجوان جوڙي جو اولاد هئا. عورت هٿ وڌائي ٻنهي ٻارڙن مٽان رليون ورائي ڇڏيون. سندن گذران جو وکر ، چار پنج ٽهيل ڇڇ ، ڪوندا ، تيلين جو ٻڌل گڏو ، چمر مان وٽيل ڏاڳن جو ڏيرو ۽ ڇڇن تي ڇٽ ڪيڻ لاءِ رنگ جا ٻه ننڊڙا ڏٻا پرسان رکيل هئا.

عيد جي پلاريءَ رات معصوم ٻارڙن کي ان حالت ۾ ڏسي اکين جي اُپ تي ڏکهرا بادل پرجي آيا هئم ، جن وسڻ لاءِ وس پئي ڪيا. ٻنهي ٻارڙن ڏانهن چتائي ڏٺم ، سندن ڏڏڙ پريل ڇهرن مان معصوميت ڏوٽيل ٻير جي ٽار مان پڪل ٻيرن وانگر ڇٽي پئي. وارن جون اٽيبون ڇڳون هوا ۾ اڏري سندن بند اکين جي پنبٽين کي پيار مان چميون پئي ڏنيون. اگهاڙن پيرن تي مٽيءَ جا تهه جمي جمڙيءَ جو حصو ٻڌجي ويا هئن. ڇپن تي معصوم مرڪون وکريل هئن. شايد سپنن ۾ ڪنهن نيڪ دل پريءَ جي ڪلهن تي سير پئي ڪيائون يا

خوابن ۾ نوان ڪپڙا پائي عيد جون خوشيون ماڻي رهيا هئا ، تڏهن ته سندن چهرن تي البيليون مرڪون هيون. چو ته ، سپنا ڪنهن به طبقاتي ڪوٽا ۾ ورهايا نه ويندا آهن. ذهن لاتونءَ وانگر قيراتيون پئي ڪاڌيون. سوچون آگر ويڙهه وانگر ذهن ۾ ڪُرڻ لڳيون هيون. خيالن ۾ گم پنهنجي منهن پٽڪيم پئي.

"ٻار ته سماج جو بنيادي ايڪو هوندا آهن ، آلي مٽي وانگر! انهن کي ڪو به روپ ڏيڻ وارو به سماج ئي ته هوندو آهي. هنن ٻڪندڙ انسانن لاءِ مهذب سماج جو ضمير چو نٿو جاڳي؟ آدميت آخر سندن ڏکويل احساسن ۽ جهريل آسن کي چو ڇهي نه سگهي آهي؟"

اکيون ٻارڻن تان ٽيندیون ڪراڙي ڏانهن ڪڇي ويون ، جيڪو رليءَ ۾ ويڙهيو پت کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. سندس چهري تي فلسفين جهڙي سنجيدگي ۽ صدين جي رولاکيءَ جو درد هو. هو سنڌو تهذيب جو اٻاٽڪو ۽ ويڳاڻو روح پئي لڳو. تهذيبن ڏاڪاڻل هن انساني نسل جي ڪٽنب کي ڏسي ذهن جي سگريءَ ۾ ٽاندن جهڙا سوال دکڻ لڳا هئا.

"انسانن جا هڪ ٻئي سان درد جا رشتا ايترا وٽيرڪا چو ٿي ويا آهن؟ هنن جيئرن جاڳندن ۽ متحرڪ انسانن کي ڪو مذهب پناهه جو پاند ۽ ڪابه تهذيب ڇت جي ڇانءَ ۽ اٽ سلي جو حق چو نه ڏئي سگهي آهي؟"

عيد جي خريداري ڪري موٽندڙ ماڻهو پاڻ ۾ ٻوڙ چرچا ڪندا گهرن ڏانهن پئي موٽيا. عيد جي خوشيءَ ۾ به هٽ مٽي اڏامندڙ همراهن جي هنن ميرن سيرن خدا جي بندن تي اک به نه پئي پڏي. انهن دلين جي انڌن وٽ اکيون ته هيون پر ڏسڻ واري ديد نه هئي. نوجوان عورت جي ڳالهاءِ تي ڌيان ڇڪجي ويو. هوءَ منهنجي موجودگيءَ کان بي نياز ، ويندڙ ماڻهن کي ڏسي ، مڙس سان مخاطب هئي.

"او ، مڙسالي ته ڏيک ، مڙسالي. بدان ۾ ۾ چاتي پئي ويندي هن."

"ها ، ها. عيد دا سامان ڳڏا هوسن. "نوجوان رکائي مان وراٽيو.

"وڏي پيٽ واليان دي پيڙ ته ڏيک پيڙ....! قاتدي پئي هن."
عورت ڳالهايو.

"او رن، ڏيان ڪر، ڏيان.....! عيد هئي وڏيان ماڻهيان دي، آپڻا عيد وچ ڪو ڏول ڪو چمٽا؟" نوجوان چڙڀ ڏيندي وراڻيو.

"لنگهي لوري ٻه عيد ڪريسن، ڇڄ ڪوندي واليان ڪون ٻه ڪُتي دا ساهه ته ڪونهي؟" عورت وراڻيو.

ماڻ ٿي وئي. ڪجهه ساعتن ڪانپوءِ نوجوان عورت ٻيهر ڳالهايو.

"او، سڏيندا هئين؟"

"اوها، ها، آک." نوجوان وراڻيو.

"آپڻي ڇهر ٻه پنڻ گهت ستي هن پنڻ." عورت ڳالهايو.

"او رن، پنڻ ڪهڙي ڳالهه دا پنڻ؟" نوجوان حيرت مان عورت ڏانهن ڏٺو.

"آکي، عيد دي نوين ڪپڑي گهنسون نوين." عورت وراڻيو.

نوجوان سڏو ٿي ويٺو ۽ ڪاوڙ مان عورت کي گهروڙي پوندو ڏيندي چيو.

"ٻال دي ڀهاني گهوڙا ڳڏي آوين. ويلا تيڪون آپڻا، مريندي پئي هئين ماشوم ٻالان تي."

"اوڇهر، ڪيون پيا ڳيوراڙي زال ڪون چڙهيندا هئين؟ ڪراڙي وچ ٻر ڳالهايو.

"او ابا، نريناڪ رن دي ڪمر ته ڏيک ڪمر. ڳالهه نه ڳالهه دا مٽا. ننڍي چا مچائي هس ننڍي." نوجوان ڪاوڙ ٻر ڳالهايو.

"او، لح ڪر لح. ڇهر رانيهاڙ ڪر، ڪوڙيج لنگهڻ سمهه پئي هن لنگهڻ." ڪراڙي چند پٽيندي چيس.

"ابا، ڏيک ته سهي، آڏي رات ڏگري لڏي هس ڏگري."

عورت منهن کي موڙو ڏئي چيو.

"او ڪوچري رن، هڻ جهل وات ڪون جهل، لت تي لت مار چير نه گهٽئين. جڏ ئي جڏ ڪر پڪت ٻه پوري نهين ڏيوين نه ٽاهه ڪوجمر." نوجوان ڏڪ الاريندي وراڻيو.

"او بابو بڈ، نرت ڈار نرت. وڈا ڪڏوالا ٽي پيا هئي. تسينگ دا پٽ." ڪراڙي ڪاوڙ مان چڙب ڏيندي چيس.

"ملا چور، بانگا گواهه....! او ابا، رن دي وٽپ نه ڪر وٽپ. تيڪون ڪسڪ پوي تہ آکس ٻٽيڪا نہ ڪري مين نال."

نوجوان ٽوڪ واري انداز ۾ ورندي ڏني.

"اوڇهر، ايڏي مگر نہ ڪو مگر، ماشوم ٻال هن ماشوم، عيد دا ٻاٻور پيا تہ آڻ رڏي ڪيتن. الها ٻلها ڪر مس ستي هن." ڪراڙي ڏيرج سان نوجوان کي سمجهائيندي چيو.

"ڳئي اگهاڙي، لال ڦيري. او ابا، سٽر چون پٽ پيا ڏينداهئين پٽ. او، رهہ پئيج ويسن رهہ. اهو ڪر جو اوڙڪ سهاءِ ٽيوي." نوجوان جو لهجو بہ ڏيرج وارو هو.

"او ابا، رُکا روح نہ ٽي رکا، ماشومان دي مهابي مالڪ دي هٽ هوسني هٽ." ڪراڙي وراٽيو.

ٽئي سوچ ۾ ٻڏل هئا. نوجوان عورت ننڊ ۾ ڳهريل ابهم ٻار کي ٽٽن تان لاهي رليءَ تي سمهاريو ۽ رلي ٻيٽي ڪري مٽان وجهي چڏي ۽ ٻار جي ننڊ پکي ڪرڻ لاءِ ڪيس پنن تي ٽڪيون ڏئي لوري ڏيڻ لڳي.

لا الہ الا الله،

الله، ٻچڙا وڏا ٽيوي.....!

هوءَ لوري تہ ابهم ٻالڪ کي ڏئي رهي هئي، پر اکيون ننڊ ۾ ستل ٻنهي ٻچڙن ۾ هئس. ممتا جو پيار لڙڪ بڻجي اکين ۾ اوتجي آيو هئس.

نوجوان کيسي مان پن جون ٻيڙيون ڪڍي، هڪ ٻيڙي دکائي هٽ ڊگهيري ڪراڙي کي ڏيندي چيو.

"صبح مرداڻي الائي ڪهڙا چنڊا منهن پيا، رُل رُل جڙهہ نڪل ڳئي، هڪڙا ڇڄ بہ ڪونهي کتا. چلهہ پاڻ دا خرچ بہ ڪونهي."

"ابا، عيدوار هئي عيد. ماڻهو ڇڄ ڪوندي ٻلا ڪيون گهنسن؟" ڪراڙي وراٽيو.

عورت پوتيءَ جي پلئه سان اکيون اگهيون ۽ پرسان پيل نندڙي هڙ مان پراڻي اڳڙيءَ جي ڳنڍ کولي ۽ چار مروڙيل نوٽ ۽ ريجو ڪڍي نوجوان ڏانهن وڌائيندي چيو.

"هان، گهن. ڇهر پاڻي ميڙ ميڙ گڏ ڪيتي هن."

نوجوان پئسا ونڊي هٿ ۾ کيا ۽ حيرت مان عورت ڏانهن ڏسڻ لڳو. ٻنهي جون نظرون ستل بارڻن ڏانهن کڄي، هڪ ٻئي سان مليون. ٻنهي جي اکين ۾ لڙکن جا موتي تريا پئي ۽ چپن تي اڻ لکيون مرڪون هيون. ڪاڙي اڏبيڙي اجهائي سيراندیءَ کان رکي ۽ رلي مٽان ورائي سمهي پيو.

ڳوٺ جي گاڏي ماڻهن سان چڪار بيٺي هئي. بينچ تان شاپنگ بيگ کڻي ڊوڙي هلندڙ سوزوڪيءَ ۾ چڙهيس. سوزوڪيءَ جي پيرڙيءَ تي بيهي تيسيتائين ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسندو رهيس. جيسيتائين سوزوڪي موڙ نه ڪٽيو. ڏٺم نوجوان رلي مٽان ورائي عورت کي ٻانهن مان ونڊي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ هڪ رليءَ ۾ ٻه نوجوان جسم پاڪرن ۾ ملي هڪ ٿي ويا هئا.

xxxxxxx

## پيڙهيءَ جي ٽنڊ

چاچي لالڻ جي جوڪ ڇڙي وئي هئي. وهيءَ جو سڄ موٽ ڪائي اچي نيرڙيءَ وچينءَ تي بينو هوس، جنهن ۾ اُهو تاب ۽ تڪ تائي نه رهي هئي. ڪهي سا چگي هيس، انڪري ڏسڻ ۾ ته پڙڪ ۽ جوپ ٿي لڳو، پر زندگيءَ جي لڳ پڳ سمورين توانائين کان وانجهيل هو. سڪي ٽوڙهي ٽيل ان وڻ وانگر جنهن جي ٻيهر سائي ٽيڻ جا ڪي به امڪان نه هجن. هو وهيءَ جون هستيءَ مستيءَ واريون مندون لتاڙي عمر جي اُن حصي ۾ پهتو هو، جنهن ۾ ماڻهوءَ جو رت ولهه تي رکيل دلن جي پاٽيءَ وانگر ڳگر جي ويندو آهي ۽ جذبا آفيم جي موالیءَ وانگر ساٿا ۽ خواهشون کيريون ٽي ويندیون آهن. هو هنيانءَ جي ڏڍ تي نه رڳو چاندیءَ جهڙن وارن کي خضاب جو مک ڏئي پاڻ کي سگَ پيجائي گابو بڻايو وتيو، پر رڳن ۾ جمي ويل رت کي وٽيرڻ ۽ گرم رکڻ لاءِ حڪيمن جا ماريل ڪک ۽ ڪشتا به استعمال ڪرڻ لڳو هو. هو مئل ڦر واري مينهن وانگر ڪکن ۽ ڪشتن جي پاڙي تي جوان ته ٽيو پئي وتيو، پر جواني ته جواني هوندي آهي، جيڪا سنڌوءَ جي سير ۾ لهواري لڙهندو ٻانڊ وانگر وچي ڪڏهن به موٽ نه ڪائيندي آهي. هن کي پنهنجي پوهائين حال ۽ موڪلائيءَ وارا سنئون ٻولائيندڙ وهيءَ جي ڳٽتيءَ جهوري وڏو هو. ڏسڻ ۾ ته ٽلهو ٽنيرو ۽ مواڙ ٿي لڳو، پر ڪٽڪ جي ڳنڍي وانگر اندران کاڦل ۽ پورو هو. ايئن به نه هو ته کيس موت کان پوءِ ٿي لڳو. جيڪو ڏکر ڏهيو آهي، ان کي ته اوس پُرٽو آهي، پر ڏنڊ ڦاڙڻ بنان نپڻو آنڊڻو ٿي مرڻ جي خيال ڏکائي ٿي ڇڏيس.

سڀ جي ڏاڪي ۾ پير گهلينڊڙ چاچي لالڻ جي اڻ تڻ ۽ هورا کورا اجائي ۽ ته نه هئي: رب جو ڏنو سيڪجهه هوس. ٻنيون ٻارا، مال رزق، پيسو پنجڙ، ڏٺي ايترو ڏنو هوس، جو سندس ڏن پيڙهين جي ۽ ڪائي ڪٽائڻ کان گهٽو هو. مالڪ ڪنهن شيءِ کان نه سڪايو هوس. پل پائي ۽ هڙ جو حرج سهڻ واري چاچي لالڻ جي سڪئي جيون ۾ رڳو هڪڙي ڪمي هئي. سندس وڏي ۽ عاليشان گهر ۾ پينگهو لوڏڻ واريون ته هڪ کان وڌيڪ هيون پر پينگهي ۾ لڏڻ وارو ڪو ۽ نه هو. پيڙهيءَ جي لپ مٽيءَ لاءِ هن ٽي شاديون ۽ ڪيون، پر سندس پاڻُ ٻهر جي چوٽيءَ تي ماکيءَ جي ماناري وانگر هو. اولاد لاءِ مڙس ڏٺي وٺي ٻيٽو هو. جيڪي جهد پٽيا هٿائين، سي خدا جي ڪاڻ ۾ لکيل هٿا. چا چا نه ڪيو هٿائين؟ اوري پري جا ننڍا وڏا پير ۽ پيٽي چڪو هو، ته بزرگن ۽ اولياٽن جون چانئٽون ۽ چمي ڏنيون هٿائين. ڏاڍا، ڏيٽا ۽ آزمائي ويٽو هو، ته ساڻ سوڻ ۽ ڏس پنڌ ۽ ڪري ٽڪو هو. خير خيراتن، نذر نيازن، صدقن ۽ باسن جو ته ڪاٽو ئي نه هو، پر سندس اونداهي اگڻ تي ڪوبه چنڊ نه جهليو هو. هو اُجڙيل آکيري جي ککن وانگر وکري ويو هو. آس ۽ ويساهه جي جنهن سيٺهه تي هو جيون جي تار ۽ تانگهي پاٽيءَ ۾ تريو پئي، ننڍڙي ناڪاميءَ ان سيٺهه ۾ مايوسين جا سوراخ ڪري وڏا هٿا. پراٽي سنگتي ۽ حال پائي سيٺ نوردين جي زور پرڻ تي هو ڪومايل من جي پڌر تي آس جا ديپ ٻاري وڏن ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ لاءِ ڪراچي ويو. مختلف ٽيسٽن کان پوءِ وڏن ڊاڪٽرن اهو چئي سندس ذهن جي ڪنڊ پاسي ۾ رهي ڪهي اميد تي پاٽي ڦيري چڏيو ته "تو ۾ اولاد پيدا ڪرڻ وارا جزا ئي نه آهن، انڪري اولاد ٽيڻ جو ڪوبه چانس نه آهي!"

هو ڳوٺ موٽي آيو، پر اڃ به نه رهيو هو. ساهه ڪٽندڙ ٻُوتو هو، جنهن مان جياپي جا رنگ روڙجي ويا هٿا. ڏگَ مڙس چند ڏهاڙن ۾ درياهه وانگر پٽا ڏئي لهي ويو هو. مايوسيون مٽاڻ جي مڪين وانگر ورائي ويون هوس. هو مات جي امر ۾ هليو ويو هو. مرڪون ۽ ٽهڪ ڪٽور محبوب وانگر رُسي ويا هوس. وارن ڪي خضاب هٽڻ به

چڏي ڏنو هئائين. ايئن ته ٿيڻو ئي هو. زندگيءَ جي ڏور آس جي ڳنڍيين سان ٻڌل هوندي آهي. زندگيءَ مان آس جا رنگ اُڏامي وڃن، ۽ اکيون خوابن کان خالي ٿي وڃن ته، نه رڳو جيئڻ تان ارواح کڄي ٿو وڃي پر جيون جو هر پل پياري پٿر ٻڌجي پوي ٿو، جيڪو کڄي ئي نٿو. هو يارن دوستارن ۽ ڳوٺ جي ماڻهن سان ملڻ جلڻ جي واڻ پڄي، سامايل نينگريءَ وانگر گهر جي ديوارن اندر قيد ٿي ويو هو. هو پنهنجن گهاٽن يارن شاهو ڊڪڻ، عدلو حجم ۽ ڦتو لوهر جي دڪاڻ تي ٽيندڙ ڪچهريون مان بہ گسائڻ لڳو. ان اوچتي تبديليءَ تي ڳوٺ ۾ سندس باري ۾ پانت پانت جون ڳالهيون ۽ چڑواڳ تبصرا ٽيڻ لڳا. واتوڙي ۽ منهن ڦاڙ ماڻهو ته هٿ نوڪيا قصا ۽ کهاڻيون گهڙي، مرچن مسالن سان ڪچهرين ۾ بيان ڪرڻ لڳا هئا. سندس زندگيءَ جي ڪتاب جي ان باب کي ڪو وقت ته ماڻهن وراڻا ڏئي پئي پڙهيو ۽ پوءِ ڪ ٿي نٻي چڏيو.

تاڪ منجهند هئي. ڪٽڪن جي لابارن جا ڏهاڙا هئا. ڏرتي کورو ٿي وئي هئي. لڪ ۽ جهولن جي جهڙپ ماحول کي ڪوساڻ جي لپيٽ ۾ آٿي چڏيو هو. سج جي تنور ۾ ڏرتي مانيءَ وانگر پچي سوڪ ٿي رهي هئي. ڪاڻ جي اک پئي نڪتي. ڦتو لوهر جي دڪاڻ تي ڏاڍا نپائيندڙ آهتين ڪانسواءِ ڳوٺ جا پڪا پوڙها ۽ نوجوان پٽ تي ويڄايل ڳوٽين ۽ منجين تي وينل هئا. برندڙ ٻيلي جهڙي جهولي جي ميڙيل هوا دڪاڻ جي سرن جي پٽين سان ٽڪرائجي ڪو ساڻ ماري، وٽين مان اندر پئي آئي. ڪچهري متل هئي. ڳالهه جي پيٽ مان ڳالهه نڪري ڪچهري جو ڪانٽو اچي چاچي لالڻ تي اٽڪي پيو هو. ڦتو لوهر اگر باهه ۾ وڌا ۽ ڳوٺ جي ٽڪري سان سنڊاڻ کي اُگهندي چيو:

"هائو..... يار.....! مڙس ته ماکيءَ لار آهي، پر مايوسيءَ جي مر گوڏا چٽي وئي اٿس."

"ابا.....! لکئي جا ليک آهن. ريجهي ٿو ته اڇن مٽن واريون بہ پٽ پيون ڇٽين." چاچي دينل وراٽيو.

"ادا.....! پٽ منيءَ جا بہ پلا. اولاد ڪانسواءِ بہ ماڻهو آهي ڇڻ بند جو بند." پيرل ڳالهايو.

"منا....! رنگيءَ جا بہ رنگ آهن! ڪٽي تہ اولاد ٽيلهجي پيو ۽ ڪنهن کي لپ مٽيءَ لاءِ بہ سڪائي پيو ماري." خميسي سر جهلايو.

"بس.... يار ....! بيوس اُٽن بار چڏيا. رهي ڪهي اميد هئس. ان تي بہ ڊاڪٽرن پاڻي ڦيري چڏيس." ڪرڙ ڪوريءَ وراٽيو.

"ابا....! ماڻهوءَ ول ڊگهي آهي. ماڻهو جو دم جيئي، بي همٿو ٿي آس نہ لاهي. دوا جا در پلي بند ٿين، پر دعا جا در تہ سرير ۾ اٽڪيل آخري ساهہ تائين بند نہ ٿيندا آهن. ڊاڪٽرن جا لادوا ڪيل ڪوڙ بيمار، دعائن سان نوبنا ٿيندي ڏٺا اٿئون." چاچي دينل ورندي ڏني.

"چاچا .....! ڳالهہ پلي ....، پر دعا جو ڪهڙو در آهي، جيڪو نہ پيٽيو اٽس. باسن جون ڳنڊيون ٻڌي ٻڌي چپٽيون سور ڪرڻ لڳيون اٽس." پيرل ڳالهايو.

"ابا.....! هر ڳالهہ امر جي محتاج آهي. هر ڪم پنهنجي مداءَ تي ئي ٽيٽو آهي، پوءِ ڪڏهن هٽان تہ ڪڏهن مٽان! هونئن بہ اونده کي پاراتا ڏيڻ کان چگو آهي تہ سوجهري سان اوندهہ کي تڙجي." چاچي دينل وراٽيو.

"ادا ...! جيڪو واءُ لڳي، ان کي سامهون ٽجي. مرد جو ڪم آهي تہ مايوسين جي ڦلهيار مان بہ زندگيءَ جي ڪا چٽنگ ڳولي وٺي. لالڻ وانگر صفا تار ڪان نڪتل ماڻهو بہ ڪونہ ٿو نهي!" ڦتو لوهر چيو.

ڪرڙ ڪوريءَ جي ڏيان چڪائڻ تي وينلن جون نگاهون ڳوٺ جي تہ- واٽي ڏانهن ڪڇي ويون. سڀ حيرت مان اکيون ڦاڙي سالڻ موچيءَ کي ڏسي رهيا هئا، جيڪو پلي گهوڙي وانگر مينهن واچ ڪندو واڪيندو پئي آيو.

"خدا خير ڪري... چنڊي جي وک خيري ناهي،" چاچي دينل ڳٽتي ظاهر ڪئي.

"همراهہ جو پير پٽ تي ڪپي ئي نٿو. ڏٺي منهنجا تون خير ڪجانءِ ...! نورل ڳالهايو.

سالڻ سهڪندو دڪاڻ ۾ داخل ٿيو ۽ سر هيڻان ڏيئي، منهن جي ٿوٿيءَ کي ٽيڪ ڏئي ويٺو. پوٽڙو مٽي تان لاهي منهن تان پگهر اگهڻ لڳو. موالي مڙس هو، چو هي هلڻ ڪري ايساهي وٽي وئي هوس. ويٺلن جون نگاهون هن ۾ ڪتل هيون ۽ حيرت مان اکيون ڦاڙي ڏنائونس پئي. ڦتو لوهر چمڙي سان ڍاڪا باهه ۾ وڌا ۽ ٽنگن کي ويڙهيل ڳوڙ جي ٽپڙي لاهي ٽنگون ڏگهيريندي چيو.

"سالڻ .....! ڏي حوال .... خير ته آهي؟"

سالڻ کاٻ ورندي نه ڏني، رڳو هٿ جي اشاري سان کيس ترسڻ لاءِ چيو ۽ ٻئي هٿ گوڏن تي رکي اکڙيل ساهه جائيتا ڪرڻ لڳو. رکي رکي بلان واريون ڦوڪون ٻه ڏنائين پئي. ساهه سڌير ٿيس ته سڌو ٿي ويٺو. پرسان رکيل دلي مان ٽڪر جي کنجيءَ ۾ پاڻي اوتي ٽن ساهين ۾ پيتائين ۽ ويٺلن جي اتاولن چهرن تي تکي نظر وجهي اونهو ساهه کڻي چيائين:

"ڪجهه ٻڌو ٻه اٿو....؟"

سمورن وائڙن وانگر کيس ڏنو ۽ گڏيل آواز ۾ وراٽيو.

"نڪو .....! چا ٿيو آهي ....؟"

"ابا ..... ڏيو منهن ....! وڏو جهان لڳو پيو آهي." هن مامر ۾ ڳالهايو.

"پر ... نيٺ ٻه ....! اسين ٻه ته ٻڌون ....!" ڦتو لوهر وراٽيو.

"سائين ....، قصو واهه گروءَ کان چڙهيل آهي ....!" هن اينگهه ڪئي.

چاچو دينل جنهن گهٽي دير متس ڪٽڪيون پئي کاڌيون. سجيهه ڦوکيل ڦوڪٽي وانگر ڦاٽي پيو. هن کانپ کولي کاوڙ مان کيس گهروڙي پوندو ڏيندي چيو.

"اڙي.... ٽڪن جا پها ٻڌئين ....! او، ڪتا....! هاٽي پونکندين ٻه سهي يا ....؟"

سالڻ هيڏا ڏند ڪيي ڦڪائيءَ واري کل کلندي ڳالهائڻ لڳو:

"گلڻ مرهيات جي ڏيءَ آهي نه ياڳان .....! ان ماسي بچل هٽان چاچي لالڻ کي چوائي مُڪو آهي ته هوءَ سائس شاديءَ لاءِ تيار آهي. ماسي بچل ته ايتري تائين ٻه چيو اٽس ۽ سينڊ ٻه ڏني اٽس ته

ڏيءُ پٽ خدا جي وس آهي، باقي بن سالن ۾ پاڳان جي پيٽان اولاد نہ ٿيو تہ منهنجي سينڊ آهي. جيڪا چور جي سزا سا منهنجي ...!"

همراهن جا ٽپ ٽري ويا. تپرس ۾ ويڑهجي سوال جهڙين نگاهن سان هڪبئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. کا مهل سوچن ۾ گم رهڻ کان پوءِ ڪرڙ ڪوريءَ مان کي ٽوڙيو:

"نينگري تہ رنيل آهي، جنهن جو جواڻ جماڻ مڙس ذرو شاديءَ کان مهينو پوءِ گذاري ويو هو."

"توبهن ڪبي...! ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي. رنون بہ مڊمن وانگر گهريو پيون مڙس ونن." خميسي ڳالهايو.

"بکن ۾ ڪل رگڙائڻ کان وئي اٽس، سو ڪل سائي ڪرڻ لاءِ جهٽ پئي هٽي." پيرل ڳالهايو.

"ابا....! شراع ۾ شرم ڪونهي. ويچاري غريب ءِ ڏکويل آهي. ماءُ کانسواءِ ڪو اوهي واهي ڪونہ اٽس. جواڻ جماڻ آهي، جي گهُري مٽي ڇانءُ ڪيائين تہ ڪهڙي اربعا خطا ٿي پئي!" چاچي دينل ورندي ڏني.

"چاچا....! ڏائڻ اٽئي ڏائڻ....! ڪوڏن جهڙن مڙس کي ڳڙڪائي وئي." سالڻ موچي ڳالهايو.

"اڙي.....! تنهنجي جو زال مري وئي، پوءِ تون بہ تہ آدمخور ٽئين نہ...؟ نورل چنڊ پٽيندي وراٽيس.

"پيرن فقيرن ءِ وڏن ڊاکڻن کان ڳالهہ چڙهي وئي، باقي هيءَ سوکڙي مٽان لٽي آهي، جيڪا چاچي لالڻ کي پٽ ڇٽي ڏيندي." ڪرڙ ڪوريءَ منهن کي موڙو ڏيندي چيو.

"ابا....! پنهنجين ڇاين وارا آهيو. پرائي ڇائيءَ لاءِ ايئن نہ ڇئجي. پنهنجي پٽ ورائي ڪنهن بہ کانہ ڏني آهي. حق گهريو اٽس، کو چگهہ تہ ڪونہ ڪيو اٽس؟ نکو ڪنهن سان پڇي نڪتي آهي، جو سيني جي واتان گڻ پئي ڳڙي!" چاچي دينل جو لهجو سخت هو.

"بيلي....! خدا سان ڪم پوندو. نينگري غريب سو آهي، پر آهي همت پري ءِ ماٺهپي واري....!" نورل ڳالهايو.

مان ٽي وئي. چاچو دينل ٽڏو ساهہ ڪٽي ڳالهائڻ لڳو.

"ابا.....! غريبيءَ ۾ سو عيب آهن. ڪنهن غريب مان وڌون ڪيڏ تہ سولو ڪم آهي. پر ڪنهن ڏکويل تي هٿ جي ڇانءُ ۽ همدردي ڪرڻ کان سيني کي برو ٿو چڙهي. مڙس مئي کان پوءِ ويچارپي بکن، ڏکن ۽ بيمارين ۾ ماءُ سان گڏ حياتيءَ جا ڏينهن پئي گهاري. ڳوٺ وارن کڏهن ٻہ پير پري سندس سار ٻہ لڌي آهي تہ مئي يا بچي؟ کڏهن ڪنهن کيس ان جي پاڻي ٻہ ڏياري موڪلي آهي، جو وڏا پگڙ ٻڌي عيب ڪيڏ وينا آهيو؟" چاچي دينل سيني کي چنڊ پٽيندي چيو.

سپ مان ٿي ويا. ڪنڌ هيٺ جو ڪيائون تہ جڻ ڪنڌ تي ڪنهن ڳري ڇوري رکي ڇڏي هئن. ڦٽو لوهر سوچن جي اوٽارن مان ڪنڌ ڪٽي ڳالهايو:

"هائو.....، پر، ان ڳالهہ جي ڪهڙي خاطري آهي تہ ڪيس چاچي لالڻ مان اولاد ٻہ ٽيندو؟"

"منا...! آدم جو دم، ڪنيو نہ ڪنڀي جهڙو! پنهنجو ساهہ ٻہ پرائو آهي. توکي ڪهڙي خاطري آهي تہ هتان جيئرو جاڳندو گهر ٻہ ويندي يا.....؟" نورل ورندي ڏنيس.

"اهو تہ ٺيڪ، پر ماسي بچل ڪڏهن کان ڪرامت واري ٿي آهي، جو ايتري پڪ سان سيڌ جو وچن پئي ڏئي....؟" خميسي ڳالهايو.

"ابا.....! ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي سؤڻ ٻولائيندو آهي. ٻڌو ڪونہ اٿو تہ مرڻ واري ماڻهوءَ کي ٻہ چاليهہ ڏينهن اڳ پسڻ پوندا آهن. متان ان ۾ ٻہ ڏٽي جي ڪا پلائي هجي!" چاچي دينل وراڻيو.

پاڳان، چاچي لالڻ سان شاديءَ جي ڳالهہ چا ڪئي، جڻ ڪنهن حرڪتي ٻار ڪکر ۾ ڪڙو وهائي ڪڏيو هو. لوڪ سمورو ٻوڪ بڏجي ڦاٽوڙي دهل وانگر وڄڻ لڳو هو. جٽي جٽي کي ڳالهيون جي اوڳر ورائڻ جي وڇڙندڙ بيماري لڳي وئي هئي. گهر گهر ۾ ڏني نہ ورتي ويچاريءَ تي ڦٽ لعنت جا وسڪارا پئي ٽيا. ڳوٺ جي ڪن ٿورڙن ماڻهن کي چڏي. زالين مڙسين ماڻهن جي پاڳان تي اهڙي تہ ڪاوڙ چڙهي هئي جو لاتي ٻہ نہ پئي لٽي. جڻ ڪبيرو گناهہ ڪيو هٿائين، جنهن جي بخشش هئي ئي ڪانہ! "چي، چوري....، منهن

اگهاڙي....! ڏيجهان رنوٽيءَ جو ليڙو اچي لٽو آهي....! هانءُ ٿو قاتيس مڙس لاءِ....!مائي.....! شرم ڪونهي، ٻيو سيڪجهه آهي.....!" ڪي ڏاڍڙا ته ياڳان ۽ چاچي لالـڻ جي شاديءَ جي ڳالهه ڪينهوڙي وانگر گهرن کان اوطاقن ۽ دڪاڻن کان هٽن تائين ٽيلهبي رهي. ان سنسني واري ناٽڪ جو مرڪزي ڪردار ماسي بچل، گشتي شادي دفتر وانگر سڀائو ماحول جوڙڻ لاءِ سارو ڏينهن هن گهر کان هن گهر تائين جتيون گسائيندي رهي. سندس ڪوششن نيٺ هٽي وڃي هنڌ ڪيو. چاچو لالڻ پهرين ته اُٺ پير ناهي ٻينو، پر مٽن مائٽن جي زور پرڻ ۽ پڳ مٽ يارن چاچي دينل، ڦتو لوهر ۽ ٻين جي سمجهائڻ تي ڪنڌ ڪدائي نه سگهيو.

"ابا....! ماٺهوءَ ماٺهوءَ جو ياڳ آهي. من اچي مٽي ۾ راڻو ريجهي پوي ۽ ياڳان جي لڪئي مان ڪا پيڙهيءَ جي تند ٽي پوي....!" چاچي دينل سمجهاڻي ڏيندي چيس.

ياڳان جي ڳٽتي ڏينهون ڏينهن وئـي پئـي وڌندي. ڳالهين ڳالهين ۾ شاديءَ کي سال اچي ٽيو هو، پر سندس ڪک سائي نه ٽي هئي. ٽئي به ڪيئن؟ ٻني ته نهور هئي پر ٻج ۾ ڦوٽهڙي جي صلاحيت نه هجي ته....! ماسي بچل به حيلا هلائي چڏيا هئا، پر ٻنهي جون دعائون اگهامڻ بدران عرش ۾ اٽڪي پيون هيون. ويندين جي منڊل چڱن جهڙيون سوچون ورائي ويون هئن. ياڳان کي پاڻ تي جڪ پئي آيا. ماسي بچل جي چاڙهن ۽ پيٻين تي هوءَ وڏو فيصلو ڪري ته ويني هئي، پر لوڪ جي طعنن تنڪن جي ايندڙ طوفان جو سوچي پنهنجي پگهر ۾ ٻڏي ٿي وئي. ڪوريئڙي جي ڄار ۾ قاتل ننڍڙي جيت وانگر ڪيس ٻاهر نڪرڻ جو ڪوبه ڳٽو نظر نه پئي آيو. ماسي بچل کي به پڪ ٿي وئي هئي ته ڊاڪٽرن جي ڳالهه سچي هئي. ڦير ڦودني ۾ نه هو پر وت کوٽا هئا، پر هوءَ به آڻ مڃڻ واري نه هئي. هوءَ سينڊ جي وچن کي پاڻي ڏيڻ لاءِ آزمائش جي هر اوڙاهه کي اورانگهڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ لڳي. ڪجهه ڏينهن ۾ ئي هن سوچن جي ڏبڻ مان پاڻ کي ٻاهر ڪڍي ورتو هو. سندس چهرو آنريل پاٽيءَ وانگر پر سڪون هو. ڪيس منڊل سٽ جي ڦوري جو سرو هٿ لڳي ويو هو. ڪيس ياڳان کي اولاد

ٽيڻ جو رات کان پوءِ ڏينهن ٽيڻ جيترو يقين ٿي ويو هو. ڳوٺ وارن جون اکيون پاڳان ۾ هيون. ٻڌتر جي شڪار ڳوناڻن کي رڳو ان ڳالهه جو انتظار هو ته ڊاڪٽرن جو چيو سچ ٿو ٿئي. يا ماسي بچل جي ڏنل سينڌ ۽ ويساهه ٿو ڪٽي.....!

رات دير سان جڏهن ڳوٺ جا ماڻهو ننڊ جي پاڪرن ۾ هئا. چنڊ جي اناويهين رات ماحول جي پڌر تي اونداهيءَ جا تنبو کوڙي چڏيا هئا. رات لڙي چڪي هئي. اُپ تي ٽمر ٽمر ڪندڙ تارا ڳاهه تان موٽندڙ ڪڙمين وانگر ٽڪل ٽنل پئي لڳا. گهرن جي اوڏڪين پتين ۽ وٽن جي ڏارن تي پنڪيون ڪائيندڙ غير سرڪاري ٻانگا آرس پيچي اُٽيا هئا ۽ اُپ مان وسندڙ ماڪ مان وضو ڪري وڏي اسر جو اعلان ڪري رهيا هئا. ٽڏا منا سيءَ هئا. ماڻهو گهرن جي اڳڻ تي ماڪ ۽ مڇرن کان بچڻ لاءِ رليون تاڻي ستل هئا. چاچي لالڻ جي گهر جي پُٺ کان ايندڙ گدڙ جي اونائيءَ جهڙي آواز تي ماسي بچل چرڪ پري ڪٽ تان اُٽي. هن ساهه جهلي پڌر تي ستل گهر پاتين تي نظر وڌي ۽ اطمينان ٽيڻ کان پوءِ پير پير ۾ ڏئي ننڊ ۾ ستل پاڳان کي ٻانهن مان وٺي هلکو لوڏو ڏئي سجاڳ ڪيو. ٻئي ڇٽيون اجرڪون اوڍي گهر جي پٺ ڏانهن وڃڻ لڳيون. پريان گدڙن جي اوناين جا آواز پئي آيا. هو گهر جي پٺ جو وڏو ميدان اُڪري مڙسان تار لوڙهي جي پرسان وڏي ڪالر وٽ بيهي رهيون. هڪ قداور پاڇولو جيڪو ڳڳهه اوندهه ۾ مس ڏسڻ ۾ ٿي آيو. لوڙهي تي پاجاري رکي. لوڙهو ٽپي. هوريان هوريان هنن ڏانهن وڌڻ لڳو. تن پاڇولن مان ٻه پاڇولا پاڻ مليا ۽ گهاٽي ڪالر ۾ گم ٿي ويا.

xxxxxxx

## قيري لاءِ ترسيل وقت

چٽ جا ڏهاڙا هئا ڪانهه ته ڪاتو پر سر اچان نه ڪاتو هو. ڏينهن پاڻ پهر مس هو. سج پلي ڪميت گهوڙي وانگر ڪلاڪن جا پنڌ ڪري لمحن جي ماڳ تي هو. ماحول تي رڳهه ۽ گهُٽ اچان بہ ڇانيل هئي. هوا کي جڙ ڪنهن مانڊي، منڊ هٽي مندي ڇڏيو هو. وڻ جي پن کي بہ لڏڻ جو امر نه هو. ماڻهو پنهنجي ئي پگهر ۾ وهنتا پئي. ماڻهن جي بت تان پگهر ائين ريلا ڪري پئي وهيو جيئن ڊيپ فريزر مان نڪتل بوتل تان پاڻيءَ جو سنهيون بوندون لار ڪري وهنديون آهن. دڪانن ۽ هوٽلن تي پنکن هيٺان ويٽل ماڻهن جي بت تان پگهر سڪوئي نه پئي. شايد پنکن جي هوا کان پگهر جي رفتار سرس هئي. هر ماڻهو ڪنهن ٻار جي هٿ ۾ ڳرندڙ برف ڳنڍيو پئي لڳو. وڏڙا سڄ ئي ته چئي ويا آهن، "چٽ، نه ڪنهن جي مٽ."

سج ڪاڙي، پانڊيءَ وانگر آئي پائي پنڌ تي پير پئي گهليا، مراد پور اسٽاپ تي چگي موچاري چهل پهل هئي. ماڻهو ڪم ڪار لاهي سجهندي گهر پيڙو ٽيڻ لاءِ چابي پريل راندیکن وانگر حرڪت ۾ هئا. اُٽن، گهوڙن ۽ گڏهن جي سواريءَ وارو زمانو ته هيو ڪونه، جو ماڻهو سانءِ ستيءَ سان جيڏي مهل وٽيس بي الڪو سواريءَ تي لانگ ورائي گهر پيڙو ٽئي. وهڻ جي جاءِ ته ڊانسن ۽ سوزوڪين اچي والاري هئي، جيڪي مقرر وقت کان پوءِ نڪري ويون ته سامان جي بدمٽي تي رکي ميلن جا ميل بکيون ٽوڪٽيون ٽي پيون. اهي سور سڀ ڪنهن کي سجهيا پئي. ان ڪري سيڪو سيڪهه مان ڪير اڪلائي

نکرڻ جي چکر ۾ هو. رودِ جي ٻنهي پاسن کان دڪانن مان سيڊي حيرِ دڪانن تي چگي کاشي رش هئي. پيدين تي بارگيري کندڙ حمالي، رودِ تي پٽر ڪٽيندڙ مزدور ۽ ڏهاڙيءَ واري روزي تي تڳندڙ پورهيت، مليل مزدوريءَ مان نئين سج لاءِ نئون راشن سودائي رهيا هئا. گهر جي گُندين کي برو ڏئي اسٽاپ تي آيل جوانڙا هوٽلن جي بئنچن تي انڊين مار ڏاڙ فلمن جا پچاڙڪا پارڻ ڏسي رهيا هئا. ڪجهه نوجوان مانڊٽين تان ڊبل پتي مراد آبادي تماڪ وارا پان، گٽڪا ۽ سگريٽ ونڊي ڇوٽ موٽڻ جي تيارين ۾ هئا، ته ڪي همراهه کير جا ٻه چار سير هوٽل وارن کي وڪڻي، ڏوڪڙ چوياريءَ ۾ داڻا دڦا ڪري سڪٽيون چونريون لوڏيندا سوزوڪي اسٽاپ ڏانهن پئي آيا. دڪانن کان ڪجهه پرپرو سوزوڪي اسٽاپ تي ٻه سوزوڪيون هڪ داتسن ڏهاڙي جو آخري چڪر پورڻ لاءِ سوارين جي انتظار ۾ بينل هيون. گاڏين جا ڊرائيور چاٻين جا چلا آگرين ۾ قيرائي گاڏين جي پرسان ٽيلارا ڏئي رهيا هئا. شهر کان ايندڙ بسن مان لهندڙ مسافر ٻه سامان جون پروٽيون متن تي رکي نمبر ۾ لڳل سوزوڪي ڏانهن ڊُڪ پئي آيا.

اسٽارٽر چاچي نيکوءَ کارائي ۾ ٻڌل سندس جمار کان ٻه پراڻي واڇ ۾ اکيون چنجهيون ڪري تائيم ڏنو ۽ ڏندن کان وانجهيل قد ۾ سيٽي ڦاهائي نڪ مان ساهه ڪڍي زور سان وڄائي. موالي مڙس جا جهريل ڦڦڙ ڊگهي ڦوڪ جي سٽ نه سهي سگهيا ۽ هو ڪنگهه ۾ ونجي ويو. ڪنگهه ٻه ڪا جهڙي تهڙي؟ ڪنگهي ڪنگهي دوڏا ٻاهر نڪري آيس ۽ ساهه تُمجي ويس. پرسان بينل ڪلينر پڻا مهٽيس تڏهن وڃي ساهه وريس. هو ٻئي هٿ گوڏن تي رکي پٽ تي اوڪڙون ويهي رهيو. اکين ۽ ناسن مان پاڻي وهي آيو هئس. هن ڪنگهه ۾ اُتوڙجي وڏو اُٻڙاڪ ڏئي ٻليءَ جي متي جيڏو بلغم جو پنوڑو پٽ تي اڇلايو ۽ هٿن جي ترين سان اکيون اگهي گوڏ جي پلئه سان شهپرن ۽ واڇن تي لڳل ڪنگهه جي باقيات کي صاف ڪيو. جڏهن ڪجهه سامت ۾ آيو ته گوڏن تي هٿ ڏئي اٿيو. ٽڏو شوڪارو پري نمبر ۾ لڳل سوزوڪي جي بادِيءَ کي هلڪو هٿ هٽي گهُٽيل آواز ۾ چيو.

"هل ابل ، گاڏي کڻ ، شابس کيان بابي کي. ٽيم ٽي ويو آهي."

ڊرائيور سائيڊ شيشي مان کيس ڪڙڻين اکين سان ڏٺو ۽ چپن ۾ پٽڪندي گاڏيءَ کي پهريون گيئر ۾ هٽي ڪلچ ڏبائي ايڪسيليٽر تي هلکو پير رکيو. گاڏي هلکي جهٽڪي سان رڙهڻ لڳي ۽ اڏي واري جاءِ ڇڏي مرادپور ويندڙ روڊ تي اچي بيٺي. سوزوڪي هيٺ مٽي ماٺهن سان پريل هئي. ٻه چار همراهه فٽ پيريءَ تي ٻه بينل هئا ، پر ڊرائيور ۽ ڪلينر جو ايان ٻه پيٽ نه پئي پريو. ڊرائيور هارن تان هٿ کنيو ئي نه پئي ۽ ڪلينر ٽڙيءَ ڦاڙ واڪا ڪري ماٺهن کي سڏيو پئي.

"هل مرادپور ، تکڙو ، تکڙو."

اڏڻوٽ وهيءَ وارو هڪ سنهڙو سيپڪ همراهه سامان جي پروٽي مٽي تي رکي لڏندو لمندو پئي آيو. سنگل پاسري ، هڏڻن جي مٽ. همراهه بس اسٽاپ کان سوزوڪي تائين ايندي ڏٺي وٽي بينو هو.

جسم جا نٽ بلٽ ڊرا ٽي ويا هئس. سڄو پئي لچڪيو ، کيس ايندو ڏسي ڪلينر گاڏي کي ڏڪ هٽي رڙ ڪئي.

"استاد صبر ، پاسينگر اچي پيو."

ٻليءَ پير هلندڙ سوزوڪي کي بريڪ هٽي ڊرائيور ڪنڌ ٻاهر ڪڍي پوئتي نهاريو ۽ هڪل ڪري چيو.

"ماستر ، پير نه گهل ، وک وڌاءِ ، دير پئي ٿئي."

ماستر سهڪي اچي سوزوڪي پيڙو ٽيو ، ڪلينر کانئس هڙ وٽي سيٽ تي وينل همراهن جي پيرن ۾ رکي ۽ رڙ ڪري چيو.

"استاد ، جاڻي دوس ڊپل اي."

ماستر ٻئي هٿ چيلهه تي ڏئي نماٽيون اکيون ڪٽي سوزوڪي ۾ اندر ڏنو. سيٽ تي ويهڻ جي کاٻ گنجائش نه هئي. هن مٽي نهاريو پر سوزوڪي جي ڇت ۽ جهنگلي تي ٻه ماٺهو ، ماٺهو سان سلهاڙيو وينو هو. هن اونهو ساهه کنيو ۽ فٽ پيريءَ تي بيهي رهيو.

ماستر ڪريم ڏنو رٽائرڊ استاد هو ، جنهن پنهنجي ڄمار جو گهڻو ٽٽو حصو پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ڳوٺ ۽ تر جي ٻارن کي پڙهائڻ ۾ گذاريو. سال کن اڳ پينشن تي لٽو ۽ رٽائرمينٽ

جي ڏوکڑن مان ڳوٺ ۾ دکان کڌيو هئائين. کيس پُـٽيلو اولاد نہ هو. ٻہ نياڻيون هئس، جن جو بار ٻہ ڪڏهوکو لاهي چڏيو هئائين. هو سڻن استادن ۾ ليکيو ويندو هو. اسکول کي عبادتگاهہ ۽ پڙهائي کي عبادت جو درجو ڏينڙ هن سچي ۽ سادڙي انسان پنهنجي جوت جي وٽ سان علائقي ۾ علم جا ڏيئا روشن ڪيا. جڏهن ويجهي ڇڪ ۾ ٻيو ڪوبہ اسکول نہ هو تڏهن مرادپور اسکول ۾ پرپاسي جي ڳوڻن جا ٻار ٻہ وٽس پڙهڻ ايندا هئا ۽ ٻارن جي گهٽائي ڪري هو صبح کان شام تائين ٻارن کي پڙهائيندو هو. جڏهن رت رتي هئس ۽ ڦٽڻ ڦاٽڻ جي مند ٻہ هئس تڏهن مٽن مائٽن پٽ جي اولاد لاءِ ٻي شادي ڪرڻ لاءِ زور ٻہ پريس، پر هن اهو ئي چئي ننڍائي چڏيو هو تہ، "هيءَ اسکولي ٻارڙا منهنجا پٽ ئي تہ آهن."

سيڻن تي وينل همراهن مان گهٽا تٽا سندس ڳوٺائي هئا، جن جي ٻڇن کي هن علم جي چنڊٻڻيءَ سان چندبڻيءَ قوڪي سنواريو هو. کي ٻہ چار تہ منجهن اهڙا ٻہ هئا، جيڪي وتس ٻہ چار درجا ٻہ پڙهيا هئا، پر انهن مان ڪوبہ پنهنجي سيٽ تان اڻي کيس ويهارڻ لاءِ تيار نہ هو. ڇهن ميلن جي پنڌ جا مسافر ايئن اکيون ڦيرائي سيڻن تي وينل هئا جڻ حج تي وڃڻ لاءِ جهاز جي سيڻن تي وينل هجن. ماستر کي فٽ پيريءَ تي بيٺي هيٽائي ڪري بت ۾ ڏکٽي ٽيڻ لڳي ۽ ٻانهون ٽڪجي پيس. کيس ڏکٽيءَ ۾ ورتل ڏسي پرسان بينل همراهہ کي جهبي آڻي. هن کيس ٻانهن جو سهارو ڏنو ۽ ڪنڌ نوڙائي سيڻن تي وينل همراهن ڏانهن منهن ڪري چيو.

"يار، استاد ويچارو پيرسن مڙس، اڀ پيرو بينو ڏکي، کو جوان مڙس اڻي کيس ويهڻ لاءِ جاءِ نٿو ڏئي؟"

سيڻن تي وينل همراهن کي اها ڳالهہ ڏاڍي ڏکي لڳي. سندن منهن ڦري ويا. سڀ ٻڏو اڻ ٻڏو ڪري هڪبئي ڏانهن ڏسڻ لڳا.

"ڀائو، ماستر جا ٻہ تہ انڌ چئبا نہ، کهڙيون اڻ ڏڏيون پيون پهرنس؟ هڪ همراهہ چڙ مان وراٽيو.

"ڀلا، لڙڪڻ جو لاچار تہ کونہ هئس. کٽي پوئين گاڏيءَ ۾ اچي ها."

بي سمجهيءَ جي پاڻي چڑهيل انهن پتا ساڙيندڙ جملن تي ماستر جي چهري تي ڪوبه ناگواريءَ جو تاثر نه ايريو. شايد سماج جي ناڪاري روين مان ڦٽي نڪرندڙ اهرا اندر ساڙ جملا ٻڌن جو هيراڪ ٿي ويو هو. هن ڏٺي لهجي ۾ وراٽيو، "ابا، اوهين موڪرا ٿي ويهو، وقت جون گهڙيون آهن، ڏکيون سکيون ويندیون گذري."

سوزوڪي ڪٽس ۾ ورتل ماٺهو وانگر ڪنجهي. ڪرڪي ۽ چيڪٽ ڪري سنڌ جي معيشيت وانگر هنڌان هنڌان اڪڙيل روڊ تي هلي پئي. گنجائش کان وڌيڪ سوارين ڪري گاڏيءَ جو اڳيون حصو مٿي کڄي ويو هو. اڳين ٽائرن جڙ روڊ کي ڏڏڙا پئي ڪيا. ائين پئي لڳو جڙ گاڏي جاڻ ڪلٽي ٿي. سوزوڪي مرادآباد اسٽاپ کان به فرلانگ کن هلي پوليس چوڪيءَ وٽ بيهي رهي.

"وڏا، بسملاهيون." ڊرائيور پان هاٿا ڳاڙها ڏند ٽيڙي، چوڪي تي بينل سپاهي کي خوشامدي لهجي ۾ ڪيڪاريو. سپاهيءَ سندس ڪيڪار کي اڻ ٻڌو ڪري رکائي مان چيو. "ابا، جمعدار صاحب کي ڪا فضيلت واري جاءِ وٺي ڏي."

"وڏا، کوڙ جايون." ڊرائيور ورانيو ۽ رنپ ڪري ڪلينر کي چيو، "اڙي چورا، صاحب کي سيٽ وٺي ڏي."

جمعدار ڊرڙي بٽ سان ڪرسي تان اٿيو، هن نراڙ گهنج وجهي ڪاوڙ ۽ شوخائي مان ڊرائيور سيٽ تي وينل مرد ۽ زائفان ڏانهن ٻچڙو منهن ڪري ڏٺو. وس پچيس ها ته ٻنهي کي سيٽ تان اڇاري ڇڏي ها! هو بي دليو سوزوڪي جي پوئين حصي ڏانهن آيو ۽ چيلهه تي هٿ رکي سيٽن تي وينل همراهن ڏانهن رعب مان ڏسڻ لڳو. چهري تي مصنوعي رعب ۽ دابي جو تهه چاڙهڻ جي ڪوشش ۾ سندس وڏن شهپرن جي چوٽين جا وار سرڪاري عمارت تي چڙهيل جهنڊي جي ڦاٽل ليڑن وانگر پئي ڦڙڪيا. سيٽن تي وينل همراهن ڪيس ڏند ٽيڙي سلام ڪيو ۽ مهڙ ۾ وينل تي چار همراهه بنا چوڻ جي امالڪ هيٺ لهي پيا. جمعدار ٻن ماٺهن جي سيٽ والاري بالم تي ويهي رهيو ۽ شهپر وڻڻ لڳو.

سوزوڪي هلڻ لڳي. ماستر ڪريم ڏني جي پرسان سوزوڪي جي فٽ پيريءَ تي بيٺل همراهه هڪ نظر، آڪڙ ۾ پريل جمعدار تي وڏي ۽ پوءِ سيٽن تي ويٺل همراهن ڏانهن معنيٰ خيز نگاهه وڌي. سڀ ائين سراپيل ۽ ماڻ ۾ هڻا جڙ ٻڪرين جي واڙ ۾ ڪو بگهڙ اچي پيو هجي. هن ماستر ڪريمڏني ڏانهن نهاري ڪيس هلڪي ٿونڊ هنئي. ماستر ٻه ڏانهس نهاريو پر ٻڙڪ ٻه ٻاهر نه نڪتيس. سندس چپن تي مرڪ تري آئي. پيڙا ۾ ٻڏل گهري مرڪ، جنهن ۾ درد گاڏڙ ميار جي زهر جي ڳڙي ٻه شامل هئي.

xxxxxxx

## اونداهيءَ ۾ لات

گهر پاتين کي نند ۾ الوٽ ڏسي، هن الائجي ڪيئن هٿن ۽ پيرن جا رسا کولي پاڻ آجو ڪيو ۽ تاڪائين دروازي جو ڪڙو لاهي ٻاهر نڪري آئي. وراندي ۾ ستل گهرياتين تي نظر وڌائين، سڀ سوڙين ۾ ويڙهيا سيڙهيا پوئين اسر ۾ هئا. ڪو ياتي سجاڳ ته ناهي؟ هن ساهه جهلي ٻيهر جاري ۾ رکيل بتيءَ جي جهيٽي روشنيءَ ۾ جائزو ورتو. جڏهن سورهن آنن جا ارڙهن آنا پڪ ٿيس تڏهن اڳڻ اُڪري گهر جي ڏيڏيءَ وٽ پهتي. گهر جو ڪتو ڏاڃاٽيءَ کي سڃاڻي پڇ لوڏي پيرن ۾ لولڙاٽ ڪرڻ لڳس. هن هٿ ۾ آندل مانيءَ جو اڌ ڊڳڙ وٽيرکو اُڇلائي ڏنس ۽ اُن کي مانيءَ ۾ رُڌل چڏي، هوريان هوريان ڪري ڏيڏيءَ تي ڏنل ڪڙهه جا ڊينگهر لاهڻ لڳي. ان ڪم مان واندي ٿي هن موڪلاٽيءَ واري نگاهه گهر تي وڌي. ڪجهه ساعتن لاءِ ڇڻ پيرن ۾ ڪل لڳي ويس، شايد دل من پئي هنيائين. هن ڪنڌ ڪي جهڪو ڏئي پاڻ کي سوچن جي اوتارن مان ٻاهر آندو. وٽس سوچڻ جيترو وقت نه هو. هونئن به "ميهار مينهن مان نڪتو، ويچن کهڙي پارت؟" هن ٽڏو ساهه کنيو ۽ ڏيڏيي اُڪري امالڪ تکي ڊوڙ وڌي ۽ ڳوٺ جي گهٽين ۾ گم تي ويئي.

هوءَ رات وڳڙي ۾ ويهن ئي ننهن جو زور لڳائي ڊوڙندي پئي وئي، سڀ آسانگا پلي. جيڪا رتا رتي گهران نڪتي هئي، اُن ۾ سندس زنده بچڻ جا امڪان اتي ۾ لوڻ برابر هئا. موت جو ملائڪ هر برانگهه تي سايُون اڪيون ڪري سامهون بينو هوس. ڇا ڪري ها، وٽس ڪو ٻيو چارو به ته نه هو، انڪري هن تکو ڊوڙي موت جي ملائڪ ۽ پنهنجي وچ ۾ وٽي وڌائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. تاهه ڪاڏل

هرئي ۽ جيان هر هر ڪنڌ ورائي پوئتي ٻه ڏنائين پئي. تيز ڊوڙڻ ۽ ڪجهه موت جي سراپ کان هاڻ وات کان پئي آيس. رات وڃڻي ۾ ڪنهن ماٹهوءَ چيٹوءَ جي منهن ٻوٹ جي پوءِ کان هوءَ عام لنگهه وارو پهو چڏي ڪيڙين ۽ آئٹن مان اگهاڙين پيرين ڊوڙندي پئي ويئي. ڪيڙيءَ ۾ وڊيل وڻنائين جي ڪُتين پير چني چڏيا هئس ۽ ڪاندين جا سنها ڪنڌا پيرن جي ترين ۽ ڪڙين ۾ لهي پيا هئس، پر ڪيس ايذاءُ جو ڪوبه احساس نه پئي ٿيو. ٿئي به ڪيئن؟ پلا جنهن کي سر بت جي لڳل هجي، اُن کي ڪُتين ۽ ڪنڊن جو درد ڪهڙي ڏک ڏيندو؟ هوءَ ڪيڙيءَ مان نڪري ڪٹڪ جي پوک ۾ لهي پئي ۽ بن اناسن جي منديي تائين ڪٹڪ جي تازن جاول هٹ جيترن ڪچڙن سلن کي لتاريندي ڪمند ۾ داخل ٿي. ڪمند جو فصل ماٹهوءَ تار هو، جنهن ۾ چوراٹو اُٹ ٿمي چڏجي ته پاڳين کي ستين ڪال به ڪُڙڪ نه پوي. هوءَ پوک مان ٻنو ڏئي ڪمند جي ڊگهن پنن کي ٻنهي هٿن سان پري ڪري اڇتي وڏي رهي هئي. هن هڪ پل به وڃائڻ بنان ڳوٹ کان پري رود تي پهچڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. سندس پيءُ ۽ پائر ڏنگا ۽ ڏاميچ هٹا. پڪ هيس ته سُٹت سجاڳ ٿي پيرو ڪٹي پهتا ته ننڍو ڳوڙهو به پاٹيءَ جيڏو- بُج بُج ڪري چڏيندا. اهو ئي ڪارڻ هو جو هوءَ پير مٹي تي رکي اُڏاٹي پئي وئي. ڳپل دير تائين هلڻ ڪانپوءِ هوءَ ڪمند جي فصل مان نڪري واٹر جي ڪپر تي پالٹي هٹي اُيا ساهه جائيتا ڪرڻ لڳي. هوءَ هڦجي پئي هئي. تهه سياري ۾ به پگهر ۾ شم ٿي وئي هئي.

چنڊ جي راس راتين مان هڪ رات هئي. چنڊ پنيرا ڪي ويل منجر تي ٽُلڪندڙ بتيلي وانگر رڙهيو پئي. خودڪشيءَ جهڙي سانت ۽ چنڊ جي ململ جهڙي چاندوڪيءَ ۾ هر شيءَ صاف ڏسڻ ۾ پئي آئي. اُپ ۾ ٽمڪندڙ تارا گهوٹ جي بٹ تي جڙيل ٽڪن وانگر جرڪيا پئي. چنڊ جي چاندوڪيءَ ٽاندائن جي سونهن نگر ۾ ڦيٹهڙو وجهي، اُنهن جي جوت کي جهڪو ڪري وڏو هو، اُن هوندي به اُهي ڪمند جي پوک ۾ ٽم ٽم ڪري اُپ ۾ جرڪندڙ اُڙين تڙين تارن سان اک ٻوٹ راند کيڈي رهيا هئا. ماحول تي نار سان گڏ مانار به چانيل هئي. ننڍڙي جيت آر جي ڪر ڪر ۽ واٹر جي تري ۾ رهجي ويل نيڪال واري پاٹيءَ مان ڏيڏرن جي ٽرڪڻ جا آواز سانت کي توڙي رهيا هئا. ڏٻڻ

جهڙي رات ۾ رکي رکي اُتر جي چوٽ هوا ۾ ڪمند جي پنن جي سر سر ۽ پري کان گدڙن جي اوناين ۽ ڪتن جي پونڪن جا پڙلاءَ ماحول کي پوائتو بڻائي رهيا هئا. اوچتو ڪمند جي پنن جي تيز ڪڙڪي تي بت مان ساهه چڏائجي ويس ۽ چرڪ پري اُمالڪ ۾ پير پوئتي هٽي ڪمند جي پنن جي اوٽ مان ڊنل نيٽ ڪٽي ڏسڻ لڳي. هن ٽڏو ساهه ڪنيو. پرواري ڳوٺ جو رولو ڪتو هو، جيڪو ڪمند جي پوک مان نڪري واتر جو ڪپ ڏئي پئي ويو. هوءَ دم پٽي اُٽي ۽ سمورين رڳن جو زور لڳائي ٻيهر ڊوڙڻ لڳي.

گهران نڪتي ڳچپل وقت ٽيو هوس. "بابي وارا سجاڳ نه ٿيا هوندا ته چگي وٽي آهي." هن پنهنجي منهن پٽڪيو. رودِ کان فرلانگ ڪن پوئتي هئي ته پر واري ڳوٺ جي مسجدن مان فجر جي بانگ پئي آئي. رات اڃا ب اڌ منو پهر هئي. رودِ تي پهچي هن ٽڏو ساهه ڪنيو ۽ وچ رودِ تي بيهي بنهي پاسي ڏسڻ لڳي. رودِ جي ڏاڪڻين پاسي کان ايندڙ گاڏين جي روشني ڏسي چهرو خوشيءَ مان ٽڙي پيس. گاڏيون چگو پري هيون. پري کان گاڏين جي روشني ڪمزور سيلن واري ٽارچ وانگر پئي لڳي. هوءَ رودِ جي پرسان ڪرڙ جي وڻ جي اوٽ ۾ جوٽون پڃي پٽ تي ويهي رهي. ذهن تي چانيل ڊپ ۽ هراس جا ڪکر ڪجهه چدا ٽيس ته سيءُ ۽ ڏڪٽيءَ اچي ورايس. پگهريل لڳن کي ڇهندڙ اُتر جي برف جهڙي ڳگريل هوا جاڙيون پئي نڙڪايس. مٽي تي گرم شال هوس، جيڪا پاڻي جمائيندڙ پوهه جي پاري کي روڪڻ لاءِ ڪوڙ نه هئي. هن ڏڪندڙ هٿن سان شال ڪنن ۽ بت تي ويڙهي ۽ رودِ جي ڪنڌيءَ سان اچي بيٺي. رات جو پويون پهر هو، ٽرئفڪ نالي ماتر هئي. گاڏين جي روشني ويجهي ٽي رهي هئي. هوءَ ٻئي هٿ لوڏي گاڏين کي بيهڻ لاءِ اشارا ڪرڻ لڳي. چار گاڏيون جيڪي هڪٻئي پٺيان هيون، سندس اشارن کي ڏنو اڻ ڏنو ڪري تيزيءَ سان گذري ويون. نوجوان ڇوڪريءَ کي رودِ تي ڪمهلو ڏسي سوچيو هوندائون ته "ڏني نه ورتي، پرائي فلم ڪير ڳچيءَ ۾ وجهي!" منهن جو پنو لهي ويس، پر ستت ئي ذهن ۾ ڪو خيال ڪرنٽ وانگر اچڻ تي چپن تي مرڪ تري آيس ۽ چهرو ڪنول جي گل وانگر ٽڙي پيس. هن شال مٽي تان لاهي هٿ ۾ ڪئي ۽ پٺيان ايندڙ گاڏيءَ کي بيهارڻ لاءِ وچ رودِ تي

اچي بيٺي ۽ شال وارو هٿ لوڏي اشارا ڏيڻ لڳي. هيڊلائٽس جي اکين کي کيرو ڪندڙ تيز روشنيءَ ۾ زوردار بريڪ لڳي ۽ گاڏي جھٽڪي سان بيهي رهي. هن جا نڪ ٿري ويا ۽ چهري تي آيل خوشي ڪافور ٿي ويس. اها گاڏي پيٽرولنگ پوليس موبائيل هئي. ٻه چار سپاهي تاڙتاڙ ڪندا ، هڪلن ۽ دهمانن سان ورائي ويس. دل ۾ آيس ته پڇي وڃي ، پر اهو سچي ارادو بدلائي چڏيائين ته پڇي ٻه ڪيڏانهن وڃي؟ اڳيان کوهه پٽيان کاهي هئس. يقيني موت جي کاهيءَ کان غير يقيني زندگيءَ جي کوهه جو آسرو ٻه چگو.. هوءَ بيٺي رهي.

اوچتي ۽ تڪڙي بريڪ لڳڻ ۽ سپاهين جي هڪلن تي موبائيل جي اڳئين سيٽ تي وينل آفيسر ، جيڪو گهري ننڊ ۾ کونگهرا هڻي رهيو هو ، چرڪ پري اُٿيو. ننڊ جي خمار ۾ موبائيل وچ رود تي بينل ڏسي هانءُ کاڄي ويس ، ته شايد شيخن لاءِ ڪو پٽ اچي ويو! هن ڳيٽ ڏئي وات ۾ گڏ ٽيل گگ ڳهي ڊپ ۽ حيرت گاڏڙ لهجي ۾ رنپ ڪئي.

"ڇا آهي...؟ ڇا ٿيو آهي...؟ اڙي چورا....! خير ته آهي؟"

"وڏا...خير آهي...جوان چوڪري اڪيلي وچ رود تي بيٺي آهي... لڳي ٿو گهران پڇي نڪتي آهي." ڊرائيور ڏيرج سان ڪيس آگاهي ڏني.

چوڪريءَ جو ٻڌي آفيسر جي ننڊ اُڏامي وئي ۽ ڪجهه ساعتون اڳ چرڙ ورڙ ٽيل حوصلو ۽ مردانگي موٽي آيس. هو موبائيل جو دروازو کولي نڪري آيو. روشنيءَ ۾ چوڪريءَ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين چتائي ڏنائين ۽ پوءِ رعب جمائڻ لاءِ چمڪ وهائي ڪڏيائينس.

"چوري!... ڪير آهين؟... ڪنهن سان نڪتي آهين...؟ هن مهل ڪيڏانهن پئي وڃين....؟" هن اڻ ورائنا سوال ڪيس.

"آءُ اڪيلي مائٽن جي گهران نڪتي آهيان ۽ پنهنجي مرضي ڏانهن پئي وڃان." هن اعتمان سان وراٽيو.

"اڙي چورا...! چگيءَ طرح اوسو پاسو جاچي ڏسو.... چوري ضرور آجام تي نڪتي آهي... يار ٻ ڪٽي هوندس." آفيسر فرض شناسيءَ جو مظاهرو ڪندي حڪم ڏنو.

موبائيل ۾ مٿي بينل سپاهيءَ چوڌاري سرچ لائيٽ ڦيرائي ۽ سپاهين روشنيءَ ۾ ٻوڑو ٻوڑو جاچي ڏنو. چوڪريءَ جا اکيلا تازا پيرا ڏسي آفيسر کي اطلاع ڏنو.

"سر.. هتي ٻيو ڪير به ڪونهي."

"چوري....! ڪيڏانهن ڪيئي پنهنجي چڪهه کي؟" آفيسر کيس ٻي چماٽ وهائي ڪڍي.

"چيم نه... مون سان گڏ ٻيو ڪير به ڪونهي." هن ڳل مهٽيندي چيو.

"وڏو ايئن ٻيو چوڪريءَ کي ڪُٽي جڻ سندس گهران ....؟"

هڪ سپاهيءَ ٻئي کي ٽونڻ هٽي سرهاڻ ڪيو.

"اڙي... هٽوس گاڏيءَ ۾... ٽاٽي تي هلي سڀ سڇيون ڪندي." آفيسر حڪم ڏنو.

سپاهين کيس ڏڪا ڏئي موبائيل جي پوئين سيٽ تي وهاريو.

"ڏيجهان... رنون...! چڪهن ڪاڻ...رات جي بيگناهه وقت وتن جهنگ لتاڙيندیون." آفيسر پنهنجي منهن پٽڪندو وڃي گاڏيءَ ۾ وينو. رات ديرَ سان ڪراڙي نيامت جي اک ڪلي. غير ارادي سندس نظر ڪمري ڏانهن ڪڃي وئي، جتي سندس ڏيءَ جنان کي پيءُ ۽ پائرن هٿ پير ٻڌي بند ڪري ڇڏيو هو. بتيءَ جي جهيٽي روشنيءَ ۾ ڪمري جو دروازو اڌ کليل ڏسي پڙڪو ڏئي اٿي ۽ چوهه مان ڪمري ۾ داخل ٿي، ڪاريءَ وارا ڪڪ هئا. جنان کي کٽ تي نه ڏسي هنيانءُ ۾ ڏڪ لڳي ويس. دل ۾ سورنهن آنا وسي ويس ته جنان گهران نڪري وئي آهي. "گهر ۾ هئي ته مڙس ۽ پٽن کي واسطا وجهي مرڻ کان بچائيندي پئي آيس، پر هاڻي ته پڪ سان سندس خير ڪونهي." هن چپن ۾ ٻڪيو. دل ۾ آيس ته مڙس ۽ پٽن کي ننڊ مان اُٽاري جاڻ ڪري، پر اهو سوچي ارادو مٽائي ڇڏيائين ته، "چوري اڇو منهن ڪري نڪتي آهي ته هاڻي ڪتنس پاڻ! پلي ڪجهه اڳيرو نڪري وڃي. من مرڻ کان بچي پوي." نيٺ به ماءُ هئي ۽ ماءُ ته ڏرتيءَ تي رب جي ٻاجهاري صفت جو روپ هوندي آهي. اُن ٻاجهه پرئي ٽڏي ڪڪر وانگر، جيڪو زندگيءَ جي تتل رڻ ۾ ٽڏڪار جو احساس ڏيندو آهي. هوءَ پير پير ۾ ڏئي ڪٽ تائين آئي ۽ مٽان سوڙ ورائي ڇڏيائين. ننڊ ڪانئس ڪوهين ڏور هئي.

اکيون اڃا تي ڊپ کان ڦاٽل هوس ۽ آندا وات کان پئي آيس. ايندڙ گهڙين ۾ ٽيٽيءَ جا وسوسا ۽ انومان ذهن ۾ آٽي اسپرنگ وانگر ڏکي ٽي و.ئي. هن سوڙ جي اندران پوتيءَ جي پلاند کي ڳنڊيون ڏئي باسون پئي باسيون ۽ ٻئي هٿ ٻڌي پير پئي سوريا.

"باڃا پير...! ٻچڙيءَ تي هٿن جي ڃانءَ ڪجان. مرشد لال...! هڪڙي تند اٿم ، تون نانگن کاڌن کان جيئدان ڏجانس... سونين نيلن وارا ٻتائي گهوٽ....! تون ساٿي ٽجانس. جامي سڳوري....! توکي پارت آهي ...!"

ٻانگ مهل ، رکيل جي گارين ۽ هل بگاگي تي سپ گهرياتي چرڪ پري نند مان جاڳي پيا. نيامت ٻه ايئن چرڪ پري هنڌ مان اُٿي ڇٽ ڪيس کا ڪڙڪ ئي نہ هئي. رکيل جي وات مان سياري جي مست اُٽ وانگر گڦ پئي ڳڙڪي. هو ٻئي هٿ مٿي تي ڏئي پٽ تي ويهي رهيو.

"چوري آهي ئي ڪانہ....! نہ مڙي ، نيٺ سيني جي منهن تي دانگي ملي هلي وئي." هن ڪاوڙ گاڏڙ ڏکاري لهجي ۾ چيو.

"ويندي وري کيڏانهن؟ موت موت ڪيائين پئي نيٺ گهري ورتائين." قبول ڏنڊ ڪرٽيندي وراٽيو ۽ ڊوڙي وڃي بندوق ۾ هٿ وڌا. گهرام ۽ بهرام ٻه ست ڏئي وڃي کهاڙيون کنيون. سورن ساڙي نيامت دروازي جي چائنٽ وٽ جوٽون پيچي اوچنگارون ڏئي پئي رنو. روئڻ کان سواءِ ٻيو سندس اختيار ۾ هوٻہ چا؟ رکيل جي کمهليں رڙين ۽ ڏاڙڏاڙ تي ويڙهي مان مٽ مائٽ ٻه لٽ ڏُکو ، جنهن کي جيڪو هٿ ۾ آيو کٽي آيو... پهتو....! جون هڪلون ڏيندا سندس گهر پهتا. وقت وڃائڻ بنان سپ بتيون ۽ ٽارچون کٽي پير آهوڙيندا ڳوٺ کان ٻاهر نڪري ويا.

جنان ستن پائرن جي اڪيلي پيڙ هئي. پنج پائر ڪانئس وڌا ۽ ٻہ نندا هوس. هوءَ سڪي پني ڃائي هئي ، انڪري ماءُ پيءُ کان سواءِ پائرن جو ٻہ مٽس گهٽو راز هو. نندي هوندي کان لاڏڪوڏ سان نپني هئي. شل نہ ڪو انگل ڪري ، پيءُ ۽ پائر قرض کٽي ٻہ آٽو پورو ڪندا هوس. سندس ٻيو نمبر وڏو پاءُ وريام جيتوٽيڪ رکي طبعيت وارو ، سرڪش ۽ ڏنگو هو ، گهر جا سمورا پاتي کانئس ايئن وڻن ويندا هئا جيئن شيطان لاحول کان ، پر جنان جي اڳيان ميڙ وانگر هو. هن ۾ ڇڙ ساهہ هوس. کيس ستيائي پيڙ ڪري سڏيندو هو. گهر ۾ هوندو

هو ته ٻڌا پاکر پائي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ساڻس ٻارن وانگر وينو ڪڇهري ڪندو هو. جنان تي ڪڪ ٻه نه سهندو هو. سندس موجودگيءَ ۾ شل نه ڪو گهر پاتي جنان سان چڙٻ ڏئي ڳالهائي- ڪتن سان گڏي ڪارائيندو هوس. هوءَ ننڍي لاڪون هئي ٻه ته ڏاڍي سدوري ۽ سليڇٽي. سوگاري وري اهڙي جو مجال آهي جو ڪپڙن تي مٽيءَ جو لينگهو ٻه ٽئيس. ٻيو ته پري پر پاڻي پيارڻ لاءِ ٻه جيسين گلاس يا وٽي ڪي چار پيرا نه ڏوئي، سڪ نه اچيس.

گُڏين راند واري وهي لتاڙي هوءَ جڏهن جواني‌ءَ جي سرحدن ڪي ڇهڻ لڳي، تڏهن جوپن اڪ ڦلڙين وانگر ڦلارجي پيو هوس. سمنڊ جي ديوانگيءَ جهڙو جوپن وجود ۾ مست چولين وانگر اُڇلون ڏئي رهيو هوس. ماڻهوءَ جي وهيءَ جون ٻه مندون ٽين، پر هي وهيءَ جي اُها چتي، مست المست موسم هوندي آهي، جنهن ۾ جوپن جي ڇهاءَ سان نڪور سوچن جي اُڏام ڪٽولي‌ءَ لاءِ پولارن جون حدون ٻه سوڙهيون پئجي ويندیون آهن. جيڏين ست ۾ ڪوري من جون ڪيچلي سوچون سُرهات بڻجي چپن تي وکرڻ لڳنديون آهن. ڇهڪن ۽ مرڪن ۾ جواني‌ءَ جون سريليون ڌُنون ٻرڻ لڳنديون آهن. گڏين راند ۾ ٻاڙين ٻولن ۾ ڳايل گيت ۽ سهرا معنائن جا ويس ڍڪي ذهن ۽ دل جون ڪتڪتايون بڻجي ويندا آهن. هونئن ٻه جڏهن ڪنهن سامايل چوڪري‌ءَ جو گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ بند ٿي ويندو آهي. ته ان جو جهرڪي‌ءَ وانگر آرسي‌ءَ سان جهيڙو شروع ٿي ويندو آهي. ڦوهه جواني‌ءَ جي اُن چري مند ۾ ڪنهن جي من جي ڪاڪ ۾ ڪو مينڊرو ٽڪي پوي ته جواني‌ءَ جي اوج ۽ سونهن جي سڪلتا جو احساس ڪر موڙي جاڳي ٿو پوي. انگ انگ مان امنگ ۽ ترنگ بارش جي سنهين بوندن وانگر وسڻ لڳي ٿي. ڏينهن، ڪنهن جي سار ۾ مائي پاڳي‌ءَ جي گيت "ڪڙي نيم ڪي نيچي هون تو هيڪلي...." جي جهونگار بڻجي اڻ ڇهيل چپن تي ايندي آهي ۽ راتيون ذهن جي ائٽ تي شرميلا سپنا اُٽندي گذرنديون آهن. لڇهڙو نهارون، ترورن جهڙيون مرڪون ۽ پيروي‌ءَ جهڙا ٽهڪ ڪنهن جي نانءُ ٿي ويندا آهن.

جنان جي سرلن ڪنن تي جڏهن ڪان سندس پلئه ماروئ شاهزيب سان اٽڪڻ جو پٽڪو پيو هو، تڏهن ڪان اکين جي اُپ تي

تارن وانگر تمكندڙ بي نانءُ خوابن کي جڻ عنوان ملي ويو هوس. کيس پنهنجي من مندر ۾ پگهوان جي مورتيءَ وانگر وهاري چڌيو هئائين. بدي جي منڊي مائنڊيءَ ۾ جڏهن جنان جو سگهَ شاهزيب ۽ شاهزيب جي پيڙ شاهل جو سنگهَ جنان جي وڏي پاءُ گلزار کي ڏئي، گندين پوتين ۽ پڌريءَ جون رسمون ٿيون، تڏهن جنان جي خوشيءَ جو وشال اُپ وانگر کو انت نه هو. نيامت جا ته ٻئي نيٺ کليا پئي. "انڌو گهري الله کان هڪڙي اک" هن کي ته ٻئي اکيون پئي مليون. دين دنيا ۾ اڪيلي پاءُ سان اڏي گڏي جو پئي، ٻنهي گهرن تي خوشين ۽ شادمانين جا ڪڪر اوڙڪون ڪري پئي وسيا. مويي پٽن کي موڙون ٻڌي سيج وهاري، لايا سجايا ڪرڻ ۽ نياٽين جا هٿ پيلا ڪرڻ لاءِ ڪپڙو لٽو، گهه ڳٽو ۽ سنجٽ گڏ ڪرڻ ۾ رڌل هئا، ته جيئن چيٽ ڪٽي، ڏينهن وار ٻڌي ڪاج سُڪاج ڪن.

زندگي ڪڏهن ڪڏهن سانتيڪي سمند وانگر اوچتو اهڙو پاسو ورائيندي آهي، جو خوشين جي پيٽ مان ڏکن جا طوفان آکيري جي آنن مان قتل ٻچن وانگر قاٽ کائي نڪرندا آهن. هونئن ٻه زندگي اُن ماني پاڻيءَ وانگر هوندي آهي، جنهن جي پيٽ ۾ ڪيئي ڏکن جا طوفان پيا پلجندا آهن. جيڪي اوچتو اک چنبي ۾ متاچري تي ترندڙ هر شيءِ کي ڪک پن وانگر لوڙهي ويندا آهن. اهڙي وڇ ڪڙڪي جو ٻنهي گهر جي خوشين کي ساڙي چار ڪري وئي. رکيل جي ڪٽڪ جي ديرن ۾ ٽريشر جي ونگار هئي. رکيل جا پٽ ۽ ڳوٺ جا ونگارو همراهه ڪم ۾ جنبيل هئا. گلزار جيئن ديري مان ڪٽڪ جو گڏو ڪٽي تڪڙو ٽريشر ڏانهن پئي آيو ته گوڏ جو پلئه ٽريشر جي پٽي ۾ وڃڙي پيس. هو پٽي ۾ اچي سخت ڦٽجي پيو ۽ اسپتال پهچڻ کان اڳ دم ڏٽي جي حوالي ڪيائين. گلزار جي اڻ مندائتي وڇوڙي ٻنهي گهرن جون خوشيون ٻهر جي پلڙن وانگر روڙي ورتيون هيون. ڪو وقت ته سوڳواريءَ جا گهاٽا ڪڪر ٻنهي گهرن تي چانيل رهيا.

رواجي ڪچهريءَ ۾ ٻه گلزار جو ذڪر اچي ٿي ويو ته ڦٽن جون ڪڙيون اڪلي پونديون هئن. اوچنگارون ۾ پئجي ويندا هئا ۽ ڪاڏو پيتو وهه ٿي پوندو هون.

پريا ۾ سال ته ڪنهن پچار ۾ نه ڪئي، پر مئي جي پڻيان ڪير مئوآهي؟ وقت جهڙي ڪا لُهري آهي ئي ڪا نه، وڏا ڦٽ ۽ گهاءَ پري ٿي ڇڏي. ٽئين سال شاهزيب جي پيءُ ڪامل جڏهن رات هئو مئو ٽرڪ کان پوءِ جنان جي پيءُ رڪيل کان مٽي مائٽيءَ جو لڪ لنگهائڻ جي موڪل گهري، ته رڪيل ٻئي نمبر پٽ وريام لاءِ شاهل جي سڳ جي چڪ ڪئي. ڪامل ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. وريام ڏاميچ ۽ ڏوهاري ذهن رکندڙ هو. سدائين اونڌا ٽوپا ۽ پڏا ڪم هئس. هڪ پير ريل ۾ هوندو هوس ته ٻيو جيل ۾. اڻي ويڻي ۽ سنگت ۾ چور ڏڍيءَ ۽ لڇ لوفرن سان هوس. طبيعت ۾ سيني پائرن کان تيز ۽ جهيڙاڪار هو، انڪري ڪامل ڪيس شاهل جو سڳ ڏيڻ لاءِ بنهه تيار نه هو. هن رڪيل کي سمجهائيندي چيو

"ادا ....! شاهل اڄ ۾ اوهان جي امانت آهي، پر تون پاڻ نياڻيءَ وارو آهين. هنيانءَ تي هٿ رکي ڏس. پنهنجا آندا ڪير اوڙاهه ۾ اُڇليندو؟"،

"ڇو ادا ....؟ برادريءَ ۾ ڪسا لانوان ڪونه اڳهائبا آهن چا؟" رڪيل وراڻيو.

"سڄ ٿو چوين، پر تنهنجا ٻيا پٽ ۽ ته وينا آهن! ڇٽ رڳو وريام تي ئي ڪو نه جهليو آهي!" ڪامل ڪيس راهه ڏيڪاريندي چيو.

"ادا....! گهوڙا ۽ پٽ ارڏائي سونهندا آهن. وريام توکي بلي نه وٽي، پر منهنجي مٽي جو موڙ آهي." رڪيل ورندي ڏني.

"ڪڙو ته مون کي ۽ ڪونهي، ڇو اٿم پر...!" ڪامل ڪجهه چوڻ گهريو پر رڪيل سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ڇالهه جو سنگ وڍيندي چيو.

"ادا... ڪامل...! رنج رهين يا خوش. وڃندس ته وريام لاءِ، نه ته ٻڌيءَ کي گاهه، ٻڌيءَ کي پاڻي....!"

ڪامل ڪيس سمجهائڻ لاءِ گهٽائي مٿا مونا هنيا پر رڪيل اهڙو ته ان پير ناهيو جو تر جيترو ۽ پنهنجي ڳالهه تان نه ڇُريو. هڪ ٽنگ تي ٻيڻو رهيو. تريءَ تيل لائڻ ڪامل ۽ نه ڏنو. رڦيل مٽي مائٽيءَ ۾ ڏار پئجي ويا. ڪيڇ خوشيون اجائي هوڏ جي ور چڙهي ويون. سالن جا قرب ۽ محبتون پل ۾ ڏڪار جو روپ ڏاري ويون. ڪجهه ڏهاڙن کان

پوءِ ڪامل وري بہ برادريءَ جي چئن وڏڙن کي گڏ ڪري رکيل ڏانهن اماٽيو. پر هو انڌ جي گهوڙي تي اهڙو تہ چڙهيل هو. جو نہ رڳو ميڙ کي مان ڪو نہ ڏنائين پر ڪامل سان مئي جيئري جا سپ سگهہ سياپا بہ چني چڏيائين.

هن واقعي نيامت کي جهوري وڏو هو. نہ رڳو پاءُ سان اڏجڻ گڏجڻ وارو سپنو پڄي پور تي ويو هوس، پر جانب پاءُ سان جيئڻ مرڻ سان سنڌا تي ويا هوس. جنان جي ڪائنات ئي اجڙي وئي هئي. سندس معصوم ۽ البيلن سپنن جي ڪاڪ ئي ٻُسي ٿي وئي هئي. هوءَ گم سم ۽ ويڳاڻي رهڻ لڳي هئي. چلو لايون ۽ چاڳلايون رسي ويون هوس. جيون جو هر پل گهايل پنڇيءَ وانگر لڇندي پئي گذريس. چا نگيل وڻ وانگر منهن تان رونقون ڇانگجي ويون هوس ۽ چٽيل پن وانگر خشڪ ۽ اٽيي اٽيي پئي لڳي. هوءَ ساهہ جي تند سان تاکيل ماس ۽ هڏن جو بوتو هئي، جنهن تان زندگيءَ جا سموا رنگ کرڙي لاٽا ويا هئا.

وقت ڪئلينڊر جي پنن ۾ پاڻ ويڙهي ماضيءَ جي ائٽ تي سال جي ڊيري ۾ تبديل ٿي ويو هو. هڪ رات جڏهن گهر جي پتين جي ڪنن مان هن پنهنجي مٽي مائٽيءَ جو پٽڪو جهٽي ورتو، تڏهن هوءَ ڊيجهڙي مان چرڪ پري جاڳيل ٻار وانگر ڏڪي وئي. هوا جي مهربان جهوٽي جيڪو پٽڪو جهٽي سندس سماعتن تائين آندو هو، اُن سندس ستل سورن کي جهنڊڙي هٽي جاڳائي وڏو هو. اندر ۾ دکندڙ دونهين سياري جي باهہ وانگر پڙڪو ڏئي بري پئي هئس ۽ وجود جي ڏيئي ۾ آس جي برندڙ وٽ بہ اُجهامڻ لڳي هوس. هوءَ سج وانگر پنهنجي آڳ ۾ پاڻ جلي پئي. زندگيءَ جي ببوسي سندس اکين جي ڪر نڪل مان ڳوڙهن جو روپ ونڊي ٽمڻ لڳي هئي. هنيانءُ ڪنا تار ٽانءَ وانگر چلڻ لڳس. دل ۾ آيس تہ ڪو هجي جنهن سان اندر جا اورڻ اوري، جيءُ هلڪو ڪري. پرئي گهر ۾ جيجل ماءُ ۽ پاءُ وريام کانسواءِ سپ سندس جهربل ڪٽن تي پها رکڻ بدران لوڻ جو لپون برکڻ وارا هئا. هن پاڻ کي ڏهر جو وڏيل پاتي پئي سمجهيو. ڪيس پاٽس وريام ڏاڏو ياد پئي آيو، جيڪو ڦر جي جانچ ۾ جهليل هو ۽ ٻن مهينن کان گهر نہ آيو هو. اُها رات هن پاڻ سان جهيڙبندي اکين ۾ ڪٽي چڏي

هئي. وڏي آسر مهل جڏهن ڪڙڻ پهريان دس ڏنا ، تڏهن هوءَ پنهنجي من جي مفتيءَ کان فيصلي جي فتويٰ ونڻي چڪي هئي.

جنان ماءُ کان اڳ اُٺي. جيتوڻيڪ رات سندس اکين ۾ اوجاڳي جي لالاڻ چڙي وئي هئي، پر هوءَ ڏاڍي ڦرني پئي لڳي. پاڻ کي واءَ وانگر هلکو پئي محسوس ڪيائين. هنيانءَ تي وڏي ڪا چپ هئس ، جنهن جي لهڻ ڪري من تان مونجهه ۽ ذهن تان غبار چند جي ويو هوس. هن پاڳيو ڪٽي ، مينهن کي ونگ وجهي ڏڏو ۽ رڌڻي ۾ باهه ٻاري چانهه لاءِ ديگڙي رکي تہ نيامت بہ اکيون مهٽيندي اچي پرسان وينيس. جنان ۾ اوچتي تبديليءَ کي هوءَ اچرج مان ڏسي رهي هئي. جنان جو پيءُ ۽ پائر جڏهن چانهن جا ٻہ ٻيالا پي ڏڳا چوڙي سائيءَ جي هرن تي روانا ٿيا ، تڏهن هن رڙهي اچي ماءُ جي پر ورتي ، جيڪا پنهنجي لاءِ ديگڙيءَ جي تري ۾ بچيل چانهن جو گهرٻٽ چاٽي رهي هئي. هن چلولائيءَ مان ماءُ جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي چيو.

"امان..."

"جيءُ ، امان..." ماٽس وراٽيو.

"هڪڙي ڳالهه چوانءِ" جنان چيو.

"ها ، مٿي...! چئو.... چا ٿي پچين؟" نيامت پوتيءَ جي پلئه سان چانهه جو پيالو هٿ ۾ ڪنڊي وراٽيو.

"امان....! رات چاچي نبوءَ بابي سان چا پئي ڳالهايو؟"

جنان سوال ڪيو ۽ ورندي لاءِ نماٽيون اکيون ڪٽي ماءُ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

"مئو ابو سندن.... شل وڃي وڃن.... منهنجا آندا ٿا رولين.... خدا پنهنجا آندا وات ۾ ڏيندن." جنان ڇڻ سندس جهريل ڦٽ تي هٿ رکيو هو.

"پر... امان....! جنان ڪجهه ڳالهائي ، ماٽس سندس جملو اڌ ۾ ڪٽي وراٽيو:

"گهاٽي ڪا پوندس. ڏائڻ ماريو....! پٽس ملوڪ لاءِ تنهنجي سگ جي گهر ڪرڻ آيو هو."

جنان سوچ ۾ پئجي وئي ۽ پوءِ ٻڏل لهجي ۾ چيائين.

"ٻلا! پوءِ بابي ڪهڙي ورندي ڏنيس؟"

"امان...! پٺهين کي به پيريءَ ۾ جهڪي پوندو ڏئي رئي آهي. ڏُٽيئون پاٽيئون چٽ ٿي ويو آهي. هاٿي ته اهڙي ڏکري لٽي اٽس جو وات ۾ ٿو پوي ته بس ئي نٿو ڪري." نيامت وراٽيو.

"ها ...پر ، امان ....! آخر ڇا ڇيائينس؟" جنان سوال ورجايو.

"چوندس وري ڏوڙ....! چي ، ڏٺي ڇڳي ڪندو ، رڳو ڇوڪرن سان وات ٽڪاٽي ڪري ونان." نيامت وراٽيو.

"پوءِ ، امان...! مامي ڪامل وارا...؟" جنان جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

"بس... ، امان...! اباڻي ڪيڙ جا ويڙها موڪرا ڪري وينا آهن.... ڏين دنيا ۾ هڪڙو پاڙو اٿم ، سو به ڇني ڇڏيائون...." "هوءَ سڏڪن ۾ پئجي وئي. جنان سوچ ۾ پئجي وئي. هن ڏڳهو ساهه ڪنيو ۽ ماءُ کي ڳراٽي وجهي چيو:

"منهنجي جيجان... مون به پڪو پهه ڪري ڇڏيو آهي."

نيامت ڇرڪ پري ڏانهس ڏنو. جنان جي ڇپن تي مرڪ هئي. سندس واتان بي اختيار نڪتو:

"هان....! ڇا چيئي؟"

"ها... منڙي جيجل...! مون به دل ۾ واري ڇڏيو آهي ته لانئون لهنديس ته ماروڙ سان ، پوءِ ڪٽي زمين اُٽلي پوي پر...!" سندس لهجي ۾ ويساهه هو.

"آئي... مائي بڌو... چوري... آهستي ڳالهاءِ.... ڇتن ڪاڌا ٻڌي نه ونن... پٽائين نه پاڙ سان گڏ منهنجي به چوٽي....! ماٽس وات تي هٿ ڏئي جهڪيس.

منجهند جو وقت هو. جنان جا پائر قبول ، بهرام ۽ گهرام ٻنيءَ تان موٽي وراندي ۾ ڪٽن تي اجرڪون ورائي ستل هئا. جنان آڳر ۾ ماءُ سان گڏ رليءَ کي سڳا پئي ٽوپيا. رکيل جيئن ٻاهران آيو ته نيامت اُٽي نڪر جو ڪرو پاٽيءَ سان ڀري رکيس. هو ڪٽ تي پير لڙڪائي هٽ منهن ۽ پير ڏوئي پوڙي سان اُگهي هنڌ کي ٽيڪ ڏئي وينو ته جنان ماني آڻي اڳيان رکيس. نيامت ڪٽ جي پيراندي‌ءَ کان ويهي پوتيءَ جي پلئه سان مانيءَ تان مکيون هڪلڻ لڳي. اوپارين لهوارين ڪانپوءِ

نيامت نويڪلائي ڏسي مڙسهنس سان رازداريءَ ۾ جنان جي باري ۾ پڇڪو ڪيو. رڪيل ڪو اڳي ئي تتو وينو هو. نيامت ڇڻ ڦٽاڪي ڪي تيلي ڏيڪاري ڇڏي هئي. هو مانيءَ مان هٿ ڪديِ ڪڍ تان ٽپ ڏئي اُٿيو ۽ نيامت کي پري چنبو وهائي ڪديائين. هوءَ وڃي ڪڍ تان هيٺ وڃي ڪري. رڪيل تڪڙو باهر نڪتو ۽ آڳر ۾ وينل جنان کي ٻہ چار مڪون ۽ لتون وهائي ڪديائين ۽ چوٽيءَ ۾ هٿ وجهي ايئن گهلڻ لڳس، جيئن ڪا سائي ٻڪريءَ کي ڪن ۾ هٿ وجهي ڪهڻ لاءِ گهليندو ويندو آهي.

"چوري... وات ڳاڙهي....! ايڏو بگل ڦريو اٿئي جو اسان جي پڳن ۾ هٿ ٿي وجهين! بلان وانگر منديِ نہ چپي چڏيئينءَ!"

پر عشق ٻہ عجيب مڌ آهي، چاهت جو نشو ئي ڪجهہ اور ٿئي ٿو. هن مڌ جي چُڪي پيتل هجي تہ هيٺو انسان ٻہ جرئتن جا اُهي واهڙ وهائي ٿو چڏي، جو عقل جا پير چڏائجي ٿا وڃن. هونئن ٻہ جتي عقل جا پر سڙڻ لڳن ٿا، اُتان عشق جي اُڏام شروع ٿيندي آهي. جنان ٻہ شاهزيب جي چاهہ ۾ پئہ ۽ پولن جون سموريون حدون اورانگهي وئي هئي. پٽس جڏهن پٽڻ جي گڏهہ وانگر ڪُٽي ساٽو ٿي ڪڍ تي ويهي سهڪڻ لڳو، تڏهن هن مونن مان منهن ڪديِ سڏڪن ۾ ڳالهايو:

"تون ابو آهين... پلي ڳيا ڳيا ڪري چڏ... ساهہ پساهہ تنهنجي ملڪ آهي، پر نياڻيءَ کي زندگيءَ ۾ گار هڪ پيرو ڏبي آهي. توکي جيڪا گار ڏيٽي ساڏئي، پي گار مون کي ٻہ قبول ڪونهي!" دير ڇا جي هئي. ٻيهر لتن ۽ مڪن جو سڪو ٿي ويس. نيامت ڏيءَ کي بچائڻ لاءِ اُچلجي مٿان پيس، پر رڪيل جنڊن مان وڃي پري ڏڪي چڏيس. ڪوڙيون انائون رشتن جي پيار تي پاري پئجي ويون هيون. رشتن جي ساڃاهہ مُڇ جي وارن هينان ڏهجي ٻوساڻجڻ لڳي هئي. اُهي هٿ جيڪي جنان جي رسڻ ۽ روئڻ تي سندس متي ۽ ڪاڏيءَ تي پيار مان ڦرندا هئا، سندس جسم تي ڪڍ جي تلهڙن وانگر پئي وسيا. سندس ڳل ۽ پيشاني چمندڙ چپن مان نڪرندڙ گٹا لفظ سندس اندر کي مڇيءَ جي ٻيرن وانگر جهير ڏئي رهيا هئا. گوڙ تي وراندي ۾ ستل جنان جا پائر ٻہ اٿي پيا هئا. بهرام ڊوڙي وڃي بندوق ۾ هٿ وڌا. نيامت وسيلو ميڙ وجهي پوئتي هٽايس.

"امان....! ڇڏ مون کي تہ ڪڏانس هڪڙي ڪارتوس مان... انهي کان مئي چڱي آهي." بهرام اکيون ڦوٽاري چيو.

جنان لاءِ گهر ۾ ويڙهو رشتن جو جهنگل بڻجي ويو هو. بي رخين ۾ بي ڏيانين جي رڄ ۾ هن جو جيون ويران ڪنڊر بڻجي ويو هو، جنهن ۾ ڪنهن سار جي پکيءَ ۽ اچڻ جي همٿ نٿي ڪئي. سندس اکين جي فريم ۾ سجايل خواب ڏنڊلائجي ويا هئا. سندس احساسن جي پيچرن تي بيوسين جا ڊپ ڦٽي پيا هئا. هوءَ زنجير جي ڪٽل ڪڙيءَ وانگر هئي. ان حالت ۾ هن جي دل وڏي پاڻ وريام لاءِ پئي اُڪانڊيو. هن سندس اچڻ لاءِ آڳرين تي ڦارون وجهي ڏانهس سار جون هڏڪيون پئي اماٹيون. جنان جون اکيون ڏسي رکيل پٽن سان وات ٽڪاٹي ڪري کيس شينهن ڪلهي چاڙهڻ لاءِ نبوءَ وارن ڏانهن نياپو اُماٹي ڇڏيو هو ۽ نبوءَ وارا مڱڻي جو ڏينهن ب وڻي ويا هئا. مڱڻي جا ڏينهن جيئن ويجهو پئي آيا، جنان تي گهر ۾ چوڪسي وڌندي پئي وئي. مڱڻي ۾ ب ڏينهن هئا تہ کيس رات جو گهر جي ڪمري ۾ هٽ پير ٻڌي ٻاهران ڪڙو ڏئي ڇڏيندا هئا تہ متان نڪري ڪامل وارن ڏانهن نہ هلي وڃي. اُن رات جڏهن هوءَ هٽن پيرن جا رسا کولي گهران نڪتي هئي، ٻئي ڏينهن نبوءَ جي پٽ ملوڪ سان سندس مڱڻو ٽيٹو هو.

سج ڪنڊي تہ رکيل وارا جنان جا پير ڪٽي رودِ تي چڙهيا. رودِ جي پرسان گاڏيءَ جا پٽا ۽ ماٹهن جا پير ڏسي سورهن آنا دل ۾ وسي وين تہ جنان شاهزيب جي آجام تي نڪتي آهي. رکيل ۽ سندس پٽ گڏ ڪان نڪري ويا. اُن ڪان اڳ جو اُبهرائيءَ ۾ ڪجهہ ڪري ويهن، ڪراڙي سانوڻ جي سمجهائڻ تي سپ گڏجي ڪامل ۽ شاهزيب تي جنان کي اغوا ڪرڻ جو فرياد ڪرڻ لاءِ ٽاٹي تي پهتا تہ ڳالهہ جو اصل ڦورو ڪلي آڏو آين.

ٽاٹي ۾ ايس.ايڇ.او. جي آفيس ۾ پير مولڻ سائين، ايس ايڇ.او ۽ رکيل وارن سمت ڏاهکو ڪن ماٹهو ڪرسين تي وينل هئا. ڪامل ب شهر جي هڪ چڱي کي ساڻ ڪري اچي پهتو هو. جنان ڪمري جي ڪنڊ ۾ ڪرسيءَ تي شال ۾ ويڙهي سيڙهي وينل هئي. پير مولڻ سائينءَ جي اک هئي، جا جنان تان ٽڙي ئي نہ پئي. ائين گهور

وجهي پئي ڏنائينس ، جيئن کو ڳوناٽو انگريز منڊم کي چتائي ڏسندو آهي. هوءَ اکين جي ڏاکڻ اُکري سندس دل جي اگڻ ۾ ويهي رهي هئي. رکيل ۽ سندس پٽن پير مولڻ جي اُن جُسائپ تي بلا وارا وٽ پئي کاڏا ، پر اُپڙي نہ سگهيا. ايس.ايچ.او. جي کنگهکر تي پير مولڻ پاڻ سنياليو ۽ جنان کي مائٽن سان گڏ وڃڻ لاءِ زور پرڻ لڳو. سندس ڳالهائڻ مان لوکاٽي ظاهر پئي ٿي. هن ميار لاهڻ لاءِ پگهءَ دل ۽ متاچرن لفظن سان کيس سمجهاٽي پئي ڏني. پيٽ ۾ جيڪي لنڊيون هئس ، سندس اکين مان زبانون مرکائي ليئا پائي رهيون هيون. کامل جنان کي کورٽ ۾ پيش کرڻ لاءِ زور پئي پريو. رکيل ۽ سندس پٽ پٽرايل اکين سان اونهي سوچ ۾ ٻڏل هئا. جنان پڙ کڏي بيني هئي. هوءَ کنهن به حالت ۾ رشتن جي اُن جهنگل ۾ ٻيهر وڃڻ لاءِ تيار نہ هئي. پير مولڻ جي چپن تي مرڪ تري آئي. هن جنان ڏانهن گهوري ڏنو ۽ شهپرن تي هٿ هٽي ڏگهي اوپاسي ڏيندي چيو:

"ابا.... مولا سٽايون کريو!... ٻئي ڏريون عزت وارا آهيو.... چوکري مائٽن سان گڏ وڃڻ لاءِ تيار ناهي... کورٽ کچهرين ۾ خوار خراب ٿيڻ کان چگو اٿو ته کنهن چگي وٽ فيصلو واريو... باقي رهي ڳالهه چوکريءَ جي ، سو اُها مون وٽ فيصلي تائين سامر رهندي. فيصلي واري جنهن کي ڏياري ، اُن جي حوالي کبي."

سڀ ٿيءَ ۾ پئجي ويا. رکيل وارن جي حالت اها هئي جو کسجن ، ته رت ڦڙي نہ نکرين. پچتاءُ ۽ ندامت جو احساس ديويءَ جي کنڊن وانگر چيڙ لڳو هون. هونئن به کاوڙ جو پهريون منهن ڏامر تتيءَ جي سڃ وانگر هوندو آهي ۽ سمجهه ۽ سهپ جي ٿڏاڻ سان لهندڙ کاوڙ لاهو سڃ جي ٿڌي روشنيءَ وانگر هوندي آهي. رکيل ۽ سندس پٽ بهرام ۽ گهرام به کاوڙجي کوساڻ کي سمجهه جي ٿڏاڻ سان ناريندڙ سوچ ۾ کنڊ لاڙي ويٺل هئا. لوٽانيل رشتا هکٻئي جي سامهون هوندي به مگيندن وانگر هکٻئي کان نظرون چورائي رهيا هئا. جيسين کو ورندي ڏئي ، وريام سهکندو کمري ۾ داخل ٿيو. اکين مان چنگون پئي چٽيس ۽ کاوڙ مان منهن تتل لوهه وانگر ڳاڙهو ٿي ويو هوس. هن کرسين تي ويٺل پائرن قبول ، گهرام ۽ بهرام کي منهن ۾ گهوڙي پوندو ڏيندي چيو:

"اڙي.... لک نالت اٿو ، جائيءَ رات تي!... اڪيلي نياڻيءَ لاءِ سپ مڙس ماڻهو ٿي پيا آهيو!"

هن ڪرڙيون اکيون ڪري پٽس ڏانهن ڏٺو ۽ ڏند ڪرٽيندي چيو:

"تنهنجو اچي ڏاڙهيءَ ۾ چو اچي اٿو خراب ٿيو آهي؟... قبر ۾ پير لڙڪائي ويٺو آهين ، ايڏا گهٽو وقت جيئندين؟ هن عمر ۾ جيڪو قريبن سان ڳنڊيئي سو ته گهوريو ، اٺلندو پونين لاءِ ڏڪار ۽ ويڇن جا بج پيو چٽين!"

سمورن جا ڪنڌ جهڪيل هئا. ڪنهن ٻڙڪ ٻه نه ڪڍي. هن جنان ڏانهن ڏٺو ۽ ٻئي ٻانهون کولي چڏيون. جنان اوچنگار ڏئي ڊوڙي سندس ويڪري ڇاتيءَ ۾ پناهه ونڊي سڏڪڻ لڳي. پير مولڻ ۽ ايس.ايڇ.او. جا واٽ حيرت ۾ ٻڏون بڻيل هئا. وريام جنان جي مٿي تان سرڪي ويل شال کي سولو ڪيو ۽ ڪنڌ ورائي ڪامل سان مخاطب ٿيو:

"ماما...! ننگ ۽ دنگ مڙسن جي غيرت هوندا آهن ۽ اڪر وارا مرد نياڻين کي گار هڪ پيرو ڏيندا آهن. چار پائر سان ڪري شاديءَ جو ڏينهن ونڊي ويجاڻ."

سندس لهجي ۾ ويساهه ۽ اکين ۾ رشتن جي سچاڻ جو پاڻي هو ، جيڪو ڪڍهن ٻه سُڪندو ناهي. رشتن جا رنگ ڪچي ڪپڙي وانگر ڦٽي ته سگهن ٿا پر ڇڄي نه سگهندا آهن. هو جنان کي ڳرهاٽي پائي ، ايس.ايڇ.او جي ڪمري مان نڪتو ۽ ٽاٽي جي حد اُڪري ٻاهر ويڙ لڳو..

xxxxxxxx

## نئون سج

قبيلي جي ستن پاڙن جا هزارين ماڻهو ڳاهڻ اچي ٽيا هئا. اور گهور ۽ ٻلهار ويندڙ ماڻهو، جن روح هئا ساهه گهوريندڙ پتنگن جا. اهي وارو وڃائي ويندڙ سردار شهداد خان جي سڪ جي چڪ ۾ چڪجي، سندس چاليهي تي ڳڙڻي ڳڙڻي اچي سهڙيا هئا. قبيلن جا سردار ٻڌا، سڀ ۽ ڏنا وائنا ٻيا بہ ڪوڙ، پر شهداد خان ڪير سڏائي؟ قبيلي وارن لاءِ مري سڄ ڪري ويو هو. جن پاسوئي خالي ٿي ويو هو. جبل هو جبل! تن پيڙهين کان پير گهليندڙ قبائلي دشمنيءَ ۾ مخالف قبيلي کي تامي جي ٽالهه وانگر اهڙو تہ وڃايو هئائين، جو چنيءَ جي ٽڄ ياد ڏياري چڏي هئائين. سڪ جو ساهه بہ سندس مٽي کوڙڻ کانپوءِ وجي ڪنيو هئائون.

شهداد خان جي جوڳ پوري ٽيڻ تي، سندس مويي پٽ شهمير خان کي قبيلي جي سرداريءَ جي پگ ٻڌائي پئي وئي. بنگلي اڳيان وڏي ميدان تي کوڙيل شاميانن هيٺ پٽڪن ۽ ٽوپين جي ڇڙڻ ورڻ قطارن ۾ ڪوبہ مٽي اگهاڙو نہ هو. شهمير خان اڪين ڳاڙهن محافظن جي گهيري ۾ وڏي اسٽيج تي وينل هو. ستن پاڙن جا ڇگا مڙس، راڄن جا ڇگا، سيد پير، ملان موراٽا، پاڙي پتيءَ جا وڏيرا ۽ پري اوري جا مهمان بہ ساٽس گڏ وينل هئا. تن پيڙهين کان سراڻ چڙهيل ڏندن واري قبائلي دشمنيءَ جي ڏاٽڻ کي نئون رت ۽ نوجوان قيادت پئي ملي. پوست گريجوئيٽ نوجوان علم جي روشن ڪلين تان ڪنيجي قبائلي روايتن جي انڌارين ۾ خرچ ٽيڻ وارو هو هر ساٿهو

جوش ۾ اُبهرو پئي ٿيو. نفرتن جو ڪروڌ سندن اندر جي بڻين مان وڇڙي اکين جي چمنين ما دونهون بڏجي باهر پئي نڪتو. پنهنجي انائن کي تسڪين جو آڏت ڏيڻ لاءِ نئين سردار کي اکين جي ساهمين ۾ توريائون پئي.

اسي ورهين جو جهور ڪراڙو ، ڏاڏو باقر خان پڳ جو پهريون ور ڏيڻ لاءِ اُٿيو ته اسٽيج جي چئني پاسن ۽ پندال ۾ فائرنگ جا ڏڏڪا پئجي ويا. بارود جي ڏپ ناسن کي ساڙجا چُٽڪا پئي ڏنا. ڪپهه جي ٻُڙن جهڙن گهاٽن ۾رن هيڻان سانيڪن کوهن جهڙين اونهين اکين ۾ ڪرب جون برندڙ اُماڙيون ۽ چهري تي بينل پاٽيءَ جهڙي سنجيدگي هئس. هن ڏڪندڙ هٿن سان پڳ جو پهريون ور ڏيڻ کان اڳ شهمير خان جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏنو. آواز ۾ ڪنوڻ جهڙي گرج ۽ تلوار جهڙي ڪاٽ هئس. پڳ جو پهريون ور ڏيندي هن گرجدار آواز ۾ چيو پئي.

"پڳ جو پهريون ور ، اُنهن ڳيرو ٻچڙن جي نانءُ ، جن قبيلي جي آن ۽ شان تي پنهنجا سرڙا گهوري ڇڏيا...!"

قبيلي جي ٻئي پاڙي جو چگو مڙس ماٽڪ خان اٿيو ۽ پڳ جو ور ڏيندي چيو.

"پڳ جو ٻيو ور ، قبيلي جي انهن مائرن جي نانءُ ، جن پنهنجي جوان پٽن جي لاشن تي پار ڪيڻ بدران موڙون ٻڌي ۽ ميندیون لائي اڻ ڏٺي ڏيهه اماٽيا...!"

ٽئين پاڙي جي ڪراڙي ملهار خان پڳ جو ور ڏيندي ڳالهايو.

"پڳ جو ٽيون ور ، قبيلي جي انهن ونين جي نانءُ ، جن پنهنجا سهاڳ مرڪندي ويڙهه لاءِ روانا ڪيا....!"

"پڳ جو چوٿون ور ، قبيلي جي انهن ڪراڙن جي نانءُ جن ٻڌاپي جي سهاري جون لٽيون ، قبيلي جي روايتن تان گهوري چڏيون..."

چوٿين پاڙي جي بزرگ بهاول خان پڳ جو ور ڏيندي چيو ۽ پڳ جو پنجون ور ڏيندي ، پنجين پاڙي جي پير مرد قبول خان چيو.

"پگ جو پنجون ور ، قبيلي جي انهن ارڏن ۽ اڙهيگ ، جوانن جي نانءُ ، جن پنهنجن پيارن جا پلاند ڳائي وڃائي ۽ ٻولائي ورتا."
ڇهين پاڙي جي نيڪ مرد ڪمال خان پگ جو ور ڏيندي چيو.
"پگ جو ڇهون ور ، قبيلي جي انهن ٻارڙن جي نانءُ ، جن پنهنجي معصوم خوابن ۾ پکين ، پوپٽن ۽ پرين بدران ويڑهه جا منظر سمائي ڇڏيا آهن."
ستين پاڙي جي پرئي مڙس جعفر خان پگ جو ستون ور ڏيندي چيو.
"پگ جو ستون ور ، قبيلي جي ستن پاڙن جي نانءُ ، جن ٽن پيڑهين جي ڏکڻي ۽ ٽڪائيندڙ ويڑهه ۾ هيٺي نه ٻولي آهي...!"
پگ ٻڌڻ کان پوءِ نئون سردار شهمير خان قبيلي جي ماڻهن سان مخاطب ٿيڻ لاءِ اُٽيو ته پنڊال ۾ وينل هزارين ماڻهو به اُٽي بيهي رهيا ، جيئن عيد گاهه ۾ پيش امام جي اُٽي بيهڻ تي ماڻهو عيد نماز لاءِ اُٽي ڪڙا ٿيندا آهن. اُهي تيسيتائين ادب سان بيٺا رهيا ، جيسيتائين شهمير خان ڊائس تي اچي هٿ جي اشاري سان کين ويهڻ لاءِ نه چيو. هو ڪا مهل ته تڪ ٻڌي پنڊال ۾ وينل ماڻهن کي ڏسندو رهيو ، جيڪي پنڊ پهڻ بڻجي ، دل جي اکين مان مٽس محبتون ۽ وفائون نڇاور ڪري رهيا هئا ، ميرا ۽ پراڻا پٽڪا ، ڪُٽل ٽوپيون ، چتيون لڳل ڪپڙا ، قاتل گوڏيون ، هنڌان هنڌان اُڌڙيل ڪلتر ۽ اٽيا مهاندا ، واڪا ڪري ، سندن معاشي بدحاليءَ جي تاريخ جاگرافي ٻڌائي رهيا هئا. سينڪڙي جهڙي قبائلي دشمنيءَ ، سندن جيون ۾ زهر جي هيڏاڻ پري ڇڏي هئي. شهمير خان جي منهن تي رنگ آبا ويا پئي. هن اونهو ساهه کنيو ۽ ڳالهائڻ لڳو.
"بزرگو ۽ پائرو....! اسان نه رڳو پاڻ ۾ هڏ رت آهيون ، پر وڏڙن جو تسلسل ۽ صدين جي روايتن جا امين به آهيون. اهي روايتون ئي اسان جي سڃاڻپ جو حوالو آهن. پائرو..! طاقت رڳو هٿيارن ۾ ڪانهي ، پر ميٺ محبت ، سهپ ۽ ايڪو به سڳهه جا وڏا سرچشما هوندا آهن....!" هن وينلن تي پرپور نگاهه وڌي. سڀ بت

بٹجي ڪيرين اکين ۾ سرلن ڪنن سان ڪيس ڏسي ۾ ٻڌي رهيا هئا. هو ٻيهر ڳالهائڻ لڳو.

"ياٿرو....! اڄوڪي ڏينهن تي اڇو ته سڀ گڏجي نئون وچن ڪريون. آءُ وچن ٿو ڏيان ته قبيلي جي مان مريادا تي ڪوبه ٽڪو اڇڻ نه ڏيندس. هڪ وچن توهان کان به ونان ٿو. سڀ هٿ مٿي کڻي وچن ڏيو ته، آءُ جيڪو به فيصلو ڪندس، اُهو توهان کي قبول هوندو ۽ ان تي ڪوبه سوال نه ڪندؤ....! مڙساٽو وچن ڏيو...!

پنڊال ۾ وينل هزارين ماڻهو ٻئي هٿ مٿي کڻي بيهي رهيا.

"اسان جي رت جي ڦُڙي ڦُڙي جو تون مالڪ آهين....!"

هڪ نوجوان ٻئي هٿ لوڏي جذبات ۾ چيو.

"مال، رزق، ٻنيون ٻارا ته ڇا؟ توتان ٻچا ۽ ساهه به گهور آهي...! ٻيو آواز آيو.

"تون اسان جي غيرتن، عزتن ۽ روايتن جو محافظ آهين. توسان سر لڳي....! ٽيون آواز آيو.

"توسان وفاداريءَ جو وچن ورجايون ٿا...!" چوٽون آواز آيو سوين آواز گڏ وڇڙ ٿي، سمجهڻ کان وڌا ٿي ويا هئا. شهمير خان ٻئي هٿ مٿي کڻي کين ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ ڳالهائڻ لڳو.

"ها...! ته پوءِ، ٻڌو...! ٽن پيڑهين کان هلندڙ قبائلي دشمنيءَ جي اوڙاهه ۾ اڄ تائين قبيلي جا سوين ڳپرو ٻارڻ ٻٽيا آهن. ڪنهن سردار جو وار به ونگو نه ٽيو آهي. هيءَ رڳو قبيلي جي ستن پاڙن جي ويڑهه ڪونهي، پر سردارن جي به جنگ آهي ۽ جنگ جي ميدان ۾ لشڪر سان گڏ سپهه سالار به وڙهندا آهن. ان روايت کي منڻائڻو پوندو. مون فيصلو ڪيو آهي ته، هاڻي قبيلي جي جوانن سان گڏ سردارن کي به پاڻ ۾ مقابلي جا ٻه ٻه هٿ ڪرٽا پوندا....! آءُ مخالف قبيلي جي سردار دلاور خان کي هوڪاريان ٿو. مڙس ماڻهو آهي ته ٻنهي قبيلن جي وچ واريون ٽڪرين جي ڪليل ميدان تي مون سان مقابلو ڪري. ٽن پيڑهين جي دشمنيءَ جو نبيرو ويڑهه جي ميدان ۾ ٽينڈو....!"

هزارن جي ميڙ تي مان جي چپ ڪري پئي هئي. اهي حيرت مان اکيون ڦاڙي ڪيس ڏسي رهيا هئا. هپناٽزم جهڙي گونگ ٻوڙ ۽ ورتل ماڻهن کي پنهنجي اکين ۽ ڪنن تي يقين نه پئي آيو. ڏاڏي باقر خان جي سهپ صفا موڪلائي وئي. هو جوش ۾ پرجي ٽڙي ٽاٻڙي اُٿي بينو ۽ گرجدار آواز ۾ چيو.

"نه ... نه ....! منهنجي حياتيءَ ۾ ايئن قيام ڪونه ٿيندو. اسين پنهنجي ٻچڙن جو رت ۽ شهداد خان جي قبر ڪونه لڃائينداسين."

"ها... ها...! ڏاڏو باقر خان نيڪ ٿو چوي. اسين مٽا ڪونه آهيون. قبيلي جون مائرون اڃان پٽ ڄڻين پيون....!

پنڊال مان هڪ نوجوان رڙ ڪري چيو.

"اسين ستن پيڙهين تائين وڙهنداسين." ٻيو آواز آيو.

"موت قبول آهي، پر مهڻو قبول نه آهي." ٽيون آواز آيو.

گوڙ وڌي ويو هو. جيترا وات هئا، "اوتريون ڳالهيون. شهمير خان آواز گونجيو ته مان ڇانئجي وئي. هن چيو پئي.

"ڇا توهان هينئر جيڪو وچن ڏيئي وينا آهيو، اُن تان ڦري ويا آهيو....؟"

"پر، ابا ....!" باقر خان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر شهمير خان سندس جملو اڌ ۾ ڪٽي وراٽيو.

"نه ....، باقر خان ....! اسان وچن تي سر ڏيندڙ آهيون. وچن اورانگهڻ اسان جي روايت نه آهي. مون تي پروسو رکو، قبيلي جي مان مريادا ۽ روايتن کي لڃائيندس ڪونه...!"

سمورن کي ڇڻ نانگ سونگهي ويو هو. پنڊال ۾ ويٺلن جون زبانون اهڙيون ته منڊجي ويوه هيون، جو ڳالهائڻ جو ڪوبه ڳٽو نه پئي ملين.

شهمير خان جي اعلان نه رڳو ٻنهي قبيلن کي چرڪائي وڌو هو، پر ٻين راڄن راڄواڙن کي به ڏندين آڱريون اچي ويون هيون. قبيلي جي وڏڙن، چڱن مڙسن ۽ يارن دوستارن، شهمير خان کي هوڏ تان لاهڻ لاءِ هيلا هلائي ڇڏيا هئا، پر هو پنهنجي ڳالهه تان تبر جيترو

بہ پوئتي هٽڻ لاءِ تيار نہ هو. مخالف قبيلي جو سردار دلاور خان تہ ٽبيءَ ۾ پئجي ويو هو. هنيون هنڌ نہ هئس. هو بنگلي جي ٽڏي ڪمري ۾ ، بي پاڙيءَ وانگر وجود کي وکوڙي ويل اُٺ تڻ کان پيچو ڇڏائڻ لاءِ مڌ جا ڪڙا ڏڪ اوتي پنهنجي منهن وڏليو پئي.

"عجيب پاڳل پٽو آهي. ايئن تہ کو ٻار بہ نہ ڪري. پلا! قبيلن جا سردار بہ ڪڏهن بندوقون ڪٽي پاڻ ۾ وڙهيا آهن؟ اهي تہ گسين پنڊين يا ڪنهن تقريب ۾ آمهون سامهون ٽيندا آهن ، تہ ٻٽا پاڪر وجهي ملندا آهن. ڇاجي دشمني...؟ ڪهڙو ويرَ...؟ شهمير خان پنگ پيتي آهي ، الائجي تہ بت مان بيزار ٽيو آهي. احمق ڪنهن جاءِ جو....!"

يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن کان پوءِ قبيلي جي سرداري سنپالينڊڙ دلاور خان بن باهين جي وچ ۾ هو. سياڻي ڪاءُ وانگر بہ ٽنگو ڦاسي پيو هو ، شدت سان احساس پئي ٽيس تہ ، قبيلائي رتوڇاڻ ۾ ٻاهرئين ٻني تي ويهي حڪم هلائڻ بدران ، ان ۾ پاڻ ٽپو ڏيڻ کيترو ڏکيو ڪم هو؟ هڪ اڪ ڪليس ، هڪ اڪ روئيس ، شهمير خان جي للڪار قبول ڪرڻ کان سواءِ وٽس ٻيو کو رستو هئو ئي ڪونہ.

ٻئي قبيلا هڪ ٻئي جا دنگائي پاڙيسري هئا. صدين کان ميٺ محبت ، سهپ ۽ رواداريءَ سان ڏکن سکن ۾ پاگي پائيوار. هڪ ٻئي وٽ متي مائٽي جا وار وڇايل هئن. ڏارڏار ذات برادري هوندي بہ اوکيءَ سوکيءَ ۾ هڪ ٻئي سان هڪل ۾ حامي ۽ سڏ ۾ ساٿي هئا. معمولي واقعي جي وجود مان ڦٽندڙ ڪريائٽيون انائون صدين جي رشتن تي نفرتن جا منڊيڙا ڦيرائي ويون هيون. مسهائپ جا ساڙيندڙ جهولا ، دائمي محبت جي ڇهڇ ساون سلن جا ڪچڙا پن ساڙي ويا هئا. بن هنداٽن پٽڻ تان بن بارڻن ۾ ٽيل ٽڦا ٽڦي ، وڏن جي تون ڇا ، تون ڇا ۾ تبديل ٿي گوڏي جيڏي جهيڙي جي صورت ورتي. جهيڙو تہ جهيڙو آهي. جهيڙي ۾ ڏڪ ڳٽي تہ ڪونہ هٽبا آهن. اٽائو ڏڪ لڳڻ ڪري نوجوان رجب مري پيو هو. بس ، پوءِ ڇا هو؟ بنهي قبيلن ۾ پلاند جي اهڙي ڇُوڇڙي دُکي ، جيڪا پنيٽ بٽجي بنهي قبيلن جي

سڪ، سلامتي، امن ۽ خوشحاليءَ کي ساڻي وئي. چري ڪيئن؟ چي، ويرئون ويڙ وڌ. وانگر، جهيڙو جيئن پئي پراٽو ٿيو، شيطان جي آندي وانگر ويو اينگهندو. دشمني ۽ نفرتن جو زهر بنهي قبيلن جي مزاج، رت ۽ سنڌن ۾ اهڙو ته پيهي ويو هو، جو خير گهرڻ وارا جذبا، پنهنجيءَ مرٽيءَ مري ڪپي ويا هئا. هڪ ڳيروءَ جي قبر جو پاٽي سُڪو ئي ڪونہ ٿي ته پلاند ۾ ٻيو ڪونڊر ڪٿو ٿي ويو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻئي قبيلا آمهون سامهون ٽڪرين تان هڪٻئي کي هوڪاري، هٿيارن جا منهن کولي چڏيندا هئا. بنهي قبيلن وچ ۾ ويڇن جا بيابان وڏائڻ ۾ سردارن ٻه وسان ڪين گهٽايو هو. بنهي قبيلن جي ماڻهن جي وڏي اڪثريت پوکي راهيءَ تي گذراڻ ڪندڙ هئي. اُهي پنهنجي اُپت مان پيٽ سان پٽر ٻڌي ٻه سردارن کي دشمني پاڙڻ لاءِ ڏن پرو هئا. سردارن جا پٽ ته ڪراچيءَ جي وڏن ۽ مهانگن اسڪولن ۾ پڙهندا هئا، پر بنهي قبيلن جي ڳوٺن ۾ ڪوبہ اسڪول نہ هو.

شهمير خان مقابلي لاءِ سهي سنيري گهران نڪرڻ لڳو ته سندس وني شهناز اکين ۾ پرجي آيل لڙڪ روڪي نہ سگهي. گهٽيل سڏڪو ضبط جون سموريون رندڪون روڙي سندس اندر مان اُٻرڪ وانگر ٻاهر نڪتو. شهمير خان جا قدم جمي ويا. هن ڪنڌ ورائي ڏنو. سندس وني ٻن معصوم ۽ هيسيل ٻارڙن کي پاکر ۾ پيڪوڙي، پوتيءَ جو پلئه وات تي ڏئي، نماٽين اکين سان کيس ڏسي رهي هئي. پنل اکين ۾ وسوسا هئس. ٻي يقينيءَ واري دل هول من ۾ ڪيئي ڪٽڪا جاڳائي وڌا هئس. ڏنل ٻارڙن جي اکين ۾ اڻ ڏٺي ڪرب جا ڪکر هئا. هن اڳتي وڌي بنهي ٻارڙن کي ڳراٽيون پائي نراڙن تي چمين ڏنيون ۽ شهناز جي کاڌيءَ تي هٿ رکي چيو.

"ڏس، شهناز ....! ڏچڻيون مائرون، ڪانئر پٽ چٽيندين آهن. دل وڏي ڪر، ڏس، منهنجي پيرن ۾ هيٽائيءَ جون ڏنڌا ٻيڙيون نہ وجهه....!"

هو پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتو تہ سندس امڙ، جيڪا وراندي ۾ پينگهي ۾ لڏي پئي، امالڪ پينگهي مان هيٺ لٿي ۽ سندس اڳيان بيهي رهي.

"شهمير، ابا...! ڪهڙي ٻاراٿي ڪٽي رتي اٿئي؟ اهڙي هُوڙهياڻي تہ نہ پٺهين ڪئي نہ ڏاڏهين....! سردار بہ ڪڏهن پاڻ ۾ وڙهيا آهن، جو سڪيءَ تي ڪٽي سندرو ٻڏو اٿئي؟ پنهنجو نہ تہ پنهنجي ٻچڙن ۽ مون مڙهيءَ ماءُ جو تہ خيال ڪر...!"

"منڙي جيجل....! سردارن جي هڪ اشاري تي جيڪي موت جي ٻُوهي ۾ هليا ويا، اُهي بہ تہ ڪن مائرن جا لال، پيرن جا جانب پائر ۽ ونين جا ور هئا....!" شهمير خان ڏيرج مان وراٹيو.

"مئو ابو سندس، ٻن پوي اهڙي سرداري، ڪانہ ٿي ڪپي...!" امڙ جي لهجي ۾ درد هو.

"امان دل جاءِ ڪر. هونئن بہ ڪنو ٿي مرڻ ڪان سُرهو موت چگو آهي....!"

امڙ ڪُرڙيءَ وانگر تڙپي وئي. شهمير خان جي وات تي هٿ ڏئي ذري گهٽ رڙ ڪري چيائين.

:او، ابا...! صدقي وڃانءِ. مرن تنهنجا دشمن. اهڙيون ندوريون وايون تہ نہ ڪڍ. شل منهنجي ڄمار بہ توکي لڳي...!"

رات جي پوئين پهر، ڪنل پکيءَ وانگر پيڃاڙڪيون چڙهيون پئي هنيون. ٽڪل ٽنل رات، آرس پيچي، ڏگهي اوباسيءَ ۾ اوندهہ اوڳاڙي ۽ چارج جون ڪنجيون، پنيراڪي حوالي ڪري ڪسڪ سور پئي پڙهي. هوا سوناري جي مترڪين وانگر ڪنن ۾ منهن ٽڪ ٽڪ پئي ڪئي. ٽڏڙي منهن انڌاريءَ ۾ آمهون سامهون وڏين ٽڪرين تي ٻنهي قبيلن جا سوين مرد، عورتون، ٻڍا ۽ ٻار موجود هئا. سڄ جي پهرين ڪني ٽڪرڙ سان معرڪي جو رڙ گجڙ وارو هو. قبيلائي دشمنيءَ جي روهيءَ تي سراڙ ٽيل اڙ جهل ۽ هُوڙهہ جو ان ڪنهن بہ وقت آپي مان ٻاهر نڪري پئي سگهيا. اجارين تراڙين ۽ بگين ڪهاڙين جي تيز ڌار ڪي گرم انساني رت جو پاڻي اچڙ وارو هو ۽ هٿيار بارود اوڳاڙڙ وارا هئا.

اُترين ٽکرين تي شهمير خان کميت گهوڙي تي لانگ ورائي ته گهوڙي هٽکار ڪري اڳيان ٻئي سُنب مٿي ڪٽي زور سان هيٺ سٽيا. سنبن جي نعلن جي رڳڙ سان پٽرن مان چٽنگون نڪتيون. شهمير خان کي گهري نيري رنگ جو وڳو پاتل هو ۽ بوسڪيءَ جي پٽڪي تي جاڙيءَ ور ڏنل هئس. رپيٽر کلهي تي، چيلهه جي ڪاپي پاسي مائوزر ۽ ساڄي پاسي تلوار ٻڌل هئس، جيڪا سرداري پڳ سان گڏ خانداني ورثي ۾ ملي هئس. هن رڪيب ۾ پيل پير جي ڪڙيءَ سان گهوڙي جي ڪُک ۾ اڙي هنئي، گهوڙي هٽکار ڪري هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ توريل وڪون ڪٽي هلڻ لڳو. ٻه چار وڪون مس ڪنيائين ته ڏاڏو باقر خان گهوڙي جو اڳ جهلي، واڳ مان وٺي بيهي رهيو. شهمير خان سندس مقتل گاهه جي مٿم ڏيئن جهڙين پراسرار اکين ۾ چتائي ڏنو. اکين ۾ قبيلائي رتوڇاڻ جا برندڙ منظر هئس. هو سوچن جي هجوم ۾ گهيرجي باقر خان جي اکين جي عبارتن ۾ گم ٿي ويو. انگهه انگهه سرير ۾ ٻُرڪيل لوڻ لپن جهڙن اُڌمن سان جيئندڙ باقر خان جو تن پيڙهين جي قبيلائي دشمني جي جهنم ۾ نه رڳو ارڪو ترڪو پر گهٽو ڪجهه پاڻي ۾ لوڻ جي لپ وانگر ڳري ويو هو. سندس گهر ۽ ويڙهو رنڊ عورتن ۽ معصوم ٻارڙن جي مٿي ڇانو ڪان وڌيڪ ڪجهه به نه هو، ننڍڙن ٻارڙن ۽ ڪانئس سواءِ ويڙهي ۾ ڪوبه مرد ماڻهو نه بچيو هو. پائر، سوٽ، پٽ، پوٽا، پائٽيا، پاٽيجا ۽ ڏوهٽا، دشمنيءَ جي باهه جو ٻارڻ ٻڌجي ويا هئس. هو گُهٽيل ۽ ڏٻيل سڏڪن جي تابوت ۾ بند ڏاڪ جي اڇي ڪفن ۾ ويڙهيل ڏيئرن، ننهرن، پوٽين، ڏهيٽين جا زنده لاشا پنهنجي هيٺن ڪلهن تي ڪٽيو پئي هليو، پر، آڻ نه مڃي هئائين. مٽير مڙسن لاءِ آڻ مڃڻ جو مهڻو به ڪٽ جي موت وانگر عيب ئي ته هوندو آهي. ڏاڏي باقر خان گهوڙي جي واڳ کي جهلي شهمير خان ڏانهن ڏنو. عقاب جهڙين اکين جي نهارڻ ۾ سختي هئس ۽ ڏکندڙ چپن مان پٽرن جهڙا نهرا جملا پئي نڪتس.

"شمهير خان ....! تون اسان جي پڳ آهين ۽ قبيلي جا جوان تنهنجا بازو. تون اسان کي وچن جي سنگهرن ۾ ٻڌي قبيلي جي روا ں کان بغاوت پيو ڪرين. ڏس، اڄان به وقت ويو ڪونهي ڏاهو ٿي....!

باراڻي هوڏ تان لهي وڃ. يلا! دشمن جا ڏند ڪٽا ڪرڻ لاءِ اسان وٽ سرويچ جوانن جي ڪا ڪوٽ بہ آهي چا....؟"

شهمير خان ڪابہ ورندي نہ ڏني. هن اونهو ساهہ ڪڍي وڏي شُوڪٽ سان نڪ مان ٻاهر ڪڍيو ۽ اڳتي وڌي ويو.

شهمير خان قبيلي جي ويڑهاڪ نوجوانن جي جٿي وٽ اچي بيٺو. سڀ ڦٽڻ ڦاڻڻ واري چري ۽ مست سُرهيءَ وارا ڇيرو هئا. جن زندگيءَ کي ايڏا چوڙيو ماڻيو ئي ڪونہ هو. اهي وهيءَ جا سرهين سيجن ۽ نڪيڻين جهڙا البيلا خواب ۽ ميندي‌ءَ جهڙا سرها رنگ قبيلي جي اڻ لکيل قانون جو درجو رکندڙ روايتن تان گهورڻ لاءِ تيار بينا هئا. هن گهوڙي کي اڙي هنئي ۽ ڪجهہ وڪون اڳتي قبيلي ۽ عورتن وٽ اچي بيٺو. امر جي مان ۾ ويڙهيل عورتن جا ڪن ڦلن ۽ واليون کان ٻُسا هئا. نڪ ۾ نٿ يا بولو تہ چا پر ڦُلي يا ڪوڪو بہ نہ هئن. نہ ڳيچيءَ ۾ هس نہ ڌريون. هٿن ۾ ويڙهہ منديون تہ نهيو، پر ڪوڙا ڇلا بہ نہ هئن. اهو سڄ جي سهائيءَ جهڙو سچ هو تہ، سندن ڳهہ ڳٽا قبيلائي ويڙهہ ۾ سونارن جي ڪوناري ۾ ڳري ويا هئا. پر ان کان بہ وڌو سچ هو تہ سندن نڪ، ڪن، هٿ ۽ ڳچيون پنهنجن پيارن جي وڇوڙن جي سوڳ ۽ سُوءِ ۾ ٻسا هئا. ڳهہ ڳٽا پائڻ واريون ڪيفيتون ئي رسي ويون هيون. ويچارين کان. سينڊيون، سرما وسري ويا هئن. سندن چپ ۽ مهارون مسي ۽ مساڳ بدران رت سان ڀريل هئا. شهمير خان ٿڏو شوڪارو پري پرسان بيٺل معصوم ٻارڙن ڏانهن ڏٺو. مرجهايل مکڙين جهڙن معصوم ٻارڙن جي چهرن تي اداس موسمن جهڙيون تنهايون هيون. پراسرار مان ۾ وکوڙيل ٻارڙن ۾ ٻارائي وهيءَ جو ڪوبہ اهجاڻ سلامت نہ رهيو هو. سندن معصوم خوابن مان پکين جي اڏارن ۽ گلن ڦلن جا منظر کُرڙي کهاڙين جا چمڪاٽ ۽ منهن پرٽين جا نڪاءَ پريا ويا هئا. هو ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسڻ لڳو. قبيلي جا ڳوٺ ۽ اباڻيون زمينون هيون. پنيراڪي جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ بہ بنين ۾ لُوساڻيل فصل نظر آيس. سائيءَ جي بيماريءَ ورتل ماڻهو جهڙا هيڏا هيڏا فصل....! چو نہ هجن؟ ڪيتي تہ سرسبتي آهي. هر هلائيندڙ جا ذهن سوڪهڙي ورتل هجن تہ بنيون

پٽاريون کڻڻيون سايون هونديون؟ هونئن ٻه خوشحالي ته امن پرين حالتن سان سلهاڙيل هوندي آهي. جتي وڻ، واٽون ۽ پکين جا واهيرا ٻه بدامنيءَ جي نفسي، نفسيءَ ۾ هجن، اُتي ته مٽين جو پاڻي ٻه سُڪي ٿو وڃي.

ڏاکٽين ٽکرين تي دلاور خان رکيب ۾ پير وجهي سُرخي تي لانگ ورائي ته، گهوڙو پنڌ پٽڻ جي شوق ۾ اتاولو ٿي، هٽڪار ڪري پير تورڻ لڳو. رڳو لغام ڍرو ڇڏڻ جي دير هئي. قبيلي جا ويڙهاڪ جٽا تيار بينا هئا. بندوقون، رائفلون، مائوزر ۽ ريگمال لڳل چلڪٽيون کاڙيون هٿن ۾ هئن. قبيلي جون عورتون معرڪي مان سويارو ۽ سلامت موٽڻ لاءِ اڳتي وڌي دلاور خان کي امام ضامن پڌڻ لڳيون. هن عورتن ڏانهن چتائي ڏٺو. زبانون مُندبيل ستن قرآنن جون اکيون ڳالهائي رهيون هيون. پنا اڏائل چهرا ۽ اکين مان اڏامندڙ حيراني سندن اندر جي سچين پاونائن جي خدا کارڻ گواهي پئي ڏني، ته اهي پنهنجا کونڊر پٽ، ڪوٽ جي ڪنگرن جهڙا پائر ۽ ساهه منا ور کهائڻ لاءِ دليئون خوش نه هيون. هن موڳا ٽيل نوجوان نارين ڏانهن ڏٺو، جيڪي حسرت پرين سڌين ۽ ٽيڏين نگاهن سان پنهنجي ورن ۽ مڱيندن ڏانهن ڏسي رهيون هيون. وري ملڻ يا نصيب، جيڪي جيئرا، کهڙي خبر ته موت جي ڪُٽي مان ڪير سلامت ٿو موٽي ۽ ڪنهن جو رت ۾ وهنتل لاش ٿو ڪچي اچي؟ دلاور خان ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسڻ لڳو. قبيلي جا ڳوٺ هئا. بندوقن ڏنيل ۽ کاڙين وڍيل ڳوٺ! سهڪي جي بيماريءَ ورتل ٻيڙن وانگر سهڪندڙ انهن ڳوٺن ۾ موت جو ملائڪ شيڊول مطابق گهٽ، قربائتي ڪوٽ تي وڌيڪ پيرا آيو هو. انهن ڳوٺن ۾ ايترا شادين مرادين جا ڪاج ڪونه ٽيا هئا، جيترا جنازا نڪتا هئا. ڳوٺن جون اوطاقون اجڙيل ۽ گهرن جي نصيب ۾ پکيون عالم پناهون نه هيون.

باک ڦٽڻ واري هئي. اترين ۽ ڏاکٽين ٽکرين تان ٻني قبيلن جا سردار فاصلن جا ويڙها ويڙهي هڪ ٻئي ڏانهن وڌيا پئي. شهمير خان ٽکرين جي وروکڙ ۽ خمدار لاهين تان هيٺ لهي، گهوڙي کي اڙي هنئي. لغام ڍرو ٽيڻ تي ڪميت هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽

ٽاپڙ ٽاپڙ ڪندو ميدان ڏانهن وڌڻ لڳو. وچ ميدان تي پهچي شهمير خان لغام ڇڪي گهوڙي کي بيهڻ لاءِ ٻچڪر ڏني ۽ پيار مان پُـڻي ۽ ڪنڌ تي هٿ ٽيرڻ لڳس. گهوڙو رفتار ماري اڳيان سنب مٽي ڪٽي، وڏي هٽڪار ڪري بيهي رهيو ۽ ڦونگارا هڻڻ لڳو. ٽيڪ ان وقت دلاور خان ڏاڪٽين ٽڪرين تان هيٺ لهي، ريتيلي پٽ تي دز جا هلڪا بادل اڏائيندو پٽي آيو. ٻنهي قبيلن جا سوين ماڻهو ٽڪرين تي بينل هئا. ساهه منيين ۾ ۽ اکيون ميدان ۾ هئن. دلاور خان مينهن واڇ ڪندو شهمير خان جي پرسان گهوڙو اڇي بيهاريو. ٽڪرين تان لهڻ ڪري ٻئي گهوڙا هُڦجي پيا هئا. وڏا ساهه ڪٽي ڦونگارا پٽي هنيائون. ٻنهي سردارن جي اکين ۾ قهراوتيل هو. اکين ۾ هڪ ٻئي کي تڪي ۽ توري رهيا هئا.

"ويڑهه جي ميدان ۾ سردار دلاور خان کي پليڪار چوان ٿو."

شهمير خان مات کي ٽوڙيو.

"ان کي تنهنجي اندر جو ڊپ سمجهان يا جان جي امان جي درخواست....؟ دلاور خان ٽوڪ واري انداز ۾ وراڻيو.

"دلاور خان....! ڪلرانڻ ذهنن ۾ خشڪ سوچن جا ڊپ ۽ ڪانديرا ئي ڦُٽندا آهن. هونئن به خوش فهميون جي انڌارين ۾ جيئندڙ ماڻهو پريات جي سونهن نه ماڻي سگهندا آهن...!" شهمير خان جو لهجو پر سڪون هو.

"هن پاڳل پڻي جو سبب پڇي سگهان ٿو...؟" دلاور خان جو لهجو سخت هو.

"جيئن غلط ڪم جو ڪوبه درست سبب نه هوندو آهي، تيئن درست ڪم جا به ڪي غلط سبب نه هوندا آهن." شهمير خان وراڻيو.

شهمير خان...! پرولين ۾ نه ڳالهاءِ. ڪم جي ڳالهه ڪر." دلاور خان بد ستور ڪاوڙ ۾ هو.

"تـ، پوءِ ٻڌ...! مقابلي لاءِ مون هوڪاريو آهي. ان ڪري پهريون وار ڪرڻ تنهنجو حق آهي." شهمير خان پرسڪون لهجي ۾ چيو.

"نہ ، ايئن كونہ ٹيندو...! كانئر بڌجي پاڻ تان راڄ كونہ كلائيندس. هوكاريو ٻہ تو آهي تہ پهرين وار ٻہ تون كر...! دلاور خان ورندي ڏني.

"ٹيڪ آهي. تہ ، پوءِ تياري وٺ....!"

شهمير خان وراٽيو ۽ ڦڙتيءَ سان چيلهہ ۾ ٻڌل تلوار ميان مان كڍي ورتي. دلاور خان حيرانيءَ مان كيس ڏسڻ لڳو. سمجهہ ۾ كونہ پئي آيس تہ رپيٽر ۽ مائوزر جهڙا هٿيار هوندي شهمير خان تلوار ڇو كڍي؟ هو بت بڌجي كيس ڏسڻ لڳو. شهمير خان تلوار زور سان هوا ۾ گهمائي ۽ پوءِ ٻنهي هٿن ۾ جهلي زور سان گهوڙي جي هني ۾ هنئي. تلوار ٽڪ ٻہ ٽكر ٿي پئي. هن ٻڌل تلوار جا ٻئي ٽكرا زور سان گهمائي ٽكرين ڏانهن اڇلائي ڇڏيا ۽ ڄاڙيءَ ور كولي ، ڇپن تي مرڪ آڻي دلاور سان مخاطب ٿيو.

"دلاور...! مون پنهنجو وار كيو. هاڻي تون وار كري سگهين ٿو....!"

دلاور خان منهن تان مولهاڻو لاهي اونهو ساهہ كنيو. ٻنهي جي اكين ۾ كروڌ بدران بهارن جهڙو خمار هو. گلن جي هيكار جهڙا رشتا اكين ۾ آرس پيجي جاڳي پيا هئن. دلاور خان ٽپ ڏئي گهوڙي تان لٿو ۽ ٻئي ٻانهون كولي ڇڏيائين. چار بازو ٻكين پئي هوا ۾ بلند ٿيا.

ڪٽكن جا سونا كيت هوا ۾ لڏي وڇڙيل دلين جي ميلاپ تي همرچو ناچ وجهي رهيا هئا. ايرندڙ نئون سج چمين جهڙا كرٽا ڏرتيءَ ڏانهن پئي اماٽيا ۽ هوا منين ۾ ميلاپ جا خط كٽي. پرياتي ڳائي سج جي كرڻن جو آڏر ياڻ پئي كيو. ٽكرين تي موجود سوين ماٹهن ۾ چرپر پيدا ٿي ۽ سوين ماٹهو وڇڙيل ڳراٽيون ماڻن لاءِ ٽكرين تان هيٺ لهڻ لڳا.

*******

## پارس پھڻ

هن کي ڄائي ڄمر کان پڇ هو. پڇ ۾ ڪو جھڑو تھڑو؟ هلڪي ذات جي ويندي ڪُتي جھڑو ڏوڙو ۽ وريل پڇ. زماني جي چالو موسم موجب هونئن ته اها نہ اچرج جھڑي ڳالھ هئي ۽ نہ ئي ڪو عيب. ڇو ته اسان وٽ پڇ ٻڌل مهرين جي ڪا ڪوٽ ۾ ته ڪانهي. جنهن ۾ يار جي قميص جو پاڇاندو متي ڪٽو ته خيرن سان پڇ نظر ايندو. پوءِ اها الڳ ڳالھ آهي ته گھٽا تٽا پاڻ وٽائڻ ۽ پاڻ ڳٽائڻ جي خفت ۾ پڇ هٽايو وتن ته ڪن ٿورن کي وقت ۽ حالتن دم دار بٽائي ڇڏيو آهي. ڇاڪن ويچارا؟ رواج ئي ڪجھ اهڙو پيو هلي، جو پڇ بنان نہ سياست ۾ مزو آهي ۽ نہ نوڪريءَ ۾ قرار. نئين ۽ نرالي ڳالھ رڳو اها هئي ته هن کي ڄائي ڄمر کان پڇ هو.

وڏيري ملهار خان کي ڇھن نياڻين کان پوءِ سڪي پني پٽ ڄائو. منهن مهاندبي ته ماٺھو جو ٻچڑو ۽ ٻارن جھڑو ٻار، پر ويم کانپوءِ دائي ماسي سليمت ناڙو وڍڻ لاءِ جيئن هٿن ۾ ڪنيس ته رڙ نڪري ويس. ڇٽ ڪنهن هٿ جي تريءَ تي وڇون رکي ڇڏيو هئس.

"آئي گھوڙٽ....! مائي ڏسو."

هن تکڙ ۾ ڪمري جي دروازي جو اڌ تاڪُ کولي، منديِ ٻاهر ڪڍي، وراندي ۾ پينگھي ۾ لڏندڙ جيجي حرمت کي رازداريءَ مان ميڇ ڏئي سڏيو، جيڪا پوٽي ڄمڻ جي خوشي ۾ ٽڙيو پئي ٽڙي.

"ڏيجھان رنوٽي، وري ڪھڑو سٽ منڊو اٽئي؟"

جيجي حرمت لٽ جي ٽيڪ تي ڪمري ۾ داخل ٿيندي چيو.

ماسي سليمت دروازي کي اندران کڙو ڏيئي، روئندڙ ٻار کي هٿن تي کٽي جڏهن جيجي حرمت کي سندس ڀيڻ ڏيکاريو ته هوءَ ڇڻ ڏندڙجي وئي. لگ ڀڳ ٽڏا ٿي ويس. صدمي ۽ تپرس ۾ اشهد آگر وات تي رکي ٻار کي ايئن ڏسڻ لڳي، ڇڻ کا قيمتي شئي هٿن مان ڇڏائجي وئي هئس. سکي پني ڇاول پوڻي جي اڻاهه خوشي، اوچتي صدمي جي شدت ۾ لڙهي ويس. ڇڻ وهاڻ جي کاڇ ۾ کنهن قضئي جو ڇاڻ اچي ڏنو هئس. هن اونهو ساهه کڻي پاڻ کي صدمي جي اوتارن مان ٻاهر آندو ۽ سندس وات مان بي اختيار نڪتو.

"آئي مُنيس، نيائي رن، ڏسين چا پئي کجهه ڪر. راڄ ۾ نڪ ٻوڙائيندين؟ چا؟"

ماسي سليمت جو هاڻ پئي ٻُڌو. سمجهه ۾ نه پئي آيس ته چا ڪري؟ هوءَ ڏاهي ۽ هنرمند دائي ته ضرور هئي پر ويڇ ۽ سرجن ته ڪونه هئي؟ پر لاچار جي ڪاتي جڏهن صفا ڪنڌ تي اچي پيس. تڏهن دل ٻڌي ٻار جي ناڙي سان گڏ پڇ به وڍي، اور سان گڏ زمين ۾ پوري ڇڏيائين، نڪو پڇ هوندس، نڪو راڄ ۾ ڪل خواري ٽيندي.

وڏيري ملهار خان پهروٽي پٽ جي ڇڻي ۽ عقيقو پري وڃائي ڪيو. ڳوٺ راڄ جي ماڻهن به هڏي پيت مان چڙهه ڪري ڪل سائي اڪئي، ته وڏيري جي سياسي ۽ کامورکي سنگت لاءِ به ڪاڌ پيت کان شراب ۽ شباب جو شغل به شامل هو. پوپرين جي پيرن ۾ تڙپندڙ چيرين جا چمڪار، رات جي ٽار ۽ مانار جون چاتيون چني ڳوٺ وارن جي سماعتن ۾ تيسيتائين ٻُرندا رهيا، جيسيتائين ڳوٺ جي مُلي اسر جي بانگ نه ڏني. بانگ صلوات جي احترام ۾ چيرين ته سڪ جو ساهه ڪنيو، پر ٽڏن ساهن ۽ سرهاڻن ۾ پٽ کوهه جي تال تي چوڙين جا چٽڪا پرهه ڦٽيءَ تائين بنگلي جي ديوارن سان ٽڪرائيا رهيا.

چنيءَ تائين ته وڏيري ملهار خان کن جي جُون مئل هئي، پر ترت پوءِ کيس ڳٽتين جا کوٽ چڙهي ويا. سندس پٽ جو ناڙو سڪڻ لڳو هو، پر لوسڻ جي لئيل ٻُوڙي وانگر پڇ ٻيهر مورجڻ لڳو هو. ڊپ

جي ٻوڙي وانگر پڇ ۾ اهڙو نڪ، جو ٻار جيئن پئي ڏيرانجهو ٿيو، پڇ ۾ ويو پئي ڏڳهو ٿيندو.

ملهار خان جو هنيون هنڌ نه هو، ڪاڏو پيتو وهه ٿي آيو هئس. ڳالهه هئي ته مونجهاري جهڙي، ستن پيڙهين ۾ اڳي ته ڪڏهن به ايئن نه ٿيو هو. ڏاڏنگ ۾ نه نانڱ ۾، سدا ملوڪ پٽ جو پڇ ڏسي هانءُ جا ڳڇ پئي ڳريس. ڪو وقت ته هن حڪمرانن وانگر نڪ نرجائي سان ڳالهه لڪائڻ جي ڪوشش به ڪئي پر ماٺهن جي ترڪٽن پيٽن ۾ ڳالهيون ٽڪنديون به آهن ڇا؟ اهي ته اسپرنگ وانگر هوندیون آهن، انهن کي جيترو دٻائبو آهي، اوتري شدت سان مٿي اُڀري ايندیون آهن. چپن ۾ چوريل پٽڪن، ڪانپاٽيءَ جي ڳوڙهن وانگر الائجي ڪهڙا وڻ وڃي ڪنيا هئا. وڏيرو ملهار خان ماٺهن جي بند واتن ۾ ڳالهائيندڙ اکين ۾ سوال بٽيل چٽرن جي چُڀن کي محسوس ڪري پنهنجي پگهر ۾ ٻڏيو ٿي ويو. دين دنيا ۾ هڪڙو پٽ، سو به ڇائو نه ڇائي جهڙو، ڏڙ ريڍيو، سسي ٻاکري. ڳوٺ ۾ جيترا هئا وات، اوترون هيون ڳالهيون. ڪن اشهد آگر زمين تي رڳڙي، نڪ سان گهڻ ان کي خدا جو ڏمر پئي ڪونيو ته ڪن اعمالن جي شامت، ڳوٺ جي ا ڀڙهئي ملان ته ان کي قيامت جي نشاني قرار ڏئي سادن ماٺهن کي ڊپ جا ڀائو پئي ڇڪايا.

هيءَ جو نالو ته منڌار خان هئس پر گهرياتين کان نوڪرن تائين ڏيس ڪوڏائي مان بابن سائين سڏيندا هئا. ڏاڏي جو نالو جو هئس ڏيڏي هوندي کان ئي سندس مزاج ۽ طبعيت ڏاڍي نرالي هئي. ن ڏيڏي کان ڪن مٽن ۽ هيٺن تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي وڃڻ سندس طبعيت جو حصو ٿ ڄاڻي وڏيري ملهار خان کان ڪن هٽندو هو. اتي ماءُ، پينرن ۽ ٻنگلي جي نوڪرن کي تپائي ڏنو هئائين. شل نه ڪنهن ڳالهه تار مڃجي، جيڏا شئي هٽ ۾ آيس وهائي ڪيندو هو. نه ماءُ جي ساڃاهه نه پينرن جو لحاظ، نوڪر ويچارا ته جاندهه جي ٻن پڙن وچ ۾ هڻ اهڙو اڳهه ڪندو هئن، جيئن هيڙهو لڏ سان ڪندو آهي، ٻنگلي جو ڪوبه نوڪر اهڙو نه هو، جنهن جو منهن ۽ مٿو هن جي ڏڪن جي نشانن کان آجو هجي. وڏيرو ملهار خان مٽاچرو ته سندس

حرکتن تي کاوڑ ڏيکارينڊو هو، پر دل ئي دل ۾ هن جي اهڙين حرکتن تي گڏ گڏ پيو ٽينڊو هو. وڏيرو جيترا ڏينهن ڳوٺ هوندو هو، گهر جا ياتي ۽ نوڪر امن ۽ سکون ۾ هوندا هئا. وڏيري پٽ ڏني ناهي، ساڳيو ڳڻ کاڑيءَ ۾. بابن سائين جڏهن وڏيري ۽ بنگلي ۾ ايندڙ مهمانن ۽ کامورن سان ڳالهائيندو هو ته صفا ميٺ وانگر هوندو هو. پڃ ايئن پيو لڏندو هئس جڻ پڃ جون رڳون زبان سان ڳنڊيل هئس، پر گهر ياتين ۽ نوڪرن سان ڳالهائڻ وقت پڃ تاڻجي ڏانڊ ٽي ويندو هئس. جتي وڏيرو ملهار خان سندس پڃ جي ڪري گهٽو پريشان هو، اتي بابن سائين کي پنهنجي پڃ سان گهٽو پيار هو. ڇو نه هجي؟ جسم جي عضوي مان ٻه کو بيزار ٽيندو آهي ڇا؟ هن لاءِ پڃ کو مسئلو ئي نه هو. هو سرهي صابڻ ۽ شيمپو سان پڃ کي ڏوئي ڏمالي گهر ۽ بنگلي ۾ ڏينگ ٽپا پيو ڏيندو هو.

بابن سائين جڏهن مڃريو هو ته لٽ کٽي نوڪرن جي پنيان کاهي پوندو هو. نوڪر پڃي جان بچائيندا هئا ته وٽاڻ ۾ چوپائي مال ۾ اڇي پوندو هو. مال پٽاري جو رڳو رنيون پيون ٻڌبيون هيون. کلن ۾ ٻڌل ڏڳين، مينهن، وڃن ۽ گابن جا پانپ لاهي ڇڏيندو هو. ڪنهن صدوري ڏينهن ان ڏاکي نه چڙهيو ته بنگلي جي چت تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻنين ۽ ڳوٺ جو نظارو ڪري من کي شانت ڪندو هو. هو کو سزا آيل قيدي ته نه هو، پر وڏيري ملهار خان کيس رڳو ان ڪري سياسي اڳواڻ وانگر گهر ۾ نظربند ڪري ڇڏيو هو، جو ڳوٺ راڄ ۾ روز روز جي کل خواريءَ کان ڏوهه ٽي ڏکيس. بنگلي جي جنهن حصي ۾ بابن سائين کي رکيو ويو هو، ان حصي ۾ ڳوٺ جي ماڻهن جو اچڻ وڃڻ بند هو. بنگلي جا ٻه خاص نوڪر حاضري جي ٻهاني متس نظر رکڻ لاءِ مقرر ٽيل هئا، جيڪي پاڇي وانگر هر وقت ساٿس گڏ هوندا هئا. سندس وندر ورونهن ۽ آسائش لاءِ بنگلي ۾ هر شئي حاضر ڪري ڏني وئي هئي. ان هوندي ٻه کو انگل آڇو ٽي ڪيائين ته ٻنان دير پورو ڪيو ٽي ويو.

وڏيرو ملهار خان گڻنگ زميندار هو. پلو گهوڑو سڄو ڏينهن ڊوڙي ته ٻه سندس زمين نه کٽي. نجا ڪڙيا ۽ واٽر هئس. هو نه رڳو

علائقي جي وڏي ۽ بااثر سياسي شخصيت هو، پر سندس جي سياست ۾ به وڏو اثر رکندڙ هو. سياست ۾ سندس سڄاڻپ سدابهار سياستدان جي هئي. سياست سان جڏهن کان پيچ لڙايا هئائين. لغڙ کاڌا نه ٿيو هئس. سدائين سياست جون بهارون ماڻيون هئائين، سياسي خزان جو ڪو جهوتو به نه لڳو هئس. لڳي به ڪيئن؟ هو چڙهيءَ جو يار هو. پڃندڙن جي اڳيان ۽ هٽندڙن جي پٺيان. ٺهندڙ حڪومت جو ٻانهن ٻيلي ۽ ڀڃندڙ حڪومت جو ڪلهي ڪاندي به نه ٿيندو هو. اليڪشن آزاد حيثيت ۾ ڪٽي يا ڪنهن پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي، پر حمايت ان پارٽيءَ جي ڪندو هو. جيڪا حڪومت ناهيندي هئي. ان لاءِ ڪيس ضمير جي ڪاب ڇهندڙي نه لڳندي هئي. وڏي وات چوندو هو.

"ابا اسان جو ڇا سياسي جنڊاپٽ سان؟ حڪومت ۾ هونداسين ته هٽ به ڇئي ۾ هوندا. چار ڪم ماڻهن جا به ٿيندا ۽ آفيسر به ڇوڙ آکڙ هوندا. راج به خوش ته ڏيڏيو به قائم. ٻيو ڇا ڪپي پاڻ کي."

بابن سائين ڏهن ورهين جو اچي ٿيو هو. وڏيري ملهار خان جي حواسن تي جيئن پوءِ تيئن پٽ جو پيچ جڙ سوار ٿيندو پئي ويو. گهر جي اڳڻ يا بنگلي ۾ جڏهن بابن سائين کي ٽينگ ٽپا ڏيندي ڏسندو هو ته ڪيس شهر جي ڪنهن چوواٽي تي مداريءَ جي ڊيڄڪيءَ تي ناچ ڪندڙ پولڙو اکين اڳيان تري ايندو هو. پينٽ شرٽ ۽ ٽوپلو پائي مداريءَ جي اشاري تي ڪرتب ڏيکارينڊڙ پولڙو!! راتين جو جڏهن سوچون ديوي جا ڪنڌا ٻڌجي اکين ۾ چيڙ لڳنديون هئس، تڏهن پُورن جي بيابان ۾ وڻڻ لڳندو هو.

"پٽ ته لٽيا ڪوهه پٽيندا آهن. هيءَ ڪهڙو پٽ آهي؟ جيڪا پُٽ پڌري ڪيائين، سا ته گهوري، رهندو پيءُ جي نانءُ ۽ ناموس لاءِ ٻهارو ٻڌجي ويو آهي. اهڙي پٽ کان ته ڪٽ خالي چڱي هئي."

ملهار خان کي سالن جي ڪمايل ساک ۽ خاندان جي ناماچاري، ٽهڪن ۽ ٽوڪن جي واڇوڙن ۾ ڪک پن وانگر اڏرندي محسوس ٽيڙ لڳي هئي. ڪيس ابن ڏاڏن جي ڪمائي پاڻيءَ ۾ لڙهندي

نظر پئي آئي. سموري رات ڪٽ تي پاسا ورائيندي گذاريائين پر ڪيس ڪوبہ ڳٽو نظر نہ پئي آيو. سوچن جي رڻ ۾ ڪنهن نخلستان جهڙي آساس لاءِ پٽڪندي، ملي بانگ مهل هو دل ۾ فيصلو واري چڪو هو. هو ٽپ ڏيئي ڪٽ تان اٽيو ۽ بابن سائين کي ننڊ مان پٽي اٽاريائين، ڪيس سنبرائي ٻڌائي ٻوٽ گاڏيءَ ۾ ڪٽي ڪراچي روانو ٿيو.

وڏن ۽ نالیوارن ڊاڪٽرن جي مشوري تي هن بابن سائين کي وڏي ۽ مهانگي اسپتال جي پرائيويٽ روم ۾ داخل ڪرايو. ڊاڪٽرن جو بورڊ وهاريو ويو. سينيئر ڊاڪٽرن مٿا جوڙ ڪان پوءِ بابن سائين جو ميجر آپريشن ڪري پڇ سان گڏ پڇ جون پاڙون ۽ گُدون ڪوٽي ٻيهر مورجڻ جا سمورا امڪان ختم ڪري ڇڏيا. ڊاڪٽرن جي يقين جهڙي دلاسي تي وڏيري ملهار جي ساهه ۾ ساهه پيو. هو ڪجهہ ڏينهن اسپتال ۾ رهڻ ڪانپوءِ بابن سائين کي ساڻ ڪري ڳوٺ موٽي آيو. ٻہ هفتا گذري ويا. بابن سائين جي آپريشن جا ڦٽ تہ پرجڻ لڳا هئا، پر وڏيري ملهار خان جا ڪڙيون ٻڌل ڦٽ تڏهن اڪلي پيا، جڏهن پڇ ٻيهر ڦٽڻ لڳو.

وڏيري ملهار خان جا ٻئي هٿ متي تي اچي ويا هئا. ڦاهي ڪاڌل ماٺهو وانگر پيڙا جي سوليءَ تي لڙڪيو پئي. سيڪجهہ هوندي ٻہ ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ جو خالييڻو ماٺهو کي بيوسي جون ڳڏڙيون ڏيئي سُن ڪري ڇڏيندو آهي. سوچن جا رستا اداس ۽ حواسن جا پيچرا سنسان تي ويندا آهن. ڪجهہ ٻہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيس. پڇ هو، جيڪو ٻنڊ فقير وانگر اتو ٻڌي پنڌيان پئجي ويو هئس. جن ڇڏي، پوٽ ڇڏي، پر پڇ نہ ڇڏي، ونواهہ ۾ وينل ڪنوار وانگر اٽ ڏهاڙا تہ هو بنگلي جي ڪمري کان ٻاهر نہ نڪتو. هر وقت شراب جي نشي ۾ غرق رهڻ لڳو هو. ماٺهن سان ملڻ جلڻ ٻہ ڇڏي ڏنو هئائين. سندس پريشاني ڏسي حاضريءَ جا ٻہ پراٽا ۽ ڪراڙا نوڪر ساهہ جهلي سندس ڪمري ۾ داخل ٿيا. هو پلنگ تي وهاٽن جي ٽيڪ ڏئي، ٽنگون ڊگهيري وينل هو، ٽيبل تي شراب جي اڌيڪي بوتل، گلاس ۽ پليٽ ۾ نمڪين شيون پيل هيون. شراب جي گهٽي استعمال ۽ اوجاڳي ڪري ڳاڙهيون اکيون ٻاهر نڪري آيون هئس. ٻئي ڪراڙا نوڪر پري

کان کیس هٿ ٻڌي سلام ڪري فرش تي ويڇايل قالين تي جوتون پڄي ويهي رهيا. وڏيري برندڙ اکيون کٽي ٻنهي تي سوالیہ نگاهہ وڌي. حاکوءَ دل ٻڌي ڳالهايو.

"جيئين شال، تنهنجو ليمڪ پيٽ ۾ اٽئون، تنهنجي اها جهوري ڏني نٽي ٽئي."

"هائو، لکيو پيا لوڙيون....! بيوس انن بار ڇڏيا آهن."

وڏيري ٽٽو ساهہ کٽي وراٽيو، "صدقي وڃانءِ، ان جو طبيبن وٽ ڪو تہ علاج هوندو؟" نيڪوءَ ڳالهايو.

"اها کيڙ ٻيلهہ ٻہ ڪري ڏني اٽئون، ڪوبہ اپراسو نہ ٽيو." وڏيري ورندي ڏني.

"سرڪار، پار واري حڪيم خدا يار جي ڏاڍي ڳالهہ ٻڌي اٽئون، ساهہ سو هٿ ۾ ڪونهيس، باقي مکڻ مان وار ٿو ڪڍي. اصل هٽن تي پرتا ڪري ٿو ڏيکاري." حاکوءَ هيڪندي چيو.

"سائين، پاڻ واري مولوءَ جو چورو جمن ٻہ ليپٽ ۾ هو. روئيندا پٽيندا هٽن تي کٽي ويا هئس ۽ پريان کلندو موٽيو، ڇڻ ڪوڙ ٿي ڪيائين، هينئر وتي هرڻ جهٽيندو." نيڪوءَ ڳالهہ کي پراءُ ڏنو.

سوچ ۾ ٻڏل وڏيري هلکو ڪنڌ لوڏي وراٽيو. "ها، حڪيم جي هاڪ مون ٻہ ٻڌي آهي. ڏٺي ڇگي ڪندو."

بابن سائين کي ڏسي حڪيم خدا يار جو واتُ ٻٽون ٿي ويو. آپريشن واري هنڌان نسرندڙ ٻن آڱرين جو پڇ ڏسي تپرس ۾ پئجي ويو. حڪيم ٻہ ڏينهن لاڳيتو پنهنجي نگرانيءَ ۾ نوڪرن چاڪرن کان جڙيون ٻوٽيون ڪترائي، ڪپڙچاڻ ڪري دوائون تيار ڪيون. هن پاڪيءَ سان بابن سائين جو پڇ وڍي لوهي شيخون تپائي زخم تي ايئن ڏنپ ڏنا، جيئن ڪچي جا مالوند پنهنجي چوپائي مال تي نشان ڏنيندا آهن. حڪيم خدا يار تہ تاريخون سڃيون ڪري ڪک پن ٿي ويو، پر بابن سائين پريا ٻہ هفتا ڪٽ تي سنئون سمهي نہ سگهيو ۽ ڏنين جي ساڙ کان رڙيون ڪندي گذاريائين. ڏنين کان ٻہ وڏو عذاب اهو ٿيو تہ زمين ۾ چٽيل ٻج کٽي مان ڦٽندڙ سلي وانگر پڇ وري انگوريو پئي.

وڏيري ملهار خان لاءِ پٽ جي پيڇ جو مسئلو بہ جڙ ڪشمير جو مسئلو بڻجي ويو هو، جيڪو شايد ڪڏهن بہ حل ٿيڻو ئي نہ هو. ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن کان مايوس ٿي هن ڏاڳن قيٽن، سانن سوٽن ۽ ڏس پنڌن جا هيلا بہ هلايا پر ٻيو ٿيو خير. پيڇ بہ ڏيڍ جن وانگر پڙ ڪڍي ٻيئو هو، چي، ٿيندا ڪير آهيو، جو پچر چڏيان؟ لاڳيتن عذابن سهڻ کان پوءِ بابن سائين اهڙو ڪڪ اچي ٿيو هو، جو وڏيڪ ڪنهن بہ علاج لاءِ تيار نہ هو. وڏيري ملهار خان بہ سيني پاسن کان مايوس ٿي ڪيس پنهنجي حال تي چڏي ڏنو.

وقت جو ڪانڌو بنان ساهيءَ ڦرندو رهيو. بابن سائين بہ گُريءَ چڙهي اچي چوڏهين ورهين جو گيرو ٿيو. وڏيرڪو بار، نہ گهٽتي نہ اوسيئڙو، نہ ڪم نہ ڪار، مٽان سنا ڪاڌا، جڙ گهر ويڙي ونهن پئي ڪاڌائين، سو عمر کان بہ چار سال وڏو پئي لڳو. جيتوٽيڪ ڳوٺ جو اسڪول باهتر بارن جي داخلا هوندي بہ اڪثر بند رهندو هو. سال جا نو مهينا بار اسڪول وڃڻ بدران مال سان پهري ويندا هئا، پر بابن سائينءَ لاءِ ڦرهيءَ کان وڌي خاص ماستر مقرر ٿيل هو. جيڪو پگهار تہ سرڪاري اسڪول مان ڪٽندو هو، پر سندس ڏيوتي رڳو وڏيري جي بنگلي ۾ بابن سائين کي پڙهائڻ جي هئي. هو انون درجو پاس ڪري نائين درجي ۾ پڙهيو پئي. پنجين درجي تائين هر سال تعليم کاتي جو بيٽ آفيسر وڏيري جي مکڻ ماکيءَ واري ماني ۽ کيسي جي خرچي تي کيس فل پاس ڪري ويندو هو. سيڪنڊري ڪلاس جا امتحاني پرچا بنگلي تان حل ٿي امتحاني سينٽرن تي پهچندا هئا.

بابن سائين هاڻي بار نہ رهيو هو. کيس پاڻ مٽان مڙهيل نظربندي هگَ ۽ هريڙ وانگر ڪڙي ۽ ڪساري محسوس ٿيڻ لڳي هئي. قيد ۽ غلاميءَ ۾ پيار ۽ پنهنجائپ پلي ۾ مين وانگر مڙهيل هجي، پر ان جو احساس هر وقت ڏکٿهاريءَ جي ڏنگ وانگر پوسرائيندو رهندو آهي. بابن سائين ان جو اظهار وڏيري ملهار خان سان ڪرڻ جو تہ ست نہ پئي ساريو، پر جڏهن بہ ڦرڪو ڦرندو هئس تہ ويچاري ماءُ لاءِ ڏرتي تامون ڪري چڏيندو هو.

"کھڑو ڈوھ کیو اٿم ، جو قید کٹي کیو اٿو؟ پڇ تہ مون کي آھي ، بابا کي تہ کونھي؟ کير مائيءَ جو لال آھي ، جيکو مون تي کلندو؟ بندوق سان ڦڦڙ نہ کڊي وجھانس." ھوءَ ماءُ ھئي. سنڌي سماج ۾ مائرون گھر جو کاڇ ئي تہ ھوندیون آھن. نياٽين جا سور ، مٽان اکيلي پٽ ۾ سنڌ سُکائي ڇڏيا ھئس. ويچاري دل جا سور دل ۾ سانديي ، ڏندن ھينان کاني ڏئي چپ ھئي. جيجي حرمت ھئي تہ ھينانءُ جا پاسا پريل ھئس. جڏھن کان اھا ڏڍ جي ٽوٽي ، لاڏاٽي جي ڏوليءَ چڙھي ھئي ، ھن جي ھانءُ جا پاسائي ڇن سکٹا ٿي ويا ھئا.

سالن کان پوءِ وڏيري ملھار خان جو پراٹو يار ڪڙپيل کامورو شجاع الدين ، مھمان دوست پروفيسر حامد علي خان سان گڏ ڳوٺ اچي نڪتو. بنگلي جي ايئرکنڊيشنڊ کمري ۾ وسکيءَ جي ھلکن سرورن ۾ کچھريءَ جي کتاب مان پرائين يادگيرين جا ورق پئي وريا. ڳالھين جي پيٽ مان ڳالھيون پئي نڪتيون. کچھري ھلندي شجاع الدين ، مھمان پروفيسر جي باري ۾ وڏيري کي ٻڌايو ،

"پروفيسر حامد علي خان ستارن جي علم جو وڏو ڄاڻو ۽ ملک جو مڃيل پروفيسر آھي. ھٽ جون لکيرون ڏسي ۽ زائچو ناھي ، ماٹھو جي ماضي ، حال ۽ مستقبل جي باري ۾ ايئن ٽو ٻڌائي ، جيئن کو کارائي ۾ بڏل واڇ ۾ ڏسي وقت ٻڌائيندو آھي." وڏيرو حيرت مان اکيون ڦاڙي پروفيسر کي ڏسڻ لڳو. ھن ھٽ جي تريءَ سان وات ۾ پوندڙ شھپرن جي وارن کي مٽي کيو ۽ وات کاموري جي ڪن جي ويجھو آڻي سرٻاٽ کيو. کاموري وڏو ٽھڪ ڏيندي وراٽيو ، "ھا ھا. اڙي يار ، چو نہ؟ اھا ۾ کا پڇڻ جي ڳالھ آھي؟"

بابن سائين ڏکندو کمري ۾ داخل ٿيو. اڳين عذابن جو کنبايل ھو ، ان کري رونءَ رونءَ ۾ ڏکٹي ھئس ، تہ وري الائجي کھڙي ويڏن ٽيڻ واري آھي؟ ھن مھمانن کي نوڙي ھٽ ڏنو. زبان سان گڏ پڇ ۾ لڏيس پئي. پروفيسر سندس ڇم جي تاريخ ، ھنڌ ۽ وقت سميت گھربل ڄاڻ ونڊي سندس سيارو ۽ برج کڊي زائچو ناھيو ۽ پرسان وھاري سندس ھٽ جون لکيرون ڏسڻ لڳو. ھٽ جون لکيرون ڏسي پروفيسر جي چھري جا رنگ بدلجڻ لڳا. حيرت جي تلاءَ ۾

اڇلايل پٿر وانگر ترو وڃي ورتو هئائين. نڪ تي رکيل عينڪ جي مٿان اکيون ڦاڙي بابن سائين کي ڏسڻ لڳو. يقين نه پئي آيس. پڪ ڪرڻ لاءِ هن سندس هٿ جي لکيرن کي ور ور ڏئي ڏٺو ۽ زائچي تي ٻيهر نظر وجهڻ کانپوءِ رڙئي جا ارڙهن آنا پڪ ٿيس. تڏهن اونهو ساهه کڻي، عينڪ لاهي سڌو ٿي وينو. چپن تي مرڪ هئس ۽ کوهه جي ٻوکيءَ وانگر تجسس جي اونهيءَ پاڻيءَ ۾ ٽٻيون پئي هنيائين. پروفيسر ڏيرج سان ڳالهائڻ لڳو.

"وڏيرا، وڏن پاڳن وارو آهين. گهر ۾ پارس پٿر پيدا ٿيو اٿئي. پڇ جي ڪابه ڳڻتي نه ڪر. رڳو نالو مٽائي ستارن جي علم مطابق رکينس.

"پر سائين، ان سان کهڙو فرق پوندو؟" وڏيري ملهار خان کجهه نه سمجهندي سوال ڪيو.

"ان ڪري ته ستارا انسان تي اثر انداز ٿيندا آهن. ستارن جي علم مطابق نالو نه هئڻ ڪري به فرق پوي ٿو. هيءَ ڪو عام ٻار نه پر غير معمولي ٻار آهي. هن جا ستارا سعيد ۽ موافق آهن ۽ آئيندو به روشن اٿس." پروفيسر وضاحت ڪئي.

ڪاموري شجاع الدين ڄاڻي واڻي پروفيسر کي وڌيڪ کولڻ لاءِ طنزيه انداز ۾ چيو.

"ابا ڏيو منهن....! پروفيسر صاحب، هيءَ ڇوڪرو وڏي زميندار جو پٽ ۽ معروف سياسي خاندان جو چشم چراغ آهي. وڏو ٿي اسيمبلي ميمبر ته اوس ٿيندو. وڏو ڇيهه ته ڪا انڊي منڊي صلاحڪاري ۽ وزارت کڻي ملنديس، سا ته ابن ڏاڏن کان هونئن ئي کيسي ۾ اٿن. ان کان وڌيڪ کهڙو پاڳ پيڙو ڏيندس؟" پروفسر جا پرون تاڻجي ويا. هن ڪاموري کي گهوري ڏنو ۽ وراٽيو.

"ماءِ ڊيئر، توکي شايد ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. پيارا، سج هڪ مهيني تائين برج ۾ قيام ڪندو آهي. سج جي هڪ برج مان نڪري ٻئي برج ۾ داخل ٿيڻ وقت جيڪي ٻار ڄمندا آهن، اهي ٻنهي برجن جي خاصيتن وارا هوندا آهن. هن ڇوڪري جي هٿن ۾

حڪمرانيءَ جي لڪير آهي. عددن جي علم ۾ منهنجي ڄاڻ موجب هيءَ ڇوڪرو سنڌ جو حڪمران ٿيندو. گورنر يا وڏو وزير."

وڏيري ملهار خان جون واڇون خوشي مان ٽڙي ويون. من ۾ ملاکڙي جا دهل وڄڻ لڳس. چوڌهن ورهين جي جنم ٽيپ جهڙين پيڙائن جا چهڪ هڪ ئي ڏڪ ۾ پرجي ويا هئس.

*******

## وانگي

بڇاءُ بند جي پڪي واري پر، ڳوٺ جي آساس واري پٽ پر، ماڻهن ۾ مال جي لنگهه واري پهي سان، جهور ٻيڙيءَ چينيا پئي ميڙيا. ڪاپو هٿ ڇيلهه تي ڏئي، ساڃي هٿ سان ڪانين جا سُڪل چينيا ميڙي نديڙيون ڏڳڙيون پئي ڪيائين. ائين جيئن لابارن جي مند پر ڳوٺ جا ٻارڙا، لٽيل ٻارن مان رهجي ويل ڪٽڪ جا سنگ ميڙيندا آهن. هوءَ پهي سان ايندڙ ويندڙ ماڻهن کان بي نياز پنهنجي ڪرت پر رڌل جهونگاري رهي هئي.

چنڊ چهري منجهان،
چو نہ ايريو ايجان؟
آ پرين مان ڏسان،
موت ماري متان، ورق واري متان.

ٻيڙيءَ جو هنداڻي جي ڦاڪ جهڙو ڏوڙو جسم، سرديءَ جي چپيٽ آيل ماڻهوءَ وانگر ڏکيو پئي ۾ ڪنڌ هائوڪار ۾ لڏيس پئي. پر آواز ۾ ذورو ٻہ ڏڪڻي کا نہ هئس. لفظ سندس وات مان سڪل پنن وانگر ڪڙڪي پئي نڪتا. وڏي ڄمار ۾ هيڻائي ڪري، توڻي جو دم ڪڻي ٿي ويس. پر آواز ۾ درد ۾ مٺاس جي اوت. جيئن جا تيئن هئس. پنڌيٽين جي تنبن مان ليئا پائيندڙ اونهين اکين ۾ اميدن جا ديپ، ڏياريءَ جي ڏيئن وانگر روشن هئس. تڏهن تہ جهونگاربائين پئي. سندس جهونگار صدين جي اتهاس جو پڙاڏو هئي. دور جبل جي مٽاهينءَ تان قديم مندر جي گهنڊ جو پڙلاءُ ۾ ڪنور پکيٽ جي منڙي ۾ دردیلي وائي. "آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه...." جو ٻرلاپ هئي. سندس

سانتيڪين اکين ۾ اوسيئڙو هو. جنهن ۾ دير مدار سهي، پر ڪنهن جي اچڻ جو يقين شامل هو.

سج، مئه خاني مان ڪُپي چاڙهي موتندڙ پياڪ وانگر خمارن جا ڪيپ چاڙهي، پير وچڙائي ماڳ پئي موٽيو. مال جا ڏڻ، ڪچي مان چري، بند تان هيٺ لهي وڃڻ ڏانهن پئي موٽيا. ڏنار، سينڊن ۾ ڪلام چوندا ۽ مال کي هُونگرون ڏيندا پئي آيا. ڪنڊ تي رکيل لڻين تي ٻانهون ورائي موتندڙ ڏنار، صليب تي چڙهيل عيسيٰ جون مورتيون پئي لڳا. لاهُو سج جي گيڙو روشنيءَ ۾ چڙن مان ڦٽندڙ پلي بيڪ سنگيت ۾ مال جي ڪرن مان اٽندڙ ڏوڙ جا بادل ۽ دور جبلن جون برندڙ قطارون، اکين ۾ پيهي ويندڙ منظر جوڙي رهيا هئا، سرنهن جي وٽن جا پشم جي ٽوئرن جهڙا اڇا گل هوا ۾ اڏريا پئي. هوا ۾ سرنهن جي گلن جي سرهاڻ ۽ متيءَ جو جادوءَ جهڙو هڪاءُ هو. هاري ناري ۽ ڪمي ڪاسبي ڪوڏرون ۽ ڪهيڙا ڪلهن تي رکي ٻنين تان موٽيا پئي، ته ڪن کي گاهه جون سڪميون پريون متن تي هيون.

ٻيڙيءَ ڏڪندڙ هٿن سان ميڙيل چينيين جون ڊڳڙيون گڏ ڪري، ننڍڙي بروتي ٻڌي متي تي رکي ۽ لٽ جي ٽيڪ تي پهو ڏئي هلڻ لڳي. هن جهونگاريو پئي.

چنڊ چهري منجهان،
چو نہ ايريو ايان؟
آ پرين، مان ڏسان.
موت ماري متان. وري واري متان!

ٻڇاءُ بند جي ٽاپ سان ڳيرو نوجوان، سرخي گهوڙي تي سوار، هوا سان ڳالهيون ڪندو پئي آيو. گهوڙو چارئي عضوا هٽي. سياري جي ڇُوٽ هوا وانگر اتر کان اڏاڻو پئي آيو. سوار جون رکيبن ۾ پيل ڪڙيون، هوا ۾ ڪڇي، پير جي ڏونڪن وانگر گهوڙي جي ڪکين ۾ پئي لڳيون. گهوڙي جي سنبن سان بند جي ٽاڪ زمين جا چاڙ لهي، ڏوڙ بڻجي هوا ۾ اڏاڻا پئي. هو اپ ۾ اڏامندڙ راکيٽ وانگر پٽيان ڏوڙ جا ڪکر چڏيندو پئي آيو. سوار جي پٺڪي جو

ترو، جنگ جي ميدان ۾ ڪتل جهنڊي وانگر هوا ۾ ڦڙڪيو پئي. اوچي ڳاٽ ۽ تاٽيل ڇاتيءَ وارو ڳيرو نوجوان، وڏي شان سان، ڏرتيءَ جي ڇاتيءَ کي نغاري وانگر وڄائيندو پئي آيو. گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ پيل ڇانديءَ جي تائٽن مان چٽندڙ موسيقي، سندس ٽاپن جي تال تي دل نواز ڌن پئي لڳي.

نوجوان سوار جيئن ٻيڙيءَ وٽان لانگهائو ٽيو تہ سندس نظر مٽس پئي. اوچتو جيءُ کي جهبي آيس. اندر جي پاتال مان جڻ ڪنهن سڏ جو پڙاڏو ڪن تي پيس. حواسن جي تهن ۾ ڦڙڦوٽ محسوس ٽيڻ لڳيس ۽ من ساگر ۾ سنيارڻ جا طوفان جاڳي پيا هئس. هن اوچتو غير ارادي طور لغام کي چڪ ڏئي، گهوڙي کي بيهڻ لاءِ ٻڌڪر ڏني. هوا سان ڳالهيون ڪندڙ سرخي، وجود جي سموري سڳهہ ميڙي رفتار ماري ۽ نرا کٽي اڳيان ٻئي سنب زور سان زمين تي سٽيا. هو وڏي هٽڪار ڪري ايئن بيهي رهيو، جيئن زنجير ڇڪڻ تي ريل گاڏي، ايمرجنسي بريڪ هٽي پڻڙين تي ڄمي ويندي آهي. گهوڙو جيئن بينو تہ پاڇي وانگر پيڇو ڪندڙ ڏوڙ جو وڏو بادل سوار ۽ گهوڙي کي ڍڪي ويو. گهوڙي ڪن ڦرڦائي چنديا ۽ وڏو ڦونگارو هنيو. سندس منهن تي ٻڏل مڪرياٽيءَ مان گڦ ڳڙي پٽ تي ڪري، پگهر، سندس پڻ تي رڪيل تل ۽ ٽرن مان ٽينڊو پيٽ تان ڌار ڪري وهيو پئي. ڳيرو نوجوان گهوڙي جي پگهريل پني ۽ ڪنڌ تي پاڇوهہ مان هٿ ڦيريو تہ گهوڙي پير توري، ڏُنبچيءَ ۾ ٻڏل پڇ کي زوردار چنڀڪو ڏئي، بت ۾ درڙي پري سندس پاڇوهہ جي موٽ ڏني. ڳيرو نوجوان بند کان هيٺ پهي سان ويندڙ ٻيڙيءَ کي تڪ ٻڌي ڏنو پئي. هن ڪن پل لاءِ ٻيڙيءَ مان اکيون هٽائي، جبلن جي اوٽ ۾ الوپ ٽيندڙ سج ڏانهن ڏٺو، جيڪو ننڍ اکڙي ٻار وانگر ننڍ ديويءَ جي هنج ۾ وڃڻ لاءِ اوجهراٽيون ڪائي رهيو هو. دل ۾ آيس تہ گهوڙي کي اڙي هٽي اڳتي وڌي وڃي، پر هو ايئن نہ ڪري سگهيو. سمجهہ ۾ ڪونہ پئي آيس، تہ ڪهڙي اڃاتي چڪ هئي، جنهن سندس پيرن ۾ ڏانوڻ وجهي ڇڏيا هئا، جڻ ٻيڙيءَ مان رت پت ۽ ساهہ پساهہ جو ڪو سگهہ سياپو هئس.

ڪپرو نوجوان جي هوراکورا وڌڻ لڳي. سوچون ماکيءَ جي چيڙايل مکين وانگر چهٽي ويون هئس، مسمرائيز ڪيل ماڻهو وانگر اکيون ٽڪ ٻڌي هڪ هنڌ جمي ويون هئس. ٻڌڙيءَ ۾ ڪا اهڙي شڪتي ضرور هئي، جيڪا ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي هئي، هن پاڻ کي ويچار ڏارا مان ٻاهر آندو ۽ لغام کي هلڪي جهٻ ڏئي، گهوڙي کي اڙي هنئي، گهوڙو ڊڙڪي چال هلڻ لڳو. هو بند تان هيٺ لٿو ۽ لنگهه واري پهي سان ٻڌڙيءَ جو اڳ وٺي بيهي رهيو. ٻڌڙي لٺ جي ٽيڪ تي ايئن لڏندي پئي آئي، جڙ ڪراڙي سنڌوءَ جو ساڻو وهڪرو هو، جيڪو ڪارو ڇاڻ کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ پئي ويو. سندس منهن جا گهنج، سنڌ جي تاريخ جا جهريل ورق پئي لڳا. ٽڪل وکن ۾ صدين جي پنڌ جا اهجاڻ هئس، مٿي تي رکيل چينين جي پروٽي، جڙ سنڌ جي معاشي ۽ اقتصادي صورتحال جي پنارڪ هئي. اکين ۾ سنڌ جي اتهاس جا جيئرا جاڳندا عڪس هئس ۽ پيرن ۾ پاتل ٽوٽرن واري جتيءَ مان اڏامندڙ دز، جڙ وقت هو، جيڪو هوا ۾ ملي ماضيءَ جو حصو ٻڌجي رهيو هو. هن جهونگاريو پئي. ڪپرو نوجوان ڪن ڏئي سندس جهونگار ٻڌڻ لڳو.

چنڊ چهري منجهان،
چو نہ اپريو اڄان؟
آ پرين، مان ڏسان،
موت ماري متان، ورق واري متان!

ڪپرو نوجوان جي لڳن جا وار ڪانڊارجي اُپا ٽي ويا ۽ ڦلجڙين وانگر ذهن مان چٽنگون پئي نڪتس. وقت زمان ۽ مڪان جي وچوٽين جا ونگ ڇنائي هڪ هنڌ جمي ويو. جڳن جي ساڃاهه ۽ مسافر جي منزل جهڙن سگهه سياپن جي تانگهه ۽ تڙپ، نوجوان جي اکين مان اکري، اندر جي آنڌ مانڌ کي جاڳائي وڌو هو. مووي جي منظرن وانگر صدين جا گهرا پاڇا اکين اڳيان نچڻ لڳا هئس. ٻڌڙي لڏندي لمندي جڏهن نوجوان جي اڳيان اچي بيهي رهي، تڏهن هو سوچن جي ڇار مان پاڻ ڦٽڙائي ٻاهر آيو ۽ ڪيس حيرت مان ڏسندڙ ٻڌڙيءَ سان مخاطب ٿيو.

"ڪير آهين؟"
"ماءُ آهيان."
"نالو ڇا اٿئي. جيجي...؟"
"بچين شل. نالو ونين ٿا پيو."
"ذات، برادري؟"
"ماءُ."
"ڪٽم، قبيلو"
"ماءُ حسب، نسب؟"
"ماءُ."
"قوم، نسل؟"
"ماءُ."
"بٽ، بٽياد؟"
"ماءُ."
"سگ، سياپو؟."
"ماءُ."
"سجاٽ جو حوالو؟"
"ماءُ."
"ماءُ....! پر ڪنهن جي؟"
"پنهنجي پٽڻ جي."
"ڪهڙا پٽڑا؟"
"جي سگ سجاٽن ٿا."
"ڏٽي، ڏوڪي؟"
"ڏٽڪائي اڪين اڳيان آهي."
"اوهي، واهي؟"
"پاڙ جا تنبا."
"پاڙو پتي؟"
"پاڙي ٿا مُٺي آهيان."
"پوءِ پٽ ڇا پيا ڪن؟"
"وڏا ساٽن بٽ آهن. ننڍن جون رڙيون ڪو ٻڌي ڪونه ٿو."

"اکين ۾ ڇا اٿئي؟"

"خواب."

"هن عمر ۾؟"

"خواب وهيءَ جا محتاج نه هوندا آهن."

"ڇا پئي جهونگارين؟"

"آڻي ويل سمي جو گيت، جيڪو هر دور ۾ ورجائبو آهي."

"من ۾ ڇا اٿئي؟"

"آس، اوسيئڙو."

"پر ڪنهن جو؟"

"وانگيءَ جو."

"ايڏي پڪ اٿئي، ان جي اڇ جي؟"

"ها، هو ورٿو آهي، اوس ورٿو آهي. هوا جي هر جهوٽي ۾ ان جو هڪاءُ آهي."

"نراس ته ناهين؟"

"جيسين ،مٽي تي سڄ ۽ بنيءَ ۾ بج هوندو. نراس ڪانه ٿيندين."

"ڳيرو نوجوان جي دل ۾ جي آئي ۽ اکيون پاٽياريءَ جي سينهي تي رکيل لوٽين وانگر ڇلڪي پيون هئس. ڪن ترت پاڻ سنياڻي ورتو، ۽ وجود جو سمورو ڪروڌ، لالاڻ بڻجي اکين ۾ اوتجي آيو هئس. هن ٻڌيڙيءَ ڏانهن چتائي ڏٺو. جنهن جو رنگ سلهه ورتل ماٺهوءَ وانگر هيڏو ٿي ويو هو. ڇڻ سندس جسم مان رت جي بوند بوند ڏوتل ڪپڙي وانگر نچوڙي وئي هجي. هن لغام کي ڏيڏي ڳنڍ سان هني ۾ اٽڪايو ۽ گهوڙي تان هيٺ لهي پيو. ٻڌيڙي اڳيان ڇاتي موڪري ڪري چيائين "منڙي جيجل....! مونکي سڃاتئي؟"

ٻڌيڙي ٻئي ڏڪندڙ هٿ ڏوڙا ڪري پرن مٽان رکي ڪيس گهوري ڏنو ۽ ڪجهه ساعتون سوچڻ کان پوءِ وراٽيو.

"نڪو، بچين شل....! مون ڪونه سڃاتو."

ڳيرو نوجوان، بوسڪيءَ جي پٽڪي جو ڇاڙيءَ ور کولي اونهو ساهه ڪڍندي چيو.

"جيجل ....! هاڻي پلا؟"

ٻڊڙيءَ نوجوان جي ويجهو اچي سندس منهن ۾ چٽائي ڏنو. سندس اکين جي آرسين ۾ جڳن جو اتهاس اولڙن وانگر اڻلي پيو هو. نار جي لوٽن مان نيسر ۾ ڪرندڙ پاڻيءَ وانگر، سندس رونءَ رونءَ مان خوشي ڇڇڪا ڏئي ڇُلي پئي. هوا جي سر سر ڪيڏاري جا سر آلاپڻ لڳي هٽي. وٽن جا تار ۽ لامون، ناچٽين وانگر جهمريون پائي نچيا پئي.

ڳيرو نوجوان جي جسم جو سمورو رت منهن تي مڙي آيو. چاپئين ڏاڙهي ۽ شهپرن جا نيور ڪارا وار تنبوري جي تاُرن وانگر تاٽجي ويا هئس. نڪ جي چوٽي ۽ ڪنن جون پاڙيون رتائجي لال ٽي ويون هئس ۽ ڇاتي ڊال وانگر ڦوڪجي ٻاهر نڪري آئي هئس. هٿن جون منيون شڪنجي وانگر پيڪوڙجي ويس ۽ اکين جا جوالا مکي ڦاٽڻ تي هئس. هو ڇاتي تاٽي ٻڊڙيءَ اڳيان بيٺو هو. ٻڊڙيءَ امالڪ ڇينين جي پروٽي پٽ تي اڇلائي ۽ اڳتي وڌي ڳيرو نوجوان کي ڇاتيءَ سان لائي ڪا مهل سندس منهن ۽ نراڙ تي اڻ ورائتيون چميون ڏيڻ لڳي. هن سوار جي متي تي پيار ۽ پاڇوهه مان هٿ ڦيريو ۽ پوتيءَ جي پلئه سان اکيون اگهندي چيو.

"جئينر شال، تون وانگي آهين. تون ورٽو هئين. ان آس تي ته جيئان پئي."

ڳيرو نوجوان هيٺ جهڪيو. هن ٻڊڙيءَ جي پيرن جي پٽي ڪٽي پنهنجي اکين ۽ پيشانيءَ تي مکي ۽ پٽڪي جو ڇاڙيءَ ور ڏئي. گهوڙي تي لانگ ورائي. گهوڙو بند تي چڙهي. ڏوڙ جا بادل اڏائيندو، لهندڙ سج سان گڏ الوپ ٽي ويو. ٻڊڙيءَ ڪيس ڪا مهل ڏسندي رهي ۽ پوءِ ڇينين جي پروٽي متي تي رکي هلڻ لڳي. هوءَ جهونگاري رهي هئي. پر سندس جهونگار ۾ ڪو نئون گيت هو.

*******

## اونهي ۾ بيڻل بتيلو

هن آفيس ۾ جوائن ڪئي، خوشبوءِ جو ڪو طويل جهوٽو آفيس ۾ ڏوڪي آيو. هن آفيس عملي جي ٻُڌيل حواسن جون ڳڙڪيون کولي سرهاڻ سان واسي چڏيون. هر چهري تي ڇڻ بهار جا گونڇ ڦٽي پيا هئا. هوءَ ڦول ڦلارمند جهڙي چوڪري اسٽينو ٽائپسٽ ٽي آئي هئي. اُجري باڪ جهڙي سراپا ۾ سونهن جي ڇا ٿہ سخا ٽيل هئس. وهيءَ ڦلار جا نکريل روپ پنهنجي جاءِ تي، پر هوءَ ٿہ حسن جو بہ انتخاب هئي.

هن جي اچڻ سان آفيس جو ماحول معطر ۽ مزاج عاشقاڻو بڻجي ويو. جنهن کي ڏس، عشق جي امانت ۾ سرڙو نمايو پئي هليو. قصو واهہ گروءَ کان چڙهيل هو. ننڍن نينڙن ملازمن جي منهن تي تہ ڪٽي ڳالهہ پئي ٽي، جو اهو سندن وهيءَ جو مها مرڪ بہ هو، پر وڏن سڄن ۽ سينئر ملازمن جو بہ اڇي ڏاڙهيءَ ۾ الو خراب اڇي ٽيو هو. اهي بہ ڪنپ رگڙائي، هيڙهن مان چتون بڻجي پيا. پنجن ٻارن جي پيءُ، خالدي صاحب تہ پاڻ تي کل ڪٽي وهائي هئي. ائين پئي لڳو، جڻ هوءَ چوڪري نہ پر آڪڙا پرچيءَ جو ڪو لکي نمبر هئي. آفيس ۾ عشق جي نالي ۾ ميڇي ڪاڻي وارو ڪيل پريا چار مهينا هليو. ۽ پوءِ هر ڪو پنهنجي ئي اچلايل ڪانڌي ۾ وڇڙي ۽ ڦٽڙي سانت ٿي ويو. سمورن جو منهن پٽ سان لڳو، پر هوءَ ڪنهن بہ ڪندي، ڪانڌي ۾ نہ ڦاٽي، سو نہ ڦاٽي. ڦاسي بہ ڪيئن؟ هوءَ تہ خوشبو هئي ۽ خوشبوءِ کي بہ ڪو قيد ڪري سگهيو آهي؟

هوءَ مانيٽي متيءَ مان نهيل بنهه ٿور ڳالهائوهئي. سنجيدگي چهري تي ائين جڙيل هئس، جيئن چنيءَ تي آر جو ڪندڙو، سنجيدگي ۾ ڏاڍي پر وقار لڳندي هئي. آءُ سينئر ڪلارڪ هئس. آفيس جي ڪم جي اڪلاءِ جي سلسلي ۾ ٻئي اسٽاف جي پيٽ ۾ ڪيس مون سان ئي وڌيڪ ڳالهائڻو ٿي پيو. پوئرن جي پٽڪي جهڙي لهجي ۾ ڳالهائيندي هئي. ان ۾ به ايترو ته اختصار کان ڪم ونندي هئي. جڻ لفظن تي وڌو خرچ ٿي آيس. جملن مان غير ضروري لفظ چانگي، ان مان مقصد جو تت ڪڍ جي هنر تي دل ۾ ڪيس داد ڏيڻو ٿي پيو. آفيس ۾ ساٿس کو ڳالهائيندو هو، ته گهڻو ڪري هون، هان ۾ ورندي ڏيندي هئي. ان ڪري آفيس عملي متس نالو ئي "مس هون هان" رکي چڏيو. ان کي آفيس اسٽاف جو، گدڙڊاڪ نه پڃي وارو فطري رد عمل چئجي يا ٻيو ڪجهه، پر حيرت جي ڳالهه هئي ته، اهو نالو سندس چڙ نه بڻجي سگهيو. جڏهن به کو ڪيس، "مس هون هان" ڪري مخاطب ٿيندو هو، ته منهن گهنجائڻ بدران، چپن تي موهيندڙ مرڪون وکيري، ڏانهس ائين سوالیا نگاهن سان ڏسندي هئي، جو اڳلو پنهنجي شرم ۾ پاڻي پاڻي ٻيو ٿيندو هو. هوءَ ڪلندي بنهه گهٽ هئي. آفيس ۾ ڪنهن ٻوڪ چرچي تي، جتي ٻيا ڪل ۾ ڪٽون پيا ريڙهيندا هئا، اتي وڌو چيهه ته سندس چهن تي طويل مرڪ پکڙجي ويندي هئي. سوين ٿهڪن جا ٽانگر ٽڙيل هوندا هئا. سندس ان مرڪ ۾. جهڙو نالو هئس تبسم، مرڪ به اهڙي دلنشين هئس. مرڪندي هئي ته سرمئي رات ۾ تارن جي رمجهول ۾ چند لڳندي هئي.

جتي اندي عشق جي بتال گهوڙي تي سوار ٻيو آفيس اسٽاف، تبسم لاءِ پتي پاڃارو بڻيل هو، اتي منهنجو ساٿس تعلق رڳو آفيس ڪم تائين رهيو. ڪيس ڏنو نه هئم، ته ڏکوئيو به ڪونه هئم اها ڳالهه هن به چگي طرح محسوس ڪئي پئي. ائين به ڪو نه هو، ته سندس سونهن جا تروڙا منهنجي اکين کي ڪيرو نه ڪري سگهيا هئا. هوءَ ته زندگيءَ جي ڪرنڊل مان ٽيپو ٽيپو ٿي چٽيل ان شراب جهڙي هئي، جنهن جي رڳو هواڙ سونگهڻ سان ئي پياڪن تي خمار جا ڪيڻ چڙهي ويندا آهن. پر ان معاملي ۾ اءُ ڪنهن ۽ هلڪڙائپ ۽

چيڪرائپ کي سنو نہ سمجهندو هئس.هوءَ شروعاتي ڏينهن ۾ مون کان بہ چرڪيل ۽ ٿهيل هئي.پر پوءِ اسين هڪ ٻئي جي پيٽ تي پئجي ويا هئاسين.شايد هوءَ منهنجي پٽي کان واقف ٿي وئي هئي. هوءَ چاندني چوڪ جي علاقي ۾ رهندي هئي ۽ آءُ بڙا ميدان جي علاقي ۾ گهٽو ڪري ساڳئي روٽ جي بس تو.ڪي ۾ گهر موتندا هئاسين.شروع ۾ تہ ڪيس ائين لڳو هو تہ آءُ سندس پيڇو ٿو ڪريان ،جڏهن آفيس ۾ ٻين واتان پاڻ مرادو خبر پيس تہ ائين ناهي ،تڏهن منهنجي باري ۾ قائم ڪيل راءِ تي پشيمان ٿي ،ان جي معذرت بہ ڪئي هئائين.

هڪ ننڍڙي اتفاق اسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ،سنو دوست بڻائي ڇڏيو.جمع جو ڏينهن هو.آفيس مان نڪري ريگل چوڪ آيس تہ ماڻهن جو وڏو هجوم بس اسٽاف تي موجود هو.جامعہ ڪلاٿ ۽ برنس روڊ وارن علاقن ۾ هڪگامن ۽ ساڻ ٻار جي واقعن ڪري ٽريفڪ کي متبادل رستن تان گذاريو.پئي ويو.بسون ۽ ويگنون صدر ڏانهن نہ پئي آيون.ڪا اڙي ٽڙي بس آئي بہ ٿي تہ ان ۾ ماڻهو ماکوڙين وانگر ائين ٺٽيل هئا ،جو پير تہ پري هٿ رکڻ جي جاءِ بہ ڪانہ ٿي ملي.تبسم بہ ماڻهن جي هجوم ۾ بيٺل هئي.مون تي نظر پيس تہ مون ڏانهن وڏي آڻي.هوءَ ڪجهہ پريشان پئي لڳي.مون کيس دلاسو ڏيندي چيو ،

"پريشان نہ ٿيو ،سڀ ٺيڪ ٿي ويندو."

پريشان ناهيان. بيزاري پئي ٿئي."

بس جي انتظار ۾ بيٺي ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت گذري ويو هو.بيهي بيهي ٽنگون سور ڪرڻ لڳيون هيون.هوءَ بہ بيزار پئي لڳي.

"ائين بيٺا رهياسين تہ ٽنگن جو رت بہ سڪي ويندو."

"سو تہ آهي.چاڻو ڪري سگهجي؟"

"برو نہ لڳي تہ پرسان ايراني ريسٽورنٽ ۾ چانهہ پي ونجي.ٽريفڪ جي بحال ٿيڻ جو ٽڪڙو امڪان بہ نظر نٿو اچي."هن کابہ ورندي نہ ڏني.سندس ماڻ کي رضامندي سمجهي چيم ،"پليز ،اچو."

هوءَ چپ چاپ هلڻ لڳي.هوٽل جي فيملي روم ۾ مون ويٽر کي چانهه ۽ پيٽيس آڻڻ لاءِ چيو ۽ ماڻ کي توڙڻ لاءِ چيم ،

"اهڙيون حالتون هن شهر جو ڪلچر بڻجي ويون آهن."

"سمجهان ٿي."مختصر ورندي ڏنائين.

ڏکين حالتن ۾ جيئڻ جو مزو ئي پنهنجو آهي."

مُهم جُو ٿا لڳو."

"هن شهر ۾ جيئڻ لاءِ مهم جو ٿيڻ لازمي شرط آهي."

ويٽر چانهه ۽ پيٽيس رکي ويو.هوءَ ڪانٽي سان پيٽيس پليٽ ۾ رکي ،چريءَ سان کٽڻ لڳي.مون ڪچهريءَ لاءِ موضوع جي ڳنڍ کولڻ لاءِ چيو.

"دل ۾ نه ڪريو ته هڪ ڳالهه پڇان؟"

هن نشيلا نيٺ کٽي مون ڏانهن گهوري ڏنو ۽ پوءِ سوچي وراٽيو ،"جي ،پڇو."

توهان جي چهري تي فلسفين جهڙي سنجيدگيءَ جو ڪارڻ؟"

"نيچرل آهي."

"الائجي ڇو؟مونکي ان جي پس منظر ۾ ڪو احساساتي پهلو محسوس ٿيندو آهي."

"سڻي نه ٿي لڳي نه؟"هن مرڪي وراٽيو.

"سچ پڇيو ته سنجيدگيءَ ۾ پر وقار لڳو ٿا ،پر...."مون جملو پورو ٻه نه ڪيو ته هن وراٽيو.

"اهڙي ڳالهه ڪانهي."

"توهان جو ذاتي مسئلو آهي.ٻڌائڻ نه چاهيو ته توهان جي مرضي."

"توهان سڻا انسان ۽ استاف کان گهٽو.مختلف آهيو."هن ڳالهه منائڻ لاءِ چيو.

"تڏهن جوان ٿو ته مونکي پنهنجو دوست سمجهي ،پروسو ڪري سگهو ٿا."

"شايد ،نيڪ ٿا چئو."

ان ڏينهن کان پوءِ اسين سڻا دوست بڻجي وياسين.آفيس ٽائيم کان پوءِ ريگل چوڪ تائين پنڌ ايندا هئاسين ۽ هڪ ئي بس ۾

گهر موتندا هئاسين. کڈهن ڪڈهن ايراني ريسٽورنٽ ۾ چانهه جي ڪوپ تي ڪچهري ڪندا هئاسين. هوءَ مون لاءِ "مس هون هان"نه رهي هئي.مون سان بي تڪلف ڳالهيون ڪندي هئي.سندس سنجيدگيءَ بابت منهنجي راءِ غلط نه هئي.ان جي پروڙ سندس ڳالهين مان پئي هئي.

هوءَ آنٽي فرح جي ياٽيجي هئي.مڊل ڪلاس فيملي‌ءَ سان تعلق رکندڙ آنٽي فرح کي آءُ گهٽو ته ڪونه سڃاڻندو هئس سواءِ ان جي ته هوءَ پاپوش نگر علائقي ۾ پرائيويٽ اسڪول هلائيندي هئي. چنيءَ چماهيءَ منهنجي ماءُ سان ملڻ ايندي هئي ته ساڻس دعا سلام ٿيندي هئي، سابه پري کان. تبسم ٽن ورهين جي هئي،جو سندس ماءُ هڪ روڊ حادثي ۾ ڪيس ممتا جي چانءَ کان محروم ڪري ويئي هئي.سندس پيءُ بي شادي ڪري،ڪيس آنٽي فرح جي حوالي ڪري آمريڪا هليو ويو. سندس تعليم ،تربيت ۽ پالنا آنٽي فرح ڪئي. عذاب جهڙي يتيمي ۽ ماءُ پيءُ جي ڪمي‌ءَ جي احساس کيس مائيٽو ۽ سنجيده بٽائي ڇڏيو.

ايراني ريسٽورنٽ جي فيملي روم ۾ چانهه جو سرڪون پريندي مون ڏانهن گهوري پئي ڏٺائين.ڪا ڳالهه هئي،جيڪا نڙيءَ ۾ ڦندڻ بڻجي زبان تائين نه پئي آيس.ان ڦندڻ کي کولڻ لاءِ چيم ،

"مس تبسم ،لڳي ٿو ڪجهه چوڻ ٿي چاهين.بي ڏڙڪ چئي ڏي."

هن خيالن جي ڪهڪشان تان ڪڙيل تاري وانگر موٽ ڪاڏي ۽ اونهو ساهه ڪٽي چيو،

"شاهد ،تو ڪڈهن محبت جي مامَ پروڙي آهي؟"

سندس غير متوقع سوال تي چرڪي ڏانهس ڏٺم. نماٽيون اکيون ڪٽي مون ڏانهن ڏٺائين پئي.پاڻ سنياڻي وراٽيم ،

"نه، ان معاملي ۾ بنهه ڪورو آهيان."

"محبت ته ماٺهوءَ جي منڊيءَ ۾ هوندي آهي."

"ان معاملي ۾ شايد ،منهنجي منڊي اٽاسي آهي."کيس وڌيڪ کولڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهايم.

"ائين ناهي ،تو ان منڊيءَ کي ڪنڊيڑيو ئي ناهي."

لڳي ٿو تو کي ڪنهن سان محبت ٿي وئي آهي."
چهري تي شفق جهڙي لالاڻ پکڙجي ويس.ٻڌي ٻڌي وراٽيائين.
"ها."
"ڪنهن سان؟"
"آهي ڪو."
"خالدي صاحب ته ڪونهي." مون پوڇ ۾ چيو ۽ هن کان بي ساخته ٿهڪ نڪري ويو.
"نه ،ٻاهو ٻتوءَ سان."
"ٻاهو ٻتو...! ڪير آهي ٻاهو ٻتو؟"
"سمجهه ته تون ئي آهين."
"جي ،آءٌ مون کان رڙ نڪري وئي ۽ لڳن ۾ برقي لهرون ڊوڙندي محسوس ڪيم.
"ها ،تنهنجو نالو پائي ،شاهد...! آنٽي فرح جو پٽ." هن اعتماد سان وراٽيو.
مون کان ٽڏو ساهه نڪري ويو.ائين پئي لڳو ،جڻ ڪنهن مٽانهين۽ تي چاڑهي ،اوچتو هيٺ اڇلاي ڇڏيو هئم. مون پاڻ سنياڻي هن ڏانهن ڏٺو.ڪنڌ جهڪائي ٽيبل جي شيشي تي آڱر سان ليکا پئي ڪڍيائين.
" تون ساڻس ڪيتري محبت ڪرين ٿي؟"
"محبت ، ممتا ۽ سمنڊ جو انت نه ٽيندو آهي."
"ڇا ، هو به توسان ايتري محبت ڪري ٿو؟"
هوءَ ماٺ ٿي وئي ۽ پوءِ ڏيرج سان وراٽيائين ،
"هن ٻاهو ٻتوءَ کي ته پتوئي ڪونهي."
سنڌس لهجي ۾ اٽاهه درد هو. ان پيڙا جي سٽ سنڌس چهري مان ظاهر ٿي پئي.
"تعجب آهي. تون ساڻس محبت جو اظهار ڇو نٿي ڪرين؟"
"بي زباني۽ ۾ اکيون دل جي زبان هوندیون آهن. هونئن به ڪا عورت محبت جو اظهار ۾ اڳرائي نه ڪندي آهي ،"
"پر ، ڪو اکين جي ربان نه سمجهي ته؟"

"پوءِ، ڪٽن ٻاڪ." هن جي لهجي ۾ اعتماد هو.

"ڏس تبسم، هي پراڻي دور جو روايتون آهن. هن ائڊوانس درو ۾، اهڙي گونگ ٻوڙ واري محبت چريائپ آهي."

"محبت محسوسات جي ڪائنات آهي. لفظ محبت جي آخري وضاحت نه هوندا آهن."

آءٌ حيرت مان اکيون ڦاڙي ڪيس ڏسندو رهيس.

هوءَ آنٽي فرح جي پٽ شاهد عرف ٻابو ٻڌوءَ جي چاهه ۾ چري هئي. هو سندس ساهن جي سرهاڻ ۾ سمايل هو. هوءَ مون سان پنهنجي هڪ طرفي محبت جو اورڻ اوري من جي مونجهه ۾ اندر جي ٻوجهه کي چنڊڪو ڏئي هلڪو ڪندي هئي. بابو ٻڌوءَ جون ڳالهيون اهڙي نماڻائيءَ سان پچاريندي هئي، جڏ کي معصوم ٻار ٻڪ جهلي دعا گهرندو هجي. مون کي بابو ٻڌوءَ سان ساڻ ٽيڻ لڳو هو. جنهن سياري جي اس جي احساس جهڙي چوڪريءَ جي محبت کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي هئي. دل ۾ ايندو هئم ته بابو ٻڌوءَ کي ڳٽرڙن کان جهلي، ٻه چار ڪنڊ واريون مڪون وهائي، ست سريون ٻڌائي اچانس. احمق ڪنهن جاءِ جو.....!

قدرت جا ٻه عجيب ڪيل آهن. "ڪٽي چور سچا ته ڪٽي ڊور سچا" هڪ تبسم هئي، جيڪا ڪجل جي ريهه ٻڌجي ڏسندڙن جي اکين ۾ پيهي ٽي وئي ۽ هڪ ٻابو ٻڌوءَ هو. جنهن کي هن وجود جي سمورين سچاين سان چاهيو ٽي، پر هو ان کان لاتعلق ٻٽيل هو.

هڪ ڏينهن آفيس مان نڪري فٽ پاٽ ڏئي صدر ڏانهن پئي آياسين. هوءَ ڪجهه اپاٽڪي پئي لڳي. هٽ ۾ سهڻو پيڪٽ هئس. هلندي پچيم،

"ڏاڍو سهڻو پيڪٽ آهي. چا خريد ڪيو اٿئي؟"

"ڪفٽ."

"پڪ، ٻابو ٻڌوءَ لاءِ هوندي؟"

"ها، پر..." جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين.

"پر، چا؟"

"ارادو بدلائي ڇڏيو اٿم."

"ڪو، خاص سبب؟"

"نہ...! بس، دل نہ ٿي چوي."

"پوءِ، پئسا پاڻيءَ ۾؟"

"نہ، چو؟"

"ڇا مطلب؟"

"توکي ٿي ڏيان."

"مون کي ٻاهو ٻڌوءِ سمجهيو اٿئي ڇا؟" مون کلندي چيو.

سڀ دوست آهين." مون ڏانهن پيڪٽ وڌائيندي چيائين.

گهر جو ڪمرو بند ڪري پيڪٽ کوليم. سڀ پرفيوم سان گڏ ننڍڙي آرسي ۾ اڇن ڪاون وارو زيرو چشمو به هو. پيڪٽ ۾ ننڍڙي چٺ به هئي، جنهن ۾ لکيل هو.

"ان ٻاهو ٻڌوءِ لاءِ، جيڪو محبت جي زبان نہ ٿو سمجهي."

هن بابو ٻڌوءِ جي منّي کنڊيرڻ جي کوشش ڪئي هئي. رونءِ رونءِ کانڌارجي ويا هئم. سوچيم پئي تہ، ڪا ڳهليي چوڪري، ڪنهن سان ايتري اٽاهہ محبت ۽ ڪري سگهي ٿي؟ سابہ ان معنيٰ ۾ نہ تہ سندس محبوب کي ڪا سڌ ئي نہ هجي. جتي سندس اڻ مئي محبت تي رشڪ پئي آيم. اتي ٻاهو ٻڌوءِ تي ڏند ڪرٽي ڪٽڪيون پئي ڪاڌم.

تبسم جي پريم ڪهاڻيءَ جو هيرو شاهد، عرف بابو ٻڌو منهنجي حواسن تي چانئنجي، منهنجي چڙ بڻجي ويو. ان هوندي به هو تبسم سان ڪچهرين جو مک موضوع بڻيل هو. تبسم ڪڏهن ب موضوع جي يڪسانيت ۾ بابو ٻڌوءِ کان بيزاري نہ ڏيکاري هئي. هن جو ڳالهيون ڳائيندي هئي، تہ ڇڻ جي پوندي هئي. ڪيس ڏسي سوچيندو هئس تہ، "محبت ۾ پرينءِ جي پچار ۽ پرينءِ وانگر ڪيڏي نہ ساهہ سڌير هوندي آهي. پرين تہ پرين ئي هوندو آهي، پوءِ تبسم جي ٻاهو ٻڌو جهڙو اڻ ڪاڻ ڇو نہ هجي؟" سوچيندو هئس تہ، "محبت جڏهن پوڄا جي حدن کي ڇهڻ لڳي ٿي، تہ هيڏو انسان ب، سورن سان آشنا ٿي، درد جا سيلاب پي ويندو آهي."

موڪل واري ڏينهن، گهرياتي ٻاهر ويل هئا. صبح جا ڏهہ وڳا هئا. ننڍ مان چڙهہ ڪري دير سان اٿيو هئس. تيار ٿي نيرن ڪري، ٽي

وي لائونج ۾ چانهن جي چسڪين تي اخبار جون سرخيون پئي پڙهيم ، ته ٽيليفون جي گهنٽي وڄي. رسيور کن تي رکي هيلو ڪيم ، پريان تبسم جو مٺڙ آواز ڪنن ۾ پوڻ لڳو.

"هيلو. مسٽر شاهد."

"ها تبسم. چا پيو ٿئي؟"

"آنٽي ٻاهر ويل آهي. اڪيلي بور پئي ٿيس. ان کري فون ڪيم."

"چو ، تو وارو ٻاهو ٻڌو گهر ۾ ڪونهي چا؟"

"نه ، آنٽيءَ سان گڏ ويل آهي."

"خوش پئي لڳين. لڳي ٿو ٻاهو ٻڌوءَ کي عقل اچي ويو آهي."

هو مڪ ٿي وئي. سندس خوشبوءَ پنل ساهن جي ٽم ٽم فون جي مائوٿ پيس مان هوائن جو سفر کري ، منهنجي ڪنن ۾ سس پس پئي ڪئي. هن ترسي ڳالهايو.

"هڪ ٻاهو ٻڌو هو ۽ ٻيو تون."

"پر ، چو؟" مون احتجاج ڪيو.

"ان کري جو هن جا ۾ تو وارا خيال آهن. شايد نالي جو اٿر اٿس."

"نيٽ ، ٽيو چا؟"

"دل ٻڌي چيومانس ته مونکي ڪنهن سان محبت ٿي وئي آهي ، جيڪو منهنجي اکين جي زبان نٿو سمجهي."

"پوءِ چا چيائين؟

"چوندو وري چا؟"

"ڪجهه ته ڦاٽو هوندو؟" مون کي ڪاوڙ پئي آئي.

"چتوءَ وانگر اکيون ڦيري ڏنائين ۽ پوءِ تو وانگر صلاح ڏنائين. ته شايد ممي تنهنجي مدد کري سگهي." سندس لهجي ۾ اداسي هئي.

"الائجي ڪهڙي منٽيءَ مان ٺهيل آهين. جو ،رچين نٿي؟" مون سخت پر پنهنجائپ واري لهجي ۾ چيو. هن اونهو ساهه کڻي وراٹيو ،

"شاهد....! تون چا چاٹين؟ عورت جو پهريون پيار سندس جيون جو سائبان هوندو آهي."

تبسم ، کيس گفٽ ڏي. ان ۾ ٻه اکر ٻه لکيئس کٽي." کيس صلاح ڏنيم

"ايئن ٻه ڪري ڏنو اٿم."

"پوءِ؟"

"ڪاوڙجي پيو."

"توتي؟"

"نه ، دڪاندار تي."

"پر ، چو؟"

"چي ، ڪيڏا نه بيهودا آهن. چوڪرين جي خريد ڪيل گفٽ پيڪ ڪرڻ وقت ، واهيات چٽيون ٿا وجهي چڏين." مون کان بي اختيار کل نڪري وئي.

ڪلندي چيم ،

"صفا ، ڪو تار کان نڪتل آهي."

"ها ، تو وانگر." هن چيڑائڻ لاءِ چيو.

"نيڪ ٿي چوين ، "مس هون هان موٽ ۾ مون ٻه طنز ڪئي."

هوءَ ٽٻيءَ ۾ پئجي وئي. ڪا مهل ماڻ چانئجي وئي. مون محسوس ڪيو ته منهنجي ٽوڪ سندس هانءَ تي چڙهي بيٺي هئي. معذرت ڪري پرچائڻ لاءِ چيم.

"ناراض ٿي وئينءَ؟"

"ها....!"

"پر ، ڇو....؟ ٻيا ٻه ته چون ٿا."

"ٻيا پلي چون ، تون نه چئہ."

"مون تي پابندي ڇو...؟"

"ان ڪري ته آءُ تولاءِ مس هون هان نه آهيان."

"ته ، پوءِ ڇا آهين؟"

"اڄايل اڏمن جو گيت ، جيڪو تو وٽ ئي جهونگاريو ويو آهي."

فون بند ٿي وئي ، پر سندس ساهن جي سرهاڻ ۾ بڏل لفظ دير تائين ذهن ۾ برندا رهيا.

تبسم جو مون سان تعلق، توڻي جو دوستيءَ جي حد تائين هو، پر هوءَ منهنجي ساهن، حواسن، سوچن ۽ خوابن تي ڏاڪو جمائيندي پئي وئي. مون کان وڌيڪ ان ڳالهه جو ڪير اندازو لڳائي ٿي سگهيو ته، هوءَ ٻاهو ٻڌوءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي باري ۾ سوچي به نه پئي سگهي. اها جاڻ هوندي به الائجي ڇو، هوءَ منهنجي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي پئي وئي. ڪيئي ڀيرا دل ۾ آيم ته ڪيس چئي ڏيان. پر اهو سوچي دل نه ٻڌي سگهيس ته، ورڻو سرڻو ته ڪجهه به ڪونهي، ويتر سندس دل ڏکوئبي ۽ ان پروسي ۾ ڏار پئجي ويندا، جيڪو هن کي مون تي آهي.

اسان جي پاڙيسري انجم صاحب جي پٽ نويد انجم جي شادي هئي. گهروارا شادي هال ويل هئا. نويد منهنجو ننڍپڻ جو دوست هو. اڇڻ لاءِ زور پريو هئائين. شادي هال پهتس ته تبسم به آنٽي فرح سان گڏ ٽئڪسي مان لٿي پئي. مون تي نظر پيس ته اڳتي وڌي آئي. اڳ ئي وڃ جو ٽڪرو، ويتر جو ڪٽي ناهه نوهه ڪئي هئائين ته انگ انگ مان جوين جو انگوريل چاهه، ايا ساهه ڪٽي سهڪيس پئي. يوڊي ڪلون پنل وارن ۽ ڪپڙن مان خوشبوءَ جي ٽڏي مهڪ وجود کي مهڪائي رهي هئي. ساٽس هيلو هاءِ کان پوءِ اڳتي وڌي آنٽي فرح کي سلام ڪيو ته هن پاڻهه مان چيو.

"اوه شاهد، ڪيئن آهين پٽ؟"

"آنٽي، آءٌ نيڪ آهيان."

"تنهنجا گهروارا ڪٽي آهن."

"آنٽي اُهي هال ۾ آهن."

"ڏاڍو سٺو پٽ. تبسم، تنهنجي ڏاڍي تعريف ڪندي آهي."

"ان ڪري جو پاڻ به ڏاڍي سٺي آهي."

"نيڪ ٽو چوين، پٽ، توهان ٻئي ڏاڍا سٺا آهيو."

"مهرباني، آنٽي."

آءٌ آنٽي فرح کان سندس پٽ شاهد عرف ٻاهو ٻڌوءَ جو پڇڻ وارو ئي هئس ته هوءَ تبسم کي ساڻ ڪري اڳتي وڌي وئي. شادي هال سينگاريل هو. وڏي اسٽيج تي گهوٽ ۽ ڪنوار وينل هئا. هال ۾

گھوٹيتن ۽ ڪنواريتن جي ساڏن مهمانن مردن، عورتن ۽ ٻارن جي وڏي رش هئي. شاديءَ جا ساڻ سنوڻ اڃان نه ٽيا هئا. ويهڻ لاءِ نويڪلي هنڌ ڪرسيءَ لاءِ لوٽا پئي هنيم ته هوءَ مٺان اچي ڪڙڪي، تنگ ڪرڻ لاءِ چيم،

"هي قيامت جا جلوا ٻاهو ٻڌو لاءِ آهن يا؟"

"ها، ٻيو ڪو ته ٿي نٿو سگهي."

"پوءِ، ٻين غريب جي ٻارن کهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟"

"نظر نيڪ هجي ته ڏسڻ ۾ ڪو حرج به ڪونهي."

"خير، ڪٿي آهي ته وارو ٻاهو ٻڌو؟"

"مٿي ۾ سور هئس. ڪونه آيو."

"ٻچي ويو، نه ته اڄ خبرون ونائس ها."

تڏهن ته ڪونه آيو، غريب جو ٻار."

مون کان ڪل نڪري وئي ۽ هوءَ به مرڪڻ لڳي. هن ڳالهايو ته مون سان پئي، پر اکيون استيج تي وينل ڪنوار ۾ هئس.

"ڪاش، اُهي سهرا ٻاهو ٻڌو جي مٿي تي هجن ها ۽ بنارسي ڳاڙهي ساڙهيءَ ۾ تون هجين ها."

مون ڇڻ سندس سوچن ڪي لفظن جو روپ ڏئي، سندس دل جي تارن تي هٿ رکي ڇڏيو. هوءَ شرم ٻوٽيءَ وانگر حجابن جي پردن ۾ ويڙهجي، وائڙين نگاهن سان ڏسڻ لڳي ۽ پوءِ اتان کسڪي وئي.

هڪ ڏينهن هوءَ آفيس کانه آئي. موڪل جي درخواست فيڪس رستي موڪلي ڏني هئائين. سندس موبائيل فون تي رنگ ڪيم، پاورڊ آف هو. ڊڇي ڊڇي سندس گهروارو نمبر ڊائل ڪيم. آنٽي فرح فون اُٽينڊ ڪئي. رسمي علڪ سليڪ کان پوءِ ٻڌايائين ته،

"تبسم جي رشتي‌جي ڳالهه هلي پئي. اڄ شام ڪيس ڏسڻ پيا اچن،"

کا مهل ته ٽٻيءَ ۾ پئجي ويس. وجود ۾ کا شيءِ کٽل کٽل پئي محسوس ڪيم. اچاتي درد جي سٽ، هوا جي جهوٽي وانگر وکوڙي وئي. ذهن کي جهٽڪو ڏئي سوچڻ لڳس. تبسم جي شادي، اڄ نه ته سياڻي ٽيٽي ته آهي، پوءِ ٻاهو ٻڌو سان نه سهي. ڪنهن ٻئي سان. ان ۾ وهلور وڃڻ جو [illegible] سبب به ته ڪونهي. ساڻس منهنجو تعلق به

کھڑو آهي؟ هڪ وڻ هيٺيان ٻہ چار گھڙيون آساس جون گڏ گھارڻ واري مسافر وارو رشتو ئي تہ هو ساڻس. دل ۾ آيم تہ تبسم سان دوستيءَ جو حق نيائڻ لاءِ آنٽي فرح کي فون ڪري ڪنُ ڪٽائي چڏيان. پر اهو سوچي مان ٽي ويس تہ، پاڻي ڪنان تار ويو آهي. هينئر ڪجھ ڪرڻ، ڪنهن جي ذاتي معاملي ۾ ٽنگ اڑائڻ ٺيندو.

ٻئي ڏينهن آفيس آئي تہ وساٽل وساٽل هئي. اوجاڳيل اکين ۾ رات جي راڻيءَ ول جھڙيون سنيارون هئس. ڪائنس حال احوال ونڻ لاءِ من ۾ ماندڪائيءَ جو طوفان ڪر ڪني پئي اٽيو. ساڳي حالت تبسم سان بہ هئي. آفيس ڊيوٽيءَ جا اٺ ڪلاڪ، انتظار جي پلصراط تي پل اپل ڳٽي ڪٽايا سين. فٽ پاٽ سان هلندي ٻئي مان مان هڻا سين. هن هوا ۾ لرزندڙ ڏيئي وانگر ٽيڙ پئي ڪاڌا. شايد رات اکين ۾ ڪاٽي هئائين. جن اکين ڪان خواب کسجي وڃن. انهن نيٽن کي نند ڪٽان ٽي اچي؟ هوٽل جي فيملي روم ۾ ويهڻ سان ئي آءُ ڦوڪٽي جيان ڦاٽي پيس.

"مبارڪ ڏيان، يا؟"

"مبارڪ خوشيءَ جو اهجاڻ آهي، جيڪو ڏک ۾ ٽوڪ بڻجي ويندو آهي."

"اوهہ، ساري. چا ٽيو پلا؟"

"موت جي ملائڪ هفتو وڻي ڏني آهي."

"چا مطلب؟"

"ڪا ايمرجنسي ٽي پيون. ٻئي هفتي ايندا."

مون ڏڏو ساهہ ڪٽي، ڪيس چتائي ڏنو. جل ٽل جوپن ۾ لهرن جھڙي هلچل ۽ اکين ۾ رچ جھڙو اوسيئڙو هئس. سندس خاموش نگاهون، جڻ چئي رهيون هيون.

هو تہ مون کي چتاتي ونڊي ٽي ويا.

مينهن برسي پيو، رات شمشان ۾.

مون ڏانهن گھوري پئي ڏٺائين. وڏين نرگسي اکين ۾ حيرتن جا هجوم ۽ هر حيرت ۾ اڻپنا جي سرهاڻ. هوءَ تنهنا شام ۾ دور

اونهي ۾ بينل اداس بتيلي وانگر پئي لڳي. مون کان بي اختيار ٽڏو شوکارو نڪري ويو. هن اونهو ساهه کڻي چيو.

"دونهي ته منهنجي اندر ۾ پئي دکي ۽ ٽڏا شوکارا تون پيو پرين؟"

"باهه کي ويجهو آهيان. سيڪ ته ايندو نه." وراٽيم ، ويٺر چانهه رکي ويو. هوءَ کوپن ۾ چانهه نائي ، کير ۽ کنڊ ملائڻ لڳي. هن کوپ مون ڏانهن وڌائي اکيون مٽي کڻي ڏٺو. لڙڪ سندس پنبٽين ۾ ايئن پئي تريا ، جڻ ٻن ٽڙيل گلابن جي هنج ۾ ماڪ جا شفاف قطرا هئا. هوءَ خار زار ۾ قاتل نفيس گل وانگر پئي لڳي. مون سندس درد کي هلکو ڪرڻ لاءِ چيو.

"تبسم."

"جيءُ."

"هڪ ڳالهه چوانءِ ، جي مڃين ته؟"

"ها ، چئه." کنڊ کڻڻ بنان وراٽيائين.

"ياد اٿئي ، تو چيو هو ته ، محبت ماڻهوءَ جي مٽيءَ ۾ هوندي آهي."

"ها ، چيو هئم."

"آءُ ان مٽيءَ کي کنڊيرڻ ٿو گهران."

هن کنڊ مٽي کڻي پنل اکين سان ڏنو ۽ پوءِ ڏيمي لهجي ۾ وراٽيو ،

"جاڳائبو ستلن کي آهي. مئل نه جاڳندا آهن."

"پلا ، هٿ پير هٽڻ ۾ کهڙو حرج آهي؟"

"جيڪو اکين جي زبان نه سمجهي ، ان کي ڪابه زبان سمجهائي نه سگهندي آهي."

ڏس تبسم ، وقت اڃان ويو ڪونهي. اڄ ڪجهه نه ڪيوسين ته ، اها خلش سموري جمار جو پڇتاءُ ٻڌجي ويندي."

"تو ڏڪ ونڊڻ ۾ ساٿ ڏنو. تنهنجو اهو احسان ئي ڪوڙ آهي."

هوءَ زندگيءَ جي سراب ۾ پٽڪي پئي. هوءَ سڀ ڪجهه هوندي به سوالي‌ءَ جي جهول وانگر خالي هئي. اهڙي مسافر وانگر هئي ، جنهن کي پنهنجي منزل جو ادارڪ نه پئي سُجهيو.

تبسم جي دل تي جيڪا وارتا گذري پئي ، ان منهنجي نند اڏائي ڇڏي هئي. پراوا سور نپايل بار وانگر پنهنجا پئي لڳا. ذهن

کنير جي چڪ وانگر ٿلها ٿيرا پئي ڏنا. ان جيءَ جهيڙ ۾ رات وڃي پهر پاڇو بچي هئي، تڏهن دل ۾ پکو پهه واري چڏيو هئم.

ٻئي ڏينهن صبح گهرانِ پنڌ ئي پنڌ نڪري پيس. آفيس موڪل جي درخواست فيڪس ڪري پاڻوش نگر ۾ آنٽي فرح جي اسڪول جي پٽيوالي‌ءَ کي چٽ لکي ڏنم. هوءَ ساڻين پيرن تي موٽي ۽ مونکي پرنسپل آفيس تائين وٺي آئي. آنٽي فرح روايتي پاڻوهه سان ملي. رسمي عليڪ سليڪ کان پوءِ جڏهن اڇڻ جو ڪارڻ پڇيائين تہ پگهر ڇڏائجي ويم. جيئن تيئن ڪري ڪيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايم. ڪيس منٽ ڪيم تہ هوءَ تبسم جي زندگيءَ کي وکرڻ کان بچائڻ لاءِ ڪجهه ڪري.هن عينڪ جي ڪاون مان اکيون ڦاڙي ائين حيرت مان پئي ڏٺو، جڻ ڪيس منهنجي ڳالهه تي يقين نہ پئي آيو. هوءَ اوچتو وڏا ٽهڪ ڏئي ڪلڻ لڳي.آءُ وائڙن وانگر حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳس. هن ڪلي ڪلي ٻئي هٿ ٽيبل تي رکي چيو،

"تبسم ٺيڪ ٿي چوي پٽ،محبت ماڻهوءَ جي مٽيءَ ۾ هوندي آهي،پر ان مٽيءَ کي کنڊيرڻو پوندو آهي."


"آنٽي،توهان کلو پيا. هيءُ ڪنهن جي معصوم زندگيءَ جو مسئلو آهي."

"هاپٽ،سمجهان ٿي.پر کل مون کي تنهنجي سادگيءَ تي پئي اچي."

"آءُ سمڊس ڪونہ."

"ڳالهه سڏي پئي آهي.مون تہ اڃان شادي ئي ڪانہ ڪئي آهي."

*******



ڪي ڪهاڻيڪار پنهنجي روح ۾ ڪٿا ڪار هوندا آهن. پنهنجي خميـ
۾ ڪهاڻيڪار هوندا آهن. انهن جو "ڳالهه" سان روح جو رشتو هوندو آهي. اهي
پنهنجي اندر ۾ / جينس ۾ قصاگو هوندا آهن. انهيءَ ڪري ئي نه رڳو پڙهندڙ
ڪي سندن "ڳالهه" وٽندي آهي پر سندن "ڳالهه ڪٽڻ" ۽ "ڳالهه پچائڻ" جو انداز ب
موهيندو آهي. هونءَ وقت سان گڏ ڳالهيون ۽ ڳالهين جا انداز بدلجندا رهندا آهن
پر ڳالهيون ڪندڙ سدائين ساڳيا رهندا آهن. قصاگوئي جن جي مٽيءَ ۾ شامل
هوندي آهي.

هن ڪتاب جو ليکڪ محمد صديق منگيو سياري جي سرد رات ۾ باهه
جي مچ آڏو ڪاڪ ڪيي ڳالهه ڪٽندڙ ۽ ڳالهه جي جادوگريءَ ۾ پنهنجي پاڻ کار
بي خبر بٽيل ٻڌندڙن جي انهيءَ محبوب قصاگو جو تسلسل آهي، جيڪو هاڻي
ناپيد ٿيندو پيو وڃي. اچو ته مرڪي پنهنجي هن پياري ڪهاڻيڪار جو ۽ سندس
ڪهاڻين جو آڏر ياءُ ڪيون.

منور سراج

ڊسمبر جي سانجهه

نوابشاهه

indulat.com | Hyd. 022-2783078-0300-3031211

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.